# سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو
# (تحقيقي اڀياس)

THE ROLE OF MORO IN DEVOLOPMENT OF SINDHI PROSE

(ANALYTICAL STUDY)

## ايم فل سنڌيءَ لاءِ مقالو

مقالانگار:
**خالد حسين ڪيريو**

رهنما:
ڊاڪٽر رشد الله شاه بخاري

**سنڌي شعبو**
**سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ**

**سال 2022ع**

# CERTIFICATE

This is to certify that the thesis entitled “The role of Moro in development of Sindhi prose analytical study.”

**”سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو (تحقيقي اڀياس)“**

Submitted by Mr. Khalid Hussain Keerio S/o Muhammad Yousif Keerio. Enrolment no. M/Sindhi/2K19/12, for award of M.Phil degree embodies original work done by him under my supervision. He has done tremendous task.

I forward his dissertation to be awarded degree of M.Phil.


Dr. Syed Rushdullah Shah Bukhari
Assistant Professar
Research Supervisor
Department of Sindhi,
University of Sindh, Jamshoro

# AUTHOR’S DECLARATION

I Khalid Hussain Keerio S/o Muhammad Yousif Keerio hereby state that my M.Phil thesis titled “The role of Moro in development of Sindhi prose analytical study.”

”سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو (تحقيقي اڀياس)“

is my own work and has not been submitted previously by me for taking any degree for this (University of Sindh, Jamshoro) or anywhere else in the country/world.

At any time if my statement is found to be incorrect even after my Graduate that university has the right to withdraw my M.Phil degree.

Name of Student: Khalid Hussain Keerio

Date: ___________________

## ABSTRACT

## THE ROLE OF MORO IN DEVELOPMENT OF SINDHI PROSE ANALYTICAL STUDY.

Moro has been presented from every side in the development of Sindhi prose literature. In this research, those novelists or dramatist are directly or indirectly reflected to Sindhi society are discussed. There are total six chapters in this research.

**First Chapter**: In this chapter the procedure of research is discussed.

**Second Chapter**: In this chapter, the introduction of Moro, History, Politics, and Social. Political parties character and those parties are discussed which are related to literature.

**Third Chapter:** In this research Sindhi prose literature such as Novel, Dramas and stories are divided into periods and research was done on the books published in that period. References of the books are also provided, pattern of the writers way of declaration and their writing skills along with them, their analysis patterns are also discussed.

**Fourth Chapter**: In this research, in the development of the Sindhi prose literature of Moro classification and evolution of the books has been analysis and discussed.

**Fifth Chapter**: In this research, educational analysis and development of the Moro is divided into three (03) periods, and research of translated literature and history of books are discussed.

**Sixth Chapter**: The conclusion of this research is that Moro played a vital role in the development of Sindhi prose Literature. How have Sindhi short story writers, Novelist, Dramatist, essayist, transcribers, visualized and highlighted original picture of Sindhi prose literature.

## فهرست


- پيش لفظ ........ 001


### باب پهريون: تحقيق جو طريقہ ڪار


- موضوع جو تعارف ........ 003
- موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق ........ 006
- تحقيق جو دائرو ........ 006
- تحقيق جو طريقہ ڪار ........ 007
- تحقيق جي افاديت ........ 007
- تحقيق جي ضرورت ........ 007
- تحقيق جي حدبندي ........ 008
- مواد جا ذريعا ........ 008
- بابن جو تفصيل ........ 009


### باب ٻيو: مورو هڪ تعارف


- تاريخي پس منظر ........ 011
- سياسي پس منظر ........ 016
- سماجي پس منظر ........ 020
- قومي ۽ سياسي تحريڪن ۾ ڪردار ........ 024
- ادبي تنظيمن جو ڪردار ........ 029
- حوالا ........ 038


### باب ٽيون: موري جو سنڌي تخليقي نثري ادب ۾ حصو


3.1 ناول ........ 039

- ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل ناول ........ 039
- عبدالخالق ”خليق مورائي“ ........ 039
- ورهاڱي کان پوءِ شايع ٿيل ناول ........ 043
- ڊاڪٽر ارجن سڪايل ........ 043
- هري همٿاڻي ........ 044
- آنند کيماڻي ........ 045
- ناصر مورائي ........ 046
- فتح الدين سومرو ”بيدار مورائي“ ........ 047
- استاد بهاول لغاري ........ 048

3.2 افسانو / ڪهاڻي ........ 051

- پهريون دور (1947ع کان 1971ع) ........ 054
- محمد ابراهيم مورائي ........ 057
- قاضي محمد علي ”اختر مورائي“ ........ 058

- ننگر خان ايم پٺي ..... 059
- امان الله ٻگهيو گچيرائي ..... 060
- هري همٿاڻي ..... 062
- آنند کيماڻي ..... 062
- ناصر مورائي ..... 063
- نذير احمد قاضي ..... 065
- ٻيو دور (1972ع کان 1985ع) ..... 066
- راشد مورائي ..... 066
- انور سولنگي ..... 067
- کيمن يو مولاڻي ..... 069
- مشتاق باگاڻي ..... 070
- ٽيون دور (1986ع کان اڄ تائين) ..... 071
- ظفر لغاري ..... 072
- استاد ڀاول لغاري ..... 074
- ارباب علي ڇڄڙو ..... 075
- خادم ٻگهيو ..... 076
- اظهار مخدوم ..... 078
- هدايت ڏيپر ..... 080
- خالد ”ساحل“ ڪيريو ..... 080
- ثمينہ ميمڻ ..... 083

3.3 ڊرامو ..... 086

- موري ۾ ناٽڪ منڊليون ..... 088
- استاد محمد چٽل سرهيو ..... 092
- استاد عبدالرحيم سولنگي ..... 092
- فقير محمد عالماڻي ..... 093
- انور سولنگي ..... 093
- محمد صديق پرهياڙ ..... 094
- قادر بخش عمراڻي ..... 094
- جُنگ خان پنهور ..... 095
- ارباب علي ڇڄڙو ..... 095
- عبدالله رند ..... 096
- اسد الله پٺي ..... 096
- قمر سنڌي ..... 096
- وزير فرهاد سولنگي ..... 096
- حوالا ..... 098

## باب چوٿون: موري جو سنڌي سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو


4.1 سفر نامو ............ 101

- آمريڪا جا رنگ ............ 105
- لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين ............ 105
- ڏوريندي‌ون ڏسن ............ 106
- ايران جو سفر ............ 107
- ڪراچيءَ کان هنزا تائين ............ 107
- موري کان مڪتيشور ............ 108
- آمريڪا جا عڪس ۽ اولڙا ............ 109
- موري کان پئرس تائين ............ 110

4.2 آتم ڪهاڻي ............ 112

- ڪيم روح رهاڻ ............ 113
- گهاريل گهڙيون ............ 115
- اوچا پنڌ پهاڙ جا ............ 116
- بيدار جي ڪهاڻي سندس زباني ............ 117
- لنڊن اُڏار ۽ وطن واپسي ............ 118
- رنڊيا روڙيا جن ............ 119
- منهنجي من اندر جون ڳالهيون ............ 120
- يادگيريون ............ 121
- هو جي پهڻ پپ جا ............ 121
- لاڙ جا ڏينهن لاڙ جون راتيون ............ 121
- ڪايا منجهه ڪڙن ............ 122
- دادلو درياهه ............ 123
- نہ اُهي وڻ نہ واهيرا ............ 124
- حوالا ............ 125


## باب پنجون: موري جو علمي ۽ تحقيقي ترقيءَ ۾ حصو


5.1 مضمون نويسي ............ 126

- ورهاڱي کان اڳ (1900ع کان 1947ع) ............ 127
- ورهاڱي کان پوءِ پهريون دور (1948ع کان 1970ع) ............ 129
- ٻيو دور (1971ع کان 1990ع) ............ 136
- ٽيون دور (1991ع کان اڄ تائين) ............ 146
- علمي ادبي رسالا ۽ اخبارون ............ 155

5.2 ترجمو ٿيل ادب ............ 157

- ورهاڱي کان اڳ ............ 158
- عبدالخالق "خليق مورائي" ............ 158

- ورهاڱي ڪان پوءِ ..... 159
- نذير احمد راهوجا ..... 159
- ڪيمن يو مولاڻي ..... 160
- پروفيسر علي نواز جتوئي ..... 161
- ڊاڪٽر حيدر سنڌي ..... 161
- ظفر لغاري ..... 162
- ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو ..... 164

5.3 مقالا ..... 168

5.4 تحقيق ..... 171

- پروفيسر علي نواز جتوئي ..... 172
- ڊاڪٽر حيدر سنڌي ..... 176
- رسول بخش ٻگهيو گچيرائي ..... 177
- ڊاڪٽر سيده ام ڪلثوم شاهه ..... 181
- رحيم سيال ..... 182
- پروفيسر شمشاد احمد سومرو ..... 183
- جمال الدين مؤمن خاصخيلي ..... 185
- محبتي ملاح ..... 186

5.5 مونو گراف ..... 187

5.6 تاريخ ..... 190

- محمد مٺل ڪمالاڻي ..... 190
- پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ..... 191
- سيد علي بخش شاهه ..... 193
- ”مهجور“ غلام حيدر سولنگي ..... 194
- مشتاق باگاڻي ..... 194

5.7 تنقيد ..... 197

- پروفيسر علي نواز جتوئي ..... 198
- عبدالڪريم لغاري ..... 199
- خليق ٻگهيو ..... 201
- خادم بالادي ..... 204
- حوالا ..... 207


## باب ڇهون


- نتيجو ..... 209

# پيش لفظ

موري جي نثري ادبي تاريخ سهيڙڻ جو ڪم دير سان شروع ڪيو ويو آهي، جڏهن ڪيترائي تخليق ڪارهي جهان ڇڏي ويا. هتان جي ليکڪن جو نثري ادب ۾ سندن فن معيار ۾ ڳڻڻ جوڳو ڪم هوندي به نمايان نہ رهيو آهي. ان جو وڏو ڪارڻ هن موضوع تي تحقيقي ڪم جو نہ ٿيڻ آهي.

موري جي نثري ادبي تاريخ تي تحقيق جو ڪم مون 2020ع کان شروع ڪيو. ان جي منظم طرح سان 2021ع کان شروعات ڪئي، جڏهن ايم. فل جي ڊگري لاءِ تحقيقي مقالي لکڻ جو خيال ٿيو. ان سلسلي ۾ جڏهن ”سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو“ تحقيقي اپياس جي عنوان هيٺ تحقيقي مقالي لکڻ جو اظهار ڊاڪٽر رشدالله شاهہ بخاري سان ڪيو، تڏهن پاڻ ان کي پسند ڪري منهنجي همت افزائي بہ ڪئي. انتظاميہ پاران اجازت ملڻ کانپوءِ جڏهن تحقيق جو ڪم شروع ڪيو، تہ نہ رڳو هي ڪم ڏکيو محسوس ٿيو، پر ڪيترين ئي مشڪلاتون راهہ جي رڪاوٽ بڻيون. پوءِ بہ نثر نويسن جون تحريرون هٿ ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. پڪي عزم ۽ ارادي سان پنهنجي ڪم کي پايہ تڪميل تي پهچايو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي گمنام نثر نويسن جو تخليقي پورهيو پڌرو ٿيو آهي. هن تحقيقي مقالي ۾ مون پنهنجي محنت سان تعلقي موري جي ڪيترن ئي سنڌي نثر نگارن جي تخليقن جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪري مختلف پهلوئن کان جائزو ورتو آهي. هر هڪ نثر نگار جو صنف مطابق ڪيل ڪم جي خوبين ۽ سنڌي نثري ادب ۾ ان جي اهميت جو ذڪر ڪيو آهي. ان سان گڏ انهن اهم شخصيتن جي پورهئي ۽ سندن ڪم کي اجاگر ڪيو آهي.

سنڌي نثر جي تاريخ جي سلسلي ۾ موري مان ڪيل تحقيق، سنڌي ادب جي تاريخ، خاص ڪري سنڌي ناول نويسيءَ، افسانہ نويسيءَ، ڊرامہ نويسيءَ، سنڌي مضمون نويسيءَ، آتم ڪٿا، سفرنامي، ترجمو ٿيل ادب کان سواءِ، تحقيق، تاريخ ۽ تنقيدي ادب جي سلسلي ۾، سنڌي ادب جي ترقيءَ جي لحاظ کان، هن شهر جي اهم شخصيتن جي ڪم سنڌي نثر جي ڌار ڌار صنفن، انهن جي قسمن، موضوعن، عبارتن، اسلوب بيان، فن ۽ فڪر کان سواءِ، سنڌي نثر جي بين خصوصيتن جي باري ۾ تجزيو ڪيو آهي. هن موضوع تي موري مان هن کان اڳ تحقيقي ڪم نہ ٿيو آهي، نثري ادب جون بيان ڪيل صنفون هن کان اڳ اڇوتيون هنيون. هن موضوع تي مهارت رکندڙ موري جي ڪيترن ئي تخليق ڪارن، محققن، مترجمن، نقادن، مؤرخن ۽ بين ليکڪن جي ڪيل ادبي ۽ تحقيقي خدمتن کي بہ پنهنجي هن تحقيقي مقالي ۾ شامل ڪيو آهي. ان سان گڏ انهن نثر نويسن جي مختصر سوانح عمرين، لکيل ڪتابن جهڙوڪ: ناول نويسيءَ، ڊراما نويسيءَ، افسانہ نويسيءَ، سنڌي مضمون نويسيءَ، کان سواءِ، ايم .فل، پي.ايڇ ڊي ڊگرين لاءِ پيش ڪيل سندن مونو گرافن، تحقيقي مقالن، تنقيد ۽ تاريخ جي ڪتابن تي تجزيو ڪرڻ سان گڏ طرزِ تحرير تي روشني پڻ وڌي

آهي. سنڌي نثر جي تاريخ جي حوالي سان، هن شهر جي اهم شخصيتن جي ڪم کي تحقيقي انداز ۾ لکيو آهي.

هن تحقيقي مقالي ۾ ڇهه باب رکيا آهن. آخري باب ۾ سڄي تحقيق جو تت يا خلاصو پيش ڪيو آهي ۽ چٽي طرح بيان ڪيو آهي ته سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جي ليکڪن جو نمايان ڪردار رهيو آهي. هن تحقيقي مقالي لاءِ مون ڪيترن ئي ڪتابن تان مدد به ورتي آهي. اميد آهي ته هن تحقيقي ڪم سان سنڌي نثر جي مستقبل جي ترقيءَ جي راهہ هموار ٿيندي.

آئون آخر ۾ پنهنجي گائيڊ قابل احترام استاد ڊاڪٽرسيد رشدالله شاهه بخاري جو شڪر گذار آهيان، جنهن مون کي وقت ڏئي، هن ڪم ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي.ان سان گڏ چيئرمين سنڌي شعبي محترم ڊاڪٽر اسحاق سميجي ۽ ٻين استادن جو شڪر گذار آهيان جو انهن جي تعاون سان هي مقالو مڪمل ڪري سگهيو آهيان. هن مقالي لاءِ بهترين صلاح ڏيندڙ محترم سائين بشير هيسباڻي، رضا لانگاهہ رسول بخش گچيرائي ۽ اظهار مخدوم جو، جن خوبصورت صلاحون ڏنيون، جنهن جي ڪري آءُ پنهنجي ٿيسز جو ڪم مڪمل ڪري سگهيو آهيان.

خالد حسين ڪيريو

ايم فل اسڪالر

M/Sindhi/2K19/12

# سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو

## (تحقيقي اڀياس)

THE ROLE OF MORO IN DEVOLOPMENT OF SINDHI PROSE

(ANALYTICAL STUDY)

## باب پهريون

## تحقيق جو طريقہ ڪار

### موضوع جو تعارف

سنڌي ادب جي تاريخ تي ٿيل تحقيق تي نظر وجهبي تہ سنڌ جي ڪيترن ئي حصن/شهرن جي ادب جي ترقيءَ ۽ ترويج ۾ مڪمل حصو اسان جي نظرن کان اوجهل ئي آهي. ان جو سبب سنڌ جي اڪثر شهرن/ علائقن جي ادبي تاريخ جو محفوظ نہ ٿي سگهڻ آهي.

سنڌ جو مشهور ۽ تاريخي شهر مورو پڻ هڪ اهڙن ئي شهرن ۾ شامل آهي. تعلقو مورو ادبي تاريخ ۽ علمي خزانو رکندڙ علم، فن، ادب، تاريخ، تجارت سان گڏ سياسي تحريڪن جهڙوڪ: بلالي تحريڪ، خلافت تحريڪ، پاڪستان تحريڪ، ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي. هي شهر پنهنجي علمي، ادبي تحرڪ جي حوالي سان پڻ بيحد زرخيز شهر رهيو آهي، جنهن ۾ ماضي بعيد کان موجوده دور تائين ڪيترائي عالم، اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار، محقق، سگهڙ، ناول نگار، نقاد، فنڪار ۽ موسيقار ٿي گذريا آهن. هن موضوع جي علمي، ادبي ۽ سماجي حيثيت کي مد نظررکندي تحقيق ڪري، سنڌي ادبي تاريخ جا رهيل رخ نروار ٿي سگهيا آهن. هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ سان نئون نسل هن خطي جي ادب جي تاريخي شعور سان واقف ٿيندو.

هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ سان اڳوڻن ۽ اوائلي نثر نويسن سان گڏ جديد دور جي ليکڪن جو علمي ادبي ڪم منظرعام تي آيو آهي. ڪيترائي نثر نويس ۽ سندن ڇپيل ڪتاب موري جي نثري ادب جي تاريخ جو يادگار اثاثو آهن. موري جي سنڌي تخليقي نثري ادب مان ناول نگاري ۾ خليق مورائي، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، هري همٿاڻي، ناصر مورائي، استاد بهاول لغاري ۽ ٻين جي ناولن جو فني ۽ فڪري تجزيو

ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن،هنن ليکڪن ناول نگاري ۾ نہ صرف سنڌي سماج جي مختلف پهلوئن کي ظاهر ڪيو آهي، پر ان دور جي تاريخي شعور ۽ سماجي حالتن کي بہ پيش ڪيو آهي. خليق مورائي جا ناول عام ٻوليءَ ۽ منفرد اسلوب ۾ سنڌي سماج جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافتي قدرن جي اپٽار ڪن ٿا.هري همٿاڻي، ناصر مورائي، آنند ڪيماڻي ۽ ڊاڪٽر ارجن سڪايل جا ناول ورهاڱي جي درد، ريتن، رسمن، عورت کي مرڪزي حيثيت ۽ سماج جي سڌاري جي عڪاسي ڪن ٿا. هنن ناولن جو ٻولي، اسلوب، فن، فڪر ۽ مقصد جي لحاظ کان تجزيو ڪيو ويو آهي.

تخليقي ادب جي ٻئي صنف افسانہ نويسيءَ ۾ محمد ابراهيم مورائي، اختر مورائي، پروفيسر قاضي نذيراحمد، ناصر مورائي، مشتاق باگاڻي، ظفر لغاري، ثمينہ ميمڻ، خادم ٻگهيو، سرحد پار ليکڪن مان ڊاڪٽر ارجن سڪايل، آنند ڪيماڻي، هري همٿاڻي، ڪيمن يومولاڻي ۽ ٻين جي افسانن کي ٽن دورن ۾ ورهائي انهن افسانن جو گهاڙيٽي، افسانن جي ڪردارن، پيشڪش، ٻوليءَ، موضوع، انفراديت ۽ ٻين پهلوئن کان تجزيو ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن. ناٽڪ نويسي جي صنف ۾ هتان جي ناٽڪ نويسن جي لکيل ناٽڪن جي اصلاحي پهلوءَ ۽ سماج جي سڌاري ۾ ادا ڪيل ڪردارجو تجزيو ان دور جي حالتن مطابق ڪيو ويو آهي.هنن ڊرامہ نويسيءَ، ناٽڪ منڊلين ۽ ڊراميٽڪ سوسائٽي جي ذريعي نون لاڙن ۽ رجحانن کي جنم ڏيڻ سان گڏ سماجي شعور بيدار ڪيو. انهن ڪردارن مان استاد محمد ڇتل سرهيو، انور سولنگي، محمد صديق پرهياڙ، قمر سنڌي ۽ ٻين جي ڪم کي پهريون ڀيرو تحقيقي انداز سان ڇنڊڇاڻ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. مضمون نويسيءَ جي صنف ۾ مضمون نگارن جي لکيل ڪتابن ۽ ڪيترن ئي مختلف مضمونن جي کوجنا ڪري ٽن دورن ۾ ورهائي، انهن جي خوبين، ڪيل تجربن، ٻوليءَ، پيشڪش ۽ ٻين پاسن کان تجزيو ڪيو ويو آهي. هن تحقيقي ڪم کان اڳ هن شهر مان مضمون نويسي ٽڙيل پکڙيل هئي. سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ هن شهر مان سفرنامن، آتم ڪٿائن ۽ يادگيرين تي لکيل ڪتابن جو تجزيو ڪيو ويو آهي تہ هي سفرنامہ ۽ آتم ڪهاڻيون سنڌي ادب ۾ لکيل ٻين ليکڪن جي ڪتابن کان ڪيئن انفراديت جي حامل آهن. ترجمو ٿيل ادب ۾ هن کان اڳ ترجمي جو ڪم مفصل انداز ۾ ظاهر نہ هو .هن تحقيق ڪرڻ کان پوءِ هن شهر مان پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، نذير احمد راهوجا، ڊاڪٽرغلام سرور ٻگهيو ۽ ظفر لغاري جي ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ ترجمي جي فن، خوبين، ترجمو ٿيل ادب ۾ انهن جي اهميت ۽ افاديت، ٻوليءَ ۽ ٻين پاسن کان جائزو ورتو ويو آهي. ان کان سواءِ ٻين مترجمن جي ڪم کي پڻ هن تحقيق جي ذريعي عيان ڪيو ويو آهي.

موري جي علمي ۽ تحقيقي ادب جي ترقيءَ ۾ هتان جي محققن جن ۾، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ رسول بخش گچپرائي، پروفيسر شمشاد احمد سومرو، رحيما

سيال جو مختلف موضوعن تي ڪيل تحقيقي ڪم سنڌي تحقيقي ادب ۾ اهم اضافو آهي. هنن محققن لسانيات، لطيف شناسي ۽ ٻين موضوعن تي جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي، ان جي اهميت ۽ انفراديت کي تحقيق جي ذريعي اجاگر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح تاريخ ۾ وري ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي لکيل تاريخ جي مختلف موضوعن خاص طور سنڌ جي سياسي جدوجهد، تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو،غدارسنڌ، تاريخ ضلعو نوابشاهه ۽ هسٽري آف سنڌ جهڙن ڪتابن تي تجزيو ڪري انهن جي لکل پاسن ۽ تاريخي واقعن جي درستگي طرف ڌيان ڇڪايو آهي. ٻين مؤرخن ۾ منل ڪمالاڻي، جمال الدين مومن ۽ مشتاق باگاڻي جي تاريخ جي مختلف موضوعن تي لکيل ڪتابن تي ڪيل تجزيي ۾ واقعاتي غلطين، مشاهدي، عمرانيات، علمي منطق، روايتن ۽ ٻين پاسن جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي. تنقيد نگاريءَ ۾ عبدالڪريم لغاري، خليق ٻگهيو ۽ خادم بالادي جهڙن تنقيد نگارن جي لکيل ڪتابن، مختلف تنقيدي مضمونن ۽ مقالن جو تجزيو ڪري انهن جي ڪيل تنقيدي ڪم جي اهميت ۽ سندن خاصيتن کي ڇنڊ ڇاڻ ڪري پيش ڪيوآهي، پر انهن ڪنهن فن پاري کي صحيح رخ ۽ ترتيب ۾ ٻيهارڻ، پرکڻ، ان جي خوبين ۽ نقصن کي تنقيدي پئراميٽرس تي ڪيئن جاچي نتيجا اخذ ڪيا آهن، جي هنر کي تجزيو ڪري پيش ڪيو آهي.

موري جي هنن عالمن، اديبن ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن، محققن، مؤرخن ۽ تنقيد نگارن جي ڪيل تخليقي نثري ادب، سوانحي ادب،علمي ۽ تحقيقي ادب کي نئين ڪوجنا ،ڇنڊڇاڻ، تجزين ۽ حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اڀياس هيٺ آڻي غير روايتي انداز سان موري جي نثري ادب جي تاريخ مرتب ڪئي وئي آهي. هن تحقيق ۾ نه فقط موري جي ليکڪن جي نثر ۾ لکيل ڪتابن جو تجزيو ڪيو ويو آهي، پر ان سان گڏ ان وقت جي حالتن جي جي تبديلي ۽ نتائجن تي پڻ روشني وڌي آهي ۽ گڏوگڏ اهي سماجي ڪارج به ڄاڻايا آهن، جن هتان جي ليکڪن جي فن ۽ فڪر تي گهرا اثر مرتب ڪيا. مون پنهنجي هن تحقيق ۾ ادب جي نثري صنفن جهڙوڪ: ناول، افساني، ڊرامي، سفرنامي، آتم ڪٿا، ترجمو ٿيل ادب، تحقيق، تنقيد ۽ تاريخ جي اهميت افاديت ۽ مقصد کي پرکڻ ۽ ان سان گڏوگڏ مذڪوره صنفن جي ڪتابن جي فن ۽ فڪر جي مختصر جائزي کان پوءِ انهن جي پيٽ ۾ موري جي نثر نويسن جي لکيل تحريرن جي سماجي، سياسي، معاشي، اخلاقي، فڪري توڙي ادبي ڪارج،ڪيل تجربن، فن ۽ فڪر جو تحقيقي جائزو به ورتو آهي، جيڪوافسوس جو هن کان اڳ سنجيده تحقيق جي حوالي سان جامع ڪم نه ٿيو هو. ان ڪري مون سندن قلمي پورهئي ۽ سنڌي سماج تي پوندڙ اثرن کي ڏسي، هي تحقيقي ڪم ڪيو آهي. هن تحقيقي ڪم سان موري جي ڪيترن ئي نثر نويسن جو ٽڙيل پکڙيل پورهيو محفوظ ٿي سگهيو آهي. ڪيترن ئي ليکڪن جي نثري تحريرن جي ڪوجنا ڪري انهن جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ تجزيو ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

پراڻن نثر نويسن سان گڏ نئين ٽهي جي نثر نگارن کي برابر اهميت ڏئي شامل ڪيو ويو آهي. اميد آهي ته هن تحقيقي ڪم سان نه فقط تعلقي موري جي ادبي تاريخ تحقيقي انداز سان سامهون اچي سگهندي، پر سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۽ ترويج ۾ ڪارائتو ۽ اهم اضافو ثابت ٿيندو.

## موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق:

ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ان موضوع متعلق مواد جو تجزيو ڪيو ويندو آهي، جيڪو تحقيق کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ نهايت ئي مفيد ۽ انتهائي اهم عمل آهي. موضوع جي باري ۾ اڳ ٿيل تحقيق جو جائزو محقق کي موضوع سان انصاف ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي. هن عمل سان محقق ماضيءَ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم کان واقف ٿئي ٿو۽ ان جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي تحقيق کي وڌيڪ ڪارآمد بنائي سگهي ٿو. هن موضوع بابت جڏهن ماضيءَ ۾ ٿيل تحقيق جو جائزو ورتو ويو ته معلوم ٿيو ته هن موضوع تي اڳ ڪابه مفصل تحقيق نه ٿي سگهي آهي، جنهن وسيلي سنڌي ادب ۾ موري جي حصي يا ڪردار بابت ڪا واضح ڄاڻ حاصل ٿئي. سال 1988ع ۾ منل ڪمالاڻيءَ جو ڪتاب ”مورو ناهي ٿورو“ ۽ رحيمان سيال جو ڪتاب ”مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ حصو“ (تقابلي جائزو) ۾ موري جي شاعرن اديبن جو سرسري ذڪر ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪلاسيڪل شاعرن ۽ اديبن جو تذڪرو به مفصل نه آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي ليکڪن اديبن جي ڪتابن ۽ سندن علمي ادبي ڪاوشن جو ذڪر نه هجڻ برابر آهي. ڪجھ مضمون ۽ مقالا پڻ لکيل آهن، جيڪي پڻ گهٽي پاڳي تحقيقي تناظر ۾ لکيا نه ويا آهن.

موضوع متعلق اڳ ٿيل تحقيقي ڪم جو جائزو وٺڻ بعد اها ڳالھ واضح ٿي ته موري جي شعري ادب جي حصي يا سوانحي ادب بابت مضمون ۽ مقالا ته لکيل آهن، ليڪن نثري ادب جي مختلف پهلوئن بابت ڪوبه تفصيلي مقالو ناهي لکيو ويو ۽ نه ئي ايم.فل يا پي.ايڇ.ڊي جي سطح تي اهڙو ڪم ٿيل آهي. ان ڪري هن موضوع تي تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

## تحقيق جو دائرو:

موري جي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جا شاعري، تخليقي نثري ادب ۾ ناول، افسانو ۽ ڊرامو، سوانحي ادب ۾ سفر نامو، آتم ڪهاڻي، مضمون نويسي، تحقيق، تاريخ ۽ تنقيد جهڙن موضوعن تي نثر ۾ ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ هڪ نمايان حيثيت رکن ٿا. تنهن ڪري مون ايم فل لاءِ ”سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جوحصو“ (تحقيقي اڀياس) موضوع چونڊيو آهي. هن موضوع جو دائرو تعلقي موري ۾ رهندڙ نثر نويسن جي تحريرن ۽ تخليقن جو تحقيقي اڀياس آهي.

هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ موري جي نثر نويسن جو سنڌي نثري ادب لاءِ ڪيل ڪم جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

## تحقيق جو طريقہ ڪار:

هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تاريخي ۽ تجزياتي تحقيق جو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي. هن قسم جي تحقيق ۾ مختلف ذريعن وٽان حاصل ٿيل مواد جي چنڊڇاڻ ڪري موضوع سان وابستہ هر پهلو بيان ڪيو ويو آهي. مواد جو تنقيدي جائزو محقق کي نتيجا اخذ ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. بنيادي ۽ ثانوي ذريعن سان مواد حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ڪتب خانن مان مدد ورتي وئي آهي. موضوع سان وابستہ ڪجهہ اهم ڪتابن جن تائين رسائي حاصل نہ ٿي سگهي، انهن تائين پهچڻ لاءِ انٽرنيٽ جو استعمال ڪيو، جيڪو نهايت ڪارگر ثابت ٿيو. اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي ڪتابن، رسالن ۽ مخزن مان حاصل ڪيل مواد جو غور سان مطالعو ۽ تجزيو ڪيو ويو ۽ انهن ذريعن سان حاصل ٿيل نڪتن کي تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو.

مون پنهنجي هن مقالي جي تحرير جو تاجي پيٽنو (American Psychological Assosiaton) APA وارو استعمال ڪيو آهي، جيڪو ادب جي شعبن ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي سطح تي اختيار ڪيو وڃي ٿو ۽ حوالن کي هر باب جي آخر ۾ آندو ويو آهي. تحقيق جي سموري مرحلي ۾ جيڪي بہ نتيجا حاصل ٿيندا ويا، انهن کي آخري باب ۾ پيش ڪيو آهي، تہ جيئن پڙهندڙ تحقيق مان حاصل ٿيندڙ سڀني نتيجن جو هڪ ئي جاءِ تي مطالعو ڪري سگهي.

## تحقيق جي افاديت:

هن موضوع "سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو" (تحقيقي اڀياس) جي افاديت مان مراد اها آهي تہ اسان پنهنجي پڙهندڙن کي تعلقي موري جي نثري ادبي تاريخ بابت هن خطي جي نثر نويسن ۽ ليکڪن جي ادبي ڪم ۽ سندن لکيل ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت کان واقف ڪري سگهون تہ جيئن هن خطي جو سنڌ جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ ۾ ادا ڪيل ڪردار سامهون اچي سگهي.

## تحقيق جي ضرورت:

هن موضوع تي ڪو بہ اهم تحقيقي ڪم مفصل انداز ۾ نہ ٿيو آهي، ان ڪري هن موضوع تي تحقيق وسيلي سنڌ جي هن اهم تاريخي شهر جي نثر جي ادبي تاريخ مرتب ڪرڻ ممڪن ٿي آهي. هن موضوع تي تحقيق جي ذريعي ڪيترن ئي نثر نويسن جي ڇپيل ڪتابن بابت ڄاڻ ذريعي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي آهي. هن موضوع تي تحقيقي ڪم ڪرڻ سان نہ فقط ادبي تاريخ جا نوان رخ سامهون آيا آهن، بلڪ علم، ادب ۽ تاريخ جي شاگردن لاءِ هڪ جامع مواد گڏ ٿي سگهيو آهي.

هن تحقيق وسيلي موري جي ليکڪن جي مختلف صنفن ۾ لکيل تحريرن جهڙوڪ: ناول، افسانيءَ، ڊرامي، آتم ڪٿا، سفرنامي، مضمون نويسيءَ، تحقيق، تاريخ، تنقيد ۽ ٻين نثري صنفن کي سماجيات جي آئيني ۾ جانچڻ، پيش ڪيل نڪتن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ، سماجي سجاڳيءَ جي پهلوئن کي منظر عام تي آڻڻ ۽ موري جي نثري ادب جو سنڌي نثر ۾ اضافي بابت تحقيق جي شاگردن کي ڄاڻ ڏيڻ آهي.

**تحقيق جي حد بندي :**

تحقيق جي حد بنديءَ مان مراد آهي، اها حد بندي جنهن جي اندر تحقيق ڪئي ويندي آهي. ڪنهن موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ تحقيق جو دائرو موضوع يا عنوان جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي. هن تحقيق جو دائرو ”سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو“ (تحقيقي اڀياس) ۾ موري جي ليکڪن جون نثري ادب جي مختلف صنفن تي لکيل ڪتابن ۽ ٻين نثري تحريرن جي مختلف پهلوئن جي اڀياس تائين محدود آهي.

**مواد جا ذريعا:**

تحقيق ڪرڻ ۾ سڀ کان مکيه ڪم مواد (Data) حاصل ڪرڻ آهي. ڪابه تحقيق بنا مواد حاصل ڪرڻ جي مڪمل ٿي نه ٿي سگهي. ان ڪري تحقيق ۾ مواد حاصل ڪرڻ کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. مون پنهنجي هن تحقيق کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جيڪي ذريعا ڪتب آندا آهن، انهن ۾ بنيادي (پرائمري) ۽ ثانوي (سيڪنڊري) ٻئي شامل آهن.

**بنيادي ماخذ :**

بنيادي ماخذ مان مراد اهو مواد آهي جيڪو اصل دستاويزن، نسخن يا اصل ڪتابن مان حاصل ڪيو وڃي، جنهن ۾ مصنف جي اصل راءِ، ڳالھ يا حقيقت بيان ڪيل هجي. ان ڪري تحقيقي عمل ۾ مواد حاصل ڪرڻ جي شروعاتي ڪوشش بنيادي ماخذن کان ڪئي ويندي آهي. هن تحقيق جي بنيادي ماخذن ۾ موري جي ليکڪن جا ڪتاب شامل آهن.

**ثانوي ماخذ:**

ثانوي ماخذ انهن کي چيو ويندو آهي، جيڪي اصلي ڪتابن تان اخذ ڪيل هوندا آهن. هنن ماخذن ۾ جيڪو مواد ڏنل هوندو آهي، اهو اصلي ليکڪ يا موضوع هيٺ آيل مصنف يا اديب جو لکيل نه هوندو آهي، بلڪ ان بابت ٻئي مصنف جا رايا هوندا آهن. هن تحقيق لاءِ تحقيقي جرنل، ايم فل ٿيسز، انسائيڪلوپيڊيا، ڪتب خانه، رسالا، موري جي ليکڪن جي شخصيت ۽ فن تي لکيل مختلف ڪتاب، مضمون ۽ انٽرنيٽ کي ثانوي ماخذن جي حيثيت سان ڏنو ويو آهي.

ڪابہ تحقيق حرف آخر نہ هوندي آهي. مون کي اميد آهي تہ منهنجي هيءَ تحقيق ايندڙ محققن لاءِ تحقيق جا نوان دروازا کوليندي. هن تحقيقي مقالي ۾ ڇھ باب رکيا ويا آهن.

**باب پهريون**

**تحقيق جو طريقہ ڪار:**

ٿيسز جو هي باب انن حصن تي مشتمل آهي. هن باب ۾ تحقيقي موضوع جو تعارف ڏنو ويو آهي. جيئن تہ هي موضوع ماضيءَ سان گڏ حال سان بہ واسطو رکي ٿو، ان ڪري هن تحقيق لاءِ تاريخي تجزياتي تحقيق جا طريقا استعمال ڪيا ويا آهن.

**باب ٻيو**

**مورو هڪ تعارف:**

تحقيق جي هن باب ۾ موري شهر جو مختصر تاريخي پس منظر، جاگرافي، قدامت، سياسي ۽ سماجي پس منظر، سنڌي ادبي تنظيمن ۽ تحريڪن جو سرسري طور ذڪر ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ مختصر پر جامع انداز ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تہ جيئن پڙهندڙ موري جي اوائلي دور ۽ ان جي ٻين مختلف پهلوئن کان واقف ٿي سگهي. هن باب ۾ سياسي، سماجي، قومي ۽ ادبي تحريڪن، تنظيمن ۽ مختلف حالتن جو جائزو ورتو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ موري جي ليکڪن پاران ڇپايل ڪتابن ۽ ٻين مختلف لکڻين جو جائزو وٺي نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

**باب ٽيون**

**موري جو سنڌي تخليقي نثري ادب ۾ حصو**

هن باب ۾ نثري صنفن (ناول، افساني ۽ ڊرامي) جي ابتدا ۽ اوائلي دور جي هنن صنفن جي فني ۽ فڪري جائزي سان گڏ مختلف لوازمات جهڙوڪ: مرڪزي خيال، ڪردارنگاري، منظرنگاري، مڪالما، ٻولي، ادبي تحريڪن ۽ انهن ۾ جدت جو جائزو ورتو ويو آهي. پراڻن نثر نگارن سان گڏ موجوده وقت جي نثر نگارن جي تخليقي ڪم جو پڻ فني، فڪري ۽ تجزياتي جائزو وٺي معلومات مهيا ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن. موري جي ليکڪن جي لکيل ناولن، افسانن ۽ ڊرامن جي فني، فڪري توڙي اصلاحي نڪتن، معاشرتي حالتن، سماجي پهلوئن، شعوري اٿل پٿل ۽ ادب جي موضوعن جي تبديلي جي اهميت جو جائزو مختلف علمي ۽ ادبي حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان هي نتيجو اخذ ٿئي ٿو تہ موري جي ليکڪن جي لکيل ناول، افساني ۽ ڊرامي جي صنفن جو مرڪزي خيال قوميت جي نظريي تي مبني هو.

**باب چوٿون**

**موري جو سنڌي سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو**

هن باب ۾ سوانحي صنفن جهڙوڪ (سفر نامي، آتم ڪهاڻي ۽ خاڪا نويسي) ۾ لکيل ڪتابن ۾ ڪيل تجربن، مشاهدن، قومي توڙي بين الاقوامي ملڪن جي تاريخ، تهذيب، ثقافت رهڻي ڪهڻي جاگرافي ۽ ٻين مختلف پهلوئن جو تجزياتي ۽ تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي. ان کان علاوه سنڌي ادب جي مختلف ليکڪن جي لکيل ڪتابن جو پڻ تقابلي جائزو وٺي ڇنڊ ڇاڻ ڪري مختلف علمي ۽ ادبي حوالن سان پيش ڪيو ويو آهي. ان سان گڏ سندن طرزِ تحرير جا مثال ڏنا ويا آهن.

**باب پنجون**

**موري جو علمي ۽ تحقيقي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو**

هن باب ۾ (مضمون نويسي، ترجمو ٿيل ادب، تحقيق، تاريخ ۽ تنقيد) جي ترقيءَ ۾ موري جي مضمون نگارن، مؤرخن، محققن ۽ تنقيد نگارن جي لکيل ڪتابن جو جائزو ورتو ويو آهي. پراڻن نثر نگارن سان گڏ موجوده وقت جي نثر نگارن جي ڪم جو پڻ فني فڪري جائزو وٺي ڇنڊ ڇاڻ ڪري معلومات مهيا ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

**باب ڇهون**

هي باب ٿيسز جو آخري باب آهي، جيڪو نتيجن تي مشتمل آهي. آخر ۾ ببليوگرافي شامل ڪئي وئي آهي.

# باب ٻيو

# مورو هڪ تعارف

## 2.1 تاريخي پس منظر

سنڌ ملڪ قديم وقت کان علم، هنر، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهيو آهي. هونئن ٻه ڪنهن قوم جو علم ۽ ادب سندس تاريخ جي جدا جدا عرصن، مواقف، خيالن، احساسن ۽ جذبن جو آئينو هوندو آهي. ڪنهن ٻه قديم عرصي جي علمي خزاني کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان جي خاص عرصي جي تاريخ معلوم ڪرڻي پوندي آهي. سن ۽ حقيقتون تاريخ جو نه فقط بوتو ناهين ٿيون، پر انهن جي رڳن ۾ روح تڏهن پوندو جڏهن ان جي ادبي تاريخ جو ذخيرو موجود هوندو. جنهن جي ذريعي اسان کي معلوم ٿيندو ته ڪنهن قوم جي قديم فردن جا خيال ڪهڙا هئا، سندن علمي بصيرت ڇا هئي ۽ سندن رهڻي ڪهڻيءَ جا سرچشما ڪهڙا هئا؟ هر قوم جي هستي سندس عملي ۽ علمي ذخيري تي مدار رکندي آهي.

سنڌي ڪنڌ ۾ سنڌ جو مشهور ۽ تاريخي شهر مورو پڻ هڪ عاليشان تاريخي ۽ علمي خزانو رکندڙ شهر آهي. تاريخي، علمي ۽ ادبي نقطئہ نظر کان هي شهر سنڌ جي مشهور شهرن مان هڪ آهي ڇاڪاڻ ته اهو هڪ وڏي عرصي تائين سنڌ جو تعليمي، مذهبي ۽ ثقافتي مرڪز ٿي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هي شهر ڪنهن حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ ٿي نه رهيو آهي، پر هن شهر جي ماڻهن جيڪا علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي آهي، تنهن جو هر سنڌيءَ کي اعتراف آهي.

موري شهر جي قدامت ۽ آباد ٿيڻ بابت مختلف ۽ متضاد رايا آهن. مؤرخن ۽ محققن موري شهر جي تاريخ جو سُٽ ايترو ته منجهائي ڇڏيو آهي، جو ان کي سلجهائيندي ماڻهو خود الجهي وڃي ٿو. ڪيترن محققن پنهنجي پنهنجي راءِ ڏيندي هن شهر کي ڪن چار سؤ سال، ڪن پنج سؤ سال، ته ڪن وري ان کي آسوڪا (237 ق، م) جي دور جو ڄاڻايو آهي. محمد منل ڪمالاڻي لکي ٿو ته:

"هڪ روايت مطابق ته موري شهر جي اڏجڻ جو سن 792 هجري موريا خاندان جي هڪ بزرگ ملتان کان آيو مان لڳائي سگهجي ٿو جنهن هي شهر ٻڌايو ۽ 150 سالن جي عمر ماڻي 872 هجري ۾ هتي ئي وفات ڪري ويو. سندس مزار شهر جي الهندي طرف آهي، جيڪا مورو فقير جي نالي سان مشهور آهي." (1)

اي - ڊبيلو هيوز "سنڌ گزيٽيئر" ۾ موري جي قدامت بابت لکي ٿو ته:

"200 ورهيه اڳ هن شهر جو بنياد بازيد فقير نالي "مورو" قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ رکيو". (2)

مرزا قليچ بيگ "قديم سنڌ - ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" ۾ لکيو آهي ته:

”هي شهر ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ فريد پڳت ٻڌايو، جو پهرين موري جو مڪان ميان جي حڪم سان هٿ ڪيائين. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو شهر ٻزير فقير جو ٻڌايل آهي، جو ذات جو مورو هو ۽ جنهن کي اٽڪل ٽي سو ورهيہ ٿيندا “. (3)

محمد منل ڪمالاڻي ڪتاب ”مورو ناهي ٿورو“ ۾ تجزيو ڪندي لکي ٿو تہ:

”مورو شهر آل مغيره جي بگڙيل صورت موريا خاندان جي هڪ بزرگ، سيوستان کان گچيري جي رستي هجرت ڪري، هن سر زمين جي پوئوار مٿانهين دڙي تي سڪونت اختيار ڪئي. بعد ۾ هي بستيءَ جي صورت اختيار ڪري مورو جي نالي سان مشهور ٿي، جيڪا غالباً انين صدي هجري جي پوئين اڌ وارو دور ٿي سگهي ٿي.“ (4)

ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، لوڪ رام ڏوڏيجا جي ڪتاب ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“ ۾ درج ڪيل روايت کي مستند ڪوني ٿو تہ:

”موري جو بنياد 871 ڌاري پيو هوندو ۽ ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ موري شهر جو واسطو ’موريہ‘ قبيلي سان نہ، بلڪہ سهتا قوم جي هڪ نامور امير مورا سنگ سان آهي“. (5)

حقيقت ۾ سيني تاريخي حقيقتن کان پوءِ صحيح راءِ اها ئي نڪري ٿي، تہ موريا خاندان جي هڪ بزرگ هن شهر جو بنياد رکيو. موريا خاندان جي پايو وجهندڙ ”چندر گپت موريا“ جي ماءُ مورن پالڻ ڪري ”مورا“ يا ”موره“ سڏي ويندي هئي، تنهن ڪري هن خاندان وارا ”مورا“ يا ”موره“ سڏجندا هئا، جنهن جو دليل هتان کان سترنهن ميل پري قوم جي پرچار لاءِ نهرايل سٺ فٽ ڊگهو مير رکڻ جو ٿل آهي. موريا خاندان جي جنهن بزرگ موري شهر جو بنياد رکيو، ان جو نالو ”مورا“ يا ”موريا“ هو. هن گچيري پراڻي کان موره واري مقام وٽ اچي سڪونت اختيار ڪئي. هي بزرگ 872 ھ ۾ 150 سالن جي عمر ۾ وصال ڪري ويو. اهڙيءَ طرح هن وسنديءَ کي سندس نالي پٺيان ”موره“ يا ”مورو“ سڏيو ويو.

”سومرن جي دؤر کان وٺي مغلن جي صاحبي 1843ع تائين هيءُ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو، جيڪو ڪلهوڙن جي دؤر 1738ع کان 1783ع ۾ ’مسڪن موريو‘ يا ’موري جو مڪان‘ سڏيو ويندو هو ۽ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي فقير فريد پڳت ان تي قبضو ڪيو، جنهن کان پوءِ هن ڳوٺ آهستي آهستي ترقي ڪئي“. (6)

سنڌو درياءُ جيڪو اڳي هن شهر جي اوير ۾ وهندو هو، تنهن پنهنجي وهڪري جو رخ بدلايو ۽ موري جي مٿانهين ايراضيءَ جي اتر کان ڦري اولہ طرف ڇهن ميلن پنڌ تي وهڻ لڳو. ان ڪري ڪيترين ئي وستيون ويران ٿي ويون ۽ ڪيترن ئي قبيلن کي هن ميداني خطي کي مستقل طور آباد ڪرڻ جو موقعو مليو. اهڙيءَ طرح مورو مختلف قبيلن جي آباد ٿيڻ سان وڌڻ ۽ ويجهڻ لڳو.

موري شهر جي تهذيبي تاريخ متعلق محمد منل ڪمالاڻي لکي ٿو تہ:

”هن شهر جي تهذيبي تاريخ پراڻي آهي هتي جا رهواسي ڌرمي حوالي سان شو جا پوڄاري هئا. هنن جون عورتون هس، ڳن، پنڙا، تائٿ، منديون، داڻن جا هار، ڪنگڻ نورا ۽ ٻانهيون بہ پائيندیون هيون. هي مٿيون سڀ حقيقتون سنڌ جي قديم تهذيبن جا اهڃاڻ آهن، جن سان وري شهر جي قدامت ثابت ٿئي ٿي“. (7)

”سن 10 هجريءَ تائين هن شهر جو عوام پنهنجي سونهري دؤر جو آغاز ڪري چڪو هو. ميرن جي دؤر حڪومت شروع ٿيڻ تائين مسلم قبيلا موري شهر جي سر زمين تي آباد ٿي چڪا هئا. سمن ۽ سومرن کان پوءِ سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪمراني ٿي، تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي موري شهر کان اوڀر ۾، چئن ڪوهن جي مفاصلي تي محمد آباد جو شهر ٻڌايو. پاڻ اتي اچي رهڻ بہ لڳو ۽ وفات کان پوءِ دفن بہ اتي ئي ٿيو“. (8)

شهر جي ترقيءَ بابت محمد منل ڪمالاڻي اڳتي لکي ٿو تہ:

”ڪلهوڙن جي دؤر ۾ موري شهر ۾ واپار کي خاصي ترقي ملي. قديم زماني ۾ هي شهر صابڻ ٺاهڻ، زيورن جي ڪاريگري، ٽامي ۽ ڪُٽ جي ٿانون، جنديءَ جي هنر، ڪپڙن جي رڱاوت، ململ ۽ گربيءَ جي صنعت، مٽيءَ جي ٿانون، گلڪاري، وغيره جي ڪم کان گهڻو مشهور هو“. (9)

”انگريزن جي دؤر ۾ مورو مڪمل طرح سان هڪ پڪي شهر جي صورت ۾ موجود هو. سن 1861ع ۾ انگريزن ميونسپالٽي قائم ڪئي ۽ پوءِ وري 1887ع ۾ ميونسپل جو درجو گهٽائي نوٽيفائيڊ ايريا ڪيو ويو. موري جي ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر ايچ - رالينڊ (H.Rayland) پڻ رهندو هو. سال 1912ع کان اڳ ۾ ساهتيءَ جو هي سمورو علائقو موري سميت حيدرآباد ضلعي سان شامل هو.“ (10)

هتي مختيار ڪار آفيس، پوليس اسٽيشن، ڊسٽرڪٽ بنگلو، پرائمري اسڪول، پوسٽ آفيس ۽ مسافر خانو وغيره بہ هئا. انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر هينري رالينڊ سال 1869ع ۾ هن شهر ۾ فوت ٿيو ۽ کيس ڊسٽرڪٽ بنگلي جي اوڀر ۾ دفن ڪيو ويو. ”امپيريل گزيٽئر“ مطابق سن 1891ع ۾ هن شهر جي آبادي 57646 هئي ۽ سن 1901ع ۾ 66441 هئي. موري تعلقي ۾ 80 جي لڳ ڀڳ ڳوٺ آباد هئا. جاگرافيائي لحاظ کان مورو، سنڌو درياهہ جي کابي ڪناري تي نيشنل هاءِ وي جي پرسان قائم آهي. هن شهر جي اتر ۾ مٺياڻي ۽ نوان جتوئي شهر، اولهہ ۾ سنڌو درياهہ جي ساڄي ڪپ تي دادو، اوڀر ۾ نوشهرو فيروز ۽ ڏکڻ ۾ شاهپورجهانيان آهي. بيهڪ جي لحاظ کان هي شهر 4.26 اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 2.68 اڀرندي ڊگهائي ڦاڪ

تي آهي ۽ هڪ اهڙي هنڌ نهيل آهي، جو پري کان صاف نظر پيو ايندو آهي. مورو شهر مختلف رستن ذريعي حيدرآباد، سکر، دادو ۽ ٻين شهرن سان ڳنڍيل آهي. هن شهر جي ڏنل آدمشماريءَ جي اکرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو انگريزن جي وقت کان هڪ وڏو شهر هو. بعد ۾ ڪيترن ئي خاندانن هي شهر ڇڏي، حيدرآباد، ڪراچي، سکر ۽ ٻيا شهر وسائڻ کان علاوه هتان ڪيترائي خاندان ورهاڱي کان پوءِ هند پڻ لڏي ويا. اهڙيءَ طرح سال1989ع ۾ نئون ضلعو نوشهروفيروز ٺاهي، موري شهر کي ان وقت جي ضلعي نوابشاه مان ڌار ڪري، نئين ضلعي نوشهروفيروز ۾ شامل ڪيو ويو.

آدمشماريءَ جا انگ اکر ڏيکارين ٿا تہ تعلقي موري جي آبادي 1998ع ۾ 265251، جنهن ۾ 138980 مرد ۽ 126271 عورتون هيون. جڏهن تہ ايراضي 609 چورس ڪلو ميٽر هئي. سال 2017 جي آدمشاريءَ موجب تعلقي موري ۾ 16 يونين ڪائونسلز، 52 کان وڌيڪ ديهن ۽ 26 ٽپن سان گڏ 368،789 آدمشماري آهي، جنهن مان 95398 شهري آبادي ۽ 273،391 ٻهراڙي آبادي آهي. جڏهن تہ ايراضي 749 چورس ڪلوميٽر آهي. سنڌ جو هي خطو ڪيترين ئي خاصيتن ۽ خوبين سان مالا مال آهي. هتان جي ماڻهن جي رسم رواج، رهڻي ڪهڻي، طور طريقا ۽ ڳالهائڻ جو لهجو مخصوص نوعيت جا آهن.

موري شهر جي قديم مسجدن مان مدينہ مسجد (ڪوري محلہ)، جامع مسجد (شاهي بازار)، بدر شاه مسجد (سيد محلہ)، دڙي واري مسجد (لوهار محلہ)، عبدالواحد سرهيي واري مسجد (سرهيہ محلا)، شينهن واري مسجد (ٻرڙا محلا)، دينل شاه مسجد (سومرا محلہ)، ريلوي اسٽيشن مسجد (انگريز دور جي)، خاوند ڏني جوڳي واري مسجد (انگريز دؤر جي)، تاج مسجد آهن.

ڪتاب ”مورو ناهي ٿورو“ ۾ محمد مٺل ڪمالاڻي موري جي کڏن ۽ کوهن متعلق لکي ٿو تہ:

”موري شهر جي ٽن پاسن کان کڏن ۾ ساٿل کڏ، ڪورڪي کڏ، ديرکي کڏ، موچکي کڏ، ڪاسائڪي کڏ ۽ رنگيلي کڏ آهن، جڏهن تہ شهر ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ کوٽايل کوهن مان سخي باقر شاه وارو کوه، جاجي مل وارو کوه، سيٺ منومل وارو کوه، سرهيا محلي وارو کوه، عبدالواحد سرهيي وارو کوه، زونکي ٻائي وارو کوه، بدرشاه وارو کوه، خيراتي کوه، يمن داس وارو کوه، سنڌي اسکول وارو کوه، ڪانڊڙن وارو کوه ۽ اسٽيشن وارو کوه قابل ذکر آهن." (11)

موري جي ڍنڍين ۽ پٽڻن ۾ ڌُونهي ڍنڍ (ديہ ملڪاڻي)، نظر علي ڪورائيءَ واري ڍنڍ (ديہ لليا)، مستي خان جتوئي واري ڍنڍ پراڻو درياه ڍنڍ (ديہ صالحپور) ۽ ڏيپارجن واري ڍنڍ آهن، جن مان اڳوڻي دؤر ۾ سوين مڻ مڇي مرندي هئي. پٽڻن ۾ لليا پٽڻ، ملڪن وارو پٽڻ، خيري ديري وارو پٽڻ، گهارو گٽب (ديہ گچيرو پراڻو)، شاه مراد واري ڍنڍ، ٻيٺ ٻڍي واري ڍنڍ، چريو واهڙ، سرائي شوڪت علي لغاريءَ واري

ڏنڊ، مئن ٻگهئي واري ڏنڊ، مائي ڦاپان واري ڏنڊ ، لغارن واري ڏنڊ، عرض محمد لغاريءَ وارو واهڙ ۽ ڪورائين واري ڏنڊ قابل ذڪر آهن.

هي شهر ماضي بعيد کان مختلف علمي ادبي، سماجي سرگرمين سان گڏ راندين جو بہ مرڪز رهيو آهي، خاص طور ڪٻٽيءَ راند جي ڪري بہ مشهور هو. هتان جا رانديگر سڄي هندستان ۾ ڪٻٽيءَ جي مقابلن ۾ حصو وٺندا هئا. ڪٻٽي راند ۾ دينو درزي، ننيو ۽ وڏو هاشم ۽ محمد عرس (پنڊول) جهڙا رانديگر پنهنجي فن ۽ ڪاريگريءَ جا ماهر هئا. ٻين راندين ۾ ملھ، ڪوڏي ڪوڏي، ڪرڪيٽ، بيڊمنٽن، ونجھ وٽي، پتنگ بازي، ٽيبل ٽينس، شوٽنگ والي بال ۽ ٻين راندين جا مقابلا ۽ ٽورناميٽون ٿينديون رهيون آهن.

موري جا حڪيم ۽ پنساري قديم زماني کان سنڌ ۽ هند ۾ پنهنجي حڪمت ۽ يوناني علاج سبب مشهور پيا رهيا آهن انهن مان خليق مورائي، قاضي علي گوهر، حافظ نور محمد، لعل بخش ڪانڌڙو، الله ورايو ميمڻ، قاضي محمد دائود، ڪرم شاهہ، صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو، غلام رسول لاکو ۽ ٻيا پڻ سنا ۽ مشهور حڪيم رهيا آهن.

ماضيءَ ۾ موري جي شاهي بازار تمام سني نهيل هوندي هئي. ترتيب سان دڪان نهيل هئڻ سان گڏ صفائيءَ جو اعليٰ انتظام هوندو هو. شهر جي پسگردائيءَ جي ڳوٺن جا ڪيترائي ماڻهو ڪم ڪار ۽ خريد فروخت جي حوالي سان اچڻ ڪري بازار جي رونق ۾ اضافو ٿيندو هو. موجوده وقت ۾ بہ هن بازار ۾ لکين روپيين جو واپار ٿئي ٿو. اڄ بہ شاهي بازار سان گڏوگڏ ريشم گلي عورتن جي خريداريءَ جو مرڪز آهي، جنهن ۾ سوين دڪان آهن.

موري جي تفريحي ماڳن ۾ ڪاڪ محل سينيما ۽ ممتاز سينيما تي ماضيءَ جون شاندار فلمون لڳنديون هيون. پري پري کان ماڻهو اچي شو ڏسندا هئا. فلم انڊسٽريءَ جي زوال سبب اهي سينيمائون بند ٿي ويون. شهر ۾ خط و ڪتابت لاءِ قديم دؤر جي نهيل پوسٽ آفيس جو نظام مهذب شهر جي نشانيءَ طور اڄ بہ قائم دائم آهي.

هن شهر ۾ جديد رهائشي اسڪيمون ”علي بلڊرز“ جي چيف ايگزيڪيوٽو عبدالحميد ميمڻ طرفان متعارف ٿيون، جن ۾ ٻاءِ پاس ٽائون، گارڊن سٽي، بزم سٽي ۽ هيون سٽي شامل آهن. موجوده وقت ۾ موري جي چئني طرفن کان ٻين بہ ڪيترن ئي جديد طرز تي نهيل ٽائونن سان شهر جي سونهن ۾ واڌاري سان گڏ، هي شهر ترقيءَ جي راهہ ڏانهن گامزن آهي.

هن شهر ۾ موجوده وقت ۾ سرڪاري بئنڪن کان علاوه ڪيترين ئي خانگي بئنڪون ڪم ڪري رهيون آهن، جيڪي معاشي خوشحالي ۽ اقتصادي ترقيءَ جو اهڃاڻ آهن. شهر جي سبزي

مارڪيٽ، مڇي مارڪيٽ ۽ فروٽ منڊيءَ ۾ صبح جي وقت پرپاسي جي ڳوٺن کان آيل ماڻهن ۽ شهر جي ماڻهن سان ميلي جي منظر جو ڏيک ڏينديون آهن. صحت جي شعبي جي حوالي سان هتي تعلقہ اسپتال، جانورن جي اسپتال سان گڏ جديد طرز جون ڪيترييون ئي ليبارٽريز ڪم ڪري رهيون آهن. موري جي آس پاس ڪاٽن فيڪٽريون، آئل مل، برف جا ڪارخانا ۽ ٻين مختلف قسمن جون فيڪٽريون بہ آهن، جيڪي علائقي واسين  کي روزگار جا مناسب موقعا فراهم ڪرڻ سان گڏ آبادگارن لاءِ بہ سهولت جو ڪارڻ آهن. بهترين ذائقي جي نامياريءَ سبب ماضي کان اڄ تائين ”وٺوءَ“، ”نول“ جي هوٽلن جي چانهہ ۽ هادي بخش هادوءَ جا چولا اڄ بہ مشهور آهن. ڪيترائي جديد ريسٽورنٽ ۽ هوٽلون موري جي چئن پاسن کان قائم ٿي چڪا آهن. ماضي قريب کان اڄ بہ موري جا لوهار، ڊکڻ، سونارا، ڌوٻي، حجام، درزي ۽ ٻيا ڪاريگر پنهنجي فن، مهارت، ڊزائين، نفاست ۽ جديد فيشن سبب مشهور آهن. ان کان علاوه ڊاڪٽر، انجينيئر، قانوندان، بينڪر، پوليس آفيسر، سوشل ويلفيئر آفيسر، پروفيسر ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ اعليٰ عهدن تي رهي، هن شهر جي شخصيتن ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر نالو پيدا ڪيو آهي.

اهي فنڪار جن جي سڃاڻپ هن شهر سان آهي، تن ۾ گلشير تيوٽو، دلشير تيوٽو، جلال چانڊيو، سوڍو فقير لغاري، الہ داد زرداري، محمد يوسف ماڇي، خادم حسين سمون، نورل ماڇي، يوسف پنهور، استاد انورالدين جتوئي، خان صاحب عبدالحميد عباسي، غلام رباني چانڊيو، عبدالرؤف مگسي، محمد شريف، پرويز علي سمون، رجب علي، اعجاز علي، فدا خاصخيلي، حنيف چانڊيو، بالا بلوچ، وزير فرهاد سولنگي، عزيز سابقي، عابد سولنگي، مجاز سولنگي، صائمہ منظور، ماروي سنڌو، نگهت ناز، مهتاب ڪنول، فائزه علي ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن.

موري ۽ ان جي آس پاس جي تاريخي ماڳن مڪانن ۾ نل مير رکڻ، سرٽي ڪوٽ، مخدوم هنگورو، ڳچيرو شهر، ميان نور محمد ڪلهوڙي جا قبا، جهانيان خاندان جا مقبرا ۽ ٻيا تاريخي قبرستان ۽ درگاهون وغيره شامل آهن.

## 2.2 سياسي پس منظر

ساهتي پرڳڻي جو هي تاريخي شهر علم ادب، تاريخ، تجارت ۽ فن سان گڏ، سياسي هلچل جو پڻ مرڪز رهيو آهي. سنڌ ۾ هلايل هر سياسي جدو جهد ۾ موري شهر جو تعلق ضرور رهيو آهي.

موري شهر ۾ سياسي هلچل جو دؤر خلافت تحريڪ کان شروع ٿيئي ٿو، جنهن ۾ قاضي خاندان جي ميان محمد صديق مورائيءَ سنڌ سطح تي نمائندگي ڪئي. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لکي ٿو تہ:

”ان دؤر ۾ ميان نبي بخش، قاضي عبدالخالق ’خليق مورائي‘، قاضي فيض محمد مورائي، قاضي محمد صادق ۽ قاضي محمد صديق پڻ ان سياسي جدو جهد ۾ شامل هئا، جنهن کي

انگريز حڪومت تحريڪ تان روڪڻ لاءِ سخت سزائون ۽ تڪليفون ڏيڻ سان گڏ جيلن ۾ قيد پڻ ڪيو. 17 آڪٽوبر 1919ع جي ڏينهن سڄي هندستان ۾ ترڪيءَ جي سلامتيءَ لاءِ دعائون گهريون ويون، جنهن کي پهريون 'خلافت جو ڏينهن' چيو وڃي ٿو جنهن ۾ گانڌيءَ پڻ مسلمانن جي مطالبن جي حمايت جو اعلان ڪيو". (12)

هن ئي سال يعني 1919ع ۾ "الوحيد" اخبار به جاري ٿي، جنهن هن تحريڪ کي پڻ زور ونرايو. هن تحريڪ جي مضبوطيءَ جي خوف سبب ان وقت جي حڪومت اخبار کي انديا پريس ايڪٽ تحت بندش وجهڻ جو حڪم جاري ڪيو. "الوحيد" اخبار جا ايڊيٽر جن کي لکڻ جي ڪري جيل وڃڻو پيو، تن ۾ موري جو قاضي خدابخش مورائي به شامل هو. محمد منل ڪمالاڻي موري جي سياسي پس منظر بابت لکي ٿو ته:

"انهيءَ دور ۾، موري جي ڪانگريسي هندو ڪارڪنن گانڌي مهراج جي حڪم تي، لوڻ تحريڪ ۾ انگريزن خلاف ڀرپور حصو ورتو ۽ زبردست مظاهرا ڪيا. موري ۾ ڪانگريس جماعت جا تمام برجستا ڪارڪن هوندا هئا، جن جو اڳواڻ سيٺ پهلاج راءِ هوندو هو. 1930ع ۾ انگريزن خلاف هلايل تحريڪ دوران، موري جي هندو سيٺ ولائتي ڪپڙو دوڪانن مان ڪڍي، ٻاهر رستن تي ساڙي ڇڏيو." (13)

اهڙيءَ طرح موري جي سياسي جدوجهد ۾ مردن ۽ عورتن سان گڏ نوجوانن ۽ شاگردن جو پڻ فخر وارو ڪردار رهيو آهي. سال1943ع ۾ جڏهن ٻي عالمگير جنگ لڳي رهي هئي ته موري جي هندن ۽ مسلمانن، مرد خواهه عورتن، انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جلسا ڪيا ۽ تحريڪون هلايون. تحريڪ پاڪستان ۾ هتان جي شخصيتن پڻ سرگرم ڪارڪنن طور ڪم ڪري پاڪستان ناهڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون.

موري جي سرزمين کي جتوئي خاندان جي سياست پاڪستان سطح تائين تمام گهڻي شهرت پڻ ڏني. تحريڪ پاڪستان ۾ پڻ ضلعي نواب شاهه کي هن خاندان مقبول بڻايو. اڳوڻي ضلعي نواب شاهه ۽ هاڻوڪي ضلعي نوشهري فيروز جي سياست ۾ "جتوئي خاندان" جي سياست حاوي رهي آهي.

غلام مصطفيٰ خان جتوئي 1970ع واري اليڪشن ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جي دؤر حڪومت ۾ مواصلات جو مرڪزي وزير ۽ بعد ۾ سنڌ جو وزير اعليٰ بڻيو. 1973ع ۾ ضياءَ جي مارشل لاڳو ٿيڻ ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ غلام مصطفيٰ جتوئيءَ اڳواڻ جي حيثيت ۾، هن شهر جي عوام جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ مردن ۽ عورتن ۾ بيداري پيدا ڪئي. 1990ع ۾ بينظير ڀٽو جي حڪومت جي خاتمي سبب غلام مصطفيٰ

جتوئي عبوري وزيراعظم مقرر ٿيو. غلام مجتبيٰ خان جتوئي پڻ سال 1970ع واري عام چونڊن ۾ سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو.

جمالي خاندان جي خان محمد جماليءَ پڻ 1983ع ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ تحريڪ استقلال سنڌ جي صدر طور هڪ وڏي جلوس جي صورت ۾ موري پهچي، هن تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ، پ پ پ جو مخلص ورڪر ۽ وفادار ليڊر پڻ رهيو. سال 1993ع ۾ سندس پ پ پ لاءِ وڏيون خدمتون رهيون. حاجي رحمت الله بهڻ 1962ع ۾ بي ـ ڊي اليڪشن دؤران جتوئي خاندان سان ناتا ٽوڙي پير صاحب پاڳاري سان تعلقات قائم ڪري، ضيا جي دؤر ۾ پاڻ مجلس شوريٰ جو ميمبر رهيو. 1988ع ۾ قومي اسيمبليءَ واري سيٽ تي پ پ پ جي ٽڪيٽ تان ڪامياب ٿيڻ سان گڏ، 1993ع ۾ پاڻ صوبائي اسيمبليءَ جو اميدوار پڻ ٿيو.

سياسي لحاظ کان هن شهر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو، غلام مصطفيٰ خان جتوئي. آصف علي زرداري، سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، سائين امداد محمد شاهه ۽ ٻيا ڪيترائي نامور سياستدان ۽ شخصيتون مختلف وقتن تي ايندا رهيا ۽ موري جي عوام جي سياسي شعور ۽ جاڳرتا ۾ اضافو ڪندا رهيا.

اهڙيءَ طرح جتوئي، جمالي ۽ بهڻ خاندان جا فرد، جن ۾ غلام مرتضيٰ خان جتوئي، عارف مصطفيٰ جتوئي، مسرور خان جتوئي، غلام رسول "عاقب خان جتوئي"، غلام مصطفيٰ جمالي، غلام محمد جمالي، فيرز خان جمالي، رياض احمد جمالي، ذوالفقارعلي بهڻ کان علاوه چام قرار، جان محمد سرهيو ۽ ٻيا سياسي حوالي سان ڪيترن ئي سياسي عهدن تي فائز رهي سياسي خدمتون سر انجام ڏيندا رهيا آهن.

ماضي بعيد کان اڄ تائين هن شهر ۾ سياسي تحريڪن يا سياست ۾ جيڪي پارٽيون سرگرم عمل رهيون، تن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي، نيشنل پيپلز پارٽي، پاڪستان نيشنل پارٽي، جماعت اسلامي، مسلم ليگ، تحريڪ استقلال، سنڌ هاري ڪاميٽي، سنڌ مزدور تحريڪ، مهاجر قومي مومينٽ، سنڌ بلوچ پختون فرنٽ، مهاجر اتحاد تحريڪ، سنڌي پورهيت تنظيم، سنڌ پنجاب آبادگارايسوسيئيشن، ليبر پارٽي، عوامي نيشنل پارٽي، جسمم، جسقم، جساف، عوامي ورڪرس پارٽي، عوامي تحريڪ، سنڌ ترقي پسند پارٽي، وطن دوست انقلابي پارٽي، سنڌ ساگر پارٽي، قومي انقلابي پارٽي ۽ ٻيون شامل آهن.

## شاگرد سياست

پاڪستان جي تحريڪ ۾ شاگردن جو ڪردار نهايت ئي مثالي رهيو آهي. پاڪستان جي تحريڪ ۾ هن شهر جي شاگردن پڻ ڀرپور حصو ورتو. شاگرد سياست متعلق محمد منل ڪمالاڻي لکي ٿو ته:

”ورهاڱي کان پوءِ 1952ع ۾ موري جي شاگردن ’ديس شيوڪ سنگت‘ جي هڪ تنظيم قائم ڪئي. اڳتي هلي 1953ع ۾ ’مورو اسٽوڊنٽس فيڊريشن‘ تنظيم ناهي وئي جنهن جون شاخون حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پڻ قائم ڪيون ويون.“ (14)

شاگرد سياست ان وقت ڪاليج ۽ يونيورسٽين اندر شاگردن جا مسئلا، پاڻ ۾ همدردي، ٻڌي اتحاد، قومي ڪمن ۽ جلسن جلوسن جي ذريعي سياسي ۽ قومي شعور جي بيداريءَ کان علاوه ون يونٽ تحريڪ لاءِ پڻ منظم آواز اڀاريو. موري جي ان وقت جي شاگرد سياسي پارٽين هر پليٽ فارم تان سياسي سجاڳي ۽ شعور پکيڙي، سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻي حيثيت بحال ڪرائڻ واري نعراءَ کي سامهون آڻي آواز اٿاريو.

”1970ع ۾ شاگرد تحريڪ جو اڀار آيو جنهن ۾ موري جي شاگرد تنظيم ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن، قومپرست گروپ، سنڌ ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن، حر اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، اسلامي جميعت طلبه وغيره جهڙيون تنظيمون سرگرم عمل رهيون“. (15)

شاگرد سياست تحريڪ ۽ قومپرست تحريڪ ۾ موري جي ڪيترن ئي ان وقت جي شاگردن جن ۾ سڪندر زمان ميمڻ، شوڪت حيات قاضي، عبدالعليم، هارون سومرو، انورالدين ميمڻ، بشير ميمڻ، نذير ميمڻ، مظهر مورائي، غلام نبي مورائي، مشتاق قاضي، علي گل عباسي، شفيع محمد سيال، منظور احمد ميمڻ، شمس الدين ڪورائي، غلام قادر جوکيو، عبدالعزيز شيخ، عظيم سنڌي، راشد مورائي، غلام شبير ميمڻ، محمد ايوب ڪورائي، نصرالله سنڌي، محمد منل ڪمالاڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي موري جي شاگرد سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

”موري جي ان شاگرد ۽ قومپرست تحريڪ جو شهيد عبدالرزاق سومرو پڻ ڀرپور حامي رهيو. جنهن کي پولي ٽيڪنڪ ڪاليج جي غير سنڌي انتظاميه سندس واحد سنڌي استاد هجڻ ۽ سنڌي شاگردن جي دفاع لاءِ سرگرم رهڻ ڪري 7 آگسٽ 1972ع ۾ پولي ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ حيدرآباد ۾ غير سنڌي سامراج جي سازش جو شڪار ٿي شهيد ٿيو“. (16)

موري جي تاريخ جو هي منفرد واقعو هو، جنهن موري کان علاوه سموري سنڌ خاص طور قومپرست جماعتن کي دلي صدمو پهچايو.

## 2.3 سماجي پس منظر

وقت گذرڻ سان گڏ جڏهن هن شهر جي آباديءَ ۾ واڌارو آيو، تہ هندن ۽ مسلمانن گڏجي هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي باقائدگيءَ سان رٿا بندي ڪئي. مسلمانن ۽ هندن الڳ الڳ پنهنجون جايون ۽ عبادت لاءِ مسجد مندر قائم ڪيا. محمد منل ڪمالاڻي ان دور جي سماجي پس منظر بابت لکي ٿو تہ:

”ان دور ۾ مورو شهر، بنارس ڪاشيءَ جي پيٽ لاءِ ويندڙ ساڌن جو مذهبي مرڪز هوندو هو. هن سرزمين تي شيعي ۽ سني جو ڪو بہ تصور نہ هو. موري جي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان سماجي خدمتن لاءِ هندن طرفان ”هندو پئنچائت“ نالي هڪ تنظيم جي شاخ طور قائم ٿي، جنهن طرفان هندو جاتي جي عوام لاءِ ٽڪاڻن ۾ پانشالائون، مسافر خاني جي سنڀال، گئوشالي جي نظرداري ۽ ٻيا عام خيراتي ڪم ڪيا. ميرن جي آخري دور ۾ موري ۾ مسجدون، مڪتب ۽ مدرسا قائم ٿي چڪا هئا، جن ۾ عالم سڳورا عربي ۽ فارسيءَ جي پڙ ديني تعليم ڏيندا هئا. هندن ۽ مسلمانن ۾ ايڪو اتحاد هو. مذهبي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ رواداريءَ جا اصول سامهون رکندا هئا. مذهبي تهوار ۽ خوشيون وغيره ملهائيندا هئا. سال 1939ع ۾ موري جي مسلم آباديءَ ”مسلم جماعت“ قائم ڪئي، جنهن مسلم راڄ کان چندا گڏ ڪري جنازي نماز پڙهڻ لاءِ جاءِ نهرائي. عيدگاهہ جي مرمت کان علاوه ڇاجي مل جي کوهہ وٽ وڏي هڪ خيرات پڻ ڪندي هئي“. (17)

سال 1942ع ۾ ليبرپارٽيءَ جي قيام ٿيڻ کان پوءِ مٿين ساڳي نوعيت جي ڪمن کان علاوه هيءَ تنظيم مختلف سماجي ڪمن سان گڏ سياسي سرگرمين ۾ بہ حصو وٺندي رهي. اڳتي هلي هن تنظيم کي 80 واري ڏهاڪي کان وڏي عرصي تائين مخدوم رشيد احمد ۽ ٻين ساٿين نئين انداز سان متحرڪ ڪري مزدورن جي حقن لاءِ جاکوڙيو. مخدوم رشيد مزدورن جي جدوجهد لاءِ سرمائيداري ۽ سامراجي نظام ۽ پورهيت طبقي جي استحصال خلاف پاڻ پتوڙيو.

ورهاڱي کان پوءِ موري ۾ سماجي ڪمن ۽ سماجي مسئلن جي حل لاءِ جيڪي سماجي تنظيمون ۽ ايسوسيئشنس قائم ٿيون تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

### مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽي

سيد علي بخش شاهہ قاضي نذير احمد ۽ ٻين موري جي سلجهيل پڙهيل ساٿين سال1964ع ۾ ”مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽي“ نالي هڪ فلاحي تنظيم رجسٽرڊ ڪرائي. هن تنظيم ”مهراڻ انٽرميڊيئيٽ آرٽس ڪاليج“ قائم ڪري ڪاليجي تعليم جو بنياد رکيو. هن ڪاليج ۾ محمد ايوب وينجهر پهرين اعزازي

پرنسپال جي حيثيت سان 1964ع کان 1967ع تائين خدمتون سرانجام ڏنيون. بعد ۾ سيد علي بخش شاهه ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو.

## سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن

هيءَ تنظيم سن 1970ع ڌاري شهيد عبدالرزاق سومري جي ڪوشش سان قائم ٿي. جنهن ۾ شاگردن کي مفت ڪتاب ورهائڻ ۽ غريب شاگردن کي فيون ڏئي پڙهائڻ کان علاوه ٻين سماجي ڪمن، جنهن ۾ "اداره آئينہ ادب" جي سهڪار سان سنڌيالاجيءَ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جهڙا سماجي ڪم شامل هئا.

## سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت

هيءَ تنظيم خان محمد پنهور ۽ رسول بخش ٻگهيي گڇيرائيءَ جي گڏيل ڪاوشن سان وجود ۾ آئي. 1971ع ۾ هن تنظيم پاران گڇيري ۾ بوائز مڊل اسڪول، جيڪو بعد ۾ رسول بخش گڇيرائيءَ جي ڪاوشن سان هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتو، لاءِ پلاٽ، فرنيچر ۽ ٻيو سامان پنهنجي مدد پاڻ تحت ميسر ڪيو ويو. 1982ع ۾ گڇيري پراڻي ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جي شاخ جو بنياد رکيو ويو جنهن جو صدر شهيد نثار منگي ٿيو. هن تنظيم پاران علم و ادب، صحت ۽ سماجي خدمتن بابت جاڳرتا جا ڪيترائي پروگرام ۽ سيمينار ڪرايا ويا. مردن ۽ عورتن لاءِ جدا جدا مفت ڪئمپون، دوائن جي فراهمي، مريضن لاءِ ڪاڏو، هاءِ اسڪول گڇيري ۾ لائبريري جو قيام، پبلڪ لائبريريءَ جوقيام، عورتن لاءِ "مارئي لائبريري" جي قيام جهڙا سماجي ڪم شامل هئا. 1984ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت لغاري بجراڻيءَ پاران سماجي شعور لاءِ هڪ ثقافتي ميلو منعقد ڪرايو. رسول بخش ٻگهيي جي ڪاوشن سان ڳوٺ ملو اسماعيل ٻگهيي، رحيم چنڊ (هيسب) ارگو ٻگهيي، جمن ٻگهيي، عرض محمد لغاري ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جون شاخون قائم ڪري، مقامي ماڻهن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرڻ ۽ سماجي خدمتن جو شعور ڏنو. جنهن سان مقامي ڳوٺن کي بجلي، صحت، تعليم ۽ روڊن رستن جهڙيون ڪيتريون ئي سهولتون ميسر ٿيون. اهڙيءَ طرح موري شهر ۾ مزدور يونين، ميونسپل ليبر يونين، ايريگيشن يونين، هاءِ ويز يونين، رڪشا يونين، رازا مزدور يونين، درزي ويلفيئر ايسوسيئيشن، وڊ ورڪس ويلفيئر ايسوسيئيشن، بنا مزدور يونين، ٻيڙي مزدور يونين، اسڪارپ يونين، مزدور يونين النور ايم ڊي ايف، محنت ڪش ليبر يونين، واپڊا هائڊرو اليڪٽرڪ سينٽر ليبر يونين، مورو مرچنٽ ايسوسيئيشن کان علاوه تعليمي تنظيمن جهڙو: پ، ٿ الف، گستا ۽ ٻين سماجي تنظيمن، تحريڪن ۽ يونينن جي اڳواڻيءَ ۾ هن شهر جي نوجوانن جو متحرڪ ڪردار رهيو آهي.

**سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا)**

سن 1976ع ۾ سماجي ڪمن ۽ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ محمد خان سومري جي ڪوششن سان هيءَ تنظيم قائم ٿي، جنهن جو پهريون صدر محمد ايوب وينجهر ۽ جنرل سيڪريٽري محمد خان سومرو ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا. هن تنظيم پاران مفت طبي مشورا، اکين جي ڪئمپ، اسڪولن ۾ ڪتاب، پنکا ورهائڻ، پاڻيءَ جو بندوبست ۽ لئبريري جي قيام سان گڏ پڙهيل لکيل طبقي جي شعور جهڙيون خدمتون شامل آهن.

1978ع ڌاري سگا شاخ موري پاران مختلف سرڪاري پرائمري اسڪولن اندر 10 عدد پنکا، 15 عدد واٽر ڪولر، 6 عدد پاڻيءَ لاءِ سيمنٽ جون ٽانڪيون، اکين جي مفت ڪئمپ، مفت دوائون، چمڙي، هيپاٽائيٽس جون ڪئمپون لڳرائڻ، شاگردن ۾ مختلف تقريري مقابلا، ڪجھ نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ سان گڏ ليڪچر پروگرام، ڪتابي ۽ ثقافتي ميلا منعقد ڪرائي نوجوانن جي شعوري آبياري ڪئي وئي. سگا شاخ مورو هن وقت علمي، ادبي، سماجي ۽ فنون لطيفہ سان وابسط شخصيتن سان رهاڻيون، ورسيون ۽ تعزيتي ميڙاڪن جهڙيون سرگرميون ڪرائي رهي آهي.

سگا جي سماجي تحريڪ ۾ اسدالله ڪيڙو بہ اڳيرو رهيو آهي. هن حياتيءَ ۾ 70 ايڪڙ زمين پنهنجي هارين کي تحريري طور مالڪاڻا حق ڏئي ورهائي ڇڏي. 1983ع ۾ سگا مٿان وفاقي سرڪار جي پابنديءَ هوندي ڏکين حالتن ۾ هُن چيئرمين جي حيثيت ۾ سگا کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪنوينشن ڪرائڻ کان علاوه، مختلف ميڊيڪل ڪئمپون پڻ لڳرايون. ولي محمد روشن ۽ پروفيسر مظهر الدين ميمڻ پڻ مثالي ڪردار ادا ڪيو. پروفيسر مظهرالدين ميمڻ، سگا جي تاريخ ۾ ابتدا کان وٺي پنهنجي حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين زندگيءَ جا 28 سال سماجي خدمت ۾ گذاريا. پاڻ سگا شاخ ڪراچيءَ جو 4 سال جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. بعد ۾ سگا جي مرڪزي عهدن تي بہ رهيو. هن نياڻين جي تعليم ڦهلائڻ، سگا جي بنياد کي مضبوط ڪرڻ، روشن تارا اسڪول جي نيٽ ورڪ کي سگهارو ڪري ڪاميابين ڏانهن گامزن ڪيو. سندس جنرل سيڪريٽريءَ واري دور ۾ سگا جي 84 شاخن مان وڌي 101 شاخون ٿيون. سنڌ ۾ انقلابي تبديليءَ لاءِ تعليم پکيڙڻ جي ڪارج تحت اسڪول کوليائين. سنڌ ۾ مورو شهر جڏهن شاگرد تحريڪ جو اهم مرڪز هو، تہ مظهرالدين ميمڻ انهن سجاڳ شاگردن ۾ پڻ شامل هو. اشارت حسين ميمڻ پڻ سگا جي ورڪر طور سماجي ڪم ڪيو. هن 2018ع ۾ ”سگا ساٿي“ ڪتاب سهيڙي مرتب ڪيو.

سال 1976ع کان اڄ تائين سگا شاخ موري جا اهي صدر ۽ جنرل سيڪريٽري، جن هن پليٽ فارم تان سماجي خدمتون سر انجام ڏنيون آهن، تن ۾ محمد ايوب وينجهر، محمد خان سومرو، ڊاڪٽر شبيرالدين ميمڻ، پروفيسر نذير احمد قاضي، عظيم سنڌي، پروفيسر واحد بخش شيخ، ڊاڪٽر محمد لائق

زرداري، شفيع محمد ميمڻ، غلام رسول سرهيو، ڊاڪٽر محمد سليمان سولنگي، ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ، عبدالحميد ميمڻ، نثار احمد ميمڻ، ڄام انيس الرحمٰن، شفيق احمد ميمڻ، عبدالمجيد ميمڻ، اياز محمد راٺو، حفيظ الرحمٰن شيخ، غلام نبي سيال، نظر حسين ميمڻ، فقير عبدالجبار ميمڻ، رضا ايوب لانگاهه، غلام رضا ميمڻ، محمد حنيف سومرو، غلام الله ميمڻ، شفيع محمد پيتي، وزير فرهاد سولنگي، اسلم عباسي، ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو، پروفيسر شمشاد احمد سومرو ۽ ٻيا شامل آهن.

**سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي**

سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي 1983ع ۾ وجود ۾ آئي، جنهن جا سرگرم ڪارڪن آفتاب ٻگهيو، عظيم سنڌي، نذير احمد قاضي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، غلام محمد لاکو ۽ ٻيا هئا. هن سوسائٽيءَ نل مير رڪڻ جي قديم آثارن جي چوڏاري لوهي جهنگلو لڳرائڻ ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي مقبرن جي تحفظ لاءِ تاريخي سيمينار ڪرائي، آثار قديمه کي بچائڻ لاءِ پڻ ڪوششون ورتيون.

**مورو سماجي تنظيم**

هن تنظيم جو بنياد رسول بخش ٻرڙي، غلام رسول ملڪ، عبدالرزاق مستوئي ۽ ٻين ساٿين جي گڏيل ڪوشش سان 1985ع ۾ پيو. هن تنظيم ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا، جن ۾ سماجي براين خلاف جاڳرتا، ريلين ۽ اصلاحي خاڪن جي ذريعي ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ جهڙا ڪم شامل هئا.

**يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت مورو**

موري ۾ پهريائين "الفلاح" نالي سان ميمڻ برادريءَ جي انجمن قائم هئي، جنهن جا بنيادي سرگرم ڪارڪن سيٺ حاجي محمد ۽ عبدالخالق ميمڻ هئا. بعد ۾ مظهر الدين ميمڻ جي ڪوشش سان ان جماعت جو آل پاڪستان يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت سان الحاق ڪيو ويو. هن جماعت جي فلاحي ڪمن ۾ خيراتي زناني اسپتال جو قيام، هنري اسڪول جو قيام، غريبن شاگردن لاءِ اسڪالرشپ، ڪميونٽي سينٽر لاءِ 25 هزارن جو پلاٽ، تاج مسجد لاءِ ان دؤر ۾ 5000 هزارن جي امداد ۽ ٻيا فلاحي ڪم شامل هئا.

**حاجي پليڏنو ميمڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن**

هيءَ تنظيم 2007ع تي غلام محي الدين مورائيءَ پنهنجي والد جي نالي سان قائم ڪئي. چئن ڪمرن تي مشتمل آفيس جو افتتاح سرپرست اعليٰ غلام نبي مورائيءَ 2008ع تي ڪيو. هن تنظيم ڀاران سماجي ڪمن ۾ هر پندرهين ڏينهن غريبن کي ڪاڏي جي فراهمي، 188 مسڪين نياڻين کي ڏاج ڏيڻ جي مدد، ماهوار 100 گهرن تائين راشن جي فراهمي ۽ سار سنڀال، مختلف بيمارين جهڙوڪ: گڙدي، دل، هيپاٽائٽس، شگر، بلڊپريشر ۽ آنڊي جهڙين بيمارين ۾ مبتلا غريب مريضن جو علاج ڪرائڻ، 20 غريبن شاگردن کي سالانه تعليمي خرچ فراهم ڪرڻ جهڙا سماجي ڪم شامل آهن. ان کان علاوه ٽن سالن ۾ هن

تنظيم پاران 140 نياڻين کي تربيتي سکيا ملي. 14 نياڻين کي سلائي مشينن جي فراهمي، سالانہ عيدن تي مستحق ماڻهن کي سلائي ٿيل ڪپڙا ڏيڻ، سرديءَ جي موسم ۾ سوڙين ۽ گرم ڪپڙن جي فراهمي، سالانہ چمڙيءَ ۽ شگر جي ڪئمپن جي اهتمام، مفت چڪاس، دوائن ۽ ڪاڏي جي فراهمي، رت جي عطيي، بي گهر ماڻهن کي گهر ٺهرائي ڏيڻ يا گهر ٺهرائڻ ۾ مالي مدد ڪرڻ، بي روزگارن کي روزگار ڏيارڻ، ڪيترين ئي موذي بيمارين خلاف واڪ ۽ جاڳرتا مهم ۽ مثالي استادن کي مان ڏيڻ جهڙا ڪيترائي ڀلائي جهڙا مثالي ڪم ۽ خدمتون هن تنظيم پاران اڄ بہ جاري آهن.

80 ۽ 90 وارن ڏهاڪن ۾ موري جي سماجي خدمتگارن ۾ عبدالحق ميمڻ قومي تحريڪ ۾ شاندار ڪم ڪيو. هن پنهنجي جدوجهد جي ڪيتر ۾ استادن جي تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت جي سرگرمين توڙي سماجي خدمتن، جنهن ۾ ٻوڏ ستايلن جي مدد، مريض زخمين جي علاج ۽ رت جي ضرورت وغيره جهڙين سرگرمين ۾ عملي طرح خاموش خدمتگار طور ڪم ڪيو. 1988ع ۾ ٻانڊي روڊ وٽ بس ۽ ريل گاڏيءَ جي حادثي ۾ ڪافي ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا هئا. عبدالحق 24 ڪلاڪ ان حادثي ۾ زخمين جي خدمت ۾ گذاريا. موري ۾ مختلف وقتن تي لڳندڙ طبي ڪئمپن ۾ پڻ هن شخص بي لوث خدمت ڪئي. ٻين سماجي خدمتگارن ۾ غلام محي الدين مورائي، حاجي نثار احمد ميمڻ، سندس والده جيجي ممل ميمڻ، نذر حسين ميمڻ ۽ ٻيا بہ قابل ذڪر آهن. هن شهر جي ربناڻي خاندان جو شخص برگيڊيئر غلام رسول ميمڻ پهريون سنڌي فوجي آفيسر ٿيو، جنهن ضياءَ الحق جي دور ۾ برگيڊيئر جي وڏي پوسٽ تي ترقي ماڻي. پاڻ موري جي تقريباً 100 کان مٿي بيروزگارن کي سول توڙي آرميءَ ۾ ڀرتي ڪرائڻ، شهر جي غريب خاندانن جي مالي مدد ڪرڻ کان علاوه ڪيترن ئي يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ نوجوانن کي تعليمي اخراجات ۾ مالي مدد ڪرڻ سان گڏ موري شهر ۾ مدرسن ۽ مسجدن تعمير ڪرڻ جهڙا سماجي ڪم پڻ ڪيا. اهڙيءَ طرح موري ۽ ان جي آس پاس ٻيون ڪيتريون ئي سماجي تنظيمون اڄ بہ هن شهر جي عوام لاءِ خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن.

## 2.4 قومي ۽ سياسي تحريڪن جو ڪردار

شروع کان ئي سنڌ سان ظلم ۽ هاجا ٿيندا رهيا آهن. ملڪ نهڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي سموري تاريخ ان ڳالهہ جي چٽي شاهد آهي تہ اهڙي هر ظلم خلاف سنڌ جي قلمڪارن سان گڏ موري جي شاعرن ۽ اديبن پڻ مهاڏو اٽڪايو آهي. هي شهر بہ وقت جي انقلابين جو ڳڙه رهيو آهي، جن پنهنجي ملڪ ۽ ڌرتيءَ جي بقا لاءِ جنگيون لڙيون آهن. برصغير ۾ سياسي ۽ قومي تحريڪن واري دؤر ۾ ڪيتريون ئي سوسائٽيون ۽ تحريڪون نهيون. سنڌ ۾ جن تحريڪن جو اڀار آيو، تن ۾ مورو شهر پڻ انهن ڪيترين ئي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ثقافتي تحريڪن جي اڳواٽي ڪندڙ ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هن شهر بلالي تحريڪ،

مذهبي تحريڪ، خلافت تحريڪ، سنڌ کان بمبئيءَ جي علحدگيءَ جي تحريڪ، پاڪستان تحريڪ، ون يونٽ تحريڪ، ايم آر ڊي تحريڪ، سنڌي ٻوليءَ جي بحاليءَ ۽ جمهوري تحريڪ، اڄ ڏينهن ڏينهن تائين به شاگرد تحريڪ جهڙين ڪيترين ئي قومي طبقاتي تحريڪن ۾ مرڪزي ۽ متحرڪ ڪردار ادا ڪري، وڏي بهادريءَ سان پنهنجي ڌرتيءَ سان وفا جو وچن پاڙيو آهي. سر جو سانگو لاهي ويرين سان اخلاقي جنگ جوٽي شهادتون به ماڻيون آهن ته سوڀون به، جن ۾ شهيد عبدالرزاق سومري جهڙا عظيم ڪردار به آهن. ڪجھ تحريڪن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

### 1. بلالي تحريڪ

موري شهر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ اولھ ڪنڌ تي سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر گچيرو، سمن جي دؤر ۾ اسلام ۽ وطن جي آزاديءَ جو مرڪز رهيو. مخدوم هنگوريؒ جي تبليغ جي ڪري اهو سارو انقلاب آيو، جڏهن سنڌ ۾ مخدوم بلال جي هلايل ”بلالي تحريڪ“ جو مخدوم هنگوريؒ کي سپھ سالار مقرر ڪيو ويو. مخدوم هنگوري هتي” بلالي تحريڪ “ جو مرڪز قائم ڪري تحريڪ کي زور ونرايو، جيڪا سندس ئي مريدن ۽ معتقدن شروع ڪئي جنهن جي اڳواڻي پاڻ ڪيائون. اهو بلالي تحريڪ جو ئي نتيجو هو، جو ميران محمد جونپوري سنڌ مان قنڌارطرف وڃڻ تي مجبور ٿيو. مخدوم بلالؒ جڏهن گهاڻي ۾ پيڙهڻ جي فتويٰ جاري ڪئي وئي ته سنڌ ۾ هڪ پُرزورُ تحريڪ هلي، جنهن ارغونن جي حڪومت کي پريشان ڪري وڌو. مخدوم هنگوري اڳواڻ جي حيثيت ۾ ارغونن سان جنگيون لڙيون ۽ دولھ درياءَ خان جي سياسي ۽ روحاني طاقت ٻڻجي تحريڪ کي زور ونايو.

> ”ٺٽيءَ جي ٻي لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن مخدوم بلال کي 30 صفر المظفر 931 هجريءَ تي گهاڻي ۾ پيڙي شهيد ڪيو ويو ته مخدوم هنگوريؒ کي بلالي تحريڪ جي سپھ سالار جي حيثيت ۾ 3 ربيع الاول 931 هجريءَ تي شهيد ڪيو ويو“. (18)

اهڙيءَ طرح بلالي تحريڪ ۾ مخدوم ساهڙ لنجار، مخدوم ساند، مخدوم حيدر شاھ سنائيءَ جهڙن بهادرن پڻ هن تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

### 2. مذهبي تحريڪ

مذهبي تحريڪن ۾ سنڌ سميت موري جو به اهم ڪردار آهي. مذهبي تحريڪ ۾ مذهب جي پرچار ۽ ان جي بچاءَ لاءِ قلم کان ڪم ورتو ويو. مذهبي تحريڪ بابت ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لکي ٿو ته:

> ”موري ۾ ديني تعليم جو سِهرو قاضي خاندان تي هو. انهن قاضي بزرگن جون تحريرون، تقريرون ۽ فتوائون پڪيون ۽ پختيون هيون. ديني مدرسن، درس و تدريس ۽ ديني علم جي روشني پکيڙڻ سان گڏ قاضي خاندان سوين عالم پڻ پيدا ڪيا“. (19)

**3. خلافت تحريڪ**

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ ڪانگريس جڏهن"سوراج" جي مهم شروع ڪئي، تہ مسلمانن وري "خلافت تحريڪ" جو بنياد وڌو، جنهن جي قيادت مولانا سيد تاج محمود امروٽيءَ سنڀالي. سنڌ مان جيڪي اڳواڻ هن تحريڪ ۾ شامل ٿيا، تن ۾ موري مان قاضي خدابخش مورائي بہ هو. ضلعي نواب شاهہ ۾ خلافت تحريڪ جي اڳواڻي موري جي جن قاضي صاحبن ڪئي، تن ۾ قاضي خدا بخش، قاضي عبدالخالق 'خليق مورائي' قاضي محمد صديق ۽ قاضي نبي بخش شامل هئا. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري خلافت تحريڪ جي آغاز بابت لکي ٿو تہ:

"هيءَ تحريڪ 1919ع ۾ شروع ٿي، جنهن جا مرڪزي اڳواڻ مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي جوهر ۽ گانڌي هئا. قاضي خدابخش مورائي هندستان جي مسلمان شاگردن ۾ موري مان هڪ سنڌي شاگرد هو، جيڪو علي ڳڙهہ ڪاليج يونين جو نائب صدر هو. قاضي صاحب، مولانا محمد علي جوهر سان گڏ پوري هندستان جو دؤرو ڪيو ۽ تقريرون پڻ ڪيون. انهن باغيانہ تقريرن جي ڪري بغاوت جي ڏوهہ ۾ ڪيس جيل ۾ قيد ڪيو ويو". (20)

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري انهيءَ ساڳئي مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

"قاضي خدا بخش مورائيءَ کي مهاتما گانڌيءَ سندس ذهانت جي ڪري آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ ڪيو هو. موري مان قاضي خدابخش، قاضي محمد صديق، 'خليق' مورائي، قاضي نبي بخش جهڙن اڳواڻن کي انگريز حڪومت سخت سزائون، جيل ۽ ٻيون تڪليفون پڻ ڏنيون. موري مان "خليق مورائي" خلافت تحريڪ جي حمايت لاءِ ترڪيءَ جي خليفي سلطان وحيد الدين جي نالي پويان اخبار جو نالو 'الوحيد' رکڻ جي تجويز ڏني هئي جيڪا قبول ڪري 'الوحيد' اخبار جاري ڪئي وئي. هن اخبار خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي ۽ پاڪستان جي جدوجهد ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو". (21)

قاضي خدا بخش 'الوحيد' اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهيو. ان کان علاوه پاڻ 1935ع ۾ ڪراچيءَ جو پهريون مسلمان ميئر پڻ چونڊيو ويو. ان زماني ۾ سنڌ بمبئي سان گڏيل هئي. ان سبب جي ڪري سنڌ جي مسلمانن کي اقتصادي ۽ سياسي نقصان وڏيڪ رسي رهيو هو. ان ڪري سنڌ جي مسلمانن بمبئيءَ کان سنڌ جي علحدگيءَ جي تحريڪ هلائي، جنهن جي هندن سخت مخالفت ڪئي. آخر، سنڌ جي مسلمانن جي بي انتها جدوجهد سان 1936ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿي جدا صوبو بڻيو. پاڪستان جي تحريڪ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان پوءِ زور سان اڀري، جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن اهم ڪردار ادا ڪيو. 1938ع ۾

سنڌ جي صوبائي مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو. سڄي هندستان ۾ پهريون پيرو سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ 1943ع ۾ پاڪستان جي قيام جو ٺهراءُ پاس ڪيو، جيڪو سائين جي ايم سيد پيش ڪيو هو.

**4. پاڪستان تحريڪ**

پاڪستان تحريڪ ۾ موري، گڇيري ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن جي ڪيترين ئي شخصيتن ڀرپور حصو ورتو، جن ۾ قاضي فيض محمد، تاج محمد ٻگهيو، رئيس افضل خان ڪيڙو، رئيس امام بخش خان جتوئي ۽ ٻين ڪيترن ئي ڀرپور جدوجهد سان پاڪستان ناهڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. تحريڪ پاڪستان ۾ موري جي حصي بابت ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لکي ٿو ته:

”نوان جتوئي شهر مان رئيس امام بخش خان جتوئي، جنهن کي انگريز سرڪار 1936ع ۾ خان بهادر جو لقب ڏنو هو، جا قائداعظم سان ويجهڙائيءَ وارا تعلق هئا. ضلعي نواب شاهه مان سنڌ مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي قاضي فيض محمد ۽ خان بهادر امام بخش جتوئي هئا، جن جو تعلق موري سان هو“. (22)

قاضي فيض محمد، جنهن کي عوام کان علاوه قائداعظم ۽ لياقت علي خان به ”چاچا پاڪستاني“ جي نالي سان سڏيندا هئا، جو پاڪستان تحريڪ ۾ اهم ڪردار هو. تحريڪ پاڪستان ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ شخصيتن بابت ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لکي ٿو ته:

”رئيس افضل خان ڪيڙي پڻ مسلم ليگ جي برانچ پنهنجي ڳوٺ مَلَڪَ ۾ قائم ڪرائي. جتوئي خاندان پڻ ضلعي نوابشاهه ۾ مسلم ليگ جون برانچون قائم ڪرايون. ان کان علاوه موري مان جان محمد عطار، محمد هاشم ملنگ، غلام رسول خان جتوئي، قاضي محمد سيف، عبدالله خان سومرو، مولوي علي گوهر قريشي، حاجي محمد صالح ميمڻ جهڙن ڪارڪنن ۽ موري جي عوام پاڪستان تحريڪ ۾ قربانيون ڏئي پاڪستان حاصل ڪيو“. (23)

**5. ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ**

سال 1954ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ جي نتيجي ۾ اولهه پاڪستان ۾ موجود سڀئي صوبا ختم ڪيا ويا. نتيجتاً سنڌ جيڪا طويل جدوجهد کان پوءِ بمبئيءَ کان آزاد ٿي هئي، 19 سالن کان پوءِ ٻيهر ڪيس جدا گانه تشخص کان محروم ڪيو ويو. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ماڻهن جي زمينن تي ٻاهرين ماڻهن جي يلغار شروع ٿي. ٻولي ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ وارن جيلن کي روڪڻ لاءِ با شعور سنڌي عوام ون يونٽ جي خلاف احتجاجي مهم شروع ڪئي. سنڌ جي مختلف شهرن کان علاوه موري جي عوام ۽ شاگردن پڻ جلسا احتجاج ۽ مظاهرا شروع ڪيا.

سال 1955ع کان 1980ع تائين هتان جو ادب ۽ اديب پڻ انهيءَ سياسي ڇڪتاڻ، معاشي ناهمواريءَ ۽ مذهبي مونجهارن ۾ ونجي ويو. هن دور ۾ هتان جي شاگردن تي بيدرديءَ سان لٺيون وسايون ويون. سنڌي شاگردن ۽ انهن جي اڳواڻن کي تارچر جو نشانو بنايو ويو ۽ کين جيلن ۾ قيد ڪيو ويو. بنياد پرستيءَ ۽ مذهبي ڪٽر پڻي جي ڏکهي دور جو بنياد وڌو ويو. موري شهر جي گهٽين ۽ اهم چونڪن تي جيئي سنڌ، ون يونٽ ٽوڙيو، مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون جا نعرا لکيا ويا. هن تحريڪ ۾ سڪندر زمان ميمڻ ۽ ٻين شاگردن تي ڪيس پڻ رجسٽرڊ ڪيا ويا. شاگردن ون يونٽ ٽوڙيو تحريڪ دوران مظاهرا، جلسا، هڙتالون ۽ جلوس ڪڍي ”ون يونٽ ٽوڙيو“، ”سنڌي ٻولي قومي ٻولي“ جا نعرا هڻي، عوام کي بيدار ڪيو. 14 آڪٽوبر 1969ع تي سڄي سنڌ ۾ ون يونٽ خلاف ڪارو ڏينهن ملهايو ويو، جنهن ۾ موري جي شاگردن ڀرپور حصو ورتو. ان کان علاوه، سنڌي ٻوليءَ ۾ لسٽن شايع ڪرڻ خلاف پڻ سنڌ گير مهم هلائڻ جي ڀرپور حمايت ڪئي وئي. اهڙيءَ طرح موري سميت سڄي سنڌ اندر عوامي ردي عمل ۽ دٻاءُ جي ڪري مجبور ٿي پاڪستان جي صدر جنرل يحييٰ خان 28 نومبر 1969ع تي ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو.

سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ موري جي شاگردن مان سڪندر زمان ميمڻ، مظهر الدين ميمڻ، ناصر مورائي، مشتاق قاضي، علي گل عباسي، غلام نبي مورائي، نذير ميمڻ، راشد مورائي، عظيم سنڌي، محمد هارون سومرو، شوڪت حيات قاضي، عبدالعليم ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪارڪنن ۽ عوام سنڌ جي خوشحالي، عزت ۽ آجپي جي جدوجهد ۽ ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۾ پاڻ کي سرخرو ڪيو.

### 6. ايم آر ڊي تحريڪ

هن تحريڪ جو مقصد 1973ع جي معطل ڪيل آئين کي بحال ڪرائڻ ۽ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي هو. 1977ع ۾ جنرل ضيا ان وقت جي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت کي ختم ڪري، ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪيو ۽ ملڪ جي آئين کي معطل ڪيو. 1979ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏني وئي، تہ پوري پاڪستان سميت سنڌ ۾ بہ سوڳ ۽ احتجاجن وارو ماحول برپا ٿي ويو. ان وقت جي پ پ پ سان تعلق رکندڙ سنڌ صوبي جي چيئرمين غلام مصطفيٰ جتوئي جي سربراهيءَ هيٺ پاڪستان ليول جي سياسي جماعتن جي اڳواڻن ايم آر ڊي تحريڪ جو اتحاد قائم ڪري تحريڪ هلائڻ جو عهد ڪيو. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، ايم آر ڊي تحريڪ جي آغاز متعلق لکي ٿو تہ:

”موري جي مٽيءَ سان تعلق رکندڙ غلام مصطفيٰ جتوئي سڀ کان پهريان 14 آگسٽ 1983ع تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گرفتاري ڏني، تہ ٻئي ڏينهن 15 آگسٽ تي سندس ننڍي ڀاءُ غلام مجتبيٰ جتوئي ٽيهہ هزار ماڻهن جي قيادت ڪندي موري شهر جي ٽاڻي تي پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو“. (24)

مورو هن تحريڪ جو مرڪز بڻيل رهيو. موري مان جلوسن مظاهرن، احتجاجن ۽ بائيڪاٽن سبب ڪيترائي ڪارڪن، شهري توڙي شاگرد پڻ گرفتار ڪيا ويا.

”17 آگسٽ 1983ع تي موري سان تعلق رکندڙ خان محمد جمالي ۽ غلام مصطفيٰ جماليءَ ويهن هزارن کان وڌيڪ حمايتن جي جلوس جي قيادت ڪندي، پاڻ کي گرفتاري پيش ڪرڻ لاءِ موري شهر ۾ داخل ٿيو، تہ آنسو گئس، لاٺي چارج ۽ پوليس فائرنگ ۾ 3 ماڻهو مري ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. مچريل هجوم موري شهر جي بئنڪن . يونائيٽيڊ بئنڪ، الائيڊ بئنڪ، مسلم ڪمرشل بئنڪ ۽ نيشنل سيونگ سينٽر کي باھ ڏني ۽ سب جيل مورو کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مورو ميونسپل ڪاميٽيءَ جي ڪيترن ئي ڪائونسلرن پنهنجي گرفتاري پڻ پيش ڪئي. پهرين سيپٽمبر 1983ع تي سنڌ جو گورنر ايس . ايم عباسي صورتحال جي جائزي وٺڻ لاءِ موري پهچي ماڻهن سان ڳالهيون ڪيون. 3 سيپٽمبر 1983ع تي موري شهر جي تاريخ ۾ عورتن جو ٻيو سياسي نوعيت جو جلوس نڪتو، جنهن کي روڪڻ لاءِ پوليس طرفان عورتن تي آنسوگئس جا شيل اڇلايا ويا ۽ لاٺي چارج ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪيتريون ئي عورتون ۽ ٻار زخمي ٿيا. عوام جي رد عمل ۾ مظاهرو ڪندڙ ٻہ ڄڻا مرد ۽ چار پوليس اهلڪار ٽڏي تي مارجي ويا ۽ ٻيا ڪيترائي زخمي ٿي پيا، جن مان بعد ۾ چار ڄڻا نازڪ حالت ۾ مري ويا. ماڻهن ڊي سي ۽ ايس پي جي گاڏين کي باھ ڏيئي ساڙيو. ايڊيشنل ايس، ايڇ، او، مورو، ملڪ شبير احمد، هيڊ ڪانسٽيبل محمد ابراهيم لاشاري، هيڊ ڪانسٽيبل علي نواز ۽ هيڊ ڪانسٽيبل روشن علي سيال بروقت مري ويا. جڏهن تہ سپاهين مان امان الله، اعتبار اوڍو، غلام اڪبر ۽ ايس پي جو گن مئن خادم حسين پڻ فوت ٿيا. 8 سيپٽمبر 1983ع تي مورو، جي چوڌاري فوج گهيراءُ ڪيو. غلام مصطفيٰ جتوئي جي فرزند غلام مرتضيٰ جتوئي ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪارڪنن کي مارشل لا حڪام آڏو پيش ٿيڻ لاءِ چيو ويو. 29 سيپٽمبر تي موري جي سونهري فارم ۽ ڳوٺ پنهل خان چانڊيو وٽ فوج ۽ عوام جي وچ ۾ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ عوام جا 12 ۽ فوج جا 4 سپاهي مارجي ويا. اهڙيءَ طرح ايم آر ڊي تحريڪ ۾ موري جا تقريبن 40 ماڻهو شهيد ٿيا." (25)

## <u>ادبي تنظيمن جو ڪردار</u>

هن شهر جو اوائلي دؤر مذهبي مڪتبہ فڪر جي عالمن ۽ اديبن جو رهيو آهي، جنهن ۾ قاضي خاندان جي پڻ عالم فاضل شخصيتن اسلامي ادب جي مطالعي سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪتاب پڻ

لکيا، جيڪي فقہ، شرعي مسئلن ۽ طب کان علاوه عربي شعرو شاعريءَ تي پڻ لکيا. 1901ع کان 1947ع وارو زمانو موري جي ادبي تاريخ جو اهڙو دؤر آهي، جنهن ۾ شاعر، اديب، سگهڙ ۽ ڪهنہ مشق شاعرن پنهنجي علمي، ادبي ۽ تخليقي قوت سان هن دؤر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، جن ۾ مولوي محمد صادق، قاضي عبدالخالق 'خليق مورائي' امام بخش "صابر" جتوئي، گل محمد آهنگر، مهدي شاه جهانيان وارو، سليمان شاه لڪياري، شير علي جهانيان وارو، سعيد علي شاه "خادم" قاضي محمد علي' اختر' مورائي، احمد بخش مورائي وغيره جهڙا نامور اديب، شاعر ۽ ليکڪ شامل هئا.

سنڌي زبان ۾ ان وقت موري جي جن ليکڪن اصلاحي، اخلاقي، سوانح حيات ۽ تذڪره نويسي تي شاهڪار ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا تن ۾"خليق مورائي" جا 1931ع ۾ "فاتح سنڌ غازي محمد بن قاسم" ۽ "شهيد ڪربلا" 1932ع ۾، "قرآن ۽ نئين روشني" (ترجمو)، 1933ع ۾، "خليفو اول حضرت ابوبڪر صديقؓ" 1945ع ۾ "حقوق الوالدين" ڪتاب شايع ٿيا. سندس لکيل سنڌي ٻوليءَ جو پهريون مشهور اسلامي تاريخي ناول "سندري" پڻ هن دؤر جي شاهڪار تصنيف آهي.

ورهاڱي کان پوءِ موري ۾ سنڌي ادبي اوسر جو پهريون دور 1947ع کان شروع ٿيو، جڏهن ٻوليءَ ۽ ادب کي هڪ تحريڪ جي صورت ۾ وقت جي اديبن، شاعرن ۽ عالمن پيش ڪري سنڌڙيءَ کي سربلند ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو. ون يونٽ جي سپ کان گهٽي مزاحمت هن شهر جي اديبن بہ ڪئي. هتان جي اديبن ۽ ليکڪن تي تڪليفون بہ آيون. ڪيترن شاعرن، اديبن ۽ شاگردن جيل بہ ڀوڳيا. آخرڪار ون يونٽ کي ٽوڙيو ويو. 1975ع دوران سنڌي ادب، سنڌي پريس ۽ ڪتابن تي پابندي وجهي، سنڌي ٻولي تي هڪ ڀيو وار ڪيو ويو. 1977ع ۾ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي جي مزاحمتي ادب جي رفتار وڌي وئي. ستر ۽ اسي وارا ڏهاڪا سنڌ جي سياسي سجاڳي ۽ عوامي سجاڳي جي سگهہ جا ڀرپور دور هئا. ون يونٽ واري دور جو پوڪيل ٻج ايم آر ڊي جي صورت ۾ نروار ٿي آيو. هي تحريڪ، سنڌي ادب کي ويتر عوام جي ويجهو وٺي آئي. ان سجاڳيءَ جي لهر ۾ پروفيسر نذير احمد قاضي، ترقي پسند خيالن جي سوچ ۽ واڌ ويجهہ ۾ ناصر مورائي جو ڪردار ۽ شهيد عبدالرزاق سومري قوم پرست سوچ جا پيڪر ۽ ان تي سر ڏئي سرهو ٿيندڙ سورهيہ هن شهر جي ان سجاڳيءَ جو نہ وسرندڙ ڪردار رهيا آهن. هن ئي دور ۾ راشد مورائيءَ جي شاعري هڪ ڀرپور بغاوت جو مظهر آهي جنهن ۾ مزاحمت ۽ رومانس جو حسين ميلاپ ملي ٿو. ان دور ۾ راشد مورائي "جيئي سنڌ وارو" جي نالي سان نہ رڳو جاتو سڃاتو ويندو هو، پر عملي جدوجهد ۾ به سرگرم رهندو هو. سندس بينڪ جيئي سنڌ وارن جو ٽڪيو ۽ حوالو هئي، جتي ڪارڪنن جا ميڙ هوندا هئا، جن جي ادبي، سماجي، اقتصادي، اخلاقي ۽ قومي تربيت ٿيندي هئي. عبدالله جيسر جهڙو سنڌي تهذيب ۽ روايتن جو امين ۽ راڳ رنگ جو مست الست بہ هن شهر جي ئي حصي ۾ آيو.

موري ۾ 1955ع کان 1966ع تائين هن دؤر ۾ ڪيترين ئي ننڍين وڏين جماعتون نهيون ۽ ڊٺيون. هن دؤر ۾ جن عالمن، اديبن ۽ شاعرن سنڌي زبان ۽ ادب جي خدمت ڪري ان وقت جي سنڌي ادب کي اوج تي رسايو، تن ۾ قاضي محمد علي ”اختر“ مورائي ادبي سرگرمين ۾ هڪ نئين تحريڪ کي جنم ڏنو، جنهن موجب موري جي ادبي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان 1951ع ۾ مشاعرو منعقد ٿيو ۽ باقاعده هڪ بزم قائم ڪري علمي ادبي پليٽ فارم تيار ڪيو ويو، جنهن سان موري جي ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن کي موقعو مليو. 1959ع ۾ قاضي محمد علي ”اختر“ مورائيءَ ”بزم سعيد“ 1959ع ۾ بنياد رکي پهريون طرحي مشاعرو ”گران هر چيز ٿي اڪثر خبر ناهي تہ ڇا ٿيندو“ مصرح طرح تي ڪوٺايو.

1956ع ۾ سنڌي ادبي سنگت کي مرڪزي حوالي سان متحرڪ ڪرڻ لاءِ سنڌ مدرسته الاسلام ۾ ڪنوينشن ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ موري شهر مان ”اختر“ مورائيءَ پڻ نمائندگي ڪئي، جنهن ۾ ڪيس ”سنڌ سنگت ڪاروباري ڪاميٽيءَ“ جو عهديدار چونڊيو ويو. بعد ۾ 26 اپريل 1963ع تي شام جو بشير برادرس اسٽور تي موري جي اديبن ”سنڌي ادبي سنگت“ شاخ موري جو بنياد رکيو. جنهن ۾ سيڪريٽري ”اختر“ مورائي، خزانچي نذير احمد قاضي، جڏهن تہ ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ جان محمد سرهيو، سائين محمد چتل سرهيو، محمد هاشم ملنگ، ننگر خان پٽني ۽ قاضي عبدالوهاب کي ميمبر طور کنيو ويو. بعد ۾ قاضي نورالدين”بزم صديق“ ۽ نذير احمد قاضي 1962ع ۾ ”بزم قاسم“ جي نالي سان ادبي ادارو قائم ڪيو، جنهن پاران ڪيترائي ادبي پروگرام ۽ مشاعرا ٿيا. هن ”ساجاهہ ڪلچرل فورم“ بہ قائم ڪيو. هنن تنظيمن پاران ڪيترا ئي مشاعرا ۽ ٻيا ادبي پروگرام منعقد ٿيا. سال 1963ع ۾ قاضي ميان عبدالوهاب عزيز ”ادارهٔ روح ادب“ قائم ڪيو، جنهن پاران موري کان ٻاهر جي مشهور شاعرن کي خط رستي مشاعري جو پروگرام ۽ طرحي مصرع موڪلبي هئي. بعد ۾ مشاعري واري ڏينهن اها شاعري موجود شاعر پڙهي ٻڌائيندا هئا. 1964ع ۾ ”انجمن عزيز ادب“ جي نالي سان سنڌي عورت اديبن لاءِ پڻ ادارو قائم ڪري، عورتن جا ڪيترائي مشاعرا، ادبي ميڙاڪا ۽ مختلف سرگرميون ڪرايون. هن تنظيم جي سيڪريٽري نسيم قاضي هئي. ساڳئي سال قاضي ”عزيز“ مورائي” اداره اتحاد ادب“ جي نالي سان ٻارن لاءِ هڪ ادبي ادارو قائم ڪيو. هن اداري پاران ٻارڙن جي سرگرمين سان گڏ طرحي ۽ غير طرحي مشاعره ۽ ٻيا ادبي پروگرام بہ منعقد ٿيا. 1964ع ۾ ”بزم لطيف“ جو بنياد رکي صدر نورالدين صديقي، جنرل سيڪريٽري قاضي اختر مورائي ۽ ٻيا مختلف عهديدار چونڊيا ويا. هن تنظيم پاران پڻ طرحي مشاعرا، محفل موسيقي جا پروگرام ۽ ٻيون سرگرميون ٿيون. محمد ايوب ڪورائي ”بهار ادب“ تنظيم کولي، ادبي سرگرميون پڻ ڪوٺايون. سنڌ ليول تي انجمن جميعتہ الشعراءِ سنڌ ۽ بزم طالب الموليٰ جون شاخون پڻ قائم ڪري موري ۾ ادبي سرگرميون ڪرايون ويون. 1967ع ۾ مهراڻ آرٽس ڪاليج مورو پاران ”مهراڻ ادبي سوسائٽي“ قائم ڪري، مختلف ادبي ۽ علمي

سرگرميون ٿيون، جن ۾ مختلف شخصيتن سان رهاڻيون ۽ اشاعتي حوالي سان "اڏري ڏس آڪاس"، "ڳوڙها ڳل ڳاڙيام"، "جيئي لطيف"، "خليق مئگزين"۽"مهراڻ ميگزين" جهڙا مخزن پڻ جاري ڪيا ويا.

موري جي علمي ۽ ادبي اشاعتن جي ڪيتر ۾ هن دؤر ۾ "اختر" مورائيءَ جو ڪلام سنڌ جي نامور رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهيو. ان ڪان علاوه انور احمد قاضيءَ جو نفسياتي ادب تي هڪ ڪتاب "تعارف نفسيات" ڇپيو. ناصر مورائيءَ هڪ ناوليٽ "راتيون جاڳن جي" ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. اسلامي ادب تي سيد پناه علي شاهه قرآن پاڪ جو جديد ٽيڪنيڪ تي تفسير لکڻ جو ڪم شروع ڪيو، جيڪو سندس وفات سبب اڌ ۾ رهجي ويو.

1966ع کان پوءِ خان محمد پنهور موري ۾ سنڌ ليول تي 'بزم گلشن' ادبي تنظيم جي شاخ قائم ڪئي. جنهن لاءِ خوبصورت لائبريري ۽ باقاعده آفيس قائم ڪري، مقامي توڙي ٻاهرين اديبن کي مدعو ڪري، عاليشان مشاعرا ۽ ٻيون سرگرميون ڪرايون ويون. بعد ۾ ڪجھ عرصي کان پوءِ هن تنظيم کي ختم ڪري ولايت حسين ڪمالاڻيءَ 1966ع ۾. "آئينہ ادب" مورو قائم ڪيو، جنهن جو افتتاح ان وقت جي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ مورو سيد علي رضا شاهه ڪيو. هن اداري جو صدر سيد عطا حسن رضوي ۽ جنرل سيڪريٽري غلام رسول سومرو هئا. اداري پاران سنڌ جي عالمن اديبن جا ڏينهن ملهائڻ، شاگردن جا تقريري مقابلا، اسٽيج ڊراما، تفريحي پروگرام، مشاعرا ۽ ٻيون علمي ۽ ادبي سرگرميون ڪرايون ويون.

هن اداري پاران پهريون ڪتاب "لهرون لک لباس" ڊسمبر 1967ع ۾ سيد محبوب علي شاهه "محبوب" مورائي ڇپايو. ڪتاب ۾ شيخ اياز، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، نياز همايوني، پروانو ڀٽي، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي ۽ ٻين سنڌ جي نامور شاعرن جو ڪلام، امرلال هنگوراڻي، شوڪت حسين شورو، سيد محبوب علي شاهه ۽ ٻين جا افسانا، علامہ آءِ آءِ قاضي، علي گل عباسي، محمد مٺل ڪمالاڻي ۽ ٻين ليکڪن جا مضمون ۽ ٻيا ليک ڇپيا. آڪٽوبر 1969ع ۾ هن اداري پاران ٻيو ڪتاب "ڪانڊي ڪنگ ٿياس" علي گل عباسي ۽ ولي محمد عالماڻي ترتيب ڏئي ڇپايو. ڪتاب ۾ مضمون، ڪهاڻيون ۽ شاعري شامل هئي. نومبر 1970ع ۾ هن اداري پاران ٽيون ڪتاب "ڪريو ڪوٽ قهر جو" علي گل عباسي ۽ مظهر سنڌيءَ ترتيب ڏئي ڇپايو. هيءُ ڪتاب شاعري، ڪهاڻين، مضمونن ۽ ٻين تحريرن جو مجموعو هو. اروڙ پبليڪيشن موري جو پهريون ڪتاب "شهيد عبدالرزاق سومرو" آڪٽوبر 1972ع ۾ ڇپيو. هي ڪتاب نامور سياستدان سيد امداد محمد شاهه جي سرپرستيءَ ۾ ڇپيو ۽ ٻانهن ٻيلي شهمير باگاڻي هو. ڪتاب ۾ نامور ليکڪن پاران مضمونن ۽ تاثرن جي صورت ۾ شهيد عبدالرزاق سومري جي جدوجهد، قومي ڪم ۽ خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيل آهي. جنوري 1973ع ۾ هڪ ٻيو ڪتاب "سنڌي قومي ڪهاڻيون" ڇپايو ويو. هن ڪتاب ۾ شيخ اياز، امرجليل، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت حسين شورو، منير احمد،

مشتاق باگاڻي ۽ ٻين جون ڪهاڻيون ڇپيون. اپريل 1973ع ۾ هن پبليڪيشن پاران ”ڪوپن ڪنڌ نچي نچي“ ڪتاب ڇپيو، جنهن ۾ سنڌ جي نامور شاعرن جي شاعري، مضمون ۽ ٻيا ليک ڇپيا. هن پبليڪيشن پاران مشتاق باگاڻيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ”اُجهاڻل آس“ نومبر 1973ع ۾ شايع ٿيو. ان کان علاوه، آگسٽ 1973ع ۾ م.ع. ترابيءَ (محمد مٺل ڪمالاڻي) شهيد عبدالرزاق سومري جي سوانح ۽ شخصيت تي ترتيب ڏنل ڪتاب ”وطن جو سپاهي“ شايع ڪرايو. نذير احمد قاضي ۽ راشد مورائيءَ باک پبليڪيشن موري پاران صحتمند ۽ تعميري ادب جي فروغ ڏيارڻ ۾ پهريون ڪتاب ”پيڙاجي پروڙ“ ترتيب ڏئي ڇپايو. هن مجموعي ۾ سنڌ جي نالي وارن شاعرن جو ڪلام، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم ڇپيا. نومبر 1977ع ۾ هن سلسلي جو پنجون ڪتاب ”پويان پاڇا رات جا“ ڇپيو.

آرٽس ڪاليج موري جو قيام 1964ع ۾ عمل پذير ٿيو. ايجوڪيشن سوسائٽي جو بنياد وجهي هي ادارو غريب شاگردن جي بهبود ۽ ڀلائي ڪم ڪرڻ لڳو. اداري طرفان 1970ع ۾ سيد علي بخش شاهه، نذير احمد قاضي ۽ جان محمد عطار جن هڪ مخزن ”آرٽس ڪاليج مورو پبليڪيشن“ پاران اشاعتي سلسلو شروع ڪيو. هن اداري جو مقصد شاگردن جي لڪل صلاحتين کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ موري شهر جي قديم شاعرن ۽ اديبن کان سنڌي عوام کي واقف ڪرائڻ هو. 8 سالن جي وقفي کان پوءِ 1976ع ۾ هن پبليڪيشن پاران ”مهراڻ“ جي نالي سان مخزن جاري ڪيو ويو. هن مخزن ۾ پڻ ڪيترن ئي شاعرن اديبن جون لکڻيون شايع ٿيون. اهڙيءَ طرح 1999ع ۾ پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي سرپرستيءَ هيٺ ”مهراڻ“ مئگزين ٻيهر ڇپيو.

1980ع ۾ سنڌي ادبي سنگت موري پاران ”ڳنڍيون منجهه ڳنڍير“ ڪتاب ڇپيو. ڪتاب ۾ سنڌي ادبي سنگت موري جي ڪارڪردگيءَ جو مختصر خاڪو ۽ ٻيون تحريرون شامل هيون. استاد پبليڪيشن پاران راشد مورائي، تاج جويي علي خان چانڊيي ۽ نواب شاهه جي ڪجهه ادب دوستن سان گڏ وقت جي اهم ضرورت کي محسوس ڪندي ”انصاف جو گهنڊ“ مجموعو ڇپايو. مجموعي ڇپائڻ جو مقصد استادن جي آواز کي اڀارڻ ۽ استادن کي سماج ۾ سچو پچو مقام ڏيارڻ هو. 1968ع کان پوءِ هن شهر جي ليکڪن ادبي دنيا ۾ نواڻ جو آغاز ڪيو. روايتي سرگرمين مان نڪري انقلابي ۽ فڪري ادب ڏانهن وک وڌائي. ترقي پسند ادب جي دؤر تائين هن شهر جي ليکڪن نا قابل فراموش جدوجهد ڪئي. مطالعي سان گڏ اسٽڊي سرڪل قائم ڪري نواڻ جو آغاز ڪيو. 1972ع ۾ ”شهيد عبدالرزاق ادبي سنگت“ جو قيام عمل ۾ آڻي نامياري شاعر، اديب عظيم سنڌيءَ کي ان جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. هن تنظيم پاران ناميارين شخصيتن حيدربخش جتوئي، شهيد عبدالرزاق سومري، عبدالڪريم ”گدائي“ ، عبدالرحمٰن هاشمي ۽ ٻين

جون ورسيون، جڏهن تہ استاد بخاري، خاڪي جويي، ناز سنائي، تاج جويي، صلاح الدين پنهور، منثار مورائي وغيره جهڙين شخصيتن سان رهاڻيون پڻ ملهايون ويون.

80 واري ڏهاڪي ۾ ياسر سومري سنڌ ٽائيمز ميگزين جا ڪيترائي پرچا جاري ڪرڻ سان گڏ ڪجھ ڪتاب بہ ڇپرائي سنڌي نثري ادب ۾ اضافو ڪيو. بزم صوفيائي سنڌ تنظيم جو سنڌ سطح تي بنياد سائين جي ايم سيد رکيو، جيڪا ڪجھ عرصي کان پوءِ مانارجي حوالي ٿي وئي. موري شهر ۾ 1972ع ۾ هن تنظيم کي صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙي قائم ڪري، صوفي بزرگن جي سوانح حيات تي قلم کڻي سنڌي ادب کي فروغ ڏنو. هن تنظيم پاران "پياري فقير" جي ماهوار چوڏهين ۽ سالانا عرس مبارڪ ملهائڻ سان گڏ ، ماهوار پروگرام "سڄڻن جون ساروڻيون"، جنهن ۾ وصال ڪيل سنڌ جي ناميارن اديبن شاعرن جون ورسيون ملهائيون ويندیون آهن. اهڙيءَ طرح، ماهوار پروگرام "روح رهاڻ"، جنهن ۾ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جون سالگرهون ملهائي انهن کي مڃتا ڏني ويندي آهي اهي پروگرام اڄ بہ رسول بخش گڇيرائيءَ ۽ صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙي جي اڳواڻيءَ هيٺ جاري آهن. اهڙيءَ طرح ٻالڪ سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻيون ادبي تنظيمون ۽ انجمنون اڄ بہ موري جي علم ادب جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

1984ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت بجراڻي لغاري پاران "حيرت" پبليڪيشن واحد حسين لغاري جي سرپرستيءَ ۾ قائم ٿي. هن پبليڪيشن جا ڪجھ پرچا جاري شايع ٿيا، جن ۾ فقير الھ بچائي لغاريءَ جو قسط وارو مضمون "ڪڇي جو سير" محمد بخش باگاڻيءَ جو تاريخي مضمون "سنڌي ڪلچر صدين جي آئيني ۾" سان گڏ مقامي ليکڪن، شاعرن جي شاعري ۽ ٻيا ليک پڻ ڇپيا. 1993ع ۾ تعليمي سنگت مورو پاران ماهوار "تمنا" رسالو جاري ٿيو. رسالي جو چيف ايڊيٽر رضا لانگاھ ۽ سب ايڊيٽر حافظ نبن پلھ هو. هي رسالو استادن، شاگردن ۽ عام ماڻهن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ هڪ علمي ۽ ادبي نوعيت جو رسالوهو. 1996ع ۾ پروفيسر جمال الدين مومن "مصطفيٰ مخزن" ۽ "مصطفيٰ سوينيئر" ڇپائي سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اهم اضافو ڪيو.

## سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو

موري جي ادبي دنيا ۾ نواڻ جو آغاز "سنڌي ادبي سنگت" جو ناقابل فراموش ڪردار آهي. سال 1963ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي بنياد پوڻ کان پوءِ ترقي پسند تحريڪ جو تصور مضبوط ٿيڻ لڳو، تہ 30 ڊسمبر 1975ع تي ناصر مورائي، راشد مورائي، نذير قاضي، عظيم سنڌي ۽ ٻين گڏجي سنڌي ادبي سنگت موري جي قيام کي ٻيهر عمل ۾ آندو، جنهن ۾ سيڪريٽري عظيم سنڌي، جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد مورائي، خزانچي عبدالخالق سومرو ۽ آڊيٽر لاءِ راشد مورائي سميت ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي 05 ميمبر ڪنيا ويا. اهڙيءَ طرح سنگت جي گڏجاڻي هر پندرهين ڏينهن رکي وئي.

17 اپريل 1976ع تي سنگت پاران مشهور شاعر فتاح ملڪ سان شام ملهائي وئي. خدا بخش ڪمالاڻيءَ جي صدارت ۾ قاضي نذير، ادل سومرو، منظور سخيراڻي، مننار مورائي ۽ عظيم سنڌيءَ مقالا پيش ڪيا. مشاعري ۾ تاج جويي، خاڪي جويي، ادل سومري، عبدالله جيسر، امداد چانڊيي، مير محمد پيرزادي، ادل سولنگيءَ، فتاح ملڪ، عظيم سنڌيءَ ۽ ٻين حصو ورتو. نئين سال لاءِ چونڊن ۾ عظيم سنڌيءَ جي جاءِ تي راشد مورائي سنگت جو نئون سيڪريٽري چونڊيو ويو. هاڻي سنگت جون گڏجاڻيون هفتي وار ٿيڻ لڳيون.

1977ع ۾ سنگت پاران استاد بخاريءَ سان موري جي ٽائون هال ۾ شام ملهائي وئي، جنهن ۾ علي بابا، قاضي نذير، عبدالحڪيم ارشد، تاج جويي، عظيم سنڌيءَ، مولانا عزيزالله ٻوهيي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ، گل حسن برڙي، احمد خان ملڪاڻيءَ ۽ ٻين تقريرون ۽ مقالا پڙهيا. بعد ۾ مشاعري ۾ خاڪي جويي، عظيم سنڌيءَ، عبدالحڪيم ارشد، عبدالله جيسر، نور گهلوءَ، هاشم سائل، استاد بخاريءَ ۽ ٻين شعر پڙهيا. آخر ۾ منظور سخيراڻيءَ، علي خان چانڊيي، هدايت عمراڻيءَ، غلام حسين زرداريءَ، حاڪم علي شاهه ۽ منظور علي شاهه راڳ رنگ جي محفل ۾ حصو ورتو. سال 1980ع ۾ سنگت جي سيڪريٽري راشد مورائيءَ "ڳنڍيون منجهه ڳنڍير" ڪتاب سنگت پاران ڇپرايو.

80 واري ڏهاڪي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهپور جهانيان، منياڻي شاخ، نوان جتوئي شاخ، موري شاخ، دادو شاخ، نوشهري فيروز جو سمورو ادبي سٿ جڻ تہ غمي خوشيءَ ۽ ڏک، سک ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو هيون. گڏجاڻين ۽ ادبي پروگرامن ۾ ساڳي ليکڪ ۽ اديب ايندا رهندا هئا. 1980ع کان 2020ع تائين سنگت جا جيڪي سيڪريٽري چونڊجي آيا تن ۾ راشد مورائي، شمشاد احمد سومرو، احمد سولنگي، رڪيل مورائي، محبتي ملاح، صفدر سعيد ميمڻ، اسد سولنگي، شاد کوکر، سڪندر ڪورائي، انور ساگر ڪانڌڙو، عبدالرزاق مستوئي، اظفر سعيد ميمڻ، فهد رضا، محمد صديق پرهياڙ، نجم سرهيو، وزير فرهاد سولنگي، سيد مختيار علي شاهه رضا لانگاهه ۽ امداد سولنگي شامل آهن. هنن پنهنجي دور ۾ سنگت جي پليٽ فارم تان پنهنجي دؤر ۾ دستوري گڏجاڻيون، مشاعرا، ليڪچر پروگرام، رهاڻيون، تعزيتي ميڙاڪا ۽ ٻيا ڪيترائي ادبي پروگرام ڪوٺايا. ان کان علاوه اشاعتي حوالي سان سنگت پاران مختلف وقتن تي نثري ۽ شعري ادب جا مجموعا ڇپائي، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ ڪي زور ونرايو. قاضي نذير احمد "باک پبليڪيشن" جو بنياد رکيو. ناميارو شاعر راشد مورائي بہ ساڻس سهڪاري سٿ ۾ شامل هو. هن اداري پاران جاري ڪيل ڪتابي سلسلن ۾ "پيڙا جي پروڙ"، "واٽون ۽ ويچا"، "پويان پاڇا رات جا" ، "سڙي سارو ڏينهن"، "دربان" ۽ "سچ سياڻي جا ڪري" شايع ٿيا.

1979ع تي "شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي" جو بنياد رکيو ويو، جنهن جو سيڪريٽري راشد مورائي هو. هن اداري پاران "يتيم جذبا"، "سنڌي ادب جي ارتقا"، "هو جي ٻول ٻريا" ۽ "ٻريا مچ مجاز جا" ڪتاب

ڇپايا ويا. نذير احمد قاضي، سيد علي بخش شاهه ۽ عظيم سنڌيءَ جي ساڻ سان "ساجاهه ڪلچر فورم" جو بنياد رکي، ڪيترائي ادبي پروگرام ڪرايا، جن ۾ اديبن سان شامون، ڪتابن جون مهورتي تقريبون شامل آهن. هن فورم پاران 1981ع ۾ نصير مرزا جي ڪتاب "خوشبوءَ جي سنگ سنگ" ۽ 1982ع ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي ڪتاب "سنڌ جي سياسي جدوجهد" جي مهورت سان گڏ ٻيون ڪيتريون ئي علمي ادبي سرگرميون منعقد ٿيون.

1988ع ۾ ناميارو اديب، محقق، نقاد ۽ ان وقت موري سب ڊويزن جي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايس ڊي ايم بدراڄڻ " مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي" جو باني ۽ سرپرست هو. هن سوسائٽيءَ پاران محمد منل ڪمالاڻيءَ جو ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" ۽ بدراڄڻ جو ڪتاب "ٽي ايس ايليٽ جو فن ۽ فڪر" ڇپائڻ کان علاوه، هن پليٽ فارم تان نامور اديبن سان رهاڻيون ۽ ٻيا مختلف پروگرام پڻ ڪرايا ويا. ناميارو ناول نويس، عالم ۽ اديب عبدالخالق 'خليق' مورائي جي نالي پٺيان نذير احمد قاضي'خليق' مورائي اڪيڊمي قائم ڪئي، جڏهن ته اڪيڊميءَ جو سيڪريٽري ناميارو محقق پروفيسر شمشاد احمد سومرو هو. هن اڪيڊمي پاران "سچل سرمست لائبريري" قائم ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيو. هن اڪيڊمي پاران سنڌي رسالن ۾ ٻوليءَ جو استعمال، تصوف ۾ سچل سائينءَ جو حصو جهڙن موضوعن تي سيمينار، ناصر مورائيءَ جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو، پهرين مسلمان ميئر قاضي خدا بخش موارئيءَ جي 57 ورسي، خليق موارئيءَ جي 67 هين ورسي وغيره جهڙا پروگرام ڪرايا ويا.

**سورمين سٽ ۽ ٻالڪ سڌار تنظيم**

هن تنظيم جو بنياد رسول بخش گڇيرائيءَ 1994ع ۾ وڌو. هن تنظيم پاران عورتن جا ڪيترائي علمي ادبي پروگرام ٿيا. سال1998ع ۾ ڪي جي شاهين اسڪول ۾ استاد بخاريءَ جي ياد ۾ مشاعرو ٿيو جنهن جي صدارت سيد حاڪم علي شاهه بخاري ڪئي. مشاعري ۾ رخسانا ٻرڙو، غلام صغرا، غلام زهرا، ماهه لقاء خوشبوءِ، عائشہ پيرزادو، شمع راهو، بلقيس ميمڻ، پروين آس قاضي، بينظير جتوئي، خوشبوءَ ۽ ڄام صنم سنڌيءَ شاعري پيش ڪئي. ٻي نشست ۾ طاهره بگھيو، شمع راهو ۽ ڄام صنم سنڌيءَ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ تي مقالا پڻ پڙهيا. پروگرام ۾ راشد موارئي، حافظ محمد بخش خاصخيلي، تنظيم جي جنرل سيڪريٽري رسول بخش گڇيرائيءَ، آپا حفيظ ۽ تنظيم جي چيئرمين ليڊي سوشل ويلفيئر آفيسر غلام فاطم سومرو خيالن جو اظهارڪيو. هن تنظيم جو مقصد ڌرتيءَ تان پنهنجي سر جو نذرانو پيش ڪندڙ عورتن ۽ ٻارن جي فلاح کان سواءِ ادب ۽ اخلاق جي اوسر لاءِ نياڻين ۾ شعور بيدار ڪرڻ هو. هن تنظيم پاران سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪندڙ عورت اديبن بابت "سنڌي ٻوليءَ جون سورميون" جي عنوان تحت هرمهيني پروگرام ڪيو وڃي ٿو.

**بزمِ راشد مورائي**

هن تنظيم جو بنياد 2 جون 2000ع تي رکيو ويو، جنهن جو سرپرست اعليٰ راشد مورائي، صدربالا بلوچ، نائب صدر ريزا مورائي، جنرل سيڪريٽري رزاق مستوئي هئا. هن تنظيم پاران ادبي گڏجاڻين کان سواءِ شاعري ۽ نثر جي صنفن تي ليڪچرڪرايا ويا. ان سان گڏ فنڪار انور زرداريءَ سان رهاڻ ڪرائي وئي، جنهن جي صدارت احمد خان مدهوش ڪئي. مهمانن ۾ ڪوثر ٻرڙو، معشوق ڏاريجو، آصف منياڻوي ۽ ٻيا شامل هئا. هن تنظيم جي ٻي شاخ قاضي احمد شهر ۾ بہ کولي وئي، جنهن جو صدر آصف جوڻو هو.

**شمع ادبي اڪيڊمي مورو**

هي تنظيم علم ادب جي واڌاري لاءِ سال 2013ع ۾ قائم ٿي، جنهن جو بنياد عبدالرزاق مستوئيءَ رکيو. هن اڪيڊميءَ پاران ادبي پروگرام، اديبن سان رهاڻيون ۽ اشاعتي لحاظ کان اديبن ۽ شاعرن جا ڪتاب جن ۾ ”عقاب“ مصطفيٰ چڇڙو، ”نيڻ درياهہ“ (شاعري 2015ع)، آخوند محمد موسيٰ ڀٽي سيتائي،”صنان وٽ هلون سرتيون“ (شاعري 2015ع)، 'مهجور' غلام حيدر سولنگي ”ڪشڪولِ مهجور“ (شاعري 2019ع) شامل آهن.

## حوالا


1. ترابي م.ع ، موري شهر جو قديم تواريخي پس منظر (مقالو)، ماهوارنئين زندگي ،1984ع ،ص 43
2. Huges, AWL: "The gazetteer of the province of Sindh" George Bell & sons London, 1876 pp: 546,47
3. قليچ بيگ مرزا، قديم سنڌ . ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1981ع ، ص 171
4. ڪمالاڻي محمد مٺل، موروناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو سنڌ، 1988ع، ص 22
5. ڏوڏيجا لوڪرام، منهنجو وطن منهنجا ماڻهو، لوڪ ڪلياڻ ٽرسٽ پونا، 1981ع، ص171
6. سيال رحيمان، مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ حصو (تقابلي جائزو) سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2006ع، ص 22
7. ترابي م.ع ، موري شهر جو قديم تواريخي پس منظر (مقالو)، ماهوار نئين زندگي، 1984ص 43
8. ساڳيو: ص 45
9. ڪمالاڻي محمد مٺل، موروناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو سنڌ، 1988ع، ص 60
10. عباسي اسلم، (مرتب) مورو ثقافت ۽ تاريخ، سنڌ رويوپبليڪيشنز ڪراچي، 2011ع، ص 272
11. ڪمالاڻي محمد مٺل، مورو ناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو سنڌ، 1988ع، ص 42
12. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، تاريخ ضلعو نواب شاهه سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2001ع، ص 321
13. ڪمالاڻي محمد مٺل، موروناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو سنڌ، 1988ع، ص 230
14. ساڳيو: ص 245
15. ساڳيو: ص 264
16. ساڳيو: ص 273
17. سيال رحيمان، مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ حصو (تقابلي جائزو) سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2006ع، ص 26
18. مهراڻ مئگزين، مهراڻ ڪاليج مورو، 2000ع، 1999ع، ص 17
19. ساڳيو: ص 19
20. ساڳيو: ص 20
21. ساڳيو: ص 22
22. ساڳيو: ص 25
23. ساڳيو: ص 240
24. ساڳيو: ص 241
25. ساڳيو: ص 241

## باب ٽيون

# موري جو سنڌي تخليقي نثري ادب ۾ حصو

### 3.1 ناول / Novel

ناول انگريزي زبان جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب ”نمونو“ يا ڪا ”نئين شي“ آهي. افسانوي ادب ۾ ناول کي گهڻي اهميت ۽ مقبوليت حاصل آهي. ناميارو اديب منشي پريم چند لکي ٿو تہ،

”مان ناول کي انساني زندگيءَ جو چِٽر مجيندو آهيان. انساني زندگيءَ تي روشني وجهڻ ۽ ان جي ڳجهن کي کولڻ ئي ناول جو مکيہ مقصد آهي“. (1)

ناول جي فني عناصر ۾ پلاٽ، ڪردارنگاري، سيرت نگاري، گفتگو يا اسلوب، مقصد، حقيقت پسندي، فصاحت ۽ بلاغت ۽ ٻيا شامل آهن. ناول جي قسمن ۾ تاريخي ناول، واقعاتي ناول، سماجي ناول، نفسياتي ناول، ڊرامائي ناول، ۽ جاسوسي ناول وغيره هوندا آهن.

سنڌي ناول جي شروعات 1870ع کان ترجمي سان ٿي. پهريون طبع زاد ناول مرزا قليچ بيگ جو ”دلارام“ هو، جيڪو 1888ع ۾ ڇپيو. ۽ ٻيو ناول ”زينت“ 1890ع ۾ شايع ٿيو. اهي ٻئي ناول حقيقت نگاريءَ تي مشتمل هئا. قليچ کان علاوه ٻين بہ ناول لکيا، جن ۾ پريتمداس حڪو متراءِ جو ناول ”عجيب پيٽ“ (1892ع)، لالچند امر ڏني مل جا ناول ”سون ورنيون دليون“ ۽ ”سچ تان صدقي“، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ”نورجهان“ (1915ع)، خليق مورائيءَ جو ”سندري“ (1928ع)، وشنوشرما جو ”ستيءَ جو تياڳ“، ڀيرومل مهر چند جو ”سنڌ جو نوڳي“، گوبند مالهيءَ جو ”جيون ساٿي“ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ترجمو ٿيل ناول پڻ ان دؤر ۾ شايع ٿيا. بعد ۾ سال 1930ع کان ناول جي دؤر ۾ ان جي مقبوليت ۾ گهٽتائي آئي.

ورهاڱي کان پوءِ ناول نگاريءَ ۾ ڪجهہ سالن تائين ماٺار ڇانيل رهي. سال 1955ع کان 1975ع تائين تمام ٿورا ناول شايع ٿيا. سراج جا ناول ”پڙاڏو سو سڏ“، ”مرڻ مون سين آءُ“، ”منهنجي دنيا هيڪل وياڪل“، " تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول“ ۽ ”منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا“ شايع ٿيا. آغا سليم جا ”روشنيءَ جي تلاش“، ”اونداهي ڌرتي روشني هٿ“، ”اڌ پورو انسان“، ”همہ اوست“، نجم عباسيءَ جا ”بلنديون“ ۽ ”پيار ڪهاڻي“، علي بابا جو ”موهن جو دڙو“، طارق عالم جو ”رهجي ويل منظر“ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ”سانگهڙ“ وغيره پنهنجي دؤر جا شاهڪار ناول رهيا.

موري شهر جي اديبن پڻ نثري ادب ۾ ماضي بعيد کان ناول نگاريءَ ۾ پاڻ ملهايو آهي. ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پوءِ موري شهر مان جيڪي ناول ڇپيا، تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

#### 3.1.1 ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيل ناول:

عبدالخالق "خليق مورائي" (1893ع - 1934ع)

عبدالخالق "خليق مورائي" 03 نومبر تي موري شهر ۾ قاضي نبي بخش جي گهر ۾ پيدا ٿيو. "خليق مورائي" جو شمار سنڌ جي انهن بنيادي ناول نگارن ۾ ٿئي ٿو، جن سنڌ ۾ نئين نموني ۾ تاريخي ناول لکڻ جو رواج وڌو. سندس لکيل اهي ناول، جيڪي سنڌ جي تاريخي، تهذيبي، سماجي، رومانوي ۽ مذهبي پس منظر ۾ آهن، تن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**1 سندري**

موري شهر مان سنڌي ناول نگاريءَ جي اوسر 1928ع ۾ سنڌي ادب جي نامياري ناول نگار عبدالخالق "خليق مورائيءَ" جي تاريخي ناول "سندري" سان ٿئي ٿي. سنڌي ناول نويسي جي تاريخ ۾ سندري ناول پنهنجي اهميت ۽ انفراديت جي ڪري وڏي مقبوليت ماڻي آهي. هن تاريخي ناول جو 1987ع ۾ تنظيم فڪر و نظر سنڌ پاران ڇهون ڇاپو ڇپيو. خليق مورائي جو سنڌي ناول نگاري جي فن کي ترقي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار آهي. هيءُ ناول "خليق مورائي" جو پهريون تاريخي ناول آهي، جيڪو "نورجهان" ناول وانگر تاريخ تي آڌاريل آهي. هي ناول تاريخي حوالي سان سنڌ جي فتح جي سچي واقعي تي مبني آهي. هن ناول جو بنيادي نڪتو سنڌ جي فتح آهي. ان کان علاوه راجا ڏاهر جي ظلمن ۽ بدڪارين تان پردو کنيو ويو آهي. هن ناول ۾ اسلامي فوج جي آمد، اسلام جي فتح، محمد بن قاسم جي بهادري ۽ سيرت، سنڌين سان سندس حسن سلوڪ، عشق ۽ محبت جي رمزن جو پڻ سهڻي انداز ۾ ذڪر آهي. هي ناول 30 بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ راجا ڏاهر، اسلامي تاريخ جو ورق، اروڙ جي فتح، اعلان جنگ، سنڌ تي ڪاهون، ساڌ ٻيلو ۽ نيرون ڪوٽ جي فتح جهڙا عنوان شامل آهن.

"خليق مورائي" هن ناول ۾ مختلف تاريخي ماڳن ۽ مڪانن، ريتن رسمن، تهذيب ڪلچر، پاٺ پوڄا جي طريقن، جنگين ۽ حملن وغيره جي نهايت ئي حقيقي روپ ۾ عڪاسي ڪئي آهي. ان کان علاوه ناول ۾ سندري نالي هڪ هندو ڇوڪري آهي، جيڪا هن ناول جي جان آهي. ظاهر ڪيو اٿس ته مشرقي عورت پنهنجو حياءُ ڪيئن نه قائم رکي سگهي ٿي، جنهن سان اخلاق ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جو پتو پوي ٿو. هي ناول هندو مسلم اختلافن تي ٻڌل آهي. ناول ۾ هندو مسلم اختلافن تي زور ڏنل هي ۽ عبارت ۾ سخت ڪلامي به ڪيل آهي. ناول ۾ استعارن، تشبيهن، محاورن، گفتگو، ڪردارنگاري ۽ منظر نگاري جي به خاص خوبي آهي. هن ناول ۾ خليق مورائي محاورن، استعارن، تشبيهن، جملن ۽ پر اثر ڊائلاگن جو خوبصورت نموني استعمال ڪيو آهي. ناول جو مقصد قوم ۾ جذبو ۽ ولولو پيدا ڪرڻ آهي. سندري ناول فن، فڪر ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان نهايت ئي بهترين ناول آهي. ناول مان سندس طرز تحرير جو نمونو هن طرح آهي:

"سندري اٿي اندران دروازو بند ڪري وري ساڳي جاءِ تي ويهي رهي ۽ دل ئي دل ۾ چوڻ لڳي، ڏسڻ ۾ ته شهزادو پئي آيو! سندس صورت مان ئي ظاهر هو ته ڪو وڏ گهراڻو ماڻهو آهي. ڇا سندس جوت ڇا سندس ڏيا، وري ان تي مڇن جي ساوڪ ڏاڙهيءَ جي ريم! ڪهڙي نه پئي سونهيس! جهڙو هو قداور تهڙو هو ناهوڪو جوان...! هيءَ دل جنهن ۾ ڪڏهن به مرد جو خيال نه آيو تنهن ۾ ڪيئن نه پنهنجو گهر بنائي ورتائين، هان! مون ڇا چيو. مان هندو هو مسلمان. ماڻهو ڇا چوندا؟ برهمڻ ڪل (خاندان) جي ڇوڪري ۽ مسلمان جو عشق. نه نه، عشق جو ڪو مذهب ڪونهي،مسلمان آهي ته ڇا ٿيو انسان ته آهي. پر ماتما بنهي جو هڪ آهي. هو پنهنجي پر ۾ ان جي پوجا ڪري ٿو ۽ آءُ پنهنجي پر ۾. هاءِ هي مون ڇا ڪيو. مون کي ڪهڙي ڪاري ڪاڏو جو اچ گهمڻ ويس.مونکي ڪهڙي خبر ته مون سان هي ويڌن ٿيندي. نه نه منهنجو ڪهڙو ڏوهه. ڏوهه هن نياڳي دل جو آهي، جنهن مونکي جيڏين سرتين ۾ مهٽي هاب ڪيو. جيڪڏهن دل مون سان هيءُ جاڙ نه ڪري ها ته ان مظلوم مسافر جي ڇا مجال هئي جو مون تي پنهنجو جادو هلائي سگهي ها. بيشڪ منهنجي قوم وارن هنن پرديسي واٽهڙن تي ظلم ڪيو ۽ انهن جو مال اسباب لٽي ڪين قيد ڪيائون. مگر هي مظلوم ته انهن کان به وڌيڪ ظالم ڇئبو، جو انهن سيني جو وير مون نردوش ڪنيا کان ورتي ۽ ڏاڙو هٽي منهنجي دل کسي ورتائين. مون نياڳي جي ڪري سڄي برهمڻ ڪل (خاندان) تي ڪلنڪ جو ٽڪو ٿو اچي. پرٿوي ماتا (زمين) ڦاٽي پوي ته ان ۾ پيهي وڃان. او بيدرد مسافر! اچ ۽ اچي ڏس ته تنهنجي جدائي ۾ سندري جو ڪهڙو حال ٿي رهيو آهي. اگرچه مون کي يقين آهي ته سماج جا بڌڻ ۽ ڌرمي پيد مون کي دل جي اميد پوري ٿيڻ جو موقعو نه ڏيندو." (2)

2. <u>نسيما</u>

"خليق مورائيءَ" جو هڪ ٻيو رومانوي ناول "نسيما" 1930ع ڇپيو. هن ناول ۾ عشق ۽ محبت جي نئين انداز سان، اصلاح جي پهلوءَ کي عوام جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. هن ناول ۾ منظر نگاري، ڪردار نگاري، اسلوب بيان، ٻولي، جذبات نگاري، خوشي، غم، درد، اميدون ۽ حسرتون وغيره نهايت شاندار طريقي سان بيان ڪيل آهن. ان کان علاوه ناول ۾ سماجي اصلاح کي به موضوع بڻايو ويو آهي. "خليق مورائيءَ" جو هي ناول "نسيما" پڻ هڪ بهترين ۽ ڪامياب ناول آهي.

3. **عبرت:**

سندري ناول کان پوءِ، "خليق مورائيءَ" جو هڪ ٻيو تاريخي ناول "عبرت" 1934ع ۾ ڇپيو. هي ناول ٺٽي ضلعي جي رهاڪن جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي لکيل آهي. ان وقت ٺٽي ضلعي جي ماضيءَ جي حيثيت هندستان جي شهر دهليءَ سان مشابهت رکندڙ هئي. ناول ۾ ڪردار عام ماڻهو آهن. ناول جو مقصد ڳوٺاڻن جي حقيقت ظاهر ڪرڻ ۽ اڻ سڌيءَ طرح انهن کي سڌاري ۽ واڌاري جي ترڪيب ڏيڻ آهي. هن ناول ۾ جڙتو پيرن ۽ اڌ اڪري ملن تي پڻ سهڻي انداز ۾ تنقيد ٿيل آهي. هي ناول ٻوليءَ، فڪر ۽ مقصد کان علاوه مواد جي لحاظ کان پڻ انهيءَ دؤر جو بهترين ناول آهي.

4. **چترپتي** :

"خليق مورائيءَ" جو هي رومانوي ناول آهي، جيڪو هن هندو ليکڪ جي لکيل ڪتاب "چترساد" جي جواب ۾ لکيو، جنهن ۾ هندو ناول نويس اورنگزيب عالمگير جي پيڻ ۽ نياڻيءَ جي فرضي نالن تي ناپاڪ حملا ڪيا ويا هئا. "چترپتي" ناول، اورنگزيب عالمگير ۽ اڏيپور جي راڻيءَ جي عشق ۽ محبت جو هڪ وڻندڙ ۽ دلچسپ قصو آهي. هي ناول رومانوي ڪيفيت ۾ لکيل آهي. هن ناول ۾ حالتن جي عڪاسي ۽ ڪردارنگاري حقيقي رنگ ۾ رنگيل آهي.

5. **ستيءَ جي ستيا** :

"خليق مورائيءَ" جو هي دلچسپ ناول سومنات جي تاريخي پس منظر ۾ لکيل آهي، جيڪو سندري ناول جو ٻيو حصو آهي. هي ناول تاريخي تسلسل ۾ تحرير ٿيل آهي، جنهن ۾ ليکڪ موضوع توڙي ٽيڪنيڪ ۾ تخليقي سگهه ڪتب آندي آهي. هن ناول ۾ راجا ڏاهر ۽ راجا ڏهرسين کان پوءِ وارا دور ڏيکاريا ويا آهن. هن ناول ۾ سومنات جي فتح جو پس منظر پڻ جاڳايل آهي. هي ناول پڻ ان جي دور جي لکيل هڪ هندوءَ جي ناول جي جواب ۾ لکيو ويو هو، جنهن ۾ هن مسلمانن لاءِ سخت ڪلامي ڪئي هئي.

6. **درس آموز** :

"خليق مورائيءَ" جو هي هڪ معاشرتي ناول آهي، جنهن ۾ ان دور جي سماجي زندگيءَ کي ڪنيو ويو آهي. هي ناول معاشري جي بهترين عڪاسي ڪري ٿو.

"خليق مورائيءَ" جا طبع زاد توڙي ترجمو ٿيل ٻيا ناول بنيادي طور اصلاحي ۽ مقصد جي حوالي سان اخلاقي ترغيب ڏيڻ، اعليٰ قدرن ۽ آدابن تي روشني وجهڻ، ڪامياب ۽ خوشگوار زندگي گذارڻ جو درس ڏين ٿا. پاڻ ناولن ذريعي سنڌي قوم جي داخلي ۽ خارجي پهلوئن جي عڪاسي، معاشرتي ۽ سياسي زندگي، تهذيب تمدن ۽ سنڌي ماحول جي منظرڪشي پڻ ڪئي آهي.

"خليق مورائي" جي ناولن ۾ ٻين لکڻين ۾ مشاهدي جي قوت، ڪردار نگاري، ماحول جي عڪاسي ۽ ٻيون خوبيون آهن. هن ناول نويسيءَ جي مڙني خوبين جهڙوڪ: اسلوب بيان، مشاهدي جي قوت، منظر نگاري، حقيقيت نگاري، مڪالمہ نگاري، ڪردار نگاري ۽ عبارت آرائي وارين خوبين کي، ڪاميابيءَ سان نڀايو آهي.

### 3.1.2 ورهاڱي کان پوءِ شايع ٿيل ناول:

ورهاڱي کان پوءِ موري مان بہ سنڌي ناول لکجڻ لڳو. هتان جي اديبن 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ ڀرپور نموني ۾ پنهنجي لکڻين ۾ مزاحمت، سنڌي سماج جي عڪاسي، قومي تشخص ۽ سنڌ جي عوام کي باشعور رکڻ لاءِ ادب کي ڀرپور نموني استعمال ڪيو. هن دور جي اديبن روشن خيالي، حقيقت نگاري، قومپرستي، ترقي پسندي، جديديت، رومانيت ۽ وجوديت سان گڏ سنڌي ناول نگاريءَ ۾ نوان موضوع ۽ گهاڙيٽا پڻ ڏنا. سنڌ سميت موري جي هندو اديبن پڻ سنڌي ادب جي ترقي ونرائڻ ۾ پڻ مضبوط ۽ مستحڪم ڪردار ادا ڪيو. بد قسمتيءَ سان تحريڪ پاڪستان يعني ورهاڱي کان پوءِ اهي هندو اديب ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ ڇڏي هند هليا ويا. سنڌ جي تاريخ ۾ 1947ع وارو ورهاڱو هڪ وڏو سانحو هو، جنهن سنڌي ادب کي ڪاپاري نقصان رسايو. موري جا اهي ناول نگار جن سنڌي ناول نويسيءَ جي ترقيءَ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي، تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

- **ڊاڪٽر ارجن سڪايل:** (1919ع)

ڊاڪٽر ارجن ڏيٺارام ناٿاڻي 5 نومبر 1919ع تي موري شهر جي پرسان ڳوٺ "سڏوجا" ۾ جنم ورتو. ارجن سڪايل سنڌي ناول نگاري جي ورهاڱي کان پوءِ واري ٻئي دور جو ناول نويس آهي. هو سنڌي ادب جو هڪ يگانو ليکڪ آهي. زبان ۽ بيان ۾ چوٽ، بي ڊپو ۽ تز لفظ ڪم آڻيندڙ ارجن سڪايل جو پهريون شعر ان وقت جي مشهور رسالي سنڌوءَ ۾ ڇپيو. ڊاڪٽر ارجن سڪايل جي لکيل ناول جي مجموعن مان "هڪ برش 3 اسٽريون" (ناول 1961ع)، "راجڪماري گيتا" (1967ع)، "تپسيا تني پئي" (1970ع)، "ڪپه ۽ باه" (1972ع)، "ڪنڊن پريون راهون" شامل آهن. "تپسيا تني پيئي" 1970ع، ڊاڪٽر ارجن سڪايل جو هي پنجون اصلوڪو ناول آهي. هن کان اڳ لکيل سندس ناول فني لحاظ کان پلاٽ جي رٿا، موضوعن جي گوناگونيت ۽ خوبصورت ٻوليءَ جي استعمال سبب مقبوليت ماڻي چڪا آهن. تپسيا تني پيئي ناول مان سندس طرز تحرير جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

"چندر هوشيار آهي.ڇيائين تنهنجي اها هلڪي مرڪ مون جڏهن بہ ڏٺي آهي، تڏهن ثابت ٿيو آهي تہ تو اڳلي جي ڳالهہ قبول ڪئي آهي. تون زبان سان هائو نہ چوندي آهين، پر مرڪندي آهين تہ سمجهي وٺبو آهي تہ تو ڳالهہ قبول ڪئي آهي. وديا! تنهنجون اکيون

ڏسي پڙهي ٿو ونان تہ تو ڪيترو وقت پڪچر بابت سوچيو، ڪيترو وقت ڏير جي شاديءَ بابت سوچيئہ؟ پڪچر بابت اسان اڌ ڪلاڪ ڪن بحث ڪيو هو. موٽي آيس ۽ پليٽ چندر جي اڳيان رکندي چيم، گلاب جي راءِ آهي تہ ڪهاڻي ڪهاڻيءَ طور بيحد اثرائتي هئي. سچ ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ ڪهاڻي نويس ۽ هدايتڪار شاباس جا حقدار آهن. انسان جي لڏندڙ من جو ديدار ڪرايائون برابر.... انسان جو من لوهہ ۽ رڪ جو من نہ آهي. اهو جذبن، امنگن ۽ چاهت جي ڪيميڪلس مان جڙيل آهي. ڪهاڻيءَ جي اوسر بہ سياويڪ نموني ٿي آهي. پڇاڙي ڪيس ڪانہ وٺي جو نائڪ کي وويڪ جا وڍ ٿا پون تہ آپگهات ڪري ٿو ڇڏي. نائڪ کي شهر ڇڏي ٻئي هنڌ هليو وڃڻ کپندو هو.“ (3)

ڊاڪٽر ارجن سڪايل مختلف موضوعن تي ٻيا بہ ڪتاب لکيا آهن جن مان هن پهريون ڪتاب ”تنبوآدم جو اتهاس“ (1946ع) ۾ ڇپايو. ارجن سڪايل جي شعري ۽ نثري مجموعن جو تعداد پنجويهہ کن آهي، جن ۾ "تنهنجي رڌڻي ۾ تنهنجي اسپتال“ (صحت بابت مضمون 1947ع)، ”انار ڪلي“ (شاعري 1949ع)، ”گهمي وڃ سنڌو نگر ڏي يار“ (شاعري 1965ع)، ”سنڌي ساهت ڪارن جو البم“ (1968ع)، ”اندرا گانڌي“ (سوانح 1968ع)، ”لينن جي سوانح“ (1968ع)، ”سج ۽ چنڊ جا ڪرڻا“ (شاعري 1982ع)، ”سنڌو نگر جا سنڌي“ (1995ع)، ”امرت جو ڪلش“ (2004ع)، ”صحت تنهنجي صلاح منهنجي“ (2004ع)، ”سنڌ جو سفر نامو “ (2004)،”آءُ ڪا نگاڪر ڳالهہ" (سنڌي شاعرن جي چونڊ شاعري) سندس مشهور ڪتاب آهن. سنڌي ٻوليءَ ۽ لپي سيکارڻ لاءِ سولا سنڌي ڪتاب بہ شايع ٿيل اٿس. هن تحقيقي، تخليقي ۽ تنقيدي مضمونن جا ڪتاب، آلو چنائن ۽ سمالو چنائن، گيتا ۽ ويدن جي فلاسافيءَ ۽ ڪويتائن متعلق بہ لکيا آهن. سندس شاعري هند جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي درسي ڪتابن ۾ پڻ شامل آهي. ورهاڱي کان پوءِ ارجن سڪايل جو سمورو ڪٽنب بمبئي لڏي ويو.

- **هري همٿاڻي (13 فيبروري 1933ع)**

هري همٿاڻي 13 فيبروري 1933ع ۾ تعلقي موري جي ڳوٺ ”هيسب“ ۾ جنم ورتو. هري همٿاڻي خوبصورت ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار بہ آهي. هري همٿاڻي جا ناول هندو سماج جا ناول آهن، جن ۾ درد، پيڙا، پيار، معاشي، معاشرتي مسئلا ۽ وجودي فڪر آهي. هري همٿاڻي جي لکيل ناولن ۾ ”اياڳڻ“ (1954ع)، ”سوني رات“ (1955ع)، ”آشا“ (1955ع)، ”آس نہ آس“ (1957ع)، ”پروفيسر“ (1958ع)، ”پيار روئي ڏنو“ (1960ع)، ”ڏنگيون ڦڏيون لڪيرون“ (1972ع)، ”رات جو ٻيو پهر“ (1982ع)، ”گل جلن پيا“ (1984ع)، ”ماضيءَ جا ڏنگ“ (1991ع)، ”سيما“ (2000ع) ، ”ناتا پيار جا“ ۽ ”اسٽات“ 2014ع شامل آهن.

هري همٿاڻي جي ناولن مان ”رات جو ٻيون پهر“ ناول سنڌ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. سندس هڪ ٻيو ناول اساٽ (2014ع) ورهاڱي جي درد ۽ پيار ڪهاڻي تي آڌاريل هڪ متاثر ڪندڙ ۽ انوکو ناول آهي. هن ناول ۾ هري همٿاڻي پنهنجي فني آرٽ سان خوبصورت منظر نگاري، پراثر ڊائلاگن ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ ڪراچي شهر جي ان دور جي حالتن جي منظر ڪشي ۽ ٻن پريمين عينشي ۽ زهره جي وڇوڙي ۽ اوچتي ميلاپ جي واقعي کي خوبصورت گهاڙيٽي ۾ پيش ڪيو آهي. شوڪت حسين شورو ناول بابت لکي ٿو ته :

”هي ناول ورهاڱي جي هيبتناڪين ۽ عشق جي حسناڪين جو بيانيہ آهي.ان سان گڏ هڪ اهڙي درد جي ڪٿا آهي، جنهن ۾ وڇوڙي جي اڻ ڪٿ اساٽ آهي.“ (4)

هي ناول سادگيءَ جي حسناڪين سان گڏ پيشڪش، پلاٽ، ڪردار نگاري، مواد، سوچ ۽ فڪري لحاظ کان بہ سٺو ناول آهي. ناول مان هري همٿاڻي جي ٻوليءَ ۽ طرزِ تحرير جو مثال ڏجي ٿو:

”مون کي پنهنجيءَ سوچ تي نهايت ئي حيراني ٿي رهي هئي تہ هڪ غير ڇوڪريءَ جي محض نهار تي مان ان قدر ولوڙجي ويو آهيان؟ اهو سڄو ڏينهن ٻچتائي ۾ گذريو هو. ٻئي ڏينهن ڪيس ڏنم. مون کي ائين ڀاسي رهيو هو تہ اسر جو چنڊ سامهون بالڪنيءَ ۾ لهي آيو هو. ايڏي دوريءَ کان چانڊنيءَ جي سيتلتا مان محسوس ڪري رهيو هوس. اهو گلابي مکڙو جڻ ماڪ ڀنل رابيل وانگر ڀاسي رهيو هو. مون کي پاڻ تي تعجب لڳي رهيو هو تہ جڏهن چؤطرف مذهبي نفرت ۽ تعصب جي آڳ ڀڙڪي رهي هئي، تڏهن اهڙي وقت مسلمان ڇوڪريءَ سان پيار بابت محض سوچڻ بہ ڪيڏي مورکتا هئي؟ اهڙا بہ ويچار پئي آيا تہ پاڻي ولوڙڻ مان بہ ڪڏهن مکڻ نڪتو آهي؟ پر من جو تہ ڪم ئي آهي پاڻي ولوڙڻ. ان وقت زهره دروازي جي اوٽ ۾ بيٺي هئي. منهنجو نالو عينشي آهي؟ هان! هن کان ڇرڪ نڪري ويو. تون هندو آهين؟ ها. اوهہ ! خدا هي ڇا ڪري ڇڏيو؟ ڇو زهره، تون هينئن ڪنبي ڇو ويئينءَ؟ منهنجي دل ئي نہ ٿي مڃي تہ تون هندو آهين.“ (5)

- **آنند کيماڻي (09 سيپٽمبر 1937ع)**

آنند ورهاڱي کان پوءِ واري ٽئين دور جو ناول نگار آهي. هن آخري نوڪري راڄيہ سڀا سيڪريٽريٽ پارليامينٽ هائوس، نئي دهليءَ ۾ ڪئي جتان 1991ع ۾ سينيئر ڪلاس ون گزيٽيڊ آفيسر طور رٽائر ڪيو. هن جديد ادب ۾ مباحثہ آميز ليکڪ طور پاڻ مڃايو آهي سندس ناولن ۾ ”هڪ شخص جي واسنا“ (1970ع) کان سواءِ سندس ناولن جي ٽرائلاجي ”انتر ياترا“ (2002ع)، ”رشتن جو ڏنڊ“ (2003ع) ۽ ”اڻ لتاڙيل پيچرا“ (2003ع)، ”وچ اجان ڪانہ ڪري آهي“ (2008ع)، ”ٻاهہ جي ٻنهي پاسي“ (2008ع)، ”محبت منهنجي خواب

ناهي"(2015ع)، "هڪ شخص جي ڪوسي چانوَ ۾" (2017ع)، "مرڻ جيئڻ کي ڪائي معنيٰ ڪانهي" (2019ع) ۽ "رشتن جا اڙانگا پنڌ" (2021ع) سميت ڏهه ناول شامل آهن آنند کيماڻي رشتن جا اڙانگا پنڌ ناول ۾ هڪ جاءِ تي لکي ٿو ته:

"مون کيس گهڻي نالو ڏنو هو. سگداسي سنڌيءَ ۾ جنهن کي گهوتي چئبو آهي. ڪٿي مليا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن سيڪس به ڪئيسين. ڪڏهن ڪونه چيائين ته آکيرو ناهيون. مان شادي شده ٻارن ٻچن وارو، بنيادي طور بنهه باوفا پتي ۽ پتا هوس. هن قسم جا رشتا وقت جي ضرورت، دقيانوست تي چوٽ ۽ سيڪس کي محض هڪ قسم جي بک، جا ڪٿي به متائجي ته ان سان پاپ کي جوڙڻ بيهودگي سمجهندا هئاسين. جڻ ڪپڙا بدلاياسين. جڻ پرفيوم مٽايو سين. ڪڏهن به هڪ ٻئي تي زور ڪونه رکيوسين. فن آتما جي بک آهي. خوابن جو چارو آهي. حالانڪ مون هن کي ڪڏهن به اهو تاثر ڪونه ڏنو ته مان بک- مرو شاعر ڪونه آهيان، پهرين مون پنهنجي ايڪانامي کي بئلينس ۾ رکيو آهي. کيس خبر هئي ته مان ڪوتائون ڪندو آهيان. بس کيس هڪ مانسڪ ناز هو ته سندس ڪو دوست يعني مان شاعر هوس. کيس اها خبر ڪانه هئي ته ڪهڙي قسم يا درجي جو شاعر هوس." (6)

ناول ۾ آنند کيماڻي پلاٽ، پيشڪش، ڪردارن جي گفتگو سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي آهي پر ٻوليءَ جي لحاظ کان انگريزي، هندي توڙي سنڌي لفظن جو به پنهنجي فني آرٽ سان استعمال ڪيو آهي. آنند کيماڻي جا ناول هيئت، فني آرٽ، ڊڪشن، سماجي فڪر توڙي مقصد جي اعتبار کان هري همٿاڻي، ڊاڪٽر ارجن سڪايل ۽ ٻين کان منفرد آهن.

- **<u>ناصر مورائي</u> (1937ع — 2001ع)**

سيد ناصر علي شاهه "ناصر مورائي" ولد سيد جعفر شاهه ترقي پسند ڪهاڻيڪار سان گڏ ناول نگار به هو. هن خليق مورائي جي "سندري" ناول کان پوءِ جديد ترقي پسند ناول "راتيون جاڳن جي" (1965ع) ۾ لکيو، جيڪو زندگي پبليڪيشن پاران حميد سنڌيءَ ڇپايو. هن ناول جا ٻه ڇاپا پڌرا ٿيا. ناصر مورائي هن ناول ۾ هڪ جاءِ تي منظر ڪشي ۽ انداز بيان هن طرح ڪري ٿو:

"سورج پنهنجو سفر پورو ڪري، آسائش لاءِ ڌرتي ماتا جي گود ۾ وڃي رهيو هو. سندس زرد ڪرڻا، ڪمري ۾ گهڙي آيا، جڻ موڪلائڻ آيا هجن ته يار اسين ته هلون ٿا، هاڻي پيڻ راتڙي کي ٿا موڪليون، ته هوءَ ويهي تنهنجي اوجاڳن کي ڳڻي. پر اڄ ته هن کي نه ان سورج جو شفق جي لالائي ۾ ٻڏڻ ٿي وڻيو، نه ئي رات جو اوجاڳو ! هن جي زندگيءَ ۾ رات جا سپنا، ننڍڙا ديوي جا چاچي ٿي آيا هئا ۽ روشن صبح، اوڙڻ! نسيم سڄ جو اهو پيغام ٻڌي، هلڻ

جي واري. شفيق جي دل تہ چيو ٿي، ويني رهہ تون سامهون، ديدار آءٌ ڪريان. پر اکڙين چيس تہ ونين ۾ ئي ڪٽي ويهاريس ۽ روشن صبح هن جي زندگيءَ ۾ نئون پيغام ڪٽي آيو. اڄ هو پاڻ کي دنيا ۾ سڀ کان خوش نصيب تصور ڪري رهيو هو.“ (7)

ناصر مورائيءَ جو هي ناول ادب جو اعليٰ شاهڪار آهي، جنهن ۾ فاضل مصنف مختلف بحثن جي ذريعي مسئلن کي خوب نروار ڪيو آهي. جهالت، بيماري، غربت، سڌاري، رسمن، بي رحم ۽ غير انساني روايتن جي عڪاسيءَ جهڙا موضوع آهن. ناول ۾ اظهار جي اٿت سليس، مختصر، نج سنڌي محاورن، تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ٿيل آهي. ناول ۾ ليکڪ پنهنجو تجربو، مشاهدو ۽ تحقيقي سگهہ ڪتب آندي آهي. جنهن جي ڪري سڄو ناول موضوع سميت اعليٰ ۽ معياري تخليق جو ثبوت ڏئي رهيو آهي. 60 واري ڏهاڪي ۾ هي ناول سنڌي ادب ۾ بي حد مقبول ويو.

- **فتح الدين سومرو ”بيدار مورائي“** (1937ع — 2013ع)

فتح الدين سومرو ”بيدار مورائي“ ولد جان محمد سومرو هڪ سنو ناول نويس، سيرت نگار، سوانح نگار ۽ افسانہ نويس پڻ هو. سندس 60 کان مٿي ڪتاب لکيل آهن، جن مان اسلامي تعليم تي مشتمل، سندس معاشرتي اصلاحي 7 ناول بہ شامل آهن. سندس پهريون اسلامي تعليم بابت ناول ”حقيقي علم“ (1959ع) ڇپيو، جيڪو عارف ۽ عالم جي گفتگو ۽ بحث تي ناول جي طرزتي لکيل آهي. سندس ٻيو ناول ”حقيقي دوست“ (1960ع) ڇپيو. هي ناول اسلامي ۽ اصلاحي موضوعن بابت ٽن دوستن جي تشريح، بيوفا دوست ۽ انهن جي نشانين کان علاوہ، پير مٺا سائينؒ جن جي تقريرن جي تت تي مشتمل آهي. سندس ٽيون ناول ”چوٽڪارو“ (1962ع) ۾ ڇپيو، جنهن ۾ دنيا جي مڪاري، بيوفائي ۽ آخرت جي فڪر ڏانهن رغبت ۽ رجحان جي تذڪري سان گڏ حضرت امام ربانيؒ ۽ حضرت محبوب سبحانيؒ جن جا ارشاد پڻ شامل آهن. سندس ناول ”عشق جي پوک“ (1962ع) ڇپيو، جنهن ۾ دلچسپ عجيب و غريب عنوان ”زاريءَ واري زمين“ ، ”هينائينءَ جا هر“، ”پيار جو پاڻي“، ”ادب جو ٻج“، ”سک جا سلا“، ”محبت جا سنگ“، ”غير جي جهار“ ۽ ”وسيلي جي ونگار“ ڏنل آهن. هي ناول نهايت ئي دلچسپ ۽ عشقيہ انداز ۾ مجازي ۽ حقيقي عشق تي مبني آهي. هڪ ٻيو سندس اصلاحي ناول ”چوڏهين صدي“ (1964ع) ڇپيو، جنهن ۾ معاشري جي عڪاسي ۽ منظرنگاري نهايت ئي دلچسپ ۽ دلڪش انداز ۾ بيان ڪيل آهي. ”جوڳي جاڳايوس“ (1965ع ) ۽ سندس آخري ناول ”زهريلا نانگ“ (1970ع ) ۾ ڇپيا. ذڪر ڪيل مٿيان ناول گهڻي ڀاڱي معاشرتي، اصلاحي ۽ اسلامي تعليم تي مبني آهن، جن ۾ سماج ۾ رهندڙ فردن کي اسلامي تعليم مطابق درس، تلقين ۽ اصلاح جهڙا موضوع آيل آهن. ”بيدار مورائي“ هنن ناولن ۾ پنهنجو تجربو، مشاهدو ۽ تخليقي سگهہ ڪتب آندي آهي. سندس ناولن ۾ ٻوليءَ جي رس چس ۽ پختگي پڻ آهي.

- **<u>استاد بهاول لغاري</u>** (12 آگسٽ 1940ع)

استاد بهاول لغاري ولد سمندر خان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار سان گڏ ناول نگار به آهي. سندس پهريون ناول "سچل جو ٻالڪو" (2010ع ) ڇپيو. هن ناول ۾ زندگيءَ جي وارتائن، روين، احساسن ۽ جذبن کي سهڻي انداز سان پرکيو ويو آهي. هي ناول نئين موضوع ۽ ٽيڪنڪ تي لکيل آهي. ناول ۾ تصوف جو فلسفو، سماجيات، سنڌ ۾ رائج تصوف، قوم سان ٿيندڙ ظلمن ۽ نا انصافين، مذهب، ذات پات جي فرق ۽ حالتن جي عڪاسي خوبصورت ڪردارن ذريعي، سليس ٻوليءَ ۾ پيش ڪيل آهي. ان ڪان علاوه ناول ۾ سنڌ جي منافق سياستدانن تي لعنت ۽ ملامت، سماج ۾ مروج نظام کان بغاوت، غربت، طبقاتي نظام، مرشد، پيرن، وڏيرن، جهڙن سماجي ناسور ڪردارن جي پٽ وائکي پڻ ڪيل آهي. وقت جي ان سچ کي بيان ڪندي ليکڪ ناول جي ڪردارن کان هن ريت ڳالهرائي ٿو ته:

"ابا يلا مون کي رحم ۽ قياس گهٽو چو ٿو اچي؟ پيءُ: ان ڪري جو تون اجا مڪمل مسلمان نه ٿيو آهين. مسلمان ٿيندين ته رحم دل مان نڪري ويندو. ڏس وڏيرو وليداد مسلمان اٿئي. ٻچ واري ڏينهن ٻچ تي ڪيتري خلق هئي، سڀ مسلمان هئا. انهن کي رحم نه پيو اچي ۽ توکي ته ڪتن تي به رحم پيو اچي. فقير وٽ به توکي ٻليءَ لاءِ رحم آيو هو. ڪڪڙن کي حلال ڪرڻ وقت به توکي رحم ٿو اچي". (8)

استاد بهاول هڪ حقيقت نگار وانگر معاشري جي براين تي نگاهه وجهي ٿو. هن حالات جي پس منظر ۾ پنهنجن جذبن کي حقيقت سان هم آهنگ ڪري لکيو آهي. هو سماج جي فرسوده نظام کان بغاوت ڪندي نظر اچي ٿو. سندس ناول جا ڪجھ ٽڪرا پيش ڪجن ٿا.

"سچل: محبت جي انتهائي درجي کي عشق سان تعبير ڪيو ويو آهي. عشق باھ جو نالو آهي جڏهن اها عاشق کي لڳندي آهي ته ان جي اندر مان چوري نڳي، نفرت، فريب، ڪوڙ سڀ ساڙي ختم ۽ ناس ڪري ڇڏيندي آهي". (9)

" گلاب (ڪرشن) امتياز بابا اوهان مرشد آهيو. اوهان کي سچ ٻڌائيندو هلان ته مجاوري منهنجي ڏيءُ ظاهري ۾ سڏجي ٿي، پر حقيقت ۾ منهنجي ڏيءُ ناهي. سيد راضن شاھ جي بنان نڪاح ڏيءُ آهي. 14 يا 15 سال اڳ مجاوريءَ جي ماءُ راضن شاھ وٽ ويهاريل هئي. تمام سهڻي هئي. اسان ٻاگڙي سڀ منٿ ميڙ لاءِ وياسون پر نه مڃيائين ۽ نڪو نڪاح ئي ڪيائين انهيءَ مان هيءُ مجاوري ڄائي، جيڪا منهنجي اڳ ڄائي آهي. هاڻ وري راضن شاھ هن مجاوريءَ لاءِ گھُر ڪري رهيو آهي ته مون کي ڏيو". (10)

بهاول جو هي ناول دقيانوسي سوچ، غريب جي استحصال، سماجي ترقي ۽ مذهب جي آڙ ۾ لڪل مڪروهه مولوين تي چٽر بہ آهي، جيڪي عام ماڻهن کي گمراهه ڪن ٿا. هي ناول هڪ معاشرتي اصلاحي ناول آهي. ناول ۾ گفتگو، ڪلائيمڪس، مرڪزي خيال، منظر ڪشي ۽ پيشڪش ۾ ڪٿي ڪٿي جهول بہ آهن. ناول جو انجام بہ ايترو دلچسپ ناهي. طرز تحرير جي لحاظ کان هي هڪ سادو ناول آهي.

اهڙيءَ طرح موري مان مشتاق باگاڻي بہ ناول نگاري ۾ ”ڪوس گهر“ جي نالي سان هڪ ناول لکيو آهي، جيڪو ڇپائي هيٺ آهي. ان کان سواءِ منظور حسين لغاريءَ جو به ناول ”چوٽ“ جي نالي سان لکيل آهي، جيڪو پڻ ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهي.

مجموعي طور موري مان ناول نگارن پنهنجي ناولن ۾ سماج سان مضبوط ڳانڍاپو ڏيکاريو آهي. ان دور ۾ جيڪو ڪجھ سماج ۾ ٿي رهيو هو ۽ جن ڳالهين جي ضرورت هئي انهن کي ناولن ۾ پيش ڪيو آهي. سندن ناول مختلف مسئلن، پهلوئن، لاڙن، رجحانن، خيالن ۽ قدرن جا ترجمان هئڻ سان گڏ اصلاح، تجديد، ترقيءَ ۽ رهبري جو ذريعو پڻ آهن. هنن معاشري مان چونڊيل عام انسانن جي وسيلي سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪرائي آهي. ان کان علاوه هنن جڙتو پيرن ۽ اڏ اکري ملن تي پڻ سهڻي انداز ۾ تنقيد ڪئي آهي. سندن هي ناول ٻولي، فڪر، مقصد ۽ مواد جي لحاظ کان ان دور جا بهترين ناول آهن. ”خليق مورائي“ پنهنجي ناولن ”سندري“، ”نسيما“، ”چٽر پٽي“ ۽ ”عبرت“ ۾ عورت کي مرڪزي حيثيت ڏني آهي. ناصر مورائي، استاد بهاول لغاري ۽ ”بيدار مورائي“ جا ناول عام فهم ۽ سادي اسلوب سبب مختلف مسئلن کي نروار ڪرڻ سان گڏ پڙهندڙن کي متاثر ڪندڙ آهن. هي ناول سنڌي سماج جي تهذيب ۽ ثقافت جي اپٽار ڪرڻ سان گڏ اجاين ريتن، رسمن، رواجن، وهمن ۽ وسوسن کي سنڌي سماج مان خارج ڪرڻ جي پرچار ڪن ٿا.

موري جي ادبي تاريخ ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جيڪي ناول ڇپيا، انهن جو وچور هتي ڏجي ٿو.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. سندري | خليق مورائي | 1928ع |
| 2. نسيما | خليق مورائي | 1930ع |
| 3. عبرت | خليق مورائي | 1934ع |
| 4. چٽر پٽي | خليق مورائي | |
| 5. ستيءَ جي ستيا | خليق مورائي | |
| 6. درس آموز | خليق مورائي | |

| | | |
|---|---|---|
| 7. اياڻ | هري همٿاڻي | 1954ع |
| 8. سوني رات | هري همٿاڻي | 1955ع |
| 9. آس نہ آس | هري همٿاڻي | 1957ع |
| 10. پروفيسر | هري همٿاڻي | 1958ع |
| 11. حقيقي علم | بيدار مورائي | 1959ع |
| 12. پيار روئي ڏنو | هري همٿاڻي | 1960ع |
| 13. حيقيقي دوست | بيدار مورائي | 1960ع |
| 14. هڪ برش ٽي استريون | ڊاڪٽر ارجن سڪايل | 1961ع |
| 15. ڇوڪارو | بيدار مورائي | 1962ع |
| 16. عشق جي پوک | بيدار مورائي | 1962ع |
| 17. چوڏهين صدي | بيدار مورائي | 1964ع |
| 18. جوڳي جاڳايوس | بيدار مورائي | 1965ع |
| 19. راتيون جاڳن جي | ناصر مورائي | 1965ع |
| 20. راج ڪماري گيتا | ڊاڪٽر ارجن سڪايل | 1967ع |
| 21. تپسيا ٽٽي پئي | ڊاڪٽر ارجن سڪايل | 1970ع |
| 22. زهريلا نانگ | بيدار مورائي | 1970ع |
| 23. ڏنگيون ڦڏيون لڪيرون | هري همٿاڻي | 1972ع |
| 24. ڪپھ ۽ باھ | ڊاڪٽر ارجن سڪايل | 1972ع |
| 25. ڪنڊن ڀريون راهون | ڊاڪٽر ارجن سڪايل | |
| 26. رات جو ٻيو پهر | هري همٿاڻي | 1982ع |
| 27. گل جلن پيا | هري همٿاڻي | 1984ع |
| 28. ماضيءَ جا ڏنگ | هري همٿاڻي | 1991ع |
| 29. سيما | هري همٿاڻي | 2002ع |
| 30. اُساٽ | هري همٿاڻي | |
| 31. ناتا پيار جا | هري همٿاڻي | |
| 32. سچل جو ٻالڪو | استاد بهاول لغاري | 2010ع |

### 3.2 افسانو / Fiction

سنڌي نثري ادب ۾ افسانو / ڪهاڻي اها صنف آهي، جنهن سڀ کان وڌيڪ ترقي ڪئي آهي. اوائلي دور ۾ ڪهاڻيءَ جون شروعاتي صورتون قصن، داستانن ۽ آکاڻيون زباني طور ٻڌائڻ جي فن تي مشتمل هيون.

”ڪهاڻين جي شروعات بهادريءَ جي قصن کان شروع ٿي. اها مذهبي رنگ سان گڏجي رومانس مان گذرڻ لڳي. پوءِ اهو رومانس لوڪ داستانن ۾ رومانوي قصا، بهادريءَ جون ڳالهيون، جنن ڀوتن، ڏائڻين، ديون ۽ پرين جا قصا به شامل هئا.“ (11)

افسانو / ڪهاڻي، قصي يا داستان جي هڪ اهڙي مختصر شڪل آهي، جنهن ۾ وندر سان گڏ انسانن لاءِ پيغام ۽ اصلاحي پهلو به سمايل ٿئي ٿو. ڪهاڻيءَ جي وصف بابت اي ـ جي ريٽڪلف جو چوڻ آهي ته:

”افسانو سنئين سڌي آکاڻي نه آهي، پر هڪ اهڙي فني تخليق آهي، جنهن ۾ فنڪار جي ارادي ۽ حڪمت عمليءَ جو گهڻو دخل آهي“. (12)

Mathews Brander جو ڪهاڻيءَ متعلق خيال آهي ته:

”ڪهاڻيڪار ان وقت تائين ڪاميابي حاصل ڪري نٿو سگهي، جيستائين سندس فن ۾ جدت پسندي، معجزه بياني، تخليق جي بلندي ۽ تصور جون صفتون يڪجاءِ نه هونديون“. (13)

شوڪت حسين شوري چواڻي ته:

”مختصر ڪهاڻي جيتوڻيڪ ٽيڪنڪ جي حوالي سان هڪ الڳ ۽ جديد صنف آهي، پر ان جو توڙي ڊرامي يا ناول جو بنيادي عنصر اسٽوري آهي. جيڪو اسان وٽ اڳ ۾ ئي لوڪ ڪهاڻين، قصن، داستانن، ڪٿائن، ڳالهه يا آکاڻيءَ ۾ موجود هو. ڪهاڻيءَ جي عمر پلي ڪٿي صديون پراڻي هجي، پر جديد مختصر ڪهاڻيءَ جي فن جي عمر ڏيڍ صدي مس آهي“. (14)

ڪهاڻيءَ جي مختصر هجڻ بابت ايچ ـ جي ويلس مطابق ته:

”ڪو به نندڙو ليک، جيڪو ويهن منٽن جي اندر پورو ڪري سگهجي، تنهن کي ڪهاڻي چئبو آهي“. (15)

وليم سومرسيٽ ماهام مطابق:

”مختصر افسانو، مختصر هوندي به جامع آهي. افساني جو روح ان جو اختصار آهي. ان ۾ زندگيءَ جي ڪنهن خوشگوار يا ڏکوئيندڙ حالت يا جنهن انسان سان ٿيل وقتي ماجرا، يادن جي ذهني مونجهاري جو مختصر انداز ۾ بيان ٿيندو آهي. اهڙو اختيار ڪهاڻين، قصن ۽

داستانن ۾ موجود هوندو هو. پر اهي فني جمالياتي اصول ۾ اٿلي هئا، جيڪي مختصر افساني لاءِ ضروري سمجهيا وجن ٿا." (16)

افسانو / ڪهاڻي هڪ اهڙو داستان آهي، جو هڪ ئي وقت يا نشت ۾ پڙهي ختم ڪري سگهجي، جيڪو هڪ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ لکيو ويو هجي. افسانوي ادب انگريزن جي دور کان شروع ٿيو. افساني يا ڪهاڻيءَ کي سنڌيءَ ۾ مختصر ڪهاڻي يا مختصر افسانو سڏجي ٿو. ڪهاڻي لکڻ جا ڪيترائي قسم آهن، جن مان سماجي ڪهاڻيون، واقعاتي ڪهاڻيون، رومانوي ڪهاڻيون، تاريخي ڪهاڻيون، موضوعاتي ڪهاڻيون، ڪرداري ڪهاڻيون، جاسوسي ڪهاڻيون، نفسياتي ڪهاڻيون ۽ خوف زده ڪهاڻيون وغيره اچي وڃن ٿيون. مختصر افسانو / ڪهاڻي جي خاص ٽيڪنڪ آهي، جنهن ۾ ڪنهن واقعي، تاثر، ڪردار ۽ پلاٽ کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو وڃي ٿو. افساني جي زمين تنگ آهي، جنهن جي ڪري هو هميشہ طوالت ۽ وضاحت کان گريز ڪري ٿو. مختصر افساني / ڪهاڻي کي پنهنجا اصول ۽ قائدا آهن. اختصار سندس روح ۽ ڪردار نگاري سندس اهم حصو هوندو آهي. موضوع، پلاٽ، ڪردارنگاري، مرڪزي خيال، منظر ڪشي، مڪالمہ، ڪلائيمڪس، آغاز، انجام، ماحول جي جوڙجڪ، ٻولي، بيان ڪرڻ جو نقطہ نظر، اسلوب بيان، ڪهاڻيءَ جافني، ترڪيبي جزا ۽ عناصر آهن.

مختصر سنڌي افساني / ڪهاڻيءَ جي شروعات 1914ع کان ٿي. ان جي اوائلي هيئت نهايت ئي سادي هئي. ويهين صديءَ ۾ روس ۾ ٽالسٽاءِ افساني جو باني هو، جڏهن تہ انگلينڊ ۾ چارلس ڊڪسن هن جي شروعات ڪئي. فرانس ۾ وري بانراڪ هن جي آبياري ڪئي. آمريڪا ۾ اوهينري هن صنف کي اڳتي وڌايو. گوگول چيخوف، موپاسان اوڻويهين صديءَ جا ڪهاڻيڪار ٿي اڀريا. ويهين صديءَ جي شروعات کان سنڌي افساني / ڪهاڻيءَ وڏيڪ ترقي ڪئي. 1923ع ۾ ٽيگور سنڌ ۾ اچي اديبن ۾ اتساهہ پيدا ڪيو. هن دور ۾ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان امر لعل ﭙﻬريون ڪهاڻيڪار آهي، جنهن طبعزاد ڪهاڻي نويسيءَ جي فن سان گڏ حقيقت نگاريءَ تي مشتمل جديد ڪهاڻيءَ جي فن جو بنياد ڌنو. ان جو مثال سندس ڪهاڻي "ادو عبدالرحمٰن" آهي، جنهن کي يونيسڪو پاران بهترين ڪهاڻي سڏيو ويو. هن ئي دور جو ٻيو اهم ڪهاڻيڪار مرزا نادر بيگ آهي. طبعزاد ڪهاڻين جا ابتدائي ليکڪ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، ديوان ڪوڙومل، لعل چند امر ڏنومل پرمانند ميوارام هئا. لعل چند امر ڏني مل سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ جو لاڙو انگريزن جي دور کان آيو. 1926ع کان ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ٿي. هن دور جي افسانن ۾ حقيقت پسنديءَ جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. سنڌيءَ ڪهاڻيءَ ٻين صنفن سان گڏ حالتن جي تبديلين جو اثر قبوليندي، پنهنجي هيئت،

موضوع ۽ اسلوب جا انداز متاثيندي، چگي ترقي ڪئي. هي اهو دور هو، جڏهن نندي ڪٿا ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ زور تي هئي ۽ "انجمن ترقي پسند مصنفين" قائم ٿي.

سنڌي افسانوي ادب ۾ 1940ع کان 1947ع واري عرصي ۾ سنڌ جي اديبن هڪ منظم تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جو مقصد انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ هو. هن دور جي افسانن جو موضوع سياسي، سماجي، معاشي ۽ اخلاقي مسئلن کان علاوه، هن دور جي ڪهاڻيڪارن علامتي انداز ۾ ڪهاڻيون پڻ لکيون. 1947ع تائين سنڌي ڪهاڻيءَ گهڻي ترقي ڪئي. ڪيترائي اهم ڪهاڻيڪار پڻ پيدا ٿيا، جن ڪهاڻيءَ جي جديد فن ۾ نيون راهون پيدا ڪيون. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي وڏيڪ لکجڻ ۽ ڇپجڻ شروع ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ بين بين الاقوامي حالتن جي ڪري نين تحريڪن ۽ لاڙن جنم ورتو. سنڌي ڪهاڻيءَ جي ترقيءَ ڏيارڻ ۾ ان وقت سنڌي ادبي سنگت پڻ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان کان علاوه سنڌي ڪهاڻيءَ کي ترقي ونرائڻ ۾ شيخ اياز، جمال ابڙي، اياز قادري، غلام رباني، بشير مورياڻي، سراج، رشيد ڀٽي، شيخ حفيظ، رسول بخش پليجو، عبدالجبار جوڻيجو ۽ قمر شهباز، نجم عباسي، علي احمد بروهي، ثميره زرين، رشيده حجاب، بيگم زينت چنه، ابن حيات پنهور، امين هاليپوٽو، عبدالرزاق "راز" ۽ موري شهر مان "اختر مورائي"، محمد ابرهيم مورائي، امان الله ٻگهيو گچيرائي ۽ ٻين اهم ڪردار ادا ڪيو.

سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٻيو جاڳرتا جو دور سال 1956ع کان 1970ع تائين رهيو. هن دور ۾ ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ دوران قومپرستي، مقاميت نگاري ۽ جديديت جي لاڙن جو سنڌي ڪهاڻيءَ تي خاص اثر پيو. انهن ۾ شيخ اياز، محمد عثمان ڏيپلائي، غلام رباني آگرو، حفيظ شيخ، محمد اسماعيل عرساڻي، بشير مورياڻي، اياز قادري، ع. ق. شيخ، شيخ راز، رشيد آخوند، محمد عثمان چلگري ۽ ٻيا هن دور جا سرگرم ۽ نمائينده ڪهاڻيڪار هئا. هن دور ۾ ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا پڻ شايع ٿيا. هن دور ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي تجربن ۾ گهڻي وسعت پيدا ٿي. نوان موضوع، نيون ٽيڪنيڪون نمودار ٿيون ۽ سنڌي ڪهاڻي ترقيءَ جي منزل ڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ سان گڏ ڪهاڻين جا ڪيترائي مجموعا پڻ شايع ٿيا. نجم عباسيءَ جو "پٿر تي ليڪو" ۽ "ناچڻي"، ماهتاب محبوب جو "پرھ کان پهرين"، ثميره زرين جو "گيت اجايل مورن جا"، غلام نبي مغل جا "نئون شهر"، "رات جا نيڻ" ۽ "رات منهنجي روح ۾"، عبدالقادر جوڻيجو جو "واٽون ، راتيون ۽ رول"، امرجليل جا "دل جي دنيا" ۽ "جڏهن مان نہ هوندس"، نسيم کرل جو "شبنم شبنم ڪنول ڪنول"، حميد سنڌي جا "اداس واديون" ۽ "سيمي" ۽ طارق اشرف جو "سونهن پٿر ۽ پيار" مجموعا شايع ٿيا، جن کي پڙهندڙن ڏاڍو پسند ڪيو.

جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي باني جمال ابڙي، جنهن "پشوپاشا"، "شاهه جو ڦر"، "بدمعاش"، "منهن ڪارو"، "خميسي جو ڪوٺ" جهڙيون شاهڪار ڪهاڻيون لکيون. گوبند مالهي، شيخ اياز، آغا سليم، موهن ڪلپنا، طارق اشرف، نسيم کرل، ماڻڪ، ۽ علي بابا جديد ڪهاڻيءَ جا موجد هئا. ان کان علاوه حميد سنڌي، قمر شهباز ، مدد علي سنڌي، نورالهديٰ شاهه، خيرالنساءِ جعفري، ممتاز مهر، رزاق مهر، ڪيهر شوڪت، اخلاق انصاري، رزاق سهتو، طارق عالم ابڙو، عابد مظهر، ضراب حيدر، منور سراج، انور ڪاڪا ۽ ٻيا ڪيترائي ڪهاڻيڪار اڄ به جديد ڪهاڻي لکي رهيا آهن، جن ڪهاڻيءَ جي جديد فن ۾ نيون راهون پيدا ڪيون آهن. فني لحاظ کان اڄ جي سنڌي ڪهاڻي بين الاقوامي معيار جي برابر آهي.

ورهاڱي کان پوءِ ڪجهه وقت سنڌي ادب جي دنيا ۾ موري سميت مانار چانيل رهي، پر جلد ئي هتان جي اديبن پڻ ان ڪوٺ کي محسوس ڪندي، شاعرن توڙي افسانا نويسن سنڌي سماج جي مسئلن کي بيان ڪيو جنهن ۾ بک، بدحالي، سنڌي سماج جي جهالت ۽ غربت وغيره جهڙن انيڪ موضوعن سان گڏ حقيقت نگاريءَ، طبقاتي جدوجهد، سماجي مسئلن ۽ قومي شعور کي پڻ اجاگر ڪيو.

1956ع ۾ ون يونٽ جي نفاذ، سنڌي ماڻهن ۾ ٻوسٽ جو احساس پيدا ڪيو. زندگيءَ جي هن بدلجندڙ روپ ، ڪهاڻيءَ کي ڪيترائي ڍنگ رنگ ڏنا، جنهن ڪري ڪهاڻي/افساني کي نوان موضوع مليا. عوام ۾ سماجي ۽ سياسي شعور پيدا ڪيو. انهي دور ۾ موري مان جن ليکڪن ڪهاڻيون لکيون، اهي نئين زندگي، سه ماهي مهراڻ، فردوس ۽ ٻين معياري رسالن ۾ شايع ٿيون.

ورهاڱي کان پوءِ موري ۾ به سنڌي افسانو ٽن دورن ۾ ورهايل نظر اچي ٿو. هڪ دور آزاديءَ واري سال 1947ع کان ون يونٽ ٽٽڻ واري سال 1971ع تائين جو دور، جنهن کي سنڌي افساني جو مزاحمتي دور به چئي سگهون ٿا. ٻيو دور 1972ع کان 1985ع تائين ۽ ٽيون دور 1985ع کان اڄ تائين آهي.

هتان جي ليکڪن جون ابتدائي ڪهاڻيون گهڻو ڪري سماجي حقيقتن جي سنگين واقعن تي ٻڌل هيون. انهن ڪهاڻين جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو، ته سنڌي ڪهاڻي نويسيءَ جي فن کي مڪمل طور پذيرائي نه ملي هئي. انهن مان ڪي ڪهاڻيون بيانيه ۽ساديون هيون ته ڪن ۾ وري واعظانه انداز هو. ان وقت جي ڪهاڻين مان اها ڳالهه پڻ پڌري آهي ته ڪهاڻيڪار فني راهه اختيار ڪرڻ بدران صرف جذبات جي رستي مسئلن جي حل تائين پهچڻ چاهيو ٿي. جيتوڻيڪ انهيءَ دور ۾ ڪجهه ڪهاڻيڪار اهڙا به هئا، جن ڪهاڻيءَ ۾ انفرادي تجربا به ڪيا ۽ اڳتي هلي سندن نالو سنن ڪهاڻيڪارن جي ڳڻپ ۾ ٿيڻ لڳو.

**<u>ورهاڱي کان پوءِ</u>**

**<u>پهريون دور</u> (1947ع کان 1971ع )**

موري مان ورهاڱي کان پوءِ پهرين ڪهاڻي قاضي محمد قاسم جي ملي آهي، جيڪا نومبر 1947ع ۾ ”عشق حسرت“ جي نالي سان ماهوار ”لطيف“ رسالي ۾ ڇپي. هي ڪهاڻي هڪ سچي واقعي تي لکيل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سماجي حقيقت نگاري جو عڪس پسي سگهجي ٿو.

هن شهر مان سنڌي ڪهاڻيءَ جي آغاز واري دور ۾ محمد ابراهيم مورائي، چنيسر پٺاڻ، ننگر خان ايم پٺاڻ، قاضي محمد علي ”اختر“ مورائي، ناصر مورائي، قاضي نذير احمد ۽ ٻيا نظر اچن ٿا. هنن نه صرف طبعزاد جديد ڪهاڻيون لکيون، پر افسانه نويسيءَ کي زور ونائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن دور ۾ سنڌ جي سماجي مسئلن کي پڻ افسانن ذريعي نمايان ڪيو ويو. هن دور جي افسانن ۾ ناصر مورائيءَ جي افسانن کي تمام گهڻي موٽ ملي. ناصر جون ڪهاڻيون بنيادي طور سماجي بدعتن خلاف لکيل هيون. هن پنهنجي ٽيڪنڪ ۽ بيانيه انداز بدران مڪالمي وارو انداز اپنايو. هن ڪهاڻين ۾ مڪالمن (ڊائلاگن) ذريعي واقعا دهرايا. ان کان سواءِ محمد ابراهيم مورائي ۽ ننگر خان ايم پٺاڻ پڻ افساني کي ڳوٺاڻي سماج، بک بدحالي ۽ غربت کي موضوع بڻايو. سندن افسانن جي خوبي ٻوليءَ جو شاندار هئڻ، خوبصورت محاورن ۽ پهاڪن جو نمايان استعمال پڻ آهي. قاضي محمد علي ”اختر مورائي“ جا ”هڪ روپيو“ ۽ ”عجيب جرم جي عجيب سزا“ اهڙا افسانا آهن، جن ۾ سماجي پيڙا، زندگيءَ جا حقيقي رنگ ڍنگ ۽ سماجي حقيقت نگاري سمايل آهي. نذير احمد قاضيءَ جي ڪهاڻين ”پڪر“، ”واليون“ ۽ ”ٻڪي“ ۾ سماجي بيوسي، طبقاتي سماج، ڏک، پيڙا، جاگيرداري ۽ ڪامورا شاهيءَ خلاف آواز سان گڏ سندس ذاتي داخلي ۽ خارجي محروميون به ملن ٿيون. فتح الدين ”بيدار“ مورائي جي ڪهاڻين ۾ جذبن جو اظهار، سماجي درد، اتساهه ۽ ناصحانا عنصر نمايان ملي ٿو.

جمال الدين ”مؤمن“ خاصخيليءَ جو هڪ افسانو ”جواري“ (1953ع) ۾ فردوس رسالي ۾ ڇپيو. سندس هڪ ٻيو افسانو ”غيرت“ (1955ع) ۾ هفتيوار ”سنڌ مسلم“ نواب شاهه ۾ ڇپيو. ٻئي افسانه سماجي حقيقت نگاري تي مشتمل آهن. امير بخش ”نظر سنڌي“ جي ڪهاڻي ”لڙڪ ۽ ٽهڪ“ اپريل (1954ع) جي اخبار تعليم ۾ ڇپي. ڪهاڻي بياني طرز تي هڪ ڳوٺاڻي نفسيات ۽ گهريلو آهي، جنهن ۾ ڏک، درد ۽ وڇوڙي جي عڪاسي ڪيل آهي.

جان محمد ايم - عطار جو نالو موري جي بنيادي ڪهاڻيڪار ۾ اچي ٿو. هن جي لکيل ٿورڙين ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاريءَ جو عنصر نمايان نظراچي ٿو. ڊسمبر 1957ع جي ماهوار ”ڳوٺ سُڌار“ حيدرآباد جي پرچي ۾ هن جي ڪهاڻي ”وڏيرو ۽ وڏيري“ ڇپي. هيءَ ڪهاڻي عورت جي نفسيات تي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپ ڊائلاگ ۽ خوبصورت ڪلائيمڪس آهي. ڪهاڻيءَ جو موضوع 'شادي' آهي.

ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ پڻ 60 واري ڏهاڪي ۾ افسانا لکيا، جيڪي ان وقت جي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا. 1962ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه "مشعل" مخزن ۾ هن جي ڪهاڻي "طوفان" ڇپي، جيڪا غربت جي درد سان پريل آهي. ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو آهي ته:

"اُف الله !! ڇا اسان جي لاءِ ڪو به اهڙو رحمدل ڊاڪٽر ڪونهي جو امان کي به اهڙي دوا ڏئي، جيڪا سرمائيدارن کي گهر ويٺي صرف فون ڪرڻ سان موجود ڪري ڏني ٿي وڃي." چرين وانگي جوش ۾ خبر نه آهي ته انور الائي ڇا ڇا پيو چيو، يڪدم ڳالهائڻ بند ڪري ماءُ جي ڪمزور جسم کي هٿ لاتو، جنهن جو پڪيئڙو پڃري مان پرواز ڪري ويو هو. ان ڪان پوءِ هڪ وڏي چيخ ٿي ۽ انهيءَ اڌ ڪليل ڪونڙيءَ مان ڳالهائڻ جو آواز بند ٿي ويو." (17)

سندس هڪ ٻي ڪهاڻي "گلاب جي گل جي آتم ڪهاڻي" (1963ع) ۾ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه جي "مشعل" مخزن ۾ ڇپي. سندس چار پنج ترجمو ڪيل ڪهاڻيون پڻ شايع ٿيل آهن.

ڄام محمد سلطان راهوجو جي ڪهاڻي "ڏاڙيل اڇي ويا" ڪتاب "سنڌ جون پراسرار ڪهاڻيون" ۾ ڇپي، جنهن کي شيخ عزيز ترتيب ڏئي 70 واري ڏهاڪي ڇپايو. ڪهاڻي سنڌ جي انهن سچين ڪهاڻين مان هڪ اهڙي سچي واقعي تي مبني آهي، جيڪا سنڌ جي عام هنڌن تي ٿيندڙ واقعن جي نشاندهي ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ سماجي حقيقت نگاري جو اظهار آهي.

محمد اسحاق سولنگي جي ڪهاڻين مان "اسيمبلي جي ٽڪيٽ" فيبروري 1979ع ۾ گرامي پبليڪيشن دولتپور ۽ هڪ ٻي ڪهاڻي "ننگن تان نثار ٿيا" سنڌي ادبي سنگت موري جي ڪتابي سلسلي "ڳنڍيون منجھ ڳنڍير" ۾ شايع ٿيون. هي ڪهاڻيون سماجي حقيقت نگاريءَ سان گڏ عام ماڻهن جي حقيقي مسئلن جي عڪاسي ڪن ٿيون.

سيد محبوب علي شاهه جو افسانو "سوجهرو" ۾ ادارهه آئينه ادب مورو سلسلي جي پهرين ڪتاب لهرون لک لباس (1967ع) ۾ ڇپيو، جيڪو هڪ فڪري افسانو آهي.افساني ۾ حقيقت پسندي، ڪردارن جون ڪيفتيون ۽ مڪالما وقت ۽ حالتن پٽاندر آهن. جڏهن ته افساني جو ڪلائيمڪس به وڻندڙ آهي.

علي گل عباسيءَ جو افسانو "بهارن جا ڇهڪ" اداره آئينه ادب مورو جي ڪتابي سلسلي "ڪانڌي ڪنگ ٿياس"(1969ع) ۾ ڇپيو. هن افساني ۾ عزت، غيرت ۽ ضمير جي عڪاسي آهي. سندس ٻيو افسانو "اهڙو ڏينهن به ايندو" پڻ اداره آئينه ادب مورو جي ڪتابي سلسلي (1970ع) ۾ ڇپيو، جنهن ۾ مزدور طبقي جي پيڙا، سرمائيدار جي ظلم جي عڪاسي سان گڏ اميد پرستي کي پڻ فوڪس ڪيو ويو آهي. علي گل جي افسانن ۾ سماجي ناسور، اڻ برابري، ڏاڍ، طبقاتي سماج جهڙا موضوع، حوصلو ۽ جرئت ملي ٿي.

منظور حسين لغاريءَ بہ ڪجھ ڪهاڻيون لکيون، جن مان ”ڪفارو“ ڪهاڻي سندس هڪ شاندار ڪهاڻين مان هڪ آهي. ڪهاڻين ۾ روزمره جي وارتائن، معاشري ۾ ٿيندڙ ظلم، بربريت، بک، افلاس سان گڏ سماج جي ڪيترين ئي بدشڪلين کي وائکو ڪيو ويو آهي. سماجي حقيقت نگاري جي لحاظ کان هي ڪهاڻيون سنين ڪهاڻين ۾ شمار ٿين ٿيون. سندس سيئي ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ سهيڙ هيڻ آهن.

ڊاڪٽر سليمان سولنگيءَ ”مظهر سنڌي“ جي نالي سان شروعاتي دور ۾ ڪجھ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾ ”منڌ بوڙيو مهراڻ“ سندس هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ تاثراتي چڪ آهي.

اسلم لغاريءَ شاعريءَ سان گڏ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن. سندس ڪهاڻي ”پويان پاڇا رات جا“ باک ڪتابي سلسلي جي پنجين ڪتاب (1977ع) ۾ ڇپي. ڪهاڻي زندگيءَ جي اصلي سچائين جي عڪاسي آهي. سندس بين ڪهاڻين ۾ ”پيڙا جي پروڙ“، ”بنگلو“ ۽ ”پاسرو“ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ طبقاتي فرق ۽ سماجي مسئلا ملن ٿا. ڪهاڻي ”بجري“ عورت بابت سندس هڪ احساساتي ڪهاڻي آهي.

**<u>محمد ابراهيم مورائي:</u> (11جولاءِ 1915ع )**

محمد ابراهيم مورائي افسانہ نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر بہ هو. هن آزاديءَ کان پوءِ نئين زندگي رسالي ۾ ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس پهرين ڪهاڻي آگسٽ 1952ع ۾ نئين زندگي رسالي ۾ ”خوشيءَ جا ڳوڙها“ ڇپي. ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاري، ڪيفيتن ۽ احساسن جي عڪاسي بہ آهي ته دلچسپ انجام بہ آهي. ليڪ ان عمل ۽ منظر کي خوبصورتيءَ سان وائکو ڪيو آهي. ڪهاڻي جو ٽڪرو هن ريت آهي تہ:

”ٽانگي واري اوچتو گهوڙي جون واڳون روڪيون، زهره جون اکيون کُلي ويون جو سندس نظر سامهون ماڻهن جي ميڙ تي وڃي پيئي. ٻا ڏسي تہ پنجن سالن جو هڪ ٻار رت سان پريو پيو آهي. زهره کان دانهن نڪري وئي، تڏو ساھ کڻي چيو ته اي خدايا! هي ڪهڙي انسانيت آ، سيڪو ڪنن ۾ آڱريون وجهي هلندو ٿو وڃي.“ (18)

سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”بانو“ نئين زندگي (1953ع) جي پرچن ۾ ڇپي، جنهن ۾ ماحول جي عڪاسي، طرزِ تحرير ۽ ڇرڪائيندڙ ڪلائيمڪس جهڙيون خوبيون آهن.

محمد ابراهيم مورائي جي ڪهاڻين ۾ احساساتي ڇڪ، ڪردار نگاري، منظر نگاري سان گڏ، سندس ڪهاڻين ۾ طبقاتي اڻ برابري ۽ پيار کان محروميءَ جهڙا موضوع پڻ شامل آهن. فني ۽ فڪري لحاظ کان هن جون ڪهاڻيون معاشري جي سڌاري لاءِ سگهارو آواز آهن.

**قاضي محمد علي "اختر مورائي"** (1927ع - 1991ع)

قاضي محمد علي "اختر مورائي" شاعر، مضمون نويس، ناٽڪ نويس هئڻ سان گڏ ڪهاڻيڪار بہ هو. قيام پاڪستان کان پوءِ "اختر مورائيءَ" جون لکيل ڪهاڻيون سماجي، ثقافتي، فطري منظر نگاريءَ، فن توڙي مقصديت جي لحاظ کان خوبصورت ڪهاڻيون آهن. هن تاريخي قصن سان گڏ روزمره جي واقعن کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. پروفيسر شمشاد احمد سومرو "اختر مورائيءَ" جي ڪهاڻي نويسيءَ جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"ماهوار فردوس هالا پاران افسانن جي ڪرايل چٽا ڀيٽيءَ ۾ "اختر مورائي" جي افساني کي پهريون نمبر قرار ڏنو ويو، جڏهن تہ ٻيو نمبر موري جي ٻئي ليکڪ محترم چنيسر پٺي جي افساني کي قرار ڏنو ويو ۽ رسالي پاران رکيل انعام کين مليو." (19)

"اختر مورائي" جي ڪهاڻي "عجيب جرم جي عجيب سزا" (1953ع) ۾ ماهوار فردوس رسالي ۾ ڇپي، جيڪا مغلن جي تاريخ مان هڪ تاريخي عشقيہ ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جو موضوع شاندار ۽ جاندار آهي. ڪهاڻيءَ جو انجام ايترو تہ دلچسپ آهي، جو ڪهاڻي دل ۾ ڪپي وڃي ٿي. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار "پرويتا" آهي. ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو هن ريت آهي تہ:

"اتفاقاً منهنجي ملاقات هڪ عورت سان ٿي، جا پرويتا جي پاڙي واري هئي ۽ پرويتا وٽ هر وقت ايندي ويندي هئي. مون انهيءَ کي ڪجھ لالچ ڏئي پرويتا جي جسم جا چند نشان معلوم ڪيا ۽ پوءِ شهر جي قاضيءَ جي عدالت ۾ پرويتا جي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪيم. جتي ڪاميابي نہ ٿي. چئن روزن کان پوءِ پرويتا مون تي ڪنگڻ جي چوريءَ جو الزام لڳايو." (20)

"هارون رشيد جو انصاف" هڪ تاريخي رومانوي ڪهاڻي آهي، جيڪا سيپٽمبر 1953ع ۾ "نئين زندگي" رسالي جي پرچي ۾ ڇپي. ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ جي برعڪس ڪردارنگاري کي وڌيڪ اهميت آهي. ڊسمبر 1953ع ۾ نئين زندگيءَ جي پرچي ۾ سندس هڪ ٻي ڪهاڻي "عزيز" ڇپي. هي هڪ روايتي ڪهاڻي آهي، جيڪا سماجي حقيقت نگاريءَ تي آهي. جولاءِ 1956ع ۾ لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ رسالي ماهوار "تقاضا ۾ اختر مورائي جي ٻي ڪهاڻي "عتبہ" ڇپي. هيءَ ڪهاڻي عباسيہ دور جي هڪ حسين ٻانهيءَ جي عشقيہ ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ "اختر مورائي" لالچ ۽ سماج اندر موجود سوچن کي وائکو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪهاڻيءَ جي ٽڪري مان سندس طرز تحرير هن طرح آهي:

"عتبہ جا هي لفظ ٻڌي ان جي رضامندي نہ ڏسي مهديءَ ابوالعتاهيہ کي صاف چئي ڏنو تہ "عتبہ تہ توکي نٿي ملي سگهي، مگر اسان حڪم ڏنو آهي تہ تنهنجا دِلا ۽ مَٽَ نقد سکن

سان پريا وجن.“ هي حڪم ملڻ بعد عتبہ ٻاهر آئي. هن دل ۾ چيو تہ ڏسان تہ منهنجي عشق جي دعويٰ رکڻ وارو اهو انعام وٺي خوش ٿئي ٿو يا نہ ؟ “ چا ڏنائين تہ ابوالعتاهيہ خزانچيءَ سان جهيڳڙو ڪري رهيو آهي تہ اميرالمومنين درهمن (روپين) سان نہ پر دينارن (اشرفين) سان مَٽن پرڻ جو حڪم ڏنو آهي. هي رونداد ڏسندي ئي عتبہ ابوالعتاهيہ وٽ وئي ۽ ڪيس چيائين تہ: ”بس تنهنجو عشق ڏٺوسين. جيڪڏهن تون عتبہ جو عاشق ها تہ توکي چاندي ۽ سون جو امتياز معلوم نہ ٿئي ها.“ (21)

”اختر مورائي“ جي هڪ ٻي ڪهاڻي جون 1957ع ۾ ”ڳوٺ سُڌار“ حيدرآباد جي پرچي ۾ ”نون (9) جو انگ“ ڪهاڻي ڇپي. هيءَ ڪهاڻي سندس معاشرتي اصلاحي ڪهاڻي آهي. مجموعي طور تي هن جون ڪهاڻيون تاريخي حقيت نگاريءَ ۽ لاڳاپيل موضوع تي ٻوليءَ جي لحاظ کان رس چس واريون آهن.

**<u>ننگر خان ايم پٺاڻ</u> ( 1931ع ـ 1988ع)**

ننگر خان ايم پٺاڻ پنهنجي دور ۾ ڪجھ ڪهاڻيون لکيون .سندس ڪهاڻي ”ڪامياب ٺڪر“ هالا شهر مان انجمر هالائيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ نڪرندڙ علمي ۽ ادبي رسالي ”فردوس“ ۾ (1953ع) واري شماري ۾ ڇپي. هيءَ ڪهاڻي انفرادي زندگيءَ سان تعلق رکي ٿي. گڏوگڏ ان ۾ سماجي مسئلن جي جهلڪ بہ نظر اچي ٿي. ڪهاڻيءَ جو هڪ ٽڪرو آهي تہ:

”ڏس امان! جيڪڏهن ڇوڪرن جو اهڙيءَ طرح دماغ وڌايو ويو تہ پاڪستان ۾ سوين ڇوڪريون بنا شاديءَ رهجي وينديون؟ مان زندگيءَ ڀر ڪنواري رهنديس، مگر انهيءَ پڙهئي لکئي جاهل انسان جي ڪنوار ٿيڻ پسند نہ ڪنديس. مان پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ خود ڪمائينديس. ڊڄ نہ امان اوهان جي گردن تي بوجھ ٿي ڪانہ رهنديس.“ (22)

سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”ڪاليجي زندگي“ سالنامہ ”فردوس“ ۾ اپريل 1953ع ۾ ڇپي. هي ڪهاڻي هڪ ڇوڪريءَ جي ڪاليجي زندگيءَ بابت عشقيہ ڪهاڻي آهي، جيڪا رومانوي فضا ۽ ماحول تي ٻڌل آهي. ڪهاڻيءَ جو بنيادي ۽ مرڪزي خيال عشق ۽ محبت آهي، جيڪو دلڪش انداز ۾ نظر اچي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ گفتگو، مڪالما، پيشڪش عبارت توڙي نباهہ ڪهاڻيءَ ۾ جاذبيت ۽ رنگيني پيدا ڪئي آهي. ڪهاڻيءَ جو هڪ ٽڪرو آهي تہ:

”جيئن خط پڙهندي ويس، تيئن تيئن غصي ۾ لعل ٿيندي ويس. آخر خط ڦاڙي اڇلائي ڇڏيم، اسڪول ۾ بہ منهنجي طبع غصي ۾ ٽمٽار هئي. هڪوار خيال آيو تہ هيڊ ماستر صاحب سان انهيءَ بيهودگيءَ جو ذڪر ڪريان مگر هو ثبوت گهري تہ پوءِ؟ ثبوت تہ مان

پنهنجي هٿن سان ضايع ڪري چڪي هيس. مجبوراً خاموش رهيس. منهنجون نظرون اسڪول ۾ هر روز انهيءَ جوان کي ڳوليندڀون هيون. هڪ ڏينهن جڏهن پنهنجي ٽانگي وٽ آيس تہ سيٽ تي لفافو رکيو هو. انهيءَ ۾ منهنجو نالو لکيل هو. مون يڪدم لفافو اهڙيءَ طرح لڪايو جڻ ڪا وڏي چوري لڪائي رهي هيس.“ (23)

**امان الله ٻگهيو گچيرائي** (1932ع - 2000ع)

سنڌي تخليقي ادب ۾ امان الله ٻگهيي جو پهريون افسانو ”خيالي پلاءُ“ (1953ع) جي ماهوارفردوس رسالي جي پرچي ۾ ڇپيو. بعد ۾ سندس افسانن جو ڪتاب ”ڪم چور“ ( 1968ع) جي نالي سان ” آواز سنڌ پبليڪيشن“ نوابشاهہ پاران ڇپيو. امان الله جي هنن افسانن ۾، سنڌي سماج ۽ ان جي ماحول جو گهرو مشاهدو آهي. سندس افسانا، ان زماني جي سنڌي سماج جي بدحاليءَ ۽ سنڌ جي ان وقت جي سماجي ماحول جي عڪاسي عڪاسي ڪن ٿا. هن افسانن ۾ واقع نگاريءِ واري خوبيءَ ۾ ڪمال ڪيو آهي، جن جو عڪس سندس افساني ”ڪم چور“ مان نظر اچي ٿو. هن افساني جا اصل محرڪ غربت، مفلسي، بيوسي ۽ درد آهن.

هن افساني ۾ خميسو خان جو هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو هڪ غريب ڪلارڪ آهي. مالي حالت بهتر نہ هئڻ ڪري گهرو پريشانين سبب ذهني طور دٻاءَ جو شڪار رهي ٿو. قرضين جي سدائين گُهر جي ڪري پنجويهہ ورهہ نوڪري ڪان پوءِ بہ هن جي پگهار نوي رپيا آهي. پارٽ ٽائيم نوڪري ڪندي ٽيوشن ڏيندي، ستر اَسي رپيا وڌيڪ ڪمائي ٿو. جاءِ جي مسواڙ، ڪاڏو، ڪپڙو، ڪانيون، زال جون گهرو شڪايتون، پوڙهي پيءُ جي لاڳيتي بيماري ۽ نامعلوم ڪيترين ضرورتن کي پورو نہ ڪرڻ جي ڪري رنج ۽ پريشان رهي ٿو. هن جو خيال آئينده ڏي ڇڪجي ٿو، هڪ ڊيجاريندڙ ۽ ڀيانڪ مستقبل ڏي. ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڇئن ڌيئرن، ٻن ننڍن پٽن، زال ۽ پوڙهي بيمار پيءُ سميت سيني کي اجان ڪيترائي سال هن جي ڪمزور عضون جي محنت جي ضرورت آهي. مستقبل هن کي هڪ خوفناڪ ديو وانگر نظر اچي ٿو. افساني ۾ ٻوليءَ جي مهارت، ڪردارن جي گفتگو منظر نگاري ليکڪ جي فني صلاحيتن جو روپ آهي. ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاريءَ تي آهي، جڏهن تہ ڪلائيمڪس حوصلو، همت ۽ حالتن سان مقابلو ڪري اڳتي وڌڻ تي آهي.

ڪتاب جو ٻيو افسانو ”ڏوهاري“ آهي. هن افساني جو ڪردار عبدالله آهي، جيڪو هڪ غريب هاري آهي. زال کي شڪ جي بنياد تي خون ڪري جيل وڃي ٿو ۽ ڪجهہ عرصي بعد ڪيس هلندي جيل ۾ ئي مري وڃي ٿو. ڪيس ڇئن سالن جو پٽ ڪنڊو آهي. پيءُ جي وفات کان پوءِ ڪنڊو ڪجهہ عرصو چاچي وٽ رهي ٿو. بعد ۾ اتان ڪيس مار ڏئي ڪڍيو وڃي ٿو. نيٺ ڌڪا ٿاٻا کائي سترنهن سالن جو ٿئي ٿو. هڪ ڏينهن ڳوٺ جي مينهن سان ڪارو منهن ڪري ٿو. ڳوٺ وارا مينهن کهي پوري، فيصلي جو ڏينهن مقرر ڪري راج گهرائي ڪيس تعزير جي سزا ڏين ٿا. فيصلي ۾ وينل هر شخص ڪيس ڌڪار ۽ نفرت سان ڏسي

ٿو. ڪنهو معصوم دل ۾ بي سهارا هئڻ سبب بنا هٻڪ جي سچ ڳالهائي ڏوهه قبول ڪري ٿو. ڪنهو جو منهن ڪارو ڪري، ڳچيءَ ۾ پراڻن جوتن جو هار وجهي گڏهه تي ابتو ڪري ويهاري مٿس طنز ڪندي نڪر ۾ پتر وسائين ٿا. ڪنهو ڳوڙها ڳاڙيندي وهندڙ رت اگهندي معصوميت مان سيني ڏي ڏسندو ۽ معافي لاءِ ٻاڏائيندو رهي ٿو. افساني ۾ ڳوناڻي رسم رواج، لاقانونيت، سماجي برائيءَ جي عڪاسي بيانيي ۾ ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي. فڪري لحاظ کان هي افسانو ترقي پسند فڪر جو اولڙو آهي.

ڪتاب جو ٽيون افسانو ”ڏائڻ“ آهي. هي افسانو هڪ بي جوڙ شاديءَ بابت آهي. افساني جو هڪ ڪردار عائشه آهي، جيڪا ارڙهن سال عمر جي آهي ۽ ٻيو ڪردار عبدالرحمٰن آهي، جنهن جي عمر پنجاهه سال آهي. عبدالرحمٰن هڪ پوڙهو، عمر ڪاٽل، اڳيئي شادي شده ڇئن ٻارن جو پيءُ آهي. عائشه رحمت جي ننڍي ڀيڻ آهي. ماءُ وٽ اڇي ڪيس اهڙي ڪلور ڪرڻ ۽ پهاج تي اچلڻ جي باري ۾ سمجهائي ٿي. ماءُ لالچ ۾ دولت وارو مڙس هجڻ جو چئي رحمت کي چپ ڪرائي ٿي. رحمت ٻيهر ماءُ کي سمجهائي ٿي ته عائشه جي رضامندي نه آهي. ماءُ آهين انصاف ڪر، ذيءُ جو ڪهڪاءُ ڪر، ذيءُ کي جيئري جهنم ۾ نه اڇلاءِ. ماءُ تي لالچ خاطر ڏائڻ نه ٿي. ان تي ماءُ کيس ڌڪ وهائي ٿي. رحمت اهڙي بي عزتي تي ماءُ جي گهران ٻار ڪڇ تي کڻي روئندي پنهنجي مڙس جي گهر اچي ٿي. آخرڪار شاديءَ جو ڏينهن اچي ٿو. ڪجهه وقت کان پوءِ عائشه جي ماءُ کي پڇتاءُ ۽ احساس ٿئي ٿو ته مان ظالم آهيان، ڏائڻ آهيان. دانهون ڪري ٿي، ٻئي پاسي هڪ انساني جسم ۾ انسانيت مرندي رهي ٿي ۽ حيوانيت جنم وٺندي رهي ٿي. هن افساني ۾ عورت تي ٿيندڙ ڏاڍ، ظلم، ڳوناڻي زندگيءَ جا رنگ، عورت جي مظلوميت، دولت جي حوس، انسانيت ۽ ماڻهپي جي کوٽ جي عڪاسي ڪيل آهي.

ڪتاب جو آخري افسانو ”ڪريل پٽ“ آهي. افساني ۾ ماءُ پيءُ غربت ۾ محنت مزدوري ڪري پٽ کي پڙهائين ٿا. گهر ۾ رکيل زيور به پٽ جي پڙهائي خاطر وڪڻي کيس اعليٰ تعليم تائين پهچائين ٿا. ڪيترين ئي اميدون رکن ٿا ته پٽ پڙهي لکي ڪنهن ڌنڌي سان لڳي نيڪ گهر واري وٺي سندن پيريءَ جو سهارو ٿيندو. پر ان جي برعڪس پٽ سندن سمورين اميدن ۽ آسرن کي چڪناچور ڪري وجهي ٿو. هن افساني ۾ غربت، لاچاري ۽ اولاد پاران مليل نا اُميدي ڏيکاريل آهي.

مجموعي طور امان الله ٻگهيي پنهنجن افسانن ۾ سماجي مسئلن سان گڏ معاشي مسئلن، سماجي اوڻائين، ظلم خلاف جاکوڙ ۽ عورت تي ٿيندڙ ظلم جي عڪاسي حقيقي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هن جا افسانا سنڌ جي روزمره زندگيءَ جي حالتن ۽ ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا. هن پنهنجي اردگرد جيڪي ڪجهه ڏٺو آهي، مشاهدو ڪيو آهي، تنهن کي لفظن جو ويس پارايو آهي. افسانن ۾ هن ڪا ڊيگهه نه ڪئي آهي. هنن افسانن ۾ ٻوليءَ جي سادگي، فني مهارت ۽ منظر ڪشي به آهي. سٺ واري

ڏهاڪي جي دور جي لحاظ کان امان الله جا هي افسانہ فڪري ۽ فني لحاظ کان سماجي حقيقت نگاريءَ جو بهترين روپ آهن.

- **هري همٿاڻي (13 فيبروري 1933ع)**

هري همٿاڻي 13 فيبروري 1933ع ۾ تعلقي موري جي ڳوٺ ”هيسب“ ۾ جنم ورتو. هري همٿاڻي خوبصورت ڪهاڻيڪار ٻہ آهي. هري همٿاڻي جي ڪهاڻين مان ”منهنجو گهر“ هڪ بهترين ڪهاڻي آهي جيڪا ان وقت جي ”سنڌو جوت“ جي ڪهاڻي نمبر ڇپي. هي ڪهاڻي شروع کان پڇاڙيءَ تائين ڪامياب ڪلائيميڪس تي آڌاريل آهي. ڪهاڻي ”سمپتي“ ۾ ڪهاڻي ”اڇيتن“ سنڌي ادب مان هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي ”پيار روئي ڏنو“ سندس رومانوي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ٻن پاڙيسري ڪٽنبن جي ڪهاڻي ڏنل آهي. ڪهاڻي ”پري“ ۾ هڪ زال پنهنجي مڙس کي پسند اچڻ لاءِ وار ڪترائي ڇڏي ٿي ۽ سمجهي ٿي هاڻي سندس مڙس کيس پري سمجهندو، ان ڪهاڻيءَ ۾ عورت ۽ مرد جي الڳ الڳ نفسيات تي روشني وڌل آهي. هري همٿاڻي جي ڪهاڻين جي مجموعي ”اڇيتن“ ۾ ٻوليءَ جو خوبصورت استعمال آهي. هن ڪهاڻين ۾ اصطلاح، پيشڪش، تز جملا، پڪي ۽ پختي ٻوليءَ ۾ ڪم آندا آهن. هن مجموعي ۾ جدا جدا قسم جون ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ ڪافي گونا گوني آهي. ”اُڏامندڙ ارمان“ (1998ع) ڪتابي مجموعي ۾ هن ٻوليءَ جي پختگيءَ، حسناڪي ۽ پنهنجي فني آرٽ جي ذريعي سندرتائون ڏنيون آهن. ٻوليءَ جي لحاظ کان هن پنهنجي مختلف ڪهاڻين ۾ ڪيترن ئي جاين تي متروڪ ٿيل ۽ وسري ويل لفظن کي ڪم آڻي ٻيهر جياريو آهي. جهڙوڪ: جڙهہ ڳهہ، اوڏڪي مٽي، مائٽ، خاشو ۽ ڪانچ وغيره جهڙا لفظ شامل آهن. هري همٿاڻي جي اوائلي ڪهاڻين ۾ سندس سنڌ جون يادون شامل آهن ۽ اهي ڪهاڻيون سڦل ٻہ ويون آهن. جيئن ”ڏاڏيءَ جي ڪٽ“، ”پنجون پهلوان“، ”تنجو“، ”مرجهايل ماضي“ وغيره آهن. سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”ينگ جا رنگ“ (1968ع)، ”رچنا ـ ارچنا“ (1977ع)، ”سڌ ۽ پڙاڏا“ (1981ع)، ”پگهريل هٿ“ (1984ع)، ”ڪجهہ ٽٽل ٽنل“ (1985ع)، ”گهٽائن جو چڪر“ (1987ع)، ”اڇيتن“ (1993ع)، ”اڏامندڙ ارمان“ (1998ع) ۽ ”ياد“ (2006ع) شامل آهن.

- **آنند کيماڻي (09 سيپٽمبر 1937ع)**

آنند کيماڻي 9 سيپٽمبر 1937ع تي ”سڌوجا“ تعلقي موري ۾ ڄائو. آنند کيماڻي افسانوي ادب ۾ ڪهاڻيون ۽ تنقيد نگاري کان علاوه ڪوتاڪار آهي. هي پنهنجي دور جو اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن نئين دور کي سمجهڻ ۽ پرکڻ کي ڪهاڻين ذريعي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس لکيل ڪتابن ۾ ”نومبر جي آخري رات“ (ڪهاڻيون) ۽ ”رشتن جي سياست“ (2007ع) شايع ٿيا. بنيادي طور هو رومانوي ڪهاڻيڪار آهي. ڪهاڻي ”ديوتا“ ۾ هڪ پروفيسر جي گهر واري سندس شاگرد سان پيچي وجهي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ زال ۽ مڙس جي وچ ۾ انٽيلڪچوئل ليول جو گهٽ وڌ هجڻ ڄاڻايو ويو آهي. ٻئي ڪهاڻي

”برسات“ هڪ فئنٽسي آهي، جنهن ۾ هڪ شخص جي بيوسي کي چٽيو ويو آهي. هڪ هنڌ ليکڪ چوي ٿو ته ”عورت مون لاءِ وئشيا آهي ۽ هڪ وئشيا مون کي هميشہ کپي، پوءِ اها قانوني هجي يا غير قانوني!“ سندس ٻين ڪهاڻين مان ”روئندڙ رات جا ڪلندڙ ٽهڪ“ ۽ ”ٽتل ڪڙيون“ ۾ بہ ساڳيو فلسفو اوتيل آهي، تہ زال مڙس واهيات لفظ آهن ۽ جهالت جي نشاندهي آهن. اهي رشتا فضول ۽ بي معنيٰ آهن. آنند جي ڪهاڻي ”هڪ نئين شروعات“ فرد جي ان نقطي کي واضع ڪري ٿي، تہ ڪو بہ فرد پنهنجي عمل يا فعل ذريعي پنهنجي فطرت کي ظاهر ڪندو آهي. هن رومانوي ڪهاڻين ۾ نفسياتي بنيادن تي جنسي لاڙي تحت حقيقت نگاريءَ جون ڪهاڻيون بہ لکيو آهن جن ۾، ”ٽڪرا ٽڪرا“، ”هڪ اليڪٽرانڪ سلام“ ۽ ”نومبر جي آخري رات“ هڪ نئين شروعات، احساس جو موت ۽ پيلي ماس جو ٽڪرو شامل آهن. هن ٽريالاجي (ٽن ڀاڱن) ۾ بہ ڪهاڻيون لکيون. ڀارت جي جديد اديبن ڪهاڻي جي هڪ قسم کي اڪهاڻي سڏيو آهي. اهڙي ڪهاڻي، رٿا يعني پلاٽ کان سواءِ لکي وڃي ٿي. سنڌيءَ ۾ آنند کيماڻي پڻ اهڙيون ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ٻين ڪتابن ۾ ”بيمار پيڙهي“ (اُلٽ ڪوتائون)، ”شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي“ (اُلٽ ڪوتائون)، ”بدلجندڙ دور ۽ تنقيد“ (تنقيد)، ”ڪندن جي سڳنڌ“ (تنقيد) ۽ آتم ڪٿا شامل آهن.

**ناصر مورائي** (1937ع - 2001ع )

سيد ناصر علي شاهہ ”ناصر مورائي“ پنهنجي دور جو ناليوارو ڪهاڻيڪار، ڊرامانويس، صحافي ۽ مترجم هو. ون يونٽ واري دور ۾ ناصر مورائيءَ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي فروغ لاءِ ڪيترائي پمفليٽ ۽ پوسٽر ڇپرائي ورهايا. پاڻ جديد سنڌي ادب جي ترجمان رسالي ماهوار ”روح رهاڻ“ جو سب ايڊيٽر بہ ٿي رهيو. ناصر مورائيءَ جو شمار سنڌي ادب جي انهن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي جدت بخشي. جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي الڳ رخ ڏيڻ جي تخليقي ڪوشش ڪئي. هن سنڌي سماج جي ڏار ڏار مسئلن تي لکيو ۽ ان جي مختلف قدرن کي نمايان ڪيو. هن پنهنجي خوبصورت ٻوليءَ ۽ انداز بيان وسيلي سماجي نا برابري، ظلم، انياءَ جي شاندار تصوير ڪشي ڪئي. سندس ڪيتريون ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيون. هو هڪ ترقي پسند ۽ روشن خيال ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻين ۾ ڪردار نگاريءَ کان علاوه منظر نگاري بہ شاندار آهي، جنهن جو اندازو سندس مشهور ڪهاڻين ”موهن جي دڙي جو خزانو“، ”واپسي“ ۽ ”ڪارو چنڊ“ مان لڳائي سگهجي ٿو. ”ڪارو چنڊ“ ناصر جي هڪ سماجي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ رمضان نالي پورهيت، ڪراچيءَ ۾ هڪ آفيسر وٽ ٻورچيءَ جو ڪم ڪري ٿو ۽ سندس اعتماد حاصل ڪري وٺي ٿو. پر اهو صاحب جڏهن سرڪاري دوري تي ملازم جي ڳوٺ وڃي ٿو، تہ سندس مجبور مائٽن جي غربت جي ڪري هن جي مڱينديءَ کي پنهنجي حوس جو شڪار ڪرڻ چاهي ٿو. اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ کان پوءِ هو آخر ۾ چوي ٿو تہ:

”منهنجي اکين جي آڏو ڪارا ڪارا داغ نچڻ لڳا، مان اٿي ڪڙو ٿيس. در ڪولي ٻاهر آيس. ٿاٻڙيس پئي، امداد اٿي مون کي سهارو ڏنو. رمضان تي نظر پيم، هو حيران، وائڙن وانگر مونکي ڏسڻ کان پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهي رهيو.“ (24)

”واپسي“ ڪهاڻي موضوع، پلاٽ، ماحول ۽ ڪردارنگاريءَ جي حوالي سان هڪ اعليٰ ڪهاڻي آهي، جيڪا هڪ فوجي سپاهيءَ جي ڪردار تي آڌاريل آهي، جنهن کي ڳوٺ کان وئي ڪيترائي ڏينهن ٿي ويا آهن. هو خيالن جي دنيا ۾ سوچي ٿو تہ سندس سڀ ڳوٺائي، مٽ مائٽ، دوست احباب، هن جي لاءِ واجهائيندا هوندا، هن لاءِ مانندا هوندا، هن جي واپسيءَ جون راهون تڪيندا هوندا. خيال ٺٺي ٿو، تہ سندس سوچون بہ ٺٺي پون ٿيون.

”آخري وصيت“ ڪهاڻي خانداني وراثت جي مسئلن تي لکيل آهي. ”اخبار زندگيءَ جو ساٿي“ اخبار جي اهميت تي لکيل ڪهاڻي آهي. ”سچ ٿا مرد چون“ سندس هڪ شاندار بامقصد ڪهاڻي آهي. جيڪا سماجي طنز طور اعليٰ فنڪارانہ اظهار جو ڀرپور نمونو آهي. ڪهاڻي مرداڻي سماج مٿان طنز سان گڏ سندس پلاٽ فنٽنسي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ معاشري جي اڻنگن ڳالهين تي چوٽون ڪيل آهن. ”ٻريل شمعون ويران دل“ ناصر جي هڪ رومانوي ڪهاڻي آهي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”پيچرو“ پڻ سماجي مسئلي تي لکيل آهي جيڪا هندستان جي ڪنهن سنڌي رسالي ۾ شايع ٿي هئي. ناصر مورائي جي ٻين ڪهاڻين مان ”درياهہ توتي دانهن“ نئين زندگي (1959ع)، ”زندگي موت ۽ حياتيءَ جي ٻہ واٽيءَ تي“ نئين زندگي (1958ع)،”عشق جي راند“، ”اجگر“، ”هڪڙو هو پاڳل“ ۽ ”اناويهہ روپيا اناسي پئسا“ نئين زندگي (1963ع) جي پرچن ۾ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ان دور جي حوالي سان پلاٽ جي تعمير، ٽيڪنڪ جي ٻيهڪ ۽ انهن جا موضوع نازڪ نفيس احساسن سان پُريل آهن.

ناصر جي ڪهاڻين ۾ موضوع سماجي، خارجي ۽ ڳوناٺي زندگيءَ جا آهن، جنهن ۾ بک، بيروزگاري، ڏاڍايون، نفرتون، مصيبتون، سماجي ڏاڍ توڙي اڻ برابري جا چٽا ڪردار شامل آهن.ان سان گڏ جذبن جي اٿل پٿل، قومي اڻ برابري توڙي سماجي پيچ ڊاهہ ۾ متحرڪ قوتن جي واضح عڪاسي پڻ نظر اچي ٿي. ناصر موارئيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار، سنڌي سماج جا پنهنجا ڪردار آهن. هن جا ڪردار روز مرهہ واري ماحول واري زندگيءَ جي منظرن، انهن جي ڏکن، سورن ۽ دردن جي پيڙا جا نقش، سادن پلاٽن جي ذريعي عڪاسي ڪن ٿا. سندس ڪهاڻيون حقيقت نگاريءِ واري فني خوبيءَ، فڪر بيانيہ انداز جي اپٽار، جمالياتي قدرن، مقصديت ۽ موضوع جي لحاظ کان منفرد حيثيت رکن ٿيون. سندس ڪهاڻين جي ڪاميابي سندس عبارت آرائي، طرزِ تحرير، حسن بياني، لفظن جي چونڊ، ڪردارنگاري، حقيقت نگاري، ماحول جي عڪاسي، ۽ ٻوليءَ جي حسناڪي آهي.

**نذير احمد** قاضي (9 فيبروري 1940ع)

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ آيل ماڻارجي انت ۾ جن ليکڪن موري مان بنيادي ڪردار ادا ڪيو، انهن ۾ نذير احمد قاضيءَ جو نالو بہ شامل آهي. نذير احمد قاضي شاعر سان گڏ ڪهاڻيڪار بہ آهي. سندس ڪهاڻين جو انگ ڪو تمام گهڻو ڪونهي، پر سندس هر ڪهاڻي هڪ بهترين ۽ شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻين لکڻ جو آغاز 1957ع کان هڪ روسي ڪهاڻيءَ جي ترجمي سان ڪيو. سندس پهرئين ڪهاڻي "پڪر" آهي، جيڪا 1964ع ۾ شايع ٿي. هي ڪهاڻي هڪ غريب ۽ ذهين ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سماجي بي رحميءَ جو اظهار ڪري ٿي. ڪهاڻي ۾ درد جي شدت، طبقاتي نظام، غربت، اميري ۽ غريبيءَ جي فرق کان علاوه هي هڪ حقيقت نگاري واري ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ خوبصورت ڪهاڻي پڻو ۽ لاجواب فنڪاراڻي ڪرافٽنگ آهي. ان دور ۾ سندس ڪهاڻي " ٻُڪي" ڪي گهڻي مڃتا ملي. هيءَ ڪهاڻي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي ڪردار تي مشتمل آهي، جيڪا محبت جي مچ ۾ پاڻ سان گڏ محبوب کي بہ جلائي ٿي. ڪهاڻي پنهنجي عنوان جي نباهہ کان وٺي ڪردارن، پلاٽ ٻوليءَ ۽ احساساتي اڇل تائين شاهڪار آهي. جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي، تہ پڙهندڙ تي اثر انگيز ڪيفيت جو غلبو طاري ٿيندو ٿو وڃي. ڪهاڻي "واليون" سندس هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جيڪا طبقاتي سماج ۾ موجود معاشي بدحالي، پيرپرستيءَ ڏانهن طنزيہ اشارو ۽ غربت جي انتها جو هڪ ڳرو دستاويز آهي. ڪهاڻي پلاٽ، ٻولي، تاثر، احساس، درد، مقصد ۽ پڄاڻيءَ مطلب تہ هر لحاظ کان شاهڪار آهي. هو هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

"سندس شاديءَ کي ٽيهن کان وڌيڪ ورهيہ گذري ويا هئا. ليڪن کيس ڪو بہ اولاد نہ ٿيو. هن ڪافي علاج ڪرايا، سڪائون باسيون، پير ۽ ولي پيٽيا، ليڪن کيس اولاد نہ ٿيڻو هو، سو نہ ٿيو." (25)

ڪهاڻي "روحي" پيار محبت ڪندڙ ٻن دلين جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو انجام جدائي ۽ بيرخي آهي. ڪهاڻي فني ۽ فڪري لحاظ کان پلاٽ، مڪالما، ڪردارنگاريءَ سان گڏ ٻوليءَ ۾ بہ سوادي ۽ عام فهم آهي. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ "آخر هي داغ ڪيئن ڌوئبا"، "پيار جي زبان"، "عزت پوش"، "ٻڙ جي ڇانو"، "ٻليدان"، "خدابخش ۽ خدا"، "تاساري"، "ڊپ نہ ڇرسون"، "جهنگ ۽ ننگ آهي"، "پوءِ ڊائو"، "سرچاءُ"، "مجرم مورتي" ۽ "رتني" اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪهاڻيڪار منظرنگاريءَ جا بهترين نمونا، ڪردارنگاريءَ جا فطري رنگ، ڏک، پيڙا ۽ درد جا احساس پنهنجي مخصوص فن، فڪر ۽ اسلوب ذريعي عام سماجي ڪردارن سان انصاف ڪندي نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين جا سمورا ڪردار پنهنجي زمين ۽ پنهنجي ماحول جا آهن. نذير احمد جي ڪهاڻين بابت ناميارو محقق پروفيسر شمشاد احمد سومرو لکي ٿو تہ:

" نذير قاضيءَ پنهنجي لکيل ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي امنگن، احساسن ۽ محرومين کي پرپور انداز سان پيش ڪيو آهي. سادي سباجهي ٻولي، نهايت ٿورا لفظ ۽ مقصد جي مڪمل پهچ سندس ڪهاڻين جي خوبي آهي." (26)

نذير قاضي جي ٻين ڪهاڻين مان "مجرم مورتي" غربت ۽ بک جي موضوع تي هڪ چرڪائيندڙ غريب خاندان جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي جان ان جو مضبوط پلاٽ ۽ موضوع آهي. ڪردارنگاريءَ جي حوالي سان سندس هيءَ هڪ اهم ڪهاڻي آهي. نذير قاضيءَ ڪيترن ئي سنگين واقعن کي ڪهاڻين ۾ ظاهر ڪيو آهي ۽ سماج جي نهايت پوئتي پيل سوچ ۽ گندي فعل ڏانهن آڱر پڻ کنئي آهي. هن زندگيءَ جي تلخ حقيقتن تان پردو هٽائي سماج جي اوڻائين، پراڻين رسمن ۽ جاگيرداري نظام خلاف احتجاج ڪيو آهي. سندس ڪردار هن سماج جا سادا سودا انسان آهن. هن وقت تائين سندس ڪو به ڪهاڻين جو مجموعو شايع نہ ٿيو آهي.

**ٽيون دور (1972ع کان 1985ع)**

1971ع ۾ پاڪستان ۽ بنگال جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ قومي ٻوليءَ جو سوال اڀريو، جنهن ۾ موري جا ڪافي اديب شاعر ۽ افسانہ نگار ميدان تي لهي آيا. ٻئي پاسي وري سال 1972ع کان 1977ع تائين مارشل لا جو نافذ ٿيڻ بہ سڄي ملڪ ۽ قوم لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيو، جنهن دوران مزاحمتي ادب تمام گهڻو لکيو ويو. 1973ع واري آئيني بل کان پوءِ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليو، جنهن کان پوءِ سنڌي ادب ۾ هڪ جان پئي. شاعري، ناول، ڊرامي مطلب تہ هر صنف ۾ جدا موضوعن تي انيڪ ڪتابن جا سلسلا شروع ٿيا. ان دوران سنڌي افسانو بہ نوان نوان موضوع ۽ رنگ ڪٺي سامهو آيو. موري جي انهيءَ ٻئي دور جي ڪهاڻيڪارن جي لکيل ڪهاڻين جو جو مختصر تجزيو هيٺ ڏجي ٿو.

**راشد مورائي (1944ع - 2014ع)**

ناميارو شاعر راشد مورائيءَ نثر نويسيءَ ۾ ڪهاڻيون بہ لکيون. سندس پهريون ڪهاڻين جو مجموعو "پاڻيءَ تي پهرو" 2006ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ 27 ڪهاڻيون آهن. موضوع جي اعتبار کان راشد مورائيءَ جون هي ڪهاڻيون جديد ادب جي اهم فڪري لاڙي يعني سماجي حقيقت نگاريءَ جي ويجهو آهن. توڙي جو هن جون سموريون ڪهاڻيون پنهنجي جوهر ۾ ليکڪ جي سماجي ڪار وهنوار جو عڪسي مثال آهن. پر ان جي باوجود هي مختصر ڪهاڻيءَ جي فن کان ڪجهہ پري بيٺل نظر اچن ٿيون. جنهن جو سبب اهو بہ آهي تہ هي ڪهاڻيون ڪنهن ڪهاڻيڪار نہ، پر هڪ شاعر سرجيون آهن. ان دور ۾ هن پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن جي آڌار تي جيڪي ڪهاڻيون لکيون، اهي متن اسلوب ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان اثرائتيون آهن.

هنن ڪهاڻين ۾ نج سنڌي ماحول، منظرنگاري، ڪردارن جو ڳوناڻو لهجو، ماحول جي مناسبت سان ملي ٿو. راشد مورائي پنهنجي ڪهاڻين متعلق لکي ٿو تہ:

”مون نثر جي ڪوٺ ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پوري ڪرڻ لاءِ ڪهاڻيون، مضمون ۽ خاڪا لکيا. منهنجي مضمونن ۽ خاڪن جو ڪتاب ”اڳتي تاڻ امنگ جي“ ڇپجي چڪو آهي. هي منهنجون ڪهاڻيون 70 کان 80 واري ڏهاڪي جون آهن. پوءِ موري ۾ ارباب ڇڄڙو، خادم ٻگهيو، ڊاڪٽر مرتضيٰ شيخ جهڙا ڪهاڻيڪار اڀريا، تہ مون ڪهاڻيون لکڻ ڇڏيون.“ (27)

”عشق تہ اوڏڻ جو“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ متعصب اسڪولي هيڊ ماستر ڪي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو پنهنجي اسڪول ۾ هڪ اوڏ ڇوڪري چنديرام کي مسلمان ٻارن جي ٿانون ۾ پاڻي پيئڻ نٿو ڏئي، پر خود هڪ اوڏ ڇوڪريءَ سان بي حد عشق ۾ گرفتار آهي. ”پلاند“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ روايتي وڏيري جي ڪردار کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو ڳوٺ جي هڪ عورت سپاجهيءَ سان جنسي تعلقات رکي، سندس جسم مان وحشي جذبن جي تسڪين چاهي ٿو. ڪهاڻي ”پاڇيءَ جي آڙ ۾“ راشد مورائي بيانيہ انداز ۾ هڪ معاشرتي ٽرئجڊيءَ جي اظهار سان گڏ حالتن جي عڪاسي بہ ڪئي آهي. ”جيها ڪي تيها“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شاگرد جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. ”محبت وڏي آهيان مامري“ ڪهاڻيءَ ۾ شهيد عبدالرزاق سومري جي شهادت بابت هڪ احساساتي ڪهاڻي آهي. سندس ٻين متاثر ڪندڙ ڪهاڻين ۾ ”هاءِ سي مکڙيون“، ”اندر جو اساٺ“، ”رهبري يا رهزني“، ”ماڻهوءَ منجهہ مرون“، ”ويچارو شريف“، ”شينهن جي ڪل“ ۽ ”اٽبٽت“ وغيرہ آهن.

مٿين ڪهاڻين ۾ راشد مورائي نہ صرف وسيع سياسي شعور، علمي لياقت، تجربي ۽ مشاهدي جو اظهار ڪيو آهي، پر اهي فڪري لحاظ کان پڻ ليائيندڙ ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻين جو هي مجموعو سنڌي ادب ۾ هڪ اهم اضافو آهي، ڇو تہ ڪتاب ۾ نہ صرف پنتي پيل سماج جي عڪاسي آهي، پر مسئلن جي نشاندهي، قومي درد، ذات پات ۽ رنگ نسل جي فرق مٽائڻ جي ڪوشش سان گڏ سماج اندر موجود سوچن کي وائکو بہ ڪيو ويو آهي.

**<u>انور سولنگي</u>** (1944ع - 2008ع)

انور سولنگي جي بنيادي سڃاڻپ اداڪار ۽ ڊرامہ نويس آهي. هن اداڪاري سان گڏ ڪهاڻيون بہ لکيون، جيڪي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي سماج تي مبني آهن. هن جون ڪهاڻيون خيال آرائي ۽ حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهن. انورڪي ننڍڙن ۽ پر اثر مڪالمن ۾ وڏي ڳالهہ چوڻ جو هنر آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ”اجري اوندهہ“، ”اڇي ڪاري“، ”بہ لاش“، ”بيجوڙ جيس“، ”پوڙها جذبا“، ”ڪم ذات“، ”ليڙي لٽل“، ”ڪوڙهہ جا نشان“، ”داغي ميوو“، ”ساهہ گداهہ“، ”مند ڪاڏي موٺ“، ”انگور“، ”نامرد“، ”منهنجي عيد“، ”بک جو

پرم“، ”دوکي جي ديوار“، ”بي گهر ماکي“، ”بنياد بي بنياد“، ”رسم جو ڪاچ“، ”ڪرفيو آرڊر“، ”ڪارو گهوٽ“، ”پاراتن جا پاڇولا“، ”ڏئي جو تيل“، ”وريتي“ ۽ ”متيءَ لڏو مان“ شامل آهن. جيڪي سندس لکيل ڪتاب ”وٿيون وه ڳاڏڙيون“ (2005ع) ۾ ڏنل آهن. ڪتاب جي مهاڳ ۾ شمشيرالحيدري انور جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

”انور سولنگيءَ جي ڪهاڻين جي وصف اها آهي ته اهي سڀ جون سڀ، سواءِ هڪ جي، بيحد مختصر آهن ۽ زندگيءَ جي تمام معمولي مشاهدن ۽ پختن تجربن تي لکيل آهن. ڪي موضوع انوکا آهن، ته ڪي عام موضوع به نئين نظر سان پيش ٿيا آهن. سندس ڪهاڻيون دماغ کي ڏڪ هڻڻ سان گڏ پنهنجي مخصوص انداز ۾ آهن. سندس هڪ ڊگهي ڪهاڻي ”متيءَ لڏو مان“ عالمي معيار جي ڪهاڻي آهي.“ (28)

”ڪم ذات“ انور جي هڪ روايتي ڪهاڻي آهي، ان قسم جون ڪهاڻيون اڳ به لکبيون رهيون آهن. ”نامرد“، ”بک جو پرم“، ”دوکي جي ديوار“، ”ڪارو گهوٽ“ ۽ ”ڪوڙه جا نشان“ ڪهاڻين ۾ سماجي حالتن جي عڪاسي، طبقاتي نظام جي ترجماني، سماج ۾ مروج نظام کان بغاوت جي عڪاسيءَ سان گڏ ڪهاڻين ۾ موجود ڊائلاگ ۽ منظرڪشي سني ٿيل آهي. انور جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”پوڙها جذبا“ حسرتن، اميدن ۽ آسن جي حوالي سان نهايت ئي منفرد ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي ڪلائيمڪس ۾ انور جي طرزِ تحرير هن ريت آهي ته:

”گهر اچي هو کٽ تي سنئون ٿي ليٽي پيوءِ اپ ۾ آسائتيون اکيون کپائي چڪائڻ لڳو. هن پنهنجي حياتيءَ جي سفر جي منزل کي ساريو. هن تصور ئي تصور ۾ لهندڙ سج جي آخري ترورن کي تڪيندي سلام ڪيو.هن پنهنجو پاڻ کي ڪفن ۾ ويڙهيل ڀانيو. هن کي لڳو جڻ رستي جا نوان چار مسافر کيس کنيو پيا هلن ۽ ڪجهه دير کان پوءِ هن کي زمين جي ڪک ۾ لتاڙي پاڻ موٽي ايندا. هن ڀانيو جڻ حياتيءَ جو هر ڏينهن پنهنجا هڪ لوڏي هن کي الوداع چئي رهيو هجي ۽ عمر جي هر رات اوٽنيهين جو چنڊ ٻٽجي فضائن جي اونداهين غارن ۾ گم ٿي وئي هجي ۽ هو پنهنجي بي سمجهه تارن کي تمڪائي ٻنهي کي ڳولي رهيو هجي.“ (29)

انور جون ڪهاڻيون ڪٿي ڪٿي فن ۽ ٽيڪنڪ جون سيئي تقاضائون پوريون ڪندي نظر نٿيون اچن. بيحد ڪوشش جي باوجود به پاڻ ڪجهه ڪهاڻين ۾ اهڙو آرٽسٽڪ ڪلائميڪس نه ڏئي سگهيو آهي. ڪهاڻين ۾ تصوير ڪشي، تشبيهون، دلچسپ جملا، چوٽيون بيان ڪرڻ سان گڏ ٻولي ۾ باقائده مڪاني، ديهي سنڌيءَ جو رنگ سمايل آهي.

- **كيمن يو مولاڻي: (10 جون 1944ع)**

كيمن يو مولاڻي 10 جون 1944ع تي ڳوٺ "درس" تعلقي موري ۾ ڄائو. كيمن يو مولاڻي سنڌي غزل جو خوبصورت شاعر، مضمون نويس، مترجم ۽ ڪهاڻيڪار پڻ آهي. افسانا نويسيءَ ۾ هن شروع ۾ هندي رسالن مان الڳ الڳ ٻولين ۾ ڇپيل ڪهاڻيون ترجمو ڪري 200 جي لڳ ڀڳ ڪهاڻيون هفتيوار ۽ ماهوار رسالن ۾ ڇپايو. جن مان هن ڪجهه چونڊ ڪري "پاڇو" جي نالي سان 1988ع ۾ مجموعو ڇپايو. بعد ۾ هن اصلوڪن ڪهاڻين ڏانهن ڌيان ڏنو. سندس پهرين اصلوڪي ڪهاڻي "هڪ رات چار حادثا" ان وقت جي معروف هفتيوار "جاڳرتي" ۾ ڇپي. هي ڪهاڻي خيالي، غير حقيقي، جنن ڀوتن جي ماحول تي اڏيل هئي. بعد ۾ هن حقيقت جي بنياد تي ڪهاڻيون لکيون.

1998ع ۾ لڪشمي پبليڪيشن بئراڳڙهه ڀوپال پاران "اوسيئڙو" جي نالي سان سندس ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو. هن مجموعي ۾ "پوسٽ ڪارڊ"، "منو حلوائي"، "حور"، "سفر"، "انصاف"، نئون صبح"، "اڌ مغزي"، "اوسيئڙو"، "ابوجهه"، "هڪ رات چار حادثا" ۽ "روح جي وفاداري" ڪهاڻيون شامل آهن. "نئون صبح" ڪهاڻي ۾ ميران ۽ نائون جا ڪردار خوشنصيب ۽ نئين صبح ماڻڻ ۾ ڏيکاريا ويا آهن. "اڌ مغزي" ۽ "حور" ڪهاڻين ۾ حساس دل ۽ فريب ڪاڏل ڪردار آهن. هي ڪردار سماجي حقيقت نگاريءَ جي ڀرپور عڪاسي ڪرڻ سان گڏ ڏک، نازڪ جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪن ٿا. "پوسٽ ڪارڊ" ڪهاڻي سندس هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، جيڪا فني لحاظ کان نئين پلاٽ تي لکيل آهي. "حور" ڪهاڻي نهايت ئي سندس هڪ درد ڀري ڪهاڻي آهي، جنهن ظالم سماج حالتن سبب نندپڻ جو معصوم پيار مات کائي ٿو. خوبصورت ناري حور مجبورين هيٺ هڪ بي رحم ڊاڪٽر سان شادي ڪري ٿي، جيڪو بعد ۾ ڪيس ڇڏي هانگ ڪانگ وڃي. عيش عشرت واري زندگي گذاري ٿو. ٻي طرف حور در در جون ٺوڪرون کائيندي پنهنجي نندپڻ جي پيار جي در وٽ پهچي ٿي. ان وقت هوءَ موت جي منهن ۾ پهتل واري حالت ۾ نظر اچي ٿي. "سفر" ڪهاڻي ۾ ٻن پٽن جو پيءُ ٻنهي پٽن مان ڪنهن به هڪ جي گهر ۾ عزت ڀريو مقام حاصل ڪري نٿو سگهي. هڪ ڏينهن سندس ننهن ڪيس چوي ٿي ته هوءَ وڌيڪ سندس خدمت نه ڪري سگهندي. بهتر آهي ته هوءَ ٻُڍا آشرم ۾ وڃي رهي. پيءُ اهو ٻڌي پاڻ کي جبل جي چوٽيءَ تان ڪرندي محسوس ڪري ٿو. همٿ ڪري ٿيلهو کڻي بس ۾ ويهي بنارس شهر ڏانهن نڪري وڃي ٿو. زندگيءَ جي هن درد، پيڙا ۽ پيانڪ سفر تي سوچيندي بس ۾ ئي سندس ساهه جي آخري تند ٽٽي پوي ٿي. لاش کي لاوارث ڄاڻائي دفنايو وڃي ٿو. "هڪ رات چار حادثا" ۽ "روح جي وفاداري" ڪهاڻين جي اُٽت جنن، ڀوتن ۽ روح جي پسمنظر ۾ آهي. هنن ڪهاڻين ۾ ڪرامتون، غيبي نظارا ۽ مختلف حادثا چٽيل آهن. هي ٻئي ڪهاڻيون غير حقيقي ماحول تي ٻڌل آهن.

ڪيمن يو مولاڻيءَ جون ڪهاڻيون سماج جي مختلف حادثن ۽ عام انسانن جي وارتائن جي ترجماني ڪندڙ آهن. ڪهاڻين جا ڪردار پورهيت ۽ وچين طبقي جي عڪاسي ڪندڙ آهن. هنن ڪهاڻين ۾ منظرنگاري، پُراسر جملا، ڪردارنگاري، ٻئراڳڙهه جي سنڌي وسنڌي واري ماحول جي منظر ڪشي ۽ عڪاسي فني آرٽ جي ذريعي ڏني آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو ته:

”ڪيمن يو مولاڻي جي ڪهاڻين ۾ ٻولي سرل، پڪي پُختي ۽ رواني‌ءَ واري آهي. محاورا، پهاڪا ۽ چوڻيون به سهڻي ۽ ٺهڪندڙ نموني ۾ استعمال ڪري لکڻين کي سلئوڻو ۽ رنگين بڻايو اٿائين. ڪهاڻي لکڻ جي قوت اٿس. اڻت به سني ٿو ڪري.“ (30)

سندس ڇپيل ٻين ڪتابن ۾ ”تارين جهليا ٻُور“ (1987ع)، ”اڏر اڏرڙي پوپٽڙا“ (1989ع)، ”پاڇو“ (1988ع)، ”اگهڻ مٿي اوپرا“ (1995ع)، ”هل ڙي مٽڪا“ (2001ع)، ”لنو سنڌيون لاٽيون“ (2003ع)، ”سهڻا گلڙا ٻار“ (2005ع) ۽ ٻيا آهن. سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ ”سنڌ ڪا اتهاس“ موهن ڪيماڻي، سنڌي لوڪ گاٿائين مختلف ليکڪ، سانسڪرتڪ ٻاءِ پاس سرجري ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا شامل آهن.

**مشتاق ٻاگاڻي** (12 اپريل 1949)

مشتاق ٻاگاڻي سنڌي ادب جو اهو ليکڪ آهي، جنهن شاعري، ڪهاڻيون، مضمون نويسي ۽ ٻين ڪيترين ئي صنفن تي لکيو آهي. سندس پهرين ڪهاڻي ”نٽڻڪا“ اروڙ پبليڪيشن جي ڪتاب ”سنڌي قومي ڪهاڻيون“ ۾ ڇپي. سندس ٻي ڪهاڻي ”ڪاجا پيم ڪاڻ“ گرامي پبليڪيشن دولتپور پاران ان جي ڪتابي سلسلي ”سنڌين جي تباهيءَ جا ڪارڻ“ ۾ ڇپي جنهن ۾ هن ٻوليءَ جي حسناڪي سان گڏ فني لحاظ کان پڻ خوب نڀايو آهي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”گوندرن گهاياس“ پڻ هڪ احساساتي ڪهاڻي آهي، جيڪا ٻاک ڪتابي سلسلي جي پهرين ڪتاب ۾ ڇپي.

افسانه نويسيءَ ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”اجهاڻل آس“ 1973ع ۾ اروڙ پبليڪيشن موري پاران شايع ٿيو. مشتاق جي هنن ڪهاڻين ۾ قومي ۽ طبقاتي حوالي سان ٿيندڙ ڏاڍ، جبر ۽ انياءَ جا چٽا عڪس ۽ انهن سان مهاڏي اٽڪائڻ جا گر، ڌرتيءَ سان پيار ۽ محبت جا انوکا عڪس ۽ نقش چٽيل آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار عام ماڻهو آهن، جن ۾ ساده ماڻهو، بدمعاش ۽ امير طبقو به آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار جيئرا جاڳندا گهمندي ڦرندي نظر ايندڙ آهن. هنن ڪهاڻين ۾ سندس ٻولي ٻهراڙيءَ ۾ ڳالهائيندڙ نج سنڌي، سادي ۽ مقامي آهي. هن ڪنهن به قسم جي فلسفي کان پاڻ کي آزاد رکندي، ڪهاڻين ۾ صرف حقيقت پسنديءَ تي زور ڏنو آهي. هن مجموعي ۾ جيڪي ڪهاڻيون ڏنل آهن، تن ۾ ”ٿيندو نيٺ صبوح“، ”جيڪر ڪريان ريهه“، ”پينگهو“، ”نٽڻڪا“، ”سدا اپريا سنڌ ۾“، ”اگهڻ مٿي اوپرا“، ”جسي جاڙ پرائيو“، ”وساريان نه ٿا وسرن“، ”ڏکيا ڏيهه ڏٺي“، ”واهيرن جا واهرو“، ”چاچو جعفر“، ”ڪٽارو“، ”ڪوس“ ۽ ”ڏورڻ

منجهان ڏس“ شامل آهن. ڪهاڻي ”ڪنارو“ ۽ ”ڪوس“ ۾ سنڌ جي ابوجهه ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ ان دور ۾ ٿيل واقعن کي نهايت اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. مشتاق پنهنجي ڪهاڻين ۾ اڪثر سنڌ جي سماجي مسئلن، قومي جذبي جي اپٽار، مختلف تضادن، مسئلن ۽ مونجهارن کي پيش ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ بک، بيروزگاري ۽ بدحاليءَ کي پڻ موضوع بڻايو ويو آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ شوڪت حسين شورو لکي ٿو ته:

”مشتاق ٻاگاڻي جي ڪهاڻين جو بنيادي موضوع سنڌي قوم پرستي ۽ قومي جدوجهد آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ستايل ڌرتي ۽ نبل نستن سنڌي ماڻهن سان اٿاهه پيار جو اظهار ڪيو آهي. ٻاگاڻي جي ٻولي، جملا ننڍا ننڍا، مڪمل ۽ هنئين ۾ چڀي ويندڙ آهن. هن جي ٻولي ڌرتيءَ جي ٻولي آهي، جنهن ۾ شهري ملاوٽ ڪانهي. هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نئون موڙ ڏنو آهي.“ (31)

مشتاق جي ڪهاڻين جو هڪ ٻيو مجموعو ”اوڙاهه ڏانهن“ پڻ ڇپائي هيٺ آهي.

**ٽيون دور( 1986ع کان اڄ تائين)**

افساني جي صنف 80 واري ڏهاڪي ۾ سڄي سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي. هن دور ۾ موري شهر مان پڻ ڪيترن ئي افسانہ نگارن پنهنجا نوان تجربا شروع ڪيا. ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن معيار کي آڏو رکي، پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڏينهون ڏينهن بدلجندڙ حالتن وارن موضوعن، جهڙوڪ: سياسي، سماجي پسمنظر ۾ ڪهاڻين لکڻ ۽ سماجي حقيقت نگاريءَ جو بنياد وڌو. سماج جي تلخ حقيقتن مان موضوع ڪنيا. ان دور جي مختصر ڪهاڻي، زندگيءَ جي پورين امنگن سان سنڌي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي، جن سان ريتن رسمن سان گڏ سياسي سماجي، قومي، تاريخي ۽ اقتصادي مسئلن جي سمجهڻ ۾ بہ مدد ملي ٿي. ڪهاڻين جا موضوع گهڻو ڪري معاشري جي تلخ حقيقت تي ٻڌل هئا. 1986ع کان پوءِ سنڌ جنهن نسلي ۽ لساني نفرت جي طوفان ۾ گهيرجي وئي، تنهن کي موري جي اديبن ۽ ليکڪن بہ پنهنجو موضوع بڻايو. هن دور ۾ ظفر لغاري، ارباب چڇڙو، خادم ٻگهيو ۽ استاد بهاول لغاري پنهنجي مخصوص انداز ۾ موضوعن ۽ مسئلن جي حوالي سان مجموعي طور ڳالهائين ٿا. سندن ڪهاڻيون مسئلن جي نشاندهي ڪن ٿيون. موري شهر جي ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جو اصل مقصد بہ معاشرتي سڌارو هو. ان کان علاوه سندن ڪهاڻيون مذهبي ڪٽرپڻي ۽ جنونيت جي خلاف پڻ نظر اچن ٿيون. موري جي سنڌي افساني جي ٽئين دور جي ليکڪن جي ڪهاڻين جو مختصر تجزيو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**<u>ظفر لغاري</u> ( 1970ع - 2021ع)**

ظفر لغاري جو پيدائشي نالو گل حسن آهي. سندس شمار، سنڌ جي جديد ۽ ترقي پسند اديبن ۽ نمائنده ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سنڌي ڪهاڻي نويسيءَ ۾ هن کي هڪ منفرد مقام رهيو. ظفر لکڻ جي شروعات 1995ع کان "جر ۾ سپون جيئن" ڪهاڻيءَ سان ڪئي، جيڪا عبرت مئگزين ۾ ڇپي. هن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترين ئي جديد ۽ ترقي پسند سوچ واريون ڪهاڻيون لکيون. سندس انهن ڪهاڻين مان چونڊ ڪهاڻين جو مجموعو "پونءِ مان نڪتل ماڻهو" 2000ع ۾ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران شايع ٿيو، جنهن کيس شروع شروع ۾، سنڌي ادب ۾، خاص ڪري ڪهاڻي نويسيءَ ۾ اعلي مقام تي پهچايو. ڪتاب ۾ 19 ڪهاڻيون شامل آهن.

هن مجموعي ۾ "پونءِ مان نڪتل ماڻهو" جي ٽائيٽل ڪهاڻي ٻه هڪ اهڙي ڪردار جي ڪٿا آهي، جيڪو هر ماڻهوءَ کي پنهنجي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ اسان ماڻهن جي اصل بيماريءَ کي ڳولي ڪڍي ٿو. "واريءَ ۾ وسڪار" ڪهاڻيءَ ۾ هو سنڌي ماڻهن جي نہ صرف خوبصورت انداز ۾ عڪاسي ڪري ٿو، پر سهڻي انداز ۾ مٿن ٽوڪ ٻہ ڪري ٿو. "اجهاڻل ڏسا" ڪهاڻيءَ ۾ هن خوبصورت منظر ڪشي، ماحول، ڊائلاگ ۽ ڪردارن جي بهترين گفتگو سان گڏ ڪلائيمڪس پڻ معنيٰ خيز ڏنو آهي. "ڪُن ۾" ڪهاڻيءَ جو ڪردار ٻڪن ۾ پاهه ٿيل هڪ پڙهيل لکيل بيروزگار آهي، جنهن کي مزدوري فقط ان ڪري نٿي ملي جو هوُ پڙهيل آهي ۽ کيس اهو چئي واپس ٿو ڪيو وڃي تہ، "تون پڙهيل آهين ۽ اسان پڙهيل کي مزدوري نہ ڏيندا آهيون. تو مان بغاوت جي بوءِ ٿي اچي." ڪهاڻيءَ ۾ هن ماڻهوءَ سان ماڻهو جو رويو، غربت ۽ بيروزگاري جي درد کي بيان ڪيو آهي. "سي سيارا وهامي ويا" ۽ "ساڳيا رستا ساڳيا ماڻهو" سندس اهڙيون مضوعاتي ڪهاڻيون آهن، جيڪي پنهنجي فني هيئت ۾ تمام سنيون ڪهاڻيون آهن. سندس ٻين ڪهاڻين ۾، ڊائلاگ، مونولاگ، طنز ۽ پلاٽ جي چونڊ سان گڏ، سندس ذهانت ۽ مهارت جا ثبوت ڏين ٿيون.

ظفر وٽ مشاهدي، تجربي ۽ تخيل جي سگهاري اٿت آهي. هن جون ڪهاڻيون وقت جي وهڪري ۾ لڙهي ويل سوچ تان پردو کڻن ٿيون. پاڻ ڪهاڻين ۾ حقيقي زندگيءَ مان ڪردار چونڊي، انهن کي فني لحاظ کان انفراديت بخشي ٿو. ڪهاڻين جا ڪردار موجوده حالتن کان مايوسي آڇيندڙ نہ آهن. سندس ڪهاڻين ۾ هڪ نئين قسم جي جدت سان گڏ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي پس منظر پڻ موجود آهي. ان کان سواءِ سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي فطرت ان جي تهذيب و تمدن، ريتن رسمن ۽ سنڌي سماج ۾ عورت جي عزت، سنڌ جي سياسي، سماجي حالت جو ذڪر نهايت ئي سهڻي طريقي سان پيش ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون سندس اوائلي جديدت واري نظريي ۾ لکيل آهن. ظفر جي ڪهاڻين جي حوالي سان ناميارو ليکڪ ناز سنائي لکي ٿو تہ:

”ظفر پنهنجي ڪهاڻين جي ڪيترن ئي ڪردارن ذريعي، پنهنجي من اندر جون ڳالهيون ڪري ٿو وجهي. هو پنهنجي لکڻين ذريعي هن معاشري جي براين تي پرپور نموني ٺوڪ ڪري نفرت ۽ ڌڪار ڪي پاڙئون پٽي، ڪيئن نہ گلاب جا ٻوٽا لڳائڻ جي جستجو ٿو ڪري.“ (32)

ظفر جي ڪهاڻين جي اٽت توڙي ٻين ڪهاڻيڪارن کان مختلف آهي. سندس ڪهاڻيون هن جي فنڪاراڻي اٽت سائنسي انداز ۾ آهي، جنهن ۾ هن ڪمال سان رنگ پريا آهن. ظفر جي ٻين ڪهاڻين مان ”ديوار ديس“ عورت تي مشتمل اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا اسان جي معاشري جي هڪ اهم مسئلي بابت آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس وڻندڙ ۽ وزندار آهي.”ڪوهيڙي ۾ رقص“ سندس هڪ احساساتي ڪهاڻي آهي. ”ٻہ ڪوٺ“ هن جي هڪ ڳوري ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هرويرو غير منطقي گفتگو ڪيل آهي. ”ڪنڌيءَ اُپيون ڪيتريون“ ۽ ”رنگدار رئو“ جملن جي ناهہ نوهہ کان علاوه سماجي شعور سان سلهاڙيل آهن. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ”آڻ ڪي عيان نہ ٿئي“، ”ڪِي ٻڌي ڪِي اُپڙي“، ”ڳاڙهيون اکيون“، ”درٻار“، ”پنچائت“، ”چوڙا ٻيڙا چڪ ۾“، ”ڳاڙهيون اکيون“، ”جذبن کان خالي وجود“، ”نئون قيدي“ ، ”سترهن ڏينهن جو بهار“، ”ويراڳ“، ”واٽ اَواٽ“ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ سنڌ جي ماحول جي عڪاسي، ماڻهن ڪي سجاڳيءَ جو سڏ، پورهيت جي پيڙا جي اپٽار، روشن خيالي، قومي سجاڳي ۽ انساني نفسيات جو چيد سليس ٻوليءَ ۾ بيان ڪيل آهي. ڪهاڻي نويسيءَ ۾ سندس طرز تحرير ۽ انداز بيان ڪي خاص مقام حاصل هو. پاڻ ڪردار نگاريءَ لاءِ مناسب ۽ موزون لفظن جي چونڊ ڪئي آهي ۽ انداز بيان بہ اهڙي رنگ جو ڪم آندو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪردار نگاري واري خوبيءَ کان سواءِ، مشاهدي ۽ حقيقت نگاري جون خوبيون بہ موجود آهن. ”اجهاڻل ڏسا“ ڪهاڻيءَ مان افسانہ نگار جي حيثيت ۾ سندس طرز تحرير جو مثال پيش ڪجي ٿو:

"هو سگريٽ دکائي ٻئي ٽنگون صوفا تي رکي آهلي ٿو پوي. گهڙيءَ مان ٻارڙن جون رڙيون ڪنهن ويل وڏي ٿيون وجن تہ ڪنهن ويل گهٽجي. هو هڪ نظر دريءَ ڏانهن ٿو ڏسي وشال نيرو آڪاس دريءَ مان جهاتيون پيو پائي جنهن جو ڪوئي انت ڪوئي ڇيہ ڪونهي، پلا شهرن ۾ ماڻهن وٽ ايترو ٽائيم آهي ڪٿي جو ويهي نيچر تي سوچين. سوري پاپي ...! مان ڊوڪو کائڻ لاءِ تيار ناهيان هن ڪميونسٽ ڪي اڳ ۾ ئي چئي ڇڏ مون ڪي ايمان مان نہ ڪڍي اسان پلي ڌرتيءَ جو کائون پر پوڄينداسين اپ ڪي ... اهو ئي اسان جو دين آ. پاپي مسڪرائي 'اجهو آيس' چئي ڇڙپ ڇڙپ ڪندي هلي وئي. شڪست جو ڊپ اٿئي يا اڪيلائي جو ... مان خوب سمجهان ٿي تنهنجي ايمان ڪي ... هونءَ بہ ماڻهو پنهنجو گريبان پاڻ سان گڏ کڻي هلندو آ. هوءَ اوچتو ڦاٽ ٿي کائي. ڇا مطلب آ تنهنجو ...مان سنڌي آهيان واٿون ناهي ڄاڻان ۽ ٻڌي ڇڏ مان شڪست کان نٿو ڊڄان هڪ

ڏينهن تہ موت کان شڪست اچڻي آ ... بڪايل پيٽ توڙي بازيگر دل سڀ ان زوال جي رسيءَ ۾ ٻڌل آهن.“ (33)

**استاد بهاول لغاري** (12 آگسٽ 1940ع)

استاد بهاول لغاري شاعر هئڻ سان گڏ ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار بہ آهي. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 2009ع ۾ ”اڏوري آس“ جي نالي سان مهڪ سوسائٽي گچيرو اولڊ ائٽ موري پاران شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ يارنهن ڪهاڻيون شامل آهن. انهن ڪهاڻين مان ”اڏوري آس“، ”شيطان سان شام“، ”معصوم خواهش“، ”ڪٻڙو باليشاهي“، ”چري“، ”ماسترموريل“، ”ويچارو وريل“، ”ڪفن“ ۽ ”بانڪ“ شامل آهن. ”معصوم خواهش“، ”ويچارو وريل“، ”ماستر موريل“ ۽ ”اڏوري آس“ سندس اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي غربت ۽ درد جي پس منظر ۾ لکيل آهن.

ڪهاڻي ”ماستر موريل“ ۾ سماج جو هڪ اهڙو ڪردار ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ ماستر موريل ڪي سندس غربت، ٻڪ ۽ اولاد جي ٻڪ بيوسي چريو ڪري وجهي ٿي ۽ هو ان ٻڪ ۽ بدحاليءَ، نااميديءَ ۽ مجبوريءَ سبب پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو. ڪهاڻيءَ جي طرز تحرير ۽ بيانيہ انداز هن ريت آهي:

”ٻارڙن ڪي ٻک ۾ بيحال ڏسي ماستر موريل جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿيا، ۽ پير ۾ چمپل پائي واچ ڪڍي ڏرم واٽيئي وٽ وڪڻڻ ويو. پراڻو ڪوٽ پائي جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتو تہ ٻاهر پارو جميل هو. سياري جي رات جا يارنهن ٿي رهيا هئا. ڏرم واٽيئي ڪي سڏيندي ماستر موريل سيءَ ۾ سڄو ڏڪي رهيو هو. ڏرم واٽيو ٻهراڙيءَ جي ابوجهہ غريبن کان سامان لاچار ۽ مجبوري وقت اڌ ملهي ڪري وٺندو هو. اوندهہ ۾ پهريان ئي تہ ڏرم واٽيو خوش ٿي واچ گهر ڪڍي ڏسڻ لاءِ ويو ۽ جڏهن واچ تي ڪٽ چڙهيل پراڻي ڏنائين تہ واپس ماستر کي موٽائي ڏنائين تہ اهڙي پراڻي شيءِ وٺڻي ناهي. ماستر ٻچن جي ٻک جو سمورو احوال ٻڌايو. پر مٿس ڪوبہ احساس ۽ اثر نہ پيو. ڳٽين جا ڳڙهہ چڙهي ويس. ٿڙڪندو اونداهي ۾ بيگاهہ وقت ٿاٻڙجندو سڏڪندو گهر اچي رهيو هو.“ (34)

ساڳيءَ طرح سندس ٻي ڪهاڻي ”اڏوري آس“ پڻ غربت افلاس، معاشري جي بي حسي ۽ درد سان همڪنار آهي، جنهن ۾ ڪانير پنهنجي ٻارن ڪي ڪارائڻ کان لاچار آهي. سندس پير چاڙهيءَ تي چڙهندي ترڪڻ سبب سندس هٿن ۾ اٽو ۽ گاسليٽ گڏجي وڃي ٿو ۽ ڪانير آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ٿو. بهاول لغاريءَ جي ٻين ڪهاڻين ۾ ”معصوم خواهش“ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سخت محنت ۽ پورهيو ڪري، ڪچا ڪوٽ اڏي ٿي. ٻئي پاسي سندس ٻچا ننڍڙڪا وڻن جي هينان رڙندا

رهن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ غربت جي انتها جو عڪس، منظرڪشي، ٻوليءَ جي سلاست، ڪردارنگاري ۽ درد کي سهڻي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ اوڏڻ جو ڪردار پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ ٻين جي آڏو هٿ نه ٽنگڻ جو سبق ڏئي ٿو. هي ڪهاڻي پڇاڙيءَ ۾ ڪلائيمڪس سان ڀرپور آهي.

"شيطان سان شام"، "بديءَ کان نيڪيءَ تائين" ۽ "چري" ليکڪ جون نصيحت آميز ڪهاڻيون آهن، جيڪي موجوده معاشري ۾ حالتن جي مڪمل عڪاسي ڪن ٿيون. "ڪفن" ڪهاڻي هڪ اهڙو نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي وقت تي پيءُ لاءِ ڪفن وٺڻ لاءِ فرصت ئي ناهي. بعد ۾ مليل چندي جي پئسن کي به کپائي ڇڏي ٿو ۽ والد جي آخري ديدار کان به قاصر رهي، نااهل هجڻ جو ثبوت ڏئي ٿو. ڪهاڻي پنهنجي ڪلائيمڪس ۾ انتهائي درد سان ويڙهيل نظر اچي ٿي.

بهاول جي ڪهاڻين جا موضوع غريب ماڻهو، پورهيت طبقي جي پيڙا، سماجي اڻ برابري، طبقاتي ڪشمڪش ۽ زيادتين سان گڏ نازڪ نفيس احساسن سان ڀريل آهن. سندس مختصر ڪهاڻين ۾ پلاٽ جي تعمير ۽ ٽيڪنڪ جي بيهڪ ڏاڍي فنڪارانه انداز سان ٿيل آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ نوجوان نقاد خليق ٻگهيو، بهاول لغاريءَ جي ڪهاڻين بابت لکي ٿو ته:

"استاد بهاول جون ڪهاڻيون طبقاتي سماج سان گڏ، تجسس ۽ دلچسپيءَ سان ڀريل آهن جن ۾ غريب ۽ معصوم طبقي جي احساسن کي هن قلمبند ڪرڻ جي ابتدائي سادي پر همت ڀري رويي سان لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا سنڌي سماج جي درد مندن ماڻهن جون ئي ڪهاڻيون آهن ۽ طبقاتي جبر جا وڪا پڌرا ڪن ٿيون." (35)

استاد بهاول جي ڪهاڻين جو ڊڪشن روايتي حقيقت نگاريءَ وارو آهي، جنهن ۾ ڪافي جاين تي تاثريت جا اولڙا به پسي سگهجن ٿا. هو خارج رسمن، فرسوده رواجن، خسيس رجحانن ۽ منفي قدرن کي ڏونڌاڙي، انهن جي خلاف آواز اٿاري ٿو. ڪٿي مزاحمت، ڪٿي بغاوت، ڪٿي طنز، ته ڪٿي وري حقيقت پسنديءَ جي روپ ۾. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ "مورو ڪوچ" هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ وطن ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو هڪ والهانه اظهار آهي. استاد بهاول جي ٻين ڪهاڻين ۾ "شريعتي رشتو"، "لعل بازار"، "عزرائيل سان احتجاج"، "سودو سروبدر"، "پڙپاٽي"، "خاڪ ۽ ڪٽ"، "گهرام جو گڏه"، "ادو آچر" اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ هن مختلف سماجي موضوعن جهڙوڪ: ڏاڍ، غربت، عياشي، بي روزگاري، پيري مريدي، سماجي نا انصافين، استحصالي محرڪ ۽ مذهبي عام ماحول تان پردو کنيو آهي.

**<u>ارباب علي ڇڇڙو</u> (4 جون 1954ع)**

ارباب علي ڇڇڙي ناٽڪ، ٽيلي ناٽڪ ۽ اسٽيج ناٽڪ سان گڏ ڪهاڻيون به لکيون آهن. ارباب جي ڪهاڻين ۾ احساسات، جذبات توڙي انساني نفسيات جي پاسن کي نمايان پيش ڪيل آهي. سندس

ڪهاڻين ۾ ڪردارنگاري، اسلوب ۽ ٻوليءَ جي خوبصورتي، رومانيت سان لاڳاپيل موضوع، سماجي بيمارين ۽ طبقاتي نظام خلاف موضوع شامل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ”پري“، ”خوبصورت موت“، ”ودڪشي“، ”سونو چلو“، ”جيني“، ”ڪچو ڪائي ڇڏيائين“، ”رهجي ويل منظر“، ”فرانس جي ريٽا“، ”ايڪيهين صديءَ جو منظر“، ”نوري“، ”حسن بازار“، ”پراڻو پڳوان“، ”انجلي“، ”غدار“، ”ڳولا“، ”تصوير“، ”ريشمان“، ”ڇيپاتيل روح“، ”عشق“، ”بند واري ڇوڪري“ ۽ ٻيون شامل آهن. ڪهاڻي ”پَري“ ۾ ڪشمير ۽ سنڌ جي سرزمين بابت مڪالماتي گفتگو، پس منظر، منظرنگاري ۽ محبت جو هڪ انوکو اظهار آهي. ”خوبصورت موت“ سندس هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ مجبور ۽ لاچار شخص جو قصو آهي. ”سونو چلو“ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيڪار مردن طرفان عورتن تي ٿيندڙ زيادتين جو آئينو ڏيکاري ڇماٽ وهائي ڪئي آهي. ملڪيت بچائڻ ۽ اجائي انا جي ڪري عورت کي ڪوٺن ۾ قيد ڪيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻيءَ مان هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”هڪ ڏينهن ربا ڇوڻ لڳي جڏهن مان مري وڃان ۽ تڏ ڏياريو وڃي، ته ان وقت هي سونو چلو منهنجي آڱر ۾ وجهي ڇڏجانءِ. جيئري آئون هي سونو چلو ڪڏهن به پائي نه سگهي آهيان. هن هڪ هڙ ڪڍي ڏني، جنهن ۾ سندس محبوب جا خط ۽ هڪ سونو چلو پيل هو. جڏهن مون اٿڻ جي ڪئي ته سندس ڪنڌ هڪ پاسي لڙي پيو ۽ ڏسندي مون کان دانهن نڪري وئي“ (36)

”خوبصورت موت“ ارباب جي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ مجبور لاچار شخص جي بيوسيءَ سبب خودڪشي، سماج جا جوڙيل قاتل رواج، رسمون، غربت ۽ افلاس جي درد ۽ سماج جي بي حسيءَ کي ننگو ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ سماجي فڪر، حوصلو ۽ اوندھ خلاف جدوجهد جو انوکو سبق آهي. ”جيني“ ارباب جي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ مغربي ۽ مشرقي ماڻهن جي قدرن ۽ سندن سماجي زندگيءَ جي عڪاسي آهي. ڪهاڻي ڪردارنگاري، منظر نگاري ۽ سماجي شعور سان سلهاڙيل آهي، پر ڪلائيمڪس ايترو ڇرڪائيندڙ ۽ تجسس ڀريو نه آهي. ”ايڪهين صديءَ جو منظر“، ”فرانس جي ريٽا“، ”ڪچو ڪائي ڇڏيائين“ ڪهاڻين ۾ ارباب معاشري جي اهم مسئلن، سماجي حالتن جو ذڪر نهايت ئي سهڻي انداز سان پيش ڪيو آهي. ارباب جي ڪجھ ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلا، رومانس ۽ جماليات جي عنصر سان گڏ ڀريت به آهي.

**<u>خادم ٻگهيو</u> (1964ع - 2004ع)**

سنڌي تخليقي ادب جي ميدان ۾ خادم ٻگهيي کي هڪ حقيقت نگار ليکڪ تسليم ڪيو ويندو آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي مسئلن ۽ حادثن جي صحيح ۽ حقيقي تصوير چٽي آهي. سندس کي ڪهاڻيون سنڌ جي سماجي اقتصادي حالتن ۽ قومي جذبي واري پس منظر ۾ لکيل آهن.

خادم ٻگهيي جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون سنڌ جي مختلف رسالن جهڙوڪ: ”ساجاهه“، ”سوجهرو“، ”سهڻي“ ۽ ٻين مختلف رسالن ۾ ڇپيون. سندس ڪن ڪهاڻين کي ماهوار سهڻي ذريعي وڏيڪ پذيرائي ملي. خادم جي ڪهاڻين ۾ پنهنجي سماج جي عڪاسي ڪيل آهي، جنهن ۾ درد جي شدت ٻه آهي ته مرڪن جا احساس ٻه آهن. هن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي هڪ منفرد سڃاڻپ جوڙي هئي. سندس ڪهاڻين ۾ انساني نفسيات جي ڪيترن ئي لڪيل پاسن کي وائکو ڪرڻ سان گڏ هن نوجوانن جي مسئلن کي نمايان طور تي پيش ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ حقيقت نگاري، معاشري جي براين، طبقاتي نظام خلاف جدوجهد وغيره شامل آهي. خادم هڪ ترقي پسند ليکڪ هو. سندس اهي نظريه سندس ڪهاڻين ۾ هر هنڌ نظر اچن ٿا. پاڻ سنڌي طبقي کي تمام ويجهڙائيءَ کان ڏٺو ۽ ان سماج ۾ جيڪا گندگي ۽ برائي ڏٺي، ان کي خوبصورت لفظن جو روپ ڏيئي پڙهي پڌ نروار ڪيو.

خادم جي مختصر ڪهاڻين مان ”ويڄن آءُ ورچائي“ سهڻي رسالي ۾ 1992ع ۾ ڇپي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خاندان جي پيڙا کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ هڪ ڊاڪٽر جي درد کي اظهار جي ردي عمل طور بيان ڪيو ويو آهي. ليکڪ ان سچ کي بيان ڪندي هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار ”ڊاڪٽر“ جي تڙپ ٻه احساسن جي گهرائيءَ سان وائکي ڪئي آهي. ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو هن ريت آهي:

”مون سان ته ازلي ويراٿس جنهن جي ڪري مون سان اصل نٿو ٺهي. ان هوندي ٻه اسين سندس عزت ڪندا آهيون. ڇا ڪاڻ ته وڏو ياءُ آهي. اسان مڃيون ٿا ته هن تمام گهڻا ڪتاب لکيا آهن. ورهاڱي کان وٺي نوان مشاهدا ڪيا آهن ۽ تجربن کي مڃايو آهي. اڄوڪي دور ۾ ميڊيڪل سائنس گهڻي ترقي ڪئي آهي. پر هي اڃان تائين پراڻين ڳالهين ۽ مدي خارج تجربن کي ماڻهن مٿان آزمائي رهيو آهي، جنهن جي ڪري ڪيترائي ماڻهو ماري وينو آهي. آءُ گهڻو ئي ٿو هن کي سمجهايان ته دنيا بدلجي وئي آهي، ڪجهه پنهنجي سوچ کي نئون ڍنگ ڏي. اسان جي ماءُ جي بيماريءَ جو ڪارڻ ٻه هيءُ آهي. الائي جي کهڙيون دوائون اسان جي ماءُ کي ڪارايون اٿس، جو اڄهو هن جي هيءَ حالت ٿي آهي.“ (37)

سهڻي رسالي جي ٻئي دور ۾ خادم جي ”نينهن پليو نفرتن ۾“ ڪهاڻي ڇپي، جنهن تي ناميارې ليکڪ موهن ڪلپنا هن سلسلي ۾ خادم جي فن فڪر جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار رسالي جي ايڊيٽر طارق اشرف کي خط ۾ لکي هن طرح ڪيو ته: ”مون اهڙي ڪهاڻي ويجهر ۾ سنڌي ادب جي ٻنهي پاسي هند توڻي سنڌ ۾ نه پڙهي آهي. هن نوجوان کي منهنجي پاران سلام ڇئج.“

خادم جون ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي بياني (Narrative) انداز ۾ لکيل آهن. سندس سوچڻ ۽ لکڻ جو انداز ٻه پنهنجو منفرد آهي. وٽس ڪردار تراشيءَ جو فن ٻه آهي. سندس ڪهاڻيون زندگيءَ جي اونهين سچاين کي پڌرو ڪندڙ آهن. هن ڪردار جي منشا مطابق ان جي حيثيت، تز گفتگو، نفسياتي

ڪشمڪش، ڪيفيتي اثر انگيزي، پلاٽ سان لاڳاپي ۽ مقصد تي زور ڏنو آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس ڪهاڻين ۾ مقصد ۽ موضوعاتي چٽائي ڀرپور ملي ٿي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”خالي پيل سيٽ جو ڏک“ 1995ع ۾ ساجاهه رسالي ۾ ڇپي. ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو آهي ته:

”سليم ڏاڍي ڏک مان ڇيو، هو خاموش نگاهن سان هن جي اداس ۽ مايوس چهري کي ڏسندو رهيو. سليم جي چهري تي سوين لڪيرون نهيون ۽ ڊهي ويون جن ۾ سوين خواهش جا ننڍڙا گهر هئا، پر انهن کي مايوسين اڏائي ڇڏيو هو. سليم هڪ ڏاهو ذهن هو جيڪو پنهنجي پيءُ جي ڪلهن جو سهارو بڻجي سگهي ها. هو ڪيتري دير تائين ٿبيءَ ۾ اچي ويو. هن کي پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي. هن کي لڳو، جڻ هو اهڙو وڻ آهي، جنهن ۾ هڪ به سائي ٽاري نه آهي، هڪ به پن نه آهي، جنهن سان هو ڪنهن تي ڇانو ڪري سگهي.“ (38)

ڪهاڻي ڪلائيمڪس، مقصد، ٻوليءَ جي اعتبار ۽ احساساتي چڪ طور نهايت اعليٰ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ غربت جي موضوع کي نهايت ئي نفاست سان پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پيغام، جدوجهد، جستجو، اميد پرستي ۽ زندگيءَ سان پيارڪمال جو نباهه ۽ لاجواب پيشڪش آهي. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ”احساسن جي پيڙا“ (انڊس رسالي)، ”سارنگ کي سارين“ (سهڻي رسالي)، ”سزا ۽ استوپا تي بيٺل سارنگ“ (سوجهري رسالي) ۾ ڇپيون.

**<u>اظهار مخدوم</u> (پهرين اپريل 1967ع)**

اظهار مخدوم جي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار طور آهي. سندس ڪهاڻيون مختلف موضوعن، سماجي بيمارين ۽ مسئلن تي لکيل آهن. اظهار جي ڪهاڻين جو ڊڪشن شروع کان اڄ تائين ساڳيو رهندو آيو آهي. سماجي زندگيءَ جي خارجي حقيقتن تي ٻڌل ڪردار سندس ڪهاڻين جا زنده ڪردار آهن. بيانيه انداز، مڪالما ۽ حقيقت نگاري سندس ڪهاڻين جي اهم خاصيت آهي. پڙهڻ کان پوءِ ايئن محسوس ٿئي ٿو ته جڻ سڀ وارتائون ۽ وارداتون هن مٿان ئي گذريون آهن. سندس ڪهاڻي ”سڏيو گرهه“ خوبصورت ۽ جاندار ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ صفا سادن ۽ معصوم جذبن وارين ٻن دلين جي اڇي اجري گفتگو ۽ قياس ڏياريندڙ رام ڪهاڻي آهي. ”سڏيو گرهه“ ڪهاڻيءَ جا ڪجهه جملا پيش ڪجن ٿا. جنهن ۾ ٻن ڏڙ ڪندڙ دلين جي درد جو اظهار ليکڪ جي لفظن ۾ هن طرح ملي ٿو ته:

”مومل منهنجو پيءُ ته مون لاءِ پڇاڙيءَ تائين سُڄ چڏي ويو. آءُ ته سُڄ کي سيني سان لائي، انسان ٿي جيئان پيو ۽ صرف پاڻ پر اولاد کي به ڏاڏي وارو ڏانءُ ڏيان پيو. مومل ٿڪ

ڏيندي چيو، اها تہ مان هيس جيڪا پنهنجي سٽيي گرهہ ۾ محل ماڙين ڪي ڇڏي آيس. پر اڄ جي جنريشن انهن آدرشن لاءِ تيار نہ ٿئي.“ (39)

اظهار جون اڪثر ڪهاڻيون مختصر، جوڙجڪ ۾ مڪمل ۽ با مقصد آهن. ڪردار پنهنجي سماجي بيهڪ، پلاٽ جي ضرورت مطابق احساساتي چرپر ڪندي نظر اچن ٿا. اهي داخلي توڙي خارجي ڪيفيت جي جاندار پيشڪش تحت ساهہ کڻن ٿا. سندس هڪ بي ڪهاڻي ”ڪارو پٽر“ جيڪا 2015ع ۾ ”ڪاوش گئلري“ ۾ ڇپي، اها هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ منظر نگاري، ٻوليءَ جي خوبصورت رواني، ڪردار نگاري، بک ۽ بيروزگاريءَ جي منظرڪشي بہ آهي. ڪهاڻي هڪ اهڙي نوجوان جي خواهشن تي ٻڌل آهي، جيڪو زندگيءَ جي بہ واٽيءَ تي ٽنگيل آهي. غربت جي ڪري زندگيءَ کان بيزاريت جو رستو اختيار ڪري، ڪارو پٽر ڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. گهرواري، ٻارن، پوڙهيءَ ماءُ ۽ سيني ڏي نگاهہ ڊوڙائي ٿو. اڪيون پاٽيءَ سان پرجي اچنس ٿيون. پڇتاءُ بزدلي، بهادري ۽ منصوري سيئي هن جي من ڪي منجهائي وجهن ٿا.

اظهار جي ڪهاڻين ۾ ڪردار عام ماڻهو آهن ۽ موضوع سماجي حقيقتن مان ڪنيل آهن. سندس ڪهاڻين جي خوبي اها بہ آهي، تہ هو سليس ٻولي استعمال ڪرڻ سان گڏ اجائي ڊيگهہ کان پاسو ڪندي، ڪهاڻيءَ جي ڪلائيمڪس ڏانهن وني وڃي ٿو. اظهار جي ڪهاڻي ”الوداع“ هڪ اهڙي رومانوي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ رومانس بہ آهي تہ حقيقت نگاريءَ جو رنگ بہ آهي. ساڳي وقت خوبصورت ڊائلاگ ۽ سندس ڪردار حقيقي رنگ ۾ بہ رڱيل آهن. سندس ٻين ڪهاڻين مان ”سچ بہ پاڇا“، ”زهر گوري“، ”پڙاڏي جو سڏ“، ”مُهانڊو“، ”لاش“، ”الوداع“، ”احساس“، ”لاجواب“، ”ڪهاڻي“، ”وفا“، ”پروفيسر منهنجو دوست“، ”اڪيلوئي اڪيلو“، ”بيوفائي“، ”مالهي“، ”ڪُوڙ“، ”لاجواب“، ”ٽوبو“، ”وات پٽيو“ ۽ ”زندگي“ سندس اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ درد جي شدت، معاشري جي عڪاسي، سماجي، طبقاتي ۽ حقيقت پسندي سهڻي انداز ۾ بيان ڪيل آهي. اظهار جون ڪجهہ ڪهاڻيون ڪلائيمڪس، ٻوليءَ، اسلوب، ڪردارن، زندگيءَ جي مسئلن ۽ سنڌ جي سماجي حالتن جي بيان ۾ تہ ڀرپور آهن، پر ڪٿي ڪٿي ڪي ڪهاڻيون دائريءَ جي ورقن، نثري ٽڪرن وانگر، موضوعن جي يڪسانيت ۽ ورجاءَ جو شڪار بہ ٿي ويون آهن. ڪن ڪهاڻين ۾ گرامر جا نقص ۽ فڪري اتساهہ ۽ همٿائڻ بجاءِ مايوسي آهي. اظهار پنهنجي سوچن ۽ اصولن ۾ منفرد هئڻ ڪري معاشري ۾ نہ ٺهڪندڙ (Misfit) آهي. سندس ذاتي زندگي خود هڪ وڏي ڪهاڻي آهي. زندگيءَ ۾ ايتري محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ ڪجهہ حاصل ڪري نہ سگهڻ کان پوءِ بہ هو مايوس ناهي.

**هدايت ڏيپر (08 اپريل 1970ع)**

هدايت ڏيپر شاعري سان گڏ نثر ۾ ڪجھ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن. سندس ڪهاڻي ”تنقيد“ سلسليوار رسالي ”نئين آس“ 2016ع ۾ ڇپي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڊائلاگ بنھ گهٽ آهن. هي ڪهاڻي بياني هيئت ۾ آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪلائيمڪس پڻ ايترو تاثر ڏيندڙ ناهي. ”سنڌ راڻي“ رسالي ۾ سندس ڇپيل ٻين ڪهاڻين مان ”اليڪشن“ 2016ع، ”بائيو ميٽرڪ“ 2017ع ۽ ”نيڪيءَ جو ڪم“ 2018ع قابل ذڪرآهن. سندس ڪهاڻي ”ٻوٽيل اکيون“ ”نئين آس“ رسالي 2018ع ۾ ڇپي. ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو آهي تہ:

”خيران ڪنهن سان ڪو نہ پيو ڳالهايان، بس پنهنجي ديس جي بدحالي ۽ پنهنجي سماج جي واري زندگي گذاري رهيا آهيون. اسان جي ڌرتي نااهل ظالم حڪمرانن ۽ ڪامورن ٻي حسي تي روئاري. اسان جي خوشحال ڌرتي نعمتن سان مالا مال پوءِ بہ اسين بدحاليءَ جي هٿ وس آهي، جيڪي ڌرتيءَ سان گڏ عوام جو بہ ستياناس ڪندا ٿا وتن ۽ اسان جو سماج غفلت جي گهري سمنڊ ۾ غوطا کائي رهيو آهي. ڪٿي اسان بہ فلسطين وانگر پنهنجي ڌرتي وڃائي نہ ويهون.“ (40)

ڪهاڻي پنهنجي ڪيفيتي اثر، حسي ڇڪ ۽ معنويت سان ٽمٽار آهي. هدايت جي هي ڪهاڻي دراصل زندگيءَ جي ڪيترن ئي رخن کي ڇهي ٿي. هدايت جي ڪهاڻين ۾ ڪٿي ڪٿي منظرنگاري، ڪردار ۽ ڊائلاگ زبردست آهن. هو سنڌي سياستدانن جي منافقانہ روين خواھ سماجي بيمارين کان ڪٿي ڪٿي نفرت پريءَ ڇڙ ۽ مايوسيءَ جو اظهار ڪري ٿو. ڪهاڻي ”والي وارث“ هڪ سماجي حقيقت واري ڪهاڻي آهي، جيڪا سلسليوار ”احساس“ مئگزين حيدرآباد جي 2020ع واري پرچي ۾ ڇپي. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ”پريس رليز“ ۽ ”وڏو شاعر“ سماجي حقيقت نگاري تي مشتمل ڪهاڻيون آهن.

**خالد ”ساحل“ ڪيريو (01 جنوري 1983ع)**

نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار خالد ”ساحل“ ادب جي ابتدا افسانوي ادب سان ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي ”تنهنجي وڃڻ کان پوءِ“ ڊسمبر 1999ع ۾ آفتاب اخبار جي ادبي صفحي ”مجتا“ ۾ ڇپي. سندس ٻي ڪهاڻي ”محبت جي پوري ڪهاڻي“ ماهوار هالار ڊائجسٽ 2003ع ۾ ڇپي. هنن ڪهاڻين ۾ جذبات جي تيز وهڪري هئڻ سان گڏ رومانيت جا رنگ سمايل آهن. موضوع کان ويندي ڪردارنگاريءَ تائين هي ڪهاڻيون تجسس جي حُسن سان پريل آهن. ”محبت جي پوري ڪهاڻي“ جو سٽاءُ گفتگو جو انداز، ڪردارنگاري ۽ انهن ڪردارن جو سماجي پس منظر خوبصورت انداز سان چٽيل آهي. ڪهاڻيءَ جو هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون ۽ چهري تي اهڙيون لڪيرون اچي ويس جڻ ڪنهن سندس غيرت ۽ انا تي الزام هنيا هجن. ڇيائين سچي محبت وقت ۽ حالتن جي قيد کان آزاد هوندي آهي. سچي محبت جي چٽنگ تي وقت جو طوفان برف جا تہ نٿو چاڙهي سگهي. محبت جي چٽنگ برف جي تهن هيٺيان بہ ٻرندي رهندي آهي. محبت تہ هڪ اهڙي زندگي آهي، جيڪا زندگيءَ کان پوءِ بہ جيئري رهندي آهي. محبت هڪ ابدي شيءَ آهي.“ (41)

خالد ”ساحل“ جي ڪهاڻين ۾ نہ رڳو رومانوي فڪر جي ترجماني نظر اچي ٿي، پر ڳوٺاڻي زندگيءَ ۽ اتي جا مسئلا ۽ شهري زندگي بہ پنهنجي سمورن تضادن سان ساهہ کڻندي نظر اچن ٿا. ڪهاڻي ”فريب“ سندس هڪ پراثر ۽ سنّي موضوع واري ڪهاڻي آهي، تجسس هن ڪهاڻيءَ جو سگهارو حصو آهي. ڪردارن جي حوالي سان هيءَ هڪ خوبصورت ڪهاڻي آهي، جيڪا نهايت ئي موهيندڙ آهي. هتي ڪهاڻيءَ جا ڪجهہ جملا پيش ڪجن ٿا، جنهن ۾ ٻن ڌڙڪندڙ دلين جي درد جو اظهار ليکڪ جي لفظن ۾ هن طرح مليو ٿو تہ:

”مون آهستي هن جي سامهون ويهي هن جي منهن تان رئي جو پلاند کسڪايو... هن جي بدن ۾ ڪا بہ چرپر نہ ٿي. منهنجي دل چاهيو هن حُسن جي پريءَ کي ائين ئي ڏسندو رهان. آخر هن جي ڪلهي تي هٿ رکي هن کي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، پر هن جون اکيون نہ کليون، مان تڙپي پيس. مون چرين وانگر هن جي جسم کي پنهنجي ٻانهن ۾ قابو ڪيو، پر هن جو جسم بلڪل ٿڌو ٿي چڪو هو... هوءَ مري چڪي هئي.“ (42)

ماهوار سنڌ رنگ ڊائجسٽ جي مئي 2002ع ۾ ڇپيل ڪهاڻي ”تڪڙو فيصلو“ جا ڪردار بہ وچوڙي جي ٽريجيڊيءَ جو ئي شڪار آهن. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”ڳوڙهن ڳل پُسايا“ سيپٽمبر 2000ع جي آفتاب اخبار جي ادبي صفحي ”مجتا“ ۾ ڇپي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٽيڪنڪ، عبارت، ٽوڙي نباهہ، جاذبيت ۽ رنگيني سبب وري وري پڙهڻ سان بہ هڪ جيترو لطف اچي ٿو. فيبروري 2001ع ۾ ساڳي ڊائجسٽ ۾ سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”سانديي سُور اندر ۾“ شايع ٿي. ڪهاڻيءَ جو پلاٽ سگهارو، ماحول جي شاندارعڪاسي ڪهاڻيءَ کي منفرد حيثيت ڏني آهي.

خالد ”ساحل“ جي ٻين ڪهاڻين ۾ ”پڇتاءُ“، ”اڌورا ماڻهو“، ”نراس محبت“، ”دولت جو نشو“، ”تنهنجي خوشيءَ خاطر“، ”پڇتاءُ“، ”آئينو“، ”ناجائز ٻار“ ۽ ”خالي وجود“ ۾ زندگيءَ جا انيڪ لاها چاڙها، هٺ نوڪيون رسمون، احساس، رومانس جو عنصر ۽ پنهنجي داخلي زندگيءَ جا رنگ گهرائي سان جانچي سگهجن ٿا. پاڻ پنهنجي منفرد اسلوب بيان ذريعي پنهنجي ڪهاڻين ۾ واقعن کي وڻندڙ انداز ۾ پيش ڪري ٿو جو پڙهندڙ پاڻ کي انهيءَ واقعي جي وچ ۾ محسوس ڪري ٿو.

نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار علي رضا حب جي سماجي حقيقت نگاريءَ تي لکيل ڪهاڻي "قيدي چنڊ جو موت" موري مان نڪرندڙ ماهواررسالي "شعور" جي نومبر 1999ع جي پرچي ۾ ڇپي. ڪهاڻيءَ ۾ ڊائلاگ، پلاٽ ۽ ڪلائيمڪس ڀرپور آهي.

"وفا" رياض ڪيريي شاعريءَ سان گڏ ڪجھ ڪهاڻيون بہ لکيون. سندس ڪهاڻين ۾ "توکان ٽيندي ڏار" آگسٽ 1997ع ۽ ٻي ڪهاڻي "ٻيلي تنهنجي ٻانهن ۾" مئي 1999ع ۾ آفتاب اخبار جي ادبي صفحي "مجتا" ۾ ڇپيون. ٻئي ڪهاڻيون بياني انداز ۾ پيار ۽ وڇوڙي جي موضوع تي لکيل آهن.

هڪ ٻئي نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار بيدل ممتاز ڪيريي جون ڪهاڻيون "گرفت" مئي 2000ع ۽ "حادثو ۽ بسم الله" سيپٽمبر 2000ع ۾ آفتاب اخبار جي ادبي صفي "مجتا" ۾ ڇپيون. هي ڪهاڻيون عشقيہ ۽ سماجي اصلاحي ڪهاڻيون آهن.

مختيار احمد راهوءَ جي هڪ ڪهاڻي "ماتمي" ماهوار "سوجهرو" رسالي 2009ع واري پرچي ۾ ڇپي، جيڪا سماجي، معاشرتي ۽ ناصحانہ ڪهاڻي آهي. سندس هي ٻي ڪهاڻي "ليڪا" هڪ اهڙي مختصر ڪهاڻي آهي جنهن ۾ خوبصورت پلاٽ ۽ ڪلائيميڪس آهي. هن اردوءَ زبان ۾ بہ ڪجھ ڪهاڻيون لکيون آهن.

بابر "مقدر" ميمڻ جي ڪهاڻي "سماج سڌارڪ" هڪ معاشرتي اصلاحي ڪهاڻي آهي.

سردار برڙو نئين ٽهيءَ جو افسانا نگار آهي. سندس ڪهاڻين مان "سنڌ کي پرتو"، "گهور وجان"، "قضا قلم وهايو"، "ڳاج جو سپاهي"، "بغاوت"، "اي ميل"، "سڪون جي تلاش" ۽ "سڏڪا" ڪهاڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون آهن. سندس ٻين ڪهاڻين مان "ڏيءَ جو پرٽو" رسالي "چانڊوڪي" 2021ع ۾ ڇپي. هي هڪ معاشرتي اصلاحي ڪهاڻي آهي. سنڌ راڻي رسالي ۾ هڪ ٻي ڪهاڻي "دري" آگسٽ 2021ع ۽ "پهريون ۽ آخري پيار" ڪهاڻيون ڇپيون. هي ڪهاڻيون پيار، وڇوڙي، هٽ ٺوڪين رسمن، سماجي مسئلن جي اپٽار ڪندڙ آهن. سردار جون ڪجھ ڪهاڻيون "جنت السنڌ" اخبار جي ادبي صفحي ۾ شايع ٿيون آهن.

اظفر سعيد ميمڻ بہ ڪجھ ڪهاڻيون لکيون آهن جن ۾ اصلاحي پهلو، اعليٰ قدرن سان گڏ سنڌي قوم جي داخلي ۽ خارجي پهلوئن جي عڪاسي ڪن ٿيون.

## عورت ڪهاڻيڪارن جو حصو

موري شهر مان عورت ڪهاڻيڪارن بہ سماجي حقيقت نگاريءَ ۽ سياسي شعور جي دور ۾ سماجي ۽ معاشرتي موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ ڪاروڪاري، ڪڌين ريتن رسمن، پيري مريدي، طبقاتي سماج، ڏاج جي لعنت، شاديءَ جي مسئلن، حق بخشرائڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

**<u>ثمينہ ميمڻ</u> (6 مئي 1965ع)**

سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي مهراڻ جي موجوده ايڊيٽر، ڪهاڻيڪاره ثمينہ ميمڻ جو جنم موري شهر جي علمي ادبي گهراڻي ۾ ٿيو. افسانوي ادب ۾ عورت ليکڪائن ۾ ثمينہ ميمڻ هڪ اهڙي ڪهاڻيڪاره آهي، جنهن جي قلم مان ڪيتريون ئي ڪهاڻيون سرجيون آهن. 1983ع کان "ٻالڪ" رسالي کان لکڻ جي شروعات ڪندڙ ثمينہ ميمڻ جون ڪهاڻيون ماهوار "ٻالڪ"، "پارس"، "مومل"، "سرتيون"، "نئين زندگي" ۽ " ٽماهي مهراڻ" رسالن کان علاوه، روزاني "عوامي آواز"، "هلال پاڪستان" ۽ ٻين اخبارن ۾ شايع ٿيون.

"ترورو" سندس ڪهاڻين جو هڪ اهڙو مجموعو آهي، جنهن ۾ 15 ڪهاڻيون ڏنل آهن، جن ۾ "آٿت"، "اندر روح رهيام"، "ترورو"، "چهڪ"، "روح رڙيو جن لاءِ"، "لڱيس جنهن جي لام"، "ڏولي ڪير ڪٽي"، "جي سجئين تہ سون ٿيان"، "ڏاهيون ڏکن ڏسن"، "نينهن نہ سجاڻن جي"، "ورهيہ وچوڙا"، "وسري وجيئي شال"، "سک مون سين ڪين"، "واھ گهوٽ راجا" ۽ "ضرب" ڪهاڻيون شامل آهن.

"آٿت" ڪهاڻيءَ ۾ سڪينہ نالي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي شادي هڪ پوڙهي شخص سان ڪرائي وڃي ٿي، جيڪو اڳ ئي شادي شده ۽ اولادي آهي. ڪهاڻي هڪ اهم موضوع جي نشاندهي ڪري ٿي. ان کان علاوه اڄوڪن رشتن جي پرندڙ دنيا جي انسانن جي سوچ ۽ روين تي ٻڌل ڪهاڻي آهي. ڪتاب جي ٻي ڪهاڻي "اندر روح رهيام" ۾ هڪ پڙهيل لکيل ڇوڪري حسنا جو اهم ڪردار آهي، جنهن جو ماسات حميد شڪ جي بنياد تي پنهنجي پيڻ کي قتل ڪرڻ کان پوءِ حسنا کي بہ شڪ جي ان بنياد تي مارڻ چاهي ٿو، ڇو تہ حسنا سندس پيڻ جي صلاحڻ هوندي هئي.

"نينهن نہ سجاڻن جي" ثمينہ جي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ طرف آصف جهڙن مردن جي شرمنده ۽ سندن مڪروھ ڪردارن کي وائکو ڪيو ويو آهي، تہ ٻئي طرف عورت کي عقلمنديءَ جي اعليٰ درجي تي ڏاهپ جي ثبوت سان ڏيکاريو ويو آهي. ثمينہ جون ڪهاڻيون اڪثر ڪري سنڌي ڳوناٽي ۽ شهري سماج جي گهرن جون ترجمان ڪهاڻيون آهن. گهرن ۾ ٿيندڙ عورتن جي نفسيات، عورتن جا رويا، شاديون، غميون، گهرن ۾ انيڪ جنم وٺندڙ واقعن، نفرتن، محبتن، عداوتن جهڙا اڪثر موضوع سندس ڪهاڻين ۾ شامل آهن. ثمينہ جون ڪهاڻيون گهڻو تڻو واقعن تي ٻڌل آهن. اهڙين ڪهاڻين مان "ترورو"، "ڏاهيون ڏک ڏسن"، "لڱيس جن جي لام"، "ڏولي ڪير ڪٽي"، "ورهيہ وڇوڙا" جهڙيون ڪهاڻيون شامل آهن، جن ۾ منظرنگاري کان ڪردارنگاريءَ تائين، مڪالمن کان ٻوليءَ تائين سڀ ڪجھ آرٽسٽڪ آهي. سندس ڪهاڻيون سماجي حقيقت نگاريءَ، فرسوده رسمن، معاشري ۾ موجود نا انصافين، عورت سان ٿيندڙ ظلم ستم، سماجي بيمارين ۽ طبقاتي نظام جي خلاف آهن. ثمينہ جي ڪهاڻين ۾ سماجي مڪالمن جي پختگي

۽ منظر نگاري سان گڏ وجودي ۽ جديد فڪري لاڙا، اسلوب جي رواني ، بهترين خيال آرائي ۽ ڪردار نگاري ٿيل آهي. هوءَ سماج تي گهري نظر رکڻ سان گڏ سماجي المين کي نهايت ئي خبرداريءَ سان ڪهاڻين جو موضوع بڻائي ٿي. سندس ڪهاڻيون سماج جو آئينو آهن. هن پنهنجي اسٽائيل، ٽيڪنڪ، نواڻ، موضوع ۽ پلاٽ جي چونڊ جي لحاظ کان هڪ خاص مقام حاصل ڪيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ عورتن جي نفسياتي، ذهني، جذباتي ۽ داخلي ڪيفيت جي شاندار نموني ۾ عڪاسي ٿيل آهي. عورت ليکڪائن جي سٽ ۾ ثمينه ميمڻ جون ڪهاڻيون سگهاريون لکيل آهن.

موري جي ٻين نئين ٽهيءَ جي عورت ڪهاڻيڪارن مان ماهه لقا خوشبوءَ جي ڪهاڻي ”عورت“ مئي 1999ع ۾ آفتاب اخبار جي ادبي صفحي ”مجتا“ ۾ ڇپي. سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ”الله ڏاهي مَ ٿيان“ اپريل 1998ع ۾ ساڳي اخبار جي ادبي صفحي "مجتا" ۾ ڇپي. هنن ڪهاڻين ۾ ماهه لقا جي ڪهاڻين جا ڪردار حقيقت نگاريءَ جي رنگ ۾ رنگيل آهن.

هڪ ٻي ڪهاڻيڪاره غزل سنڌيءَ جي ڪهاڻي ”ڪاروڪاري“ آفتاب اخبار جي ادبي صفحي ”مجتا“ 2001ع ۾ ڇپي. سندس ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن جو نمونو شامل آهي.

شبانه عالماڻي شاعره سان گڏ نثر ۾ به لکيو آهي. هندستان مان نڪرندڙ ”دي هند واسي“ مئگزين ۾ سندس ڪهاڻي "جوڳي" ۽ ٻي ڪهاڻي ”راڳ ۽ ياڳ“ ڇپي. هي ٻئي ڪهاڻيون سماجي حقيقت نگاري جي عڪاسي ڪن ٿيون.

مٿين ڪهاڻيڪارن افساني جي فن جي ترقيءَ ۽ اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هتان جي افسانه نگارن جي لکڻين سياسي، سماجي، قومي، نظرياتي ۽ ترقي پسند فڪر جهڙن موضوعن جي نشاندهي سان گڏ عملي سوچ جي ذريعي حالتن کي بدلائڻ ۽ انهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ، مدي خارج جاهلانه رسم رواج ۽ انڌي عقيدي جي ور چڙهيل عوام جي سائنسي ۽ عقلي بنيادن تي رهنمائي ڪئي آهي. هتان جي افسانه نويسن ادب جي ترقي پسند ۽ روشن خيالي کي نظر ۾ رکي پنهنجي قوم جي بقا، ٻوليءَ جي بچاءَ، سماج کي بدلائڻ واري شعوري اوسر، سنڌي عوام ۾ خود اعتمادي ۽ مزاحمت جو روح ڦوڪيو آهي. هنن ڪهاڻيڪارن پنهنجي تحريرن وسيلي سماجي حقيقت نگاري هيٺ شهري توڙي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي معاشي حالتن ۽ واقعن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻائي سماج جي استحصالي قوتن جهڙوڪ: سرمائيدار، وڏيري، ۽ سندن ساٿ ڏيندڙ ڇاڙتن کي وائکو ڪرڻ سان گڏ هنن سنڌ جي ابوجهه ماڻهن کي ڄڙتو عقيدن، منطقن جي ڄار مان عقلي بنيادن تي شعور بيدار ڪيو. سندن ڪهاڻيون ڪيترن ئي واقعن، مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ ڏاڍ، ڏمر، ظلم ۽ ناانصافين خلاف جدوجهد ۽ بغاوت جو فڪر ۽

شعور ڏين ٿيون. سندن افسانوي فن ۽ فڪر جي ذريعي سماجي ۽ ثقافتي لاڙن ۽ رجحانن جو عڪس پسي سگهجي ٿو.

سال 1947ع کان 2021ع تائين شايع ٿيل ڪهاڻين جي مجموعن جو وچور.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. ڪر چور | امان الله ٻگهيو گچيرائي | 1968ع |
| 2. پنگ جا رنگ | هري همٿاڻي | 1968ع |
| 3. اجهاڻل آس | مشتاق باگاڻي | 1973ع |
| 4. رچنا ـ ارچنا | هري همٿاڻي | 1977ع |
| 5. سڏ ۽ پڙاڏا | هري همٿاڻي | 1981ع |
| 6. پگهريل هٿ | هري همٿاڻي | 1984ع |
| 7. ڪجهه ٿنل ٿنل | هري همٿاڻي | 1985ع |
| 8. گهٽائن جو چڪر | هري همٿاڻي | 1987ع |
| 9. پاڇو | ڪيمن يو مولاڻي | 1988ع |
| 10. اڇيتن | هري همٿاڻي | 1993ع |
| 11. اڏامندڙ ارمان | هري همٿاڻي | 1998ع |
| 12. اوسيئڙو | ڪيمن يو مولاڻي | 1998ع |
| 13. انڌو گهوٽ | بيدار مورائي | 1999ع |
| 14. پوءِ مان نڪتل ماڻهو | ظفر | 2000ع |
| 15. اڏوري آس | استاد بهاول لغاري | 2003ع |
| 16. پاڻيءَ تي پهرو | راشد مورائي | 2006ع |
| 17. ياد | هري همٿاڻي | 2006ع |
| 18. نومبر جي آخري رات | آنند ڪيماڻي | 2007ع |
| 19. رشتن جي سياست | آنند ڪيماڻي | 2007ع |
| 20. ترورو | ثمينہ ميمڻ | 2017ع |

### 3.3 ڊرامو DRAMA

لفظ ڊرامو يوناني ٻوليءَ جي لفظ "ڊراءِ" مان نڪتل آهي، جنهن جو مقصد عمل يا ايڪشن آهي. ڊرامو، انسان جي چرپر جي فطري عمل جو نقل آهي. ڊرامو هڪ قسم جي فرضي ڪهاڻيءَ تي ٻڌل حقيقت جو روپ ڏنل آئينو آهي. ڊرامو هڪ قوم جي زندگيءَ جو عڪس هوندو آهي، جنهن ۾ ڪل، خوشي يا ڏک جو منظر پيش ڪيو وڃي ٿو، جنهن جو مقصد سکيا ڏيڻ هوندو آهي. ڊرامي جا ٻه مکيه قسم: ڪاميڊي ۽ ٽريجيڊي ٿين ٿا. ڊرامو هڪ قسم جي ڪٿا يا زندگيءَ جي نچوڙ مان مليل، ڪهاڻيءَ کي نقل ڪري وري پيش ڪرڻ کي چئبو آهي. اهڙو عمل ڊرامو نويس ڪردارن جي ڳالهه ٻولهه وسيلي ڏيکاءُ يا پيش ٿيندڙ عملي ڪهاڻيءَ کي اسٽيج، ٿيئٽر، ريڊيو يا ٽي وي ذريعي پيش ڪري ٿو. ڊرامي جو تعلق انسان جي ارادي جي جهاد سان آهي. هڪ دلچسپ ڊرامي لاءِ ڪشمڪش جو هجڻ لازمي آهي. ڊرامو سماج جي عڪاسي ڪندڙ صنف آهي. ڊرامي جي پيش ٿيندڙ نقالي وسيلي سماج جي هر برائي توڙي چڱائيءَ واري پهلوءَ کي توري تکي پيش ڪيو ويندو آهي.

سنڌي ڊرامي جي شروعات 1880ع ۾ مرزا قليچ بيگ جي لکيل ڊرامي "ليليٰ مجنون" سان ٿي. مرزا صاحب ٻيو ڊرامو "خورشيد" پڻ لکيو. هن ڪيترائي ڊراما ترجمو به ڪيا. ان کان علاوه ديوان ڪوڙيمل، چيتانند، لوڪ سنگهه ۽ ٻين پڻ ڊراما لکيا، جيڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن.

> ارسطوءَ ڊرامي جا ڇهه جزا قائم ڪيا، تن ۾ ڪهاڻي، ڪردار، الفاظ، خيال، سينگار ۽ موسيقي شامل آهن. ڪن محققن هينيان پنج جزا مقرر ڪيا آهن: تمهيد، الجهاءُ، نقطئہ عروج، سلجهاءُ ۽ پڄاڙي. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته ڊرامي جا پنج يا ڇهه نه، پر پورا نَو جزا نظر ايندا، جي پلاٽ، مرڪزي خيال، منڍ، ڪردار، مڪالما، ڪشمڪش، ٽڪراءُ، توڙ ۽ پڄاڻي تي مشتمل آهن." (43)

اڪبر لغاري، سنڌ ۾ ناٽڪ منڊلين جي قيام بابت لکي ٿو ته:

> "1894ع کان پوءِ ناٽڪ منڊلين جو بنياد پيو. 1894ع ۾ ڊي. جي.ڪاليج ۾ پهرئين ناٽڪ منڊلي "اميچوئرس ڊراميٽڪ سوسائٽي" جو بنياد رکيو ويو، جنهن 1913ع تائين سنڌي ڊرامن کي ڪتابن جي دنيا مان ڪڍي اسٽيج تي آندو ويو. 1896ع ۾، حيدرآباد اميچوئرس ڊراميٽڪ سوسائٽي قائم ٿي. ان کان پوءِ 1907ع ۾ ڪشنچند بيوس، چاندڪا اميچوئرس ڊراميٽڪ سوسائٽي، جو بنياد رکيو. ڪجهه سالن ۾ وري 1917ع ۾، ڌرم آپ ڪا اميچوئرس ڊراميٽڪ سوسائٽي شڪار پور، ۾ قائم ٿي." (44)

اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻين شهرن ۾ بہ آهستي آهستي ڪيترين ئي ننڍين وڏين ناٽڪ منڊلين ڪليون، جن سنڌي ڊرامي کي اسٽيج تي آندو. 1900ع کان 1947ع تائين سنڌي ناٽڪ نويسيءَ تمام گهڻي ترقي ڪئي. ورهاڱي کان پوءِ محمد عثمان ڏيپلائي، منگهارام ملڪاڻي، محمد اسماعيل عرساڻي، منظور نقوي، آغا سليم، ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، سراج ميمڻ، قاضي خادم، علي بابا ۽ ٻين جا ڊراما ڪافي مقبول ٿيا. آغا سليم جي مشهور ناٽڪن "دولهہ دريا خان"، "دودو چنيسر"، "تماشو"، شيخ اياز جا "رني ڪوٽ جا ڌاڙيل"، "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" ۽ "دودي سومري جو موت" ۾ 'سماج' بنيادي موضوع آهي. اسٽيج ڊرامي جي زور ٽٽڻ کان پوءِ، ريڊيو ۽ ٽي وي تي رومانوي ۽ تاريخي ناٽڪ نشر ٿيا. بعد ۾ ريڊيو، فلم ۽ ٽي ويءَ لاءِ آغا سليم، امر جليل، قاضي خادم جو "لڙڪ لڙڪ زنجير"، علي بابا جو ڊرامو "دنگي منجهہ دريا"، نورالهديٰ شاهہ جو "جهنگل"، عبدالقادر جوڻيجو جو ڊرامو "ڪاروان" ۽ "ديوارين"، ممتاز مرزا جو "آخري رات" ۽ قمر شهباز جي "لاٽ" جهڙا مجموعا پڻ ڇپيا. ريڊيائي ناٽڪن ۾ پهريون سنڌي ناٽڪ "موسم ۽ مجبوري" مصطفيٰ قريشي پيش ڪيو.

موري ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڊرامي ۾ نون لاڙن ۽ رجحانن جنم ورتو. سنڌي ناٽڪ مذهبي موضوعن مان نڪري سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪرڻ لڳو. تفريح سان گڏ عام ماڻهن جي درپيش مسئلن کي اجاگر ڪري انهن جو حل ٻڌائڻ ۽ قومي مفادن وٽان تبليغ ۽ تلقين جا فرائض سرانجام ڏنا. قاضي محمد علي "اختر" مورائيءَ ڊراما لکيا، جيڪي 1950ع کان پوءِ استاد محمد چتل سرهيي پاران ڪرايل ڊراما اسڪول جي شاگردن لاءِ وڏي درسگاهہ ثابت ٿيا. "اختر" مورائيءَ جا لکيل ڊراما گهڻي ڀاڱي اخلاقي، اسلامي ۽ سماجي شعور ڏيندڙ هئا. ڊرامي جي هن دور ۾ استاد محمد چتل پڻ ڊراما لکيا ۽ اسٽيج تي ڪرايا. نامياري ڳائڪ اداڪاره تلسي نرياڻي 15 آگسٽ 1935ع تي موري شهر ۾ جنم ورتو. آل انڊيا ريڊيو تي پاڻ ڪيترائي گيت ڳايا. ان کان علاوه هن ناٽڪ نويسيءَ ۾ 30 کان وڌيڪ ناٽڪ پڻ لکيا.

محمد صديق پرهياڙ پڻ اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاريءَ ۽ ڊائريڪشن سان گڏ ڪيترائي اسٽيج ڊراما، اسڪرپٽ ۽ ڪهاڻيون لکيون. ناصر مورائيءَ بہ ريڊيو ۽ ٽي وي لاءِ ڪجهہ ڊراما لکيا. مشتاق باگاڻي بہ ڪجهہ منظوم ڊراما لکيا. ارباب ڇجڙي اداڪاريءَ سان گڏ ڊراما ۽ ڪهاڻيون لکيون. هن اسٽيج ڊرامن جي ذريعي هتان جي ڀرپاسي ۾ شهرن ۾ ڊراما ڏيکاريا، هنن ڊرامن ۾ عام ماڻهن جي مسئلن کي بيان ڪري ڏيکاريو ويندو هو، جن ۾ مزاح بہ هوندو هو تہ طنزيہ سماجي براين جي اپٽار بہ هوندي هئي. هن روزاني "عوامي آواز" اخبار جي هفتيوار ايڊيشن ۾ "هي ريڊيو حيدرآباد آهي" جي عنوان سان 40 قسطن تي مشتمل ريڊيو ۽ اسٽيج ڊرامن بابت مضمون بہ لکيا آهن.

- **موري ۾ ناٽڪ منڊليون**

سنڌ سميت جتي ڪراچي حيدرآباد، شڪارپور، نارو شاهه ۽ ٻيا شهر ڊرامي ۽ ناٽڪ منڊلين جي حوالي سان مشهور ٿيا، اتي موري شهر جو بہ اهم ڪردار آهي. ڊراما نويسي ۽ ناٽڪ منڊلين جي حوالي سان هن شهر ۾ بہ ڊرامي جا ٽي دور يعني ورهاڱي کان اڳ، ورهاڱي کان پوءِ ۽ جديد دور آهن.

ورهاڱي کان اڳ هن شهر ۾ پهرين ناٽڪ منڊلي "شيوا" جي نالي سان قائم ٿي، جنهن پاران هندو ڌرمي ڊراما ڪندا هئا. هن منڊليءَ ۾ تيجومل، خوبومل، مڏن مل، پيسومل ۽ ٻيا گڏجي، مقامي ڳوٺن، شهرن ۽ آس پاس جي علائقن جهڙوڪ: گڇيري، سخي داد واهي، منياڻي، دادو ۽ ٻين جاين تي هولي، ويساکي، ٽڏڙي، شوِ يا سو وغيره جهڙن خوشيءَ وارن لمحن / ڏڻن تي ناٽڪ ڪندا هئا. شهر جي گهٽين ۾ ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا ۽ پڳتون بہ ڪيون ويندون هيون. ان دور ۾ سنڌ سميت موري شهر ۾ ٿيندڙ ڊراما مذهبي ۽ سماجي نوعيت جا هوندا هئا. ناميارو ڊرامہ نويس ارباب ڇڄڙو لکي ٿو تہ:

"استاد محمد چتل سرهيو بہ ڊرامي جو فن هن منڊليءَ جي اداڪارن کان سکيو. جنهن ۾ تيجومل سندس استاد هو. واڻيا، ڊرامي ۾ راڳ بہ پڳت جي صورت ۾ ڪندا هئا. جامو پائي ۽ ڇير ٻڌي ڪلام ڳائيندا هئا." (45)

مسلمانن بہ ان دور ۾ مذهبي نوعيت جي ڊرامن کان علاوه، دودي سومري، عمر مارئيءَ سان گڏ عربن جي ڪيل حملن جي موضوعن تي پڻ ڊراما ڪيا. 1947ع ۾ گڏيل هندستان جو ورهاڱو ٿيو. سنڌ جي هندن کي ملڪ جي ورهاڱي سبب پيش آيل حالتن ڪري سنڌ کي ڇڏي هندستان وڃڻو پيو. موري شهر مان بہ هندو اديبن، شاعرن، ليکڪن ۽ ڊراما نگارن جي لڏپلاڻ سبب ان جو اثر سنڌي ادب ۽ فنون لطيفہ تي پڻ پيو. ورهاڱي سان سنڌي ڊرامو بهرحال ورهائجي ويو. موري شهر ۾ ڊرامي جو ٻيو دور ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿيو. محمد منل ڪمالاڻيءَ پنهنجي ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" ۾ لکي ٿو تہ:

"موري ۾ اسٽيج ڊرامن جو آغاز 1950ع کان پوءِ ٻيهر سائين محمد چتل سرهيي، مرحوم سيد پناه علي شاه جي ٻارڙن لاءِ لکيل ڊرامن سان شروع ڪيو. جنهن کان پوءِ اهي ڊراما موري جي ڪهنہ مشق اديب قاضي محمد علي "اختر" مورائي طرفان لکيا ويندا هئا. ڊرامي جو پروگرام سال ۾ هڪ دفعو منعقد ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ اداڪاريءَ جو سڄو ڪم شاگردن کي سيکاريو ويندو هو. هي ڊراما ان زماني ۾ شاگردن لاءِ هڪ وڏي درسگاه ثابت ٿيا." (46)

سيد پناه علي شاه ٻارن لاءِ نهايت ئي اصلاحي ڊراما لکيا. بعد ۾ ڊراما نويسيءَ ۽ مڪالمہ نگاريءَ ۾ "اختر مورائي" جي شخصيت آهي. ان دور ۾ جن ڊراما لکيا ۽ اداڪاري ڪئي، تن ۾ استاد محمد

چتل سرهيو، محمد ابراهيم سرهيو، گل محمد ساٽي، محمد صديق ميمڻ، محمد هارون سومرو، يار محمد پيرزادو، نبن سومرو، استاد عبدالخالق ميمڻ، محمد مٺل ڪمالاڻي، ”اختر مورائي“ ۽ ٻيا شامل هئا.

محمد مٺل ڪمالاڻي ڊرامي بابت وڏيڪ لکي ٿو ته:

”ڊرامي کان علاوه، ٻارڙن جي ٻاري، گهه جو دلو، قرب ۽ همدردي، ڪمهلو مهمان، ذات جو سور ۽ ٻيگِت هن اسٽيج جا اهم خاڪا هئا.“ (47)

موري شهر جي ناٽڪ نويسيءَ ۾ جن ناٽڪ منڊلين / ڊرامٽڪ سوسائٽين ان جي ترقي ۽ ترويج ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. موري مان سنڌي اسٽيج ڊرامن جي روح روان محمد صديق پرهياڙ جي اڳواڻيءَ ۾ ”لطيف آرٽ سرڪل“ قائم ٿي، جنهن پاران سنڌ جي تقريباً هر ننڍي وڏي شهر ۾ ڪيترائي ڊراما ڪندو رهيو. پاڻ هڪ ئي وقت اداڪار ڊراما نگار، هدايتڪار ۽ شاعر به هو. سندس شاگردن جو وڏو انگ آهي، جيڪي اسٽيج، ريڊيو، ٽي وي ۽ فلم ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري سنڌي ناٽڪ جي بي انتها خدمت ڪري رهيا آهن. هن سرڪل ۾ ”حافظ“ محمد بخش خاصخيلي، فقير محمد عالماڻي، غلام نبي، جنگ خان پنهور، قمرالدين پنهور ۽ شامل هئا. موري شهر ۽ آس پاس مان ڊراما ٻالڪ سوسائٽي گچيري جو بنياد استاد شفيع محمد ٻگهئي رکيو. استاد شفيع محمد جي هن ٻالڪ سوسائٽيءَ بابت ارباب چچڙو لکي ٿو ته:

”جڏهن واٽين جي لڏپلاڻ شروع ٿي، تڏهن استاد شفيع محمد هڪ ڏکائيندڙ نظم لکيو هو ۽ اهو ٻارن کي ياد ڪرائي، پوري شهر ۾ جلوس ڪيرائي ڳارايو هئائين. ان تي پورو شهر رنو هو ۽ ٿورن ڏينهن لاءِ واٽيا ويهي رهيا هئا، بعد ۾ مورو ڇڏي هندستان هليا ويا.“ (48)

ڊراما ٻالڪ سوسائٽي موري جو بنياد استاد محمد چتل سرهيي رکيو. هن ڊراميٽڪ سوسائٽي پاران ٻارڙن لاءِ اصلاحي ڊرامن کان علاوه دودو سومرو، عمر مارئي، هوش محمد شيدي ۽ ٻيا تاريخي نوعيت جا ڊراما اسٽيج تي پيش ڪيا ويا. استاد محمد چتل سرهيي ناٽڪ نويسيءَ ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ ڪيترائي شاگرد اداڪار پيدا ڪيا، جن ۾ نبن سومرو، ابراهيم سرهيو، گل محمد ساٽي، محمد صديق ميمڻ، محمد صديق ڏيٽو، يار محمد پيرزادو، عبدالحق ميمڻ، محمد مٺل ڪمالاڻي، الھ رکيو چانڊيو، هارون ٻلال، حاجي مٺو سوهو انور سولنگي، اسدالله پٽي، نور جمال شيخ، غلام نبي مورائي، قادر بخش عرف پلپلي، عبدالقادر دايو، احمد خان ٻرڙو، خادم حسين ابڙو ۽ ٻيا شامل آهن.

شاھ عبداللطيف آرٽ سرڪل موري جي پهرين صدر يار محمد پيرزادي سان گڏ نور جمال شيخ، امير علي لونگاڻي، عبدالڪريم ميمڻ، شميم سومري ۽ ٻين ساٿين گڏجي هن سرڪل جو بنياد رکيو. هن آرٽ سرڪل جي شروعات متعلق ارباب چچڙو لکي ٿو ته:

”هيءَ باقاعده پهرين سرڪل هئي جنهن جو افتتاح ٻانڊي روڊ تي فلمن جي مشهور مسخري 'نظر' ڪيو. هن سرڪل موري ۽ ان کان ٻاهر ٽڪيٽ تي ڊراما ڪرائڻ جو باقاعده رواج وڌو.“ (49)

سنڌ سميت موري شهر ۾ به سال 1970ع کان 1980ع وارو دور قومي شعور جي اڀار جو دور رهيو. ان جدوجهد ۾ اسٽيج ڊرامن جو به ڪردار رهيو. جنهن ۾ تعليمي، سماجي، اخلاقي ۽ اصلاحي بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ اڪثر اسڪولن ۾ به اصلاحي اسٽيج ڊراما ٿيا. ان دور ۾ محمد صديق پرهياڙ اسٽيج ڊرامن ۾ جدت ۽ نواڻ آندي ۽ هڪ ٽيم تيار ڪري، اسٽيج ڊرامن کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪيو. لطيف آرٽ سرڪل موري جو بنياد 1976ع ۾ رکيو ويو، جنهن جو چيئرمين محمد صديق پرهياڙ ٿيو. ڊرامي جي فن سان وابسته شخصيتن ۾ محرم الدين پرهياڙ، غلام نبي لاشاري، فقير محمد عالماڻي، محمد ملوڪ پتافي، انور، جُنگ خان پنهور، ڪامريڊ سرور سهتو وڪيل، ”حافظ“ محمد بخش خاصخيلي، بچل بيوس، قمرالدين پنهور، ارباب چڇڙو، عبدالله رند، مشتاق ابڙو، پيرل سيال، غلام قادر جوکيو، عبدالغفورعباسي، شعيب عباسي، غلام قادر شاهه ببلي، گلزار پروين، شهزاد سومرو، موسيٰ ڪليم راهو ۽ ٻيا شامل هئا. هن سرڪل پوري سنڌ ۾ ڌاري آباد ڪاري، ۽ قومي طبقاتي خلاف اسٽيج ڊرامن ذريعي شعور ڦهلايو. ان دور جي مشهور اسٽيج ڊرامن ۾ ”ڏڱاٿو دبئي ۾“، ”چلڪٽي دا خير هووي“، ”آخري گولي“، ”دلاور“، ”مينديءَ رتا هٿ“، ”لوئي ۽ لڄ“ ۽ ٻيا ڪيترائي ڊراما ٿيا. ڪيترن ئي ڊرامن جي اختتام کان پوءِ قومي راڳي راهب سولنگي قومي گيت ڳائي محفلن ۾ قومي جوش ۽ جذبو پيدا ڪندو هو. قومي سجاڳيءَ جي اهڙي عمل ۾ محمد صديق پرهياڙ سان سهڪار ۾ ڪيترن ئي قومي ڪارڪنن سات ڏنو جن ۾ راشد مورائي، مولابخش ٻرڙو، هاشم کوسو، ادريس جتوئي، نماڻو سنڌي، آچر لنڊ، منل حيدري، غلام نبي ٻهراڻي ۽ ٻين پڙهيل لکيل ساٿين اخلاقي مدد ڪئي. ان زماني ۾ هن سرڪل پوري سنڌ ۾ ڪيترائي ڊراما ڪيا. اسٽيج ڊرامي جو هي دور سونهري دور هو.

لطيف آرٽ سرڪل تڏهن ٽٽي، جڏهن محمد صديق پرهياڙ لطيف آرٽ سرڪل ٽوڙي، بنا ڪنهن سرڪل جي ڊراما ڪرڻ لڳو. بعد ۾ ارباب چڇڙي هن سرڪل جو نئين سر بنياد رکي اسٽيج ڊرامن کي سنڌ جي مختلف شهرن تائين اسٽيج ڊرامن کي جاري رکيو. ڪيترائي مشهور ڊراما اسٽيج ڪري ماڻهن کي قومي سجاڳي، اصلاحي، اخلاقي ۽ سماجي شعور ڏنو. ارباب چڇڙو لکي ٿو ته:

”هن سرڪل نه صرف ڪيترائي اسٽيج ڊراما سنڌ اندر ڪيا پر ڪيترن ئي ناليوارن اداڪارن ۽ فنڪارن کي پڻ پيدا ڪيو، جن ۾ ڪشور سلطانه، نگهت ناز، صائمه منظور،

مارئي سنڌو، خير محمد ڏاهري، راجا فهيم، سعيد سمون، باقر لغاري، ڊاڪٽر منظور انڙ،
مرتضيٰ مجبور ۽ ٻيا اداڪار شامل آهن.“ (50)

حيد بخش جتوئي آرٽ سرڪل جو بنياد 1985ع ۾ رسول بخش ٻرڙي، غلام رسول ملڪ، عبدالرزاق مستوئي ۽ ٻين ساٿين رکيو. هن سرڪل پاران ڪيترائي اسٽيج ڊراما ۽ اصلاحي خاڪا ڪرائي، عوام ۾ قومي ۽ سياسي سجاڳيءَ جو شعور ۽ ڪاٻي ڌر جي سياست کي فروغ ڏيڻ هو.

پريت آرٽ سرڪل جو بنياد ڊاڪٽر نصرالله قريشي، ڪرم الله سومرو، شمس عطار، الم ورايو ڊلو ۽ ٻين ساٿين رکيو. هن آرٽ سسرڪل جي باري ۾ ارباب چچڙو لکي ٿو ته:

”غلام رسول ملڪ، رزاق مستوئي، غلام رباني چانديو، گل پٺي ۽ ٻين گڏجي سنڌ سپيتا سٽ جي تحت اسٽريٽ پلي ڪيا، جهڙوڪ: ”هل پنهل“، ”اڳتي قدم“ ۽ ”ڏوهي ڪير“ مشهور آهن.“ (51)

جهولي لعل آرٽ سرڪل موري جو بنياد 1992ع ۾ ساگر غلام نبي ڪلهوڙي رکيو. هن سرڪل پاران ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊرامه اسٽيج ٿيا. ڊرامن سان گڏ جهولي لعل پراڊڪشن پاران سنڌي فلمون پڻ ناهيون ويون، جن ۾ ”ڏاڍ جي دنيا“، ”خوني ڏچي ۾“، ”غلامون ڏاڙيل“ وغيره آهن جن ۾ ڪيترن ئي ناليوارن اداڪارن شموليت اختيار ڪئي. سرڪل کي اڄ به غلام نبي ڪلهوڙو، محمد صديق ٻگهيو، جاويد ماڇي، استاد ظفر رند، پيار علي ڪوڪر ۽ ٻيا ساٿي هلائي رهيا آهن.

مٿين آرٽ سرڪل ۽ ڊرامٽڪ سوسائٽين کان علاوه هن شهر ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي آرٽ سرڪل آهن، جن ۾ قلندري آرٽ سرڪل، جهولي لعل آرٽ سرڪل، نصير آرٽ سرڪل، آزاد آرٽ سرڪل کان علاوه 20 کان مٿي ٻيا به آرٽ سرڪل اڄ به هن شهر مان ڊرامي کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

وقت گذرڻ سان گڏ اسٽيج ڊراما گهٽجڻ لڳا ته پوءِ آهستي آهستي ڊامن جي صنف ترقيءَ ڏانهن گامزن ٿي. اسٽيج ڊرامي کان سواءِ ريڊيائي ۽ ٽي وي ڊرامه مقبوليت ماڻي فلمي ناٽڪ جي حيثيت سان سنڌي ٻوليءَ ۾ به فلمون ٺهڻ لڳيون. روزانه ”ڪاوش“ اخبار پاران ڪي ٽي اين نالي سان سنڌي چينل هلايو، جتان ڊراما هلڻ شروع ٿيا. بعد ۾ سنڌ ٽي وي چينل کليو، جتان پڻ معياري ڊراما هلڻ لڳا. اهڙي طرح آهستي آهستي ڪيترن ئي سنڌي چينلن جن ۾ مهراڻ، آواز، ڌرتي ٽي وي چينلن جي کلڻ سان سنڌي ڊرامي کي وڏيڪ ترقي ملي. موري شهر مان پڻ ڪيترن ئي اداڪارن کي هنن چينلن تي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ ڪرڻ جو موقعو مليو، جن پنهنجي فن ۽ آرٽ ذريعي سڄي سنڌ ۾ نمايان حيثيت ۽ شهرت حاصل ڪئي. هن شهر جي جن ڊرامه نگارن ۽ اداڪارن ڊرامه نويسيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ڊرامي جي دنيا کي اوج تائين رسايو تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

- **استاد محمد چتل سرهيو** (1916ع – 1985ع)

استاد محمد چتل سرهيو هڪ بهترين استاد هئڻ سان گڏ هڪ سٺو منتظم پڻ هو. مين پرائمري اسڪول موري جي هيڊ ماستر هئڻ طور سندس بيشمار خدمتون آهن. اسڪول جي انتظام، فلاح ۽ بهبود لاءِ رانديون، ڊراما ڪرائڻ، غريب ٻارن لاءِ ڪتاب، چپل ۽ ڪپڙا وٺي ڏيڻ سان گڏ اسڪول جي گلستان جو مالهي ٿي ڪم ڪيائين. سندس دور ۾ مين پرائمري اسڪول شاندار ترقي ڪئي. پاڻ ڊراما نگار ۽ هدايتڪار هئڻ سان گڏ موري جي ثقافت جو باني به هو. پاڻ اوپن آرٽ سرڪل جو سرپرست رهيو. سائين محمد چتل مين پرائمري اسڪول موري ۾ وڏي تعداد ۾ ڊرامه پيش ڪيا. پاڻ ڊرامن کان علاوه ڪبڏي راند جا مقابلا پڻ ڪرائيندو هو. ڊرامن ۽ ڪبڏي راند جي مقابلن مان ڪيس جيڪي پئسا ملندا هئا، پاڻ اهي پئسا اسڪول جي ترقياتي ڪم ۽ قائم ڪيل باغيچي ۾ صرف ڪندو هو. استاد محمد چتل جي ڪرايل ڊرامن بابت ناميارو محقق ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لکي ٿو ته:

”سائين محمد چتل جيڪي مشهور ڊراما ڪرايا، تن ۾ ”دودو چنيسر“، ”راجا ڏاهر“، ”مجاهدين وطن“، ”فتح اسلام“، ”عمر مارئي“، ”سسئي پنهون“، ”نوري جام تماچي“، ”سچائي“، ”مورڙو“ وغيره هئا.“ (52)

استاد محمد چتل، لطيف جي رسالي جي سورمين کي پڻ ڊرامائي تشڪيل ڏئي، اسٽيج تي ناٽڪ ناهي اداڪاري ڪرائي. ان کان علاوه تاريخي ڊرامي دودي سومري جو موت ۽ حاتم طائي جهڙا ڊراما پڻ اسٽيج تي پيش ڪيا. سڪندر زمان ميمڻ لکي ٿو ته:

”سائين محمد چتل اسڪولي ٻارن کان ڊراما اسٽيج ڪرائڻ لاءِ اسڪول جي هوشيار شاگردن کان انٽرويو ڪري، ڊرامن ۾ اداڪاريءَ لاءِ سليڪشن ڪندو هو ۽ ڊرامن جي هدايتڪاري پڻ پاڻ ڪندو هو.“ (53)

سائين محمد چتل هڪ استاد ۽ ڊرامه نويسي جي حيثيت سان ڪيترائي ناليوارا شاگرد پڻ پيدا ڪيا.

- **استاد عبدالرحيم سولنگي** (1933ع - 2021ع)

استاد عبدالرحيم سولنگي هڪ استاد هئڻ سان گڏ فنڪار ۽ اداڪار پڻ هو. هن پنهنجي فن جو آغاز نعتيه شاعري ڳائڻ سان ڪيو. بعد ۾ راڳ ۽ اداڪاريءَ ڏانهن وڪ وڌايائين. ناميارو ڊرامه نويس ۽ اداڪار وزير فرهاد سولنگي لکي ٿو ته:

”استاد عبدالرحيم مڪڻي جي راڳ جي تربيت قاضي فيض محمد ڪئي. دربيلي جي استاد مشتاق لنجار جي ڊرامي 'قاتل' ۾ ڪردار ادا ڪيائين. سندس ڊراما تمام گهڻو مشهور ٿيا،

جن ۾ 'قاتل'، 'سسئي پنهون'، 'ليليٰ چنيسر' وغيره شامل آهن. سني راڳ ڳائڻ جي ڪري ايچ. ايم. خوجا پيار مان ڪيس 'مڪڙو' سڏيندو هو. سندس همعصر ساٿي اداڪارن مان "حافظ" محمد بخش خاصخيلي ۽ محمد صديق پرهياڙ جن هئا." (54)

- **فقير محمد عالماڻي** (9 فيبروري 1938ع)

فقير محمد عالماڻي پرائمري استاد هئڻ سان گڏ اسٽيج ڊرامن، ٽي وي ڊرامن ۽ فلمن ۾ هڪ منفرد اداڪار طور ڪم ڪيو. اسٽيج ڊرامن ۾ سندس استاد محمد صديق پرهياڙ هو، جنهن سان گڏ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اسٽيج ڊراما ڪيائين. سندس يادگار ڪردارن مان "چربٽ بادشاهه"، "واٽيو" ۽ "جوڳيءَ" جهڙا ڪردار مقبول ٿيا.

- **انور سولنگي** (1944ع - 2008ع)

انور سولنگيءَ جو جنم شهدادپور ۾ ٿيو. سندس وڏا پراڻي گڇيري جا وينل هئا. بنيادي تعليم هن پراڻي گڇيري ۽ موري جي مين پرائمري اسڪول مان جڏهن ته مئٽرڪ دادو هاءِ اسڪول مان 1959ع ۾ حاصل ڪيائين. انور سولنگيءَ ۾ اداڪاريءَ ۽ صداڪاريءَ جي فن جون صلاحيتون ننڍي هوندي کان ئي هيون. جڏهن پاڻ پرائمري اسڪول (مين) مورو ۾ پڙهندو هو ته ان وقت سنڌ جو مشهور تعليمي ماهر ۽ ڊرامہ نويس استاد محمد چتل سرهيو تعليم ڏيڻ سان گڏ ڊراما لکي پڻ پيش ڪندو هو. هن انور ۾ اداڪاريءَ ۽ صداڪاريءَ جون صلاحيتون ڏسي ڪيس ڊرامن ۾ مختلف پارٽ ڏنا. انهن مان ڪيس پهريون ڪردار هڪ ڇوڪريءَ جو ڏنو ويو، جنهن ۾ پاڻ نهايت ئي مثالي اداڪاري ڏيکاريائين. اهڙيءَ ريت انور سولنگيءَ استاد محمد چتل جي تربيت هيٺ رهي، اداڪاريءَ جو فن حاصل ڪيو. مئٽرڪ تائين پاڻ سائين محمد چتل وٽ ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين. مئٽرڪ کان پوءِ موري ۾ ناڪي منشيءَ جي نوڪري ڪيائين. بعد ۾ نوڪري ڇڏي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد آيو، جتي "پٽ جمهورا" پروگرام ۾ عبدالحق ابڙي سان گڏ ڪم ڪيائين. هن ريڊيو تي پنهنجي ڪيريئر جي شروعات 1970ع ۾ ڪئي. سندس مشهوري 1974ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن جي ڪري ٿي. هن ٽي وي ۽ ريڊيو جي پنج سو کان وڌيڪ ڊرامن ۾ ڪم ڪيو، جن ۾ اردو، سنڌي ڊرامہ شامل آهن. هن سيد صالح محمد شاهه، عبدالحق ابڙي ۽ اي آر بلوچ جهڙن بهترين فنڪارن، صداڪارن ۽ اداڪارن سان ڊراما پيش ڪيا.

انور سولنگيءَ جڏهن پٺي صاحب جي قاسيءَ واري خبر ريڊيو پاڪستان تان پٺائيءَ جا بيت پڙهي ڪي اهڙا پراثر جملا چيا، ان تي اسلام آباد ۾ مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ سندس نوڪريءَ جا دروازا بند ڪيا ويا. بعد ۾ ٽي وي تي مختلف ڊراما شروع ڪيائين. ريڊيو ٽي وي کان علاوه سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اسٽيج ڊراما پڻ ڪيائين. ٽي وي تي سندس پهريون ڊرامو "ٻاليشاهي" هو، جنهن ۾ هن مکيہ ڪردار ادا ڪيو. سندس مشهور ڊرامن ۾ "جهنگل"، "ڇوٽي سي دنيا"، "ديوارين"، "جانو جرمن"، "ماروي"، "بدنصيب ٽري"، "دنگي منجھ درياءَ"، "وساريل واٽون" ۽ "راڻيءَ جي ڪهاڻي" آهن، جن ۾ سندس

اداڪاريءَ ماڻهن جي دلين ڪي موهي وڌو. راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ ”مڪڻ خان“ جو ڪردار سندس سڃاڻپ بڻيو.”هوائين“ ڊرامي ۾ سندس ڪردار ”چوڪيدار“ پڻ ساراهه جوڳو رهيو. انور سولنگيءَ ڪي سنڌي ۽ اردو ڊرامن ۾ يڪسان مقبوليت ملي. هن ڊرامه لکڻ ۽ ڊائريڪٽ ڪرڻ کان علاوه، اخبار ۾ افسانا به لکيا ۽ شاعري به ڪئي. سندس تصنيف ٿيل ڪتاب ”وٽيون وِههَ گاڏڙيون“ 2005ع ۾ ڇپيو. تاريخ ۾ انور سولنگيءَ جهڙا آرٽسٽ گهٽ ملندا.

- **محمد صديق پرهياڙ** (1946ع - 2008ع)

محمد صديق پرهياڙ ڳوٺ ”هبيري“ ضلعي نواب شاهه ۾ جنم ورتو. پاڻ پرائمري استاد هئڻ سان گڏ، پرائمري ٽيچرس ايسوسيئشن موري جو عهديدار به ٿي رهيو. هن ڊراما نويسيءَ کي اسٽيج ڊرامن ذريعي اوج تي رسايو. پاڻ اداڪاريءَ سان گڏ هدايتڪار ۽ ڊرامه نويس پڻ هو. شاهه عبداللطيف آرٽ سرڪل جو بنياد رکي، سڄيءَ سنڌ ۾ سماجي اصلاحي، نصيحت آموز ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي آجپي ۽ هلچل لاءِ ڪيترائي ڊراما اسٽيج ڪري قومي شعور ڏنائين. هن سرڪل پاران جيڪي به ڊراما اسٽيج ڪيا ويندا هئا، اهي سڀ سائين محمد صديق پاڻ لکيا. سندس لکيل ڊرامن مان ”جاهل“ ڊرامو تمام گهڻا پيرا اسٽيج ٿيو. ۽ عوام کي بيحد پسند آيو. ڊرامي ۾ ”جاهل“ جو ڪردار سندس ئي ادا ڪيل آهي. ان کان علاوه ”ڏڱاڻو“ پڻ سندس يادگار ڪردارن مان هڪ آهي. هن ان دور جي اسٽيج ڊرامن ذريعي قومي ۽ سماجي شعور ڏنو. سندس مشهور ڊرامن ۾ ”ڏڱاڻو دبئي ۾“، ”چلڪٽي دا خير هو وي“، ”آخري گولي“، ”دلاور“، ”مينديءَ رتا هٿ“، ”لوئي ۽ لڄ“، ”چرپٽ جو موت“، ”عمر مارئي“، ”پٽڙ“، ”ميان نور محمد ڪلهوڙو“، ”سسئي پنهون“، ”ليلا مجنون“، ”ڪاتي هيٺان ڪنڌ“، ”طوفان جي تمنا“، ”مارئيءَ جون ست راتيون“، ”محنت جو قل“، ”قرباني“، ”ڪين ڇريءَ کي چور“، ”دوست دشمن“، ”سونٽيءَ کي سلام“ وغيره شامل آهن. هن اسٽيج ڊرامن جي دنيا ۾ ڪيترائي شاگرد اداڪار پيدا ڪيا. محمد صديق پرهياڙ ڪجهه شاعري به ڪئي، جنهن ۾ سندس پهريان تخلص ”بيتاب“ ۽ بعد ۾ پاڻ ”صديق“ سنڌي استعمال ڪيو. اهڙيءَ طرح پاڻ ڊرامه نويس هئڻ سان گڏ هدايتڪار، اداڪار، اديب، سماجي ۽ قومي ڪارڪن پڻ هو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جو سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو. سندس علمي ادبي خدمتون سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سدائين زنده جاويد رهنديون.

- **قادر بخش عمراڻي** ( 1952ع )

قادر بخش عمراڻيءَ اسٽيج ڊرامن جو آغاز استاد محمد ڇتل سرهيي جي ڊرامن کان ڪيو. ڊرامن سان گڏ پاڻ پڳتي راڳ جي فن جو پڻ مظاهرو ڪندو هو. ڊرامن ۾ سندس ڪردار گهڻي ڀاڱي رقص ۽ مزاح نگاريءَ وارا هوندا هئا. اڄ به اسٽيج تي سيد سليمان شاهه جي ڳايل گيت تي رقص سندس منفرد سڃاڻپ آهي.

- **<u>جنگ خان پنهور</u> (20 آگسٽ 1949ع)**

جنگ خان پنهور هڪ استاد هئڻ سان گڏ اسٽيج ڊرامن جو هڪ منفرد اداڪار پڻ هو. لطيف آرٽ سرڪل پاران محمد صديق پرهياڙ سان گڏ، جنگ خان پنهور ڪيترائي سماجي، اخلاقي ۽ اصلاحي اسٽيج ڊراما ڪيا جن ۾ ”واٽئي“ ۽ ”منشيءَ“ جا ڪردار سندس يادگار ڪردارن مان آهن. اسٽيج ڊرامن کان علاوه، ڊرامن ۾ وري ”رت رنگ لاتو“، ”جاهل“ ۽ ”رت جا رشتا“ ۾ به ڪيس مقبوليت ملي. هن سنڌي فلمن ”سمگلر“ ۽ ”هيرو پٽر“ ۾ به ڪم ڪيو.

- **<u>ارباب علي چچڙو</u> (4 جون 1954ع)**

ڪهاڻي نويس، مضمون نويس ۽ ڊراما نويس ارباب علي چچڙي ڳوٺ ”مورچي“ لڳ ”ديوان جي ڪڙي“ تعلقي موري ۾ جنم ورتو. هن اسٽيج ڊرامن جو آغاز 1977ع کان ڪيو، جيڪو موري جي اسٽيج ڊرامن جو ٽيون دور هو. هن کان اڳ ارباب موري کان ٻاهرين اداڪارن سان اسٽيج ڊرامہ ڪيا. هن موري ۾ اسٽيج ڊرامن جو آغاز شادين جي پروگرامن ۽ ٻين تقريبن سان ڪيو، جنهن ۾ سندس ساٿي اداڪار شهزاد سومرو، غلام قادر زرداري، علي زرداري ۽ ٻيا شامل هئا. بعد ۾ هن لطيف آرٽ سرڪل جوڙي موري جي مقامي علائقن سان گڏ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين اسٽيج ڊراما ڪيا، جن مان سندس مشهور ڊرامي ”اڳيان ڏوڪڙ پنيان جوڪر“ کي گهڻي شهرت ملي. سندس ٻين ڊرامن مان ”آخري گولي“، ”جاهل“، ”راءِ ڏياچ“، ”غريب جي جهوپڙي“، ”وڏيري جو عشق“، ”غريب جي نياڻي“، ”دلاور“ وغيره شامل آهن. سندس ڊائريڪشن هيٺ ڪيل ڊرامن ۾ ”قهرام“، ”قيدياڻي“، ”خان اعظم“، ”دل جي دنيا“، ”ڳنڍيون منجهه ڳنڍير“، ”سورٺ راءِ ڏياچ“ هئا، جن ۾ ڊرامہ نويس ارباب پاڻ خود هو. سندس لکيل ريڊيائي ڊرامن ۾ ”ڳاڙهي برف“، ”پاڇولو“، ”دوهانتيل روح“ ۽ ”قرضي“ آهن. پي ٽي وي تي پڻ مختلف ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين. ”پرک“ پروگرام کان علاوه، ارباب گذريل ٽن سالن کان ايف ايم ريڊيو 88 موري تي ”ڪچهري قرب واري“ پروگرام ۾ پروڊيوسر ۽ ميزبان طور ڪم ڪري رهيو آهي. سنڌ ٽي وي تي ڊرامہ سيريل ”ڪِل سهٽا ڪِل“ ۽ ٻين ثقافتي پروگرامن جهڙوڪ لاڏا، سهرا، جمالو ۽ ٻين مشهور گيتن تي ماڊلنگ پڻ ڪيائين. ڊرامي جي فن ۾ سندس استاد غلام نبي لاشاري ۽ محمد صديق پرهياڙ هيا، جن سان گڏ هن ڪيترائي اسٽيج ڊرامہ ڪيا. ارباب چچڙي اسٽيج ڊرامي ۾ ڪيترن ئي شاگرد ساٿين کي ڊرامي جي فني تربيت ڏني، جن ۾ منظور قادر، غلام نبي سيال، وسيم ڪلهوڙو، جنسار، شبير ميمڻ، عدنان پيرزادو، فهيم پيرزادو، ڪشور سلطانہ، گلزار پروين، مختيار بانو وغيره قابل ذڪر آهن. هن اسٽيج ڊرامن، ريڊيو ۽ ٽي وي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ کان علاوه سنڌي فلمن ۾ پڻ اداڪاري ڪئي. سنڌ ٽي وي، کي ٽي اين، مهراڻ ۽ ٻين مختلف سنڌي چينلن تي پنهنجي اداڪاريءَ ۽ صداڪاريءَ سبب پاڻ نمايان شهرت حاصل ڪئي اٿائين.

- **عبدالله رند (ولادت 1955ع)**

عبدالله رند سنڌي اسٽيج ڊرامن کان پنهنجي فن جي شروعات ڪئي. وزير فرهاد سولنگي، عبدالله رند جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”عبدالله رند جو فن اداڪاريءَ ڏانهن لاڙو 12 سالن جي عمر کان هو. سندس استاد اڪرم جمالي ۽ محمد صديق پرهياڙ جن هئا. ڊرامي جي فيلڊ سان گڏ پاڻ سنڌي پرائيوٽ چينلن تي ڊائريڪشن سان گڏ اداڪاري ڪندو رهيو جن ۾ ڪي ٽي اين، آواز ۽ مهراڻ چينل قابل ذڪر آهن.“ (55)

- **اسدالله پٽي (15 اپريل 1960ع)**

اسدالله پٽي، دستگير ڪالوني موري ۾ پيدا ٿيو. هن اسٽيج ڊرامن جو آغاز عورتاڻي ڪردار سان ڪيو. ڊرامي جي دنيا ۾ سندس استاد محمد چٽل سرهيو هو، جنهن ڪيس ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا موقعا ميسر ڪيا. بعد ۾ 1985ع کان پي ٽي وي تي ڪم ڪيائين. هن پي ٽي ويءَ تي ”حالات حاضره“ جي پروڊيوسر طور پڻ ڪم ڪيو.

- **قمر سنڌي**

قمر سنڌي اسٽيج ڊرامن جي شروعات شاهه عبداللطيف آرٽ سرڪل تان ڪئي. جتي سندس ساٿي اداڪارن سان گڏ سرڪل جي اڳواڻ سائين محمد صديق پرهياڙ سندس رهنمائي ڪئي. هن ڪيترائي اسٽيج ڊراما ڪيا. سندس مشهور اسٽيج ڊرامن ۾ ”جاهل“، ”رت رنگ لاتو“ ۽ ٻيا شامل آهن. ڊرامن ۾ سندس ڪردارنگاري ساراهه لائق هئي، جنهن ۾ ”واٽئي“ جي ڪردار ڪي هن خوب نڀايو.

- **وزير فرهاد سولنگي (5 جون 1967ع)**

وزير فرهاد سولنگيءَ اداڪاريءَ جي شروعات سال 1981ع کان اسڪول جي زماني کان اسٽيج ڊرامي کان ڪئي. فن ۾ سندس رهنمائي محمد سچل پٽي ۽ محمد صديق پرهياڙ ڪئي. هن پي ٽي ويءَ تي ناٽڪ رنگ ۾، ”سفر“، ”روپ هزار“، ”وساريل واٽون“ ۽ ”مور اڏاڻا مور“ جهڙن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. ڪي ٽي اين تي ”عيد قوالي ۽ عيد مشاعرو“، ”چاچو چڪر ۾“، ”هڻ ڪڻ هاسپيٽل“، ”مکڻ موجن ۾“ ۽ ”جوڳياڻي“ سيريل جهڙن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. مهراڻ ٽي ويءَ تي ”چڪرباز“ سيريل کان علاوه، هن ٽيلي فلمن ”آڙيڪاپ“ ۽ ”لالو باگڙياڻي پڄائي ويو“ ۾ پڻ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. سندس يادگار ڪردارن ۾ ”مرچومل“ ۽ ”چتو مگڻهار“ شامل آهن. وزير فرهاد ريڊيو پاڪستان خيرپور تي ”روح رهاڻ“ پروگرام ۾ گيسٽ طور، جڏهن ته ريڊيو ايف ايم 88 موري تي پڻ ڪجھ مهينا ”ڪچهري قرب واري“ پروگرام ۾ ميزبان طور ڪم ڪيو. پاڻ استاد جي پيشي سان گڏ ڪمپيئر، ڊراما نويس ۽ گلوڪار به آهي. سياسي ڪيريئر ۾ جمهوري تحريڪ، ٻارڙا سنگت يونٽ منياڻي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جام ساقيءَ سان گڏ پڻ ڪم ڪيائين.

سندس ادبي سنگت شاخ موري جو سيڪريٽري ۽ سگا شاخ موري جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. موجوده وقت پاڻ سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ ضلعي نوشهروفيروز جو صدر آهي.

سراج الحق سومرو ڊراما نويس، فلم ليکڪ آهي. هن پي ٽي وي، هم ٽي وي، جيئو ٽي وي، اي آر واءِ ٽي وي ۽ ٻين مختلف سنڌي توڙي اردو چينلن تي ڪيترائي ڪامياب ڊراما ڊائريڪشن ڪيا. هن 100 کان مٿي ڊراما پروڊيوس ڪيا آهن. ان سان گڏ هن 50 مٿي ڊاڪيومينٽري ناهيون آهن. ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ پاڻ ڊرامن سان گڏ فلمن جي ڊائريڪشن ڏئي شهرت ماڻي آهي. سندس مشهور ڊرامن ۾ ”وردي“، ”رمز عشق“، ”يي رها دل“، ”دل بنجارا“، ”ڪنهن چاند نہ شرما جائي“، ”راز الفت“، ”پارسا“، ”فتور“ ۽ ٻيا شامل آهن. سنڌي فلم ”مومل راڻو“ پڻ سندس ڪاوشن مان هڪ آهي.

موري جي ٻين اداڪارن مان استاد محمد صديق ميمڻ، استاد محمد چتل سرهيي جي ڊرامن ۾ ڀرپور نموني ڪم ڪري فلمن جي ڪامياب اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري ڪئي. شعيب عباسيءَ پڻ محمد صديق پرهياڙ جي تربيت هيٺ اسٽيج ڊرامن، ٽي ويءَ ۽ فلمن ۾ ڪم ڪيو، جنهن ۾ سندس مشهور فلمون ”سمگلر“ ۽ ”هيرو پٽر“ آهن. ڊاڪٽر نصرالله قريشيءَ پڻ هڪ سنڌي فلم ”دلاور“ کان اداڪاريءَ جي شروعات ڪئي. بعد ۾ پاڻ پريت آرٽ سرڪل قائم ڪري ڪيترن ئي نون اداڪارن کي سکيا سان گڏ اداڪاريءَ جا موقعا فراهم ڪيا. خير محمد ڏاهريءَ بہ محمد صديق پرهياڙ، فقير محمد عالماڻي ۽ ارباب چڇڙي سان گڏ ڪيترائي اسٽيج ڊراما ڪيا. هن ڊرامن کان سواءِ ڪيترن ئي ٽي وي ڊرامن ۽ سنڌي فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. اهڙيءَ طرح ڪرم الله سومرو، دريا خان ڪلهوڙو، خادم حسين ملاح، اقبال سولنگي، قمر سوهو، زاهد علي پٽي، شبير جان ڪمبوه، رضوان علي، فياض احمد ڪلهوڙو، وحيد علي، مظفر چانڊيو، رمضان چانڊيو، انجم ناز، بشير خاصخيلي، عاشق لاکو، طارق عزيز ڪلهوڙو، خدن خيالي، امداد سولنگي، سچل پٽو، استاد عبداللطيف جتوئي، نگهت ناز، ڪشور سلطانہ، صائمہ منظور، فهميده منظور، ياسمين گل ملاح، صائمہ گل ملاح، حاڪم علي ٿهيم، شاهنواز ٻوهيو، ساجد سومرو، ارشاد پٽي، فياض ملاح، رياض ملاح، صفدر لاشاري (ڊولو)، منٺل مولائي، گلزار لانگاهہ، شهزاد سومرو، ممتاز پٽ، پرويز سولنگي، ظهير پيرزادو، نسيم گل، گلزار، سلمہ ناز ۽ ٻين ناٽڪ جي فروغ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

مجموعي طرح هن شهر ڊرامہ نويسيءَ، ناٽڪ منڊلين ۽ آرٽ سرڪلن جي ذريعي نون لاڙن ۽ رجحانن کي جنم ڏيڻ سان گڏ سماجي شعور بيدار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌي ناٽڪ مذهبي موضوعن مان نڪري سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪئي. تفريح سان گڏ عام ماڻهن سان درپيش مسئلن کي اجاگر ڪري ۽ انهن جا حل ٻڌايا. قومي مفادن وٽان تبليغ ۽ تلقين ڪئي.

حوالا:


1. هڪڙو انور فگار، شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي ڄام شورو، 2009ع، ص 481
2. مورائي خليق، سندري، تنظيم فڪر و نظر سنڌ، 1987ع، ص 14، 15
3. ارجن سڪايل ڊاڪٽر، تپسيا ٽٽي پيئي، 1983ع، ص 21، 22
4. همٿاڻي هري، اُساٽ، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2014، ص 12
5. ساڳيو، ص 23
6. ڪيماڻي آنند، رشتن جا آٽانگا پنڌ، ويانڪ بوڪس انٽرنيشنل، نئي دهلي، 2021ع، ص 58، 59
7. مورائي ناصر، راتيون جاڳن جي، زندگي پبليڪيشن حيدرآباد 1965ع، ص 39
8. لغاري استاد بهاول، سچل جو ٻالڪو، مهڪ سوسائٽي گچيرو اولڊ ائٽ مورو، 2010ع، ص 14
9. ساڳيو: ص 50
10. ساڳيو: ص 70
11. ملاح مختيار احمد، سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو نيو، ڪانياواڙ بوڪ اسٽور ڪراچي، 2006ع ص 682
12. مغل غلام نبي، افسانو ۽ افسانہ نگار(مضمون)، ماهوار سهڻي، 1968ع ، ص 9
13. ساڳيو: ص 9
14. شورو شوڪت حسين، ڪهاڻيءَ جي ارتقا جو مختصر جائزو (مضمون)، ڪينجهر تحقيقي جرنل، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2004ع، ص 117
15. WELLS H.G. MODREN SHORT STORIES, P. NO :19
16. مغل غلام نبي، افسانو ۽ افسانہ نگار (مضمون)، ماهوار سهڻي، 1968ع، ص 10
17. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، طوفان (ڪهاڻي)، مشعل مخزن گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهہ، 1962ع، ص 19
18. مورائي محمد ابراهيم، خوشيءَ جا ڳوڙها، نئين زندگي، 1952ع، ص 44
19. سومرو شمشاد احمد، قاضي محمد علي ”اختر مورائي“ جو تخليقي سفر(مضمون)، سلسليوار ڏيئو، 2007ع، ص -20
20. مورائي اختر، عجيب جرم جي عجيب سزا (افسانو)، ماهوار فردوس هالا، 1953ع، ص 27
21. مورائي اختر، عتبہ (ڪهاڻي)، ماهوار تقاضا لاڙڪاڻو، جولاءِ 1956ع، ص 7
22. پٺي ايم ننگر خان، ڪامياب ٺڪر (افسانو)، ماهوار فردوس هالا، 1953ع، ص 34
23. پٺي ايم ننگر خان، ڪاليجي زندگي (افسانو)، ماهوار فردوس هالا، اپريل 1953ع، ص 27

24. موررائي ناصر، ڪارو چنڊ (ڪهاڻي)، ماهوار روح رهاڻ، ص 53
25. قاضي نذير احمد، واليون (ڪهاڻي)، ڪريو ڪوٽ ڪهر جو، اداره آئينہ ادب مورو، 1973، ص 23
26. سومرو شمشاد احمد، پروفيسر نذير قاضي (شخصيت، فن ۽ فڪر)، ٽماهي مهراڻ، 2018ع، ص 217
27. موررائي راشد، پاڻيءَ تي پهرو، فهد پبليڪيشن مورو، 2006ع، ص 7
28. سولنگي انور، وٽيون وهہ گاڏڙيون، سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ ڪراچي، 2005ع، ص 12،13
29. ساڳيو: ص 100
30. مولاڻي ڪيمن يو، اوسيئڙو، لڪشمي پبليڪيشن بٺراڳڙ پوپال، 1998ع، ص 6
31. مشتاق، اجهاڻل آس، اروڙ پبليڪيشن مورو، 1973ع، ص -7،8
32. لغاري ظفر، پونءِ مان نڪتل ماڻهو، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2004ع ص 27
33. ساڳيو: ص 23
34. لغاري بهاول استاد، اڌوري آس، مهڪ سوسائٽي گچيرو اولڊ ائٽ مورو، 2009ع، ص 73
35. ساڳيو: ص 15
36. چجڙو ارباب، سونو چلو (ڪهاڻي)، پيپلز ٽائيمز ڪراچي 1993ع، ص 23
37. ٻگهيو خادم، ويڇن آءُ ورچائي (ڪهاڻي)، ماهوار سهڻي، 1992ع، ص 67
38. ٻگهيو خادم، خالي پيپل سيٽ جو ڏک (ڪهاڻي)، ماهوار ساجاهہ 1995ع، ص 93
39. مخدوم اظهار، سٽيو گرهہ (ڪهاڻي)، ٽماهي تخيل سڪرنڊ/حيدرآباد، نومبر 2018ع، ص 186
40. ڏيپر هدايت، ٻوٽيل اکيون (ڪهاڻي)، نئين آس مئگزين ڪراچي، 2018ع، ص 39
41. ڪيريو خالد ساحل، محبت جي پوري ڪهاڻي، ماهوار هالار ڊائجسٽ حيدرآباد، 2003ع، ص 30
42. ڪيريو خالد ساحل، فريب (ڪهاڻي)، ڏسو ماهوار هالار ڊائجسٽ حيدرآباد، 2003ع، ص 76
43. نواز علي شوق ڊاڪٽر، ڊامي جو فني جائزو (مضمون)، ماهوار نئين زندگي، 1982ع، ص 24
44. لغاري اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد، 1992ع، ص 93
45. عباسي اسلم (مرتب) مورو تاريخ ۽ ثقافت، سنڌ رويو پبليڪيشنز ڪراچي، 2011ع، ص 214
46. ڪمالاڻي محمد منل، مورو ناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو، سال 1988ع، ص 183
47. ساڳيو: 184
48. عباسي اسلم (مرتب) مورو تاريخ ۽ ثقافت، سنڌ رويو پبليڪيشنز ڪراچي، 2011ع، ص 215
49. ساڳيو: ص 216
50. ساڳيو: ص 217
51. ساڳيو: ص 218

52. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر(مرتب)، مورو جا مٽيادار ماڻهو، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهه، 2016ع، ص 21

53. ساڳيو: ص 39

54. عباسي اسلم (مرتب) مورو تاريخ ۽ ثقافت، سنڌ رويو پبليڪيشنز ڪراچي، 2011ع، ص 22

55. ساڳيو: ص 228

# باب چوٿون

## موري جو سنڌي سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ حصو

### 4.1 سفرنامو / TRAVELOGUE

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ سفرناما لکڻ جي روايت ڪافي پراڻي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هر قسم جا سفرناما لکيا ويا آهن، جن ۾ تفريح، تعليمي، ثقافتي، معلوماتي، صحافتي، ۽ نج ادبي شاهڪار شامل آهن. ڪيترن ئي سفرنامن اندر ٻاهرين ملڪن جي تاريخ، ثقافت، رهڻي ڪهڻي وغيره جا تفصيل پڻ هوندا آهن. سفرنامو، علم ادب جي هڪ اها نثري صنف آهي، جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي مشاهدي جو احوال، علمي ۽ ادبي انداز ۾ بيان ڪري ٿو. سفر نامو هڪ بياني مشاهدو آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي سوچن، خيالن ۽ ڄاڻ جي عڪس سان، دنيا ۾ سندس ڏٺل شهرن، هنڌن ۽ ملڪن جي معلومات، پڙهندڙن کي ملي ٿي. اهڙي طرح ان جي علم ۽ ادب ۾ اضافو ٿئي ٿو. سفرنامو، صحت مند ادب جي ترقيءَ ۾ ڪامياب ڪردار ادا ڪري ٿو. سفرنامي مان ٻاهرين ملڪن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۽ ريتن رسمن سان گڏ، انهن ملڪن جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي ڄاڻ به ملي ٿي. سفرنامي لکڻ جو مقصد انهن جاين، واقعن، حالتن ۽ حلقن بابت دلچسپ انداز ۾ تذڪرو ڪرڻ هوندو آهي، جن بابت واقفيت حاصل ڪندي پڙهندڙ نه رڳو نئين معلومات کان واقف ٿئي ٿو، پر لکندڙ سان احساسن ۽ ڪيفيتن جو اهڙو پائيچارو پڻ ڪري ٿو، جنهن سان ٻنهي جي وچ ۾ سنگت جو سڳو برقرار پڻ رهي ٿو. ان سلسلي ۾ واسڪوڊي گاما، ڪولمبس، شئن چوانگ، ابن بطوطه ۽ ٻين ڪيترن سياحن، تاجرن ۽ دريافت ڪارن جا نالا تاريخ ۾ موجود آهن. هڪ وٺندڙ سفرنامي لاءِ فقط ايترو ڪافي ناهي ته ڏٺل يا تجربي هيٺ آيل حالتن ۽ واقعن کي ايمانداريءَ سان جيئن جو تيئن پيش ڪيو وڃي، پر اهو به ضروري آهي ته پيش آيل مڙني وارتائن کي اهڙي ته سندر نموني سان بيان ڪري، جو پڙهندڙ مڙني معاملن بابت سوچي ۽ محسوس به ڪري. سفرناما لکڻ جي ابتدا مرزاقليچ بيگ، لال چند امر ڏني مل، پيرومل آڏواڻي ۽ ٻين ڪئي. اوائلي دور ۾ ڪجهه ڌرمي نوعيت جا سفرناما به ملن ٿا، جن ۾ اڪثر تيرٿ يا ترا جا احوال ٿيل آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سفرنامي بابت لکي ٿو ته:

”اندازاً 1950ع کان پوءِ سنڌي سفرنامن جي ابتدا ٿي ۽ اخبارن ۾ انهن جي اشاعت شروع ٿي. ڪتابي صورت ۾ قاضي عبدالمجيد عابد جو سفرنامو ”سفر يورپ جي ڊائري“ (1960ع) ۾ ڇپيو. سنڌي زبان ۾ گهڻي کان گهڻا سفرناما الطاف شيخ جا آهن، جيڪي ڪتابي صورت ۾ ڇپيا.“ (1)

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ جيڪي سفرناما ڇپيا، تن ۾ عبدالمجيد عابد جو ”سفر يورپ جي ڊائري“ (1960ع)، ڪريم ڏني راڄپر جو ”آمريڪا جو سفر“ (1961ع)، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو ”مائوءَ جي ملڪ ۾“ (1973ع) ۽ ”ونڊ سرمحل جو مسافر“ (1989ع)، شيخ عزيز جو ”مون لينن جو ڏيهه ڏٺو“ (1975ع)، محمد ابراهيم عباسيءَ جو ترجمو ”مشهور سياح ابن بطوطه“(1976ع)، ڊاڪٽر سليمان شيخ جو ”سون ورني ڌرتي“ (1976ع)، لوڪرام ڏوڏيجا جو ”سڪار ٿو سفر“ (1980ع)، مهتاب محبوب جو ”اندر جنين اڃ“ (1981ع)، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو ”ڏوري ڏوري ڏيهه“ (1985ع)، عنايت بلوچ جو ”پرين جي پرديس“ (1985ع) ۽ ”پرديسي کهڙا پرين“ (1985ع)، ڪيرت ٻاٻاڻي جو ”جيڪي ڏٺو مون“ (1985ع)، ڪلاپرڪاش جو ”جي هينئڙي منجهه هُرن“ (1987ع)، هري موٽواڻي جو ”جڙيل جن سان جند“ (1988ع)، طارق عالم ابڙي جو ”لنڊن تنهنجا ڪيئي روپ“ (1991ع)، ذوالفقار هاليپوٽي جو”آمريڪا ياترا“ (2008ع)، قربان منگيءَ جو ”هوائيءَ جي هوائن مان“ (2014ع)، امتياز منگيءَ جو ”اُپسرائن جي شهر استنبول ۾“ (2010ع)، اسحاق انصاريءَ جو”نڪري پيس نيپال ڏانهن“ (2013ع)، منل جسڪاڻي جو ”سفر بخير“ (2016ع)، يوسف سنڌيءَ جو ”اڌ مهينو ايران ۾“ (2013ع)، انور پيرزادي جو ”ممبئي ياترا“ (2008ع) ۽ ٻيا ڪيترائي سفرناما لکيا ويا. الطاف شيخ سنڌي سفرنامي کي اوج تي پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن سنڌي ادب کي 90 کان وڌيڪ سفرناما ڏنا آهن. الطاف شيخ جي سفرنامن متعلق انعام شيخ لکي ٿو ته:

”سنڌي سفرنامي کي بيچسي، اڻ وڻندڙ ۽ خشڪ روزنامچي مان منفرد ۽ متحرڪ منظرنگاريءَ ۾ منتقل ڪرڻ جو ڪريڊٽ فقط الطاف شيخ کي ئي وڃي ٿو. جنهن پنهنجي سادي اسلوب، عوامي اسٽائيل ۽ تحريري بيساختگيءَ سان هن صنف کي اڳتي پهچايو.“ (2)

الطاف شيخ جي لکيل سفرنامن ۾ ”منهنجو ساگر منهنجو ساحل“، ”سمنڊ جي سيوين“، ”وايون وڻجارن جون“، ”بندر بازاريون“ ، ”سي ئي جو پن ڏينهن“، ”سمونڊ جن ساڻيهه“، ”ارائونڊ دي ورلڊ“، ”سانباهو سمونڊ جو“، ”جاني ته جهاز ۾“، ”جپان جن جي جيءَ سان“، ”پيار جي گُهٽ“، ”چاجو ديس چا جو ويس“، ”بهترين سفرناما“، ”موج نه سهي مڪڙي“، "مڪليءَ کان ملاڪا“، ”سينگاپور ويندي ويندي“، ”ڪوالالمپور ڪچهه ڪوهه“، ”برونائيءَ کان برازيل تائين“، ”ڪئمپس جا ڏينهڙا“، ”گهاتوگهر نه آيا“، ”برنارس کان برمودا“، ”ڏيهه پرڏيهه جو سفر“ ۽ ٻيا شامل آهن. مقدار جي لحاظ کان سندس سفرناما گهڻا آهن.

سنڌي سفرنامي ۾ عبدالحئي پليجو به ڪيترائي سفرناما لکيا آهن. عبدالحئي پليجو جي لکيل سفرنامن ۾ ”ڏوريم ڏيساور“، ”هي نه ورندو وڻجارو“، ”ديس بديس“، ”ٻنون ٿو ٽوڪيو“، ”هُوجي وڻ ولات جا“، ”لنڊن جا ڏينهن اسڪاٽلينڊ جون راتيون“، ”ڳرلڳي ڳالهيون ڪريون“، ”ٽوئرٽوآمريڪا“ وغيره آهن.

سنڌي ادب ۾ سفرنامن جي ضرورت ۽ اهميت اوتري ئي آهي جيتري ڪنهن ٻي صنف جي. ڇاڪاڻ تہ سفرنامو ظاهري طرح مشاهدي جي آڌار تي بيٺل هوندو آهي، پر ان جي سونهن کي وڌيڪ خوبصورت بنائڻ لاءِ جهجهي مطالعي جو هجڻ بہ ضروري آهي. موري مان بہ ليکڪن سفرناما لکي سنڌي سفرنامن ۾ اضافو ڪيو آهي. هتان جي ليکڪن جا جيڪي سفرنامہ مختلف رسالن، اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڇپيا آهن تن جو مختصر تجزيو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

- **اسپين ۾ پنج ڏينهن**:

هي سفرنامو علي گل ڪلهوڙي جو لکيل آهي، جيڪو جولاءِ 1975ع ۾ نئين زندگي رسالي ۾ ڇپيو. سفرنامي ۾ ليکڪ اسپين جي تاريخ، مسلمانن جي مصوري، تعمير ۽ نقاشيءَ جي فن، مختلف يادگار ۽ تاريخي جاين، هسپانيہ، بارسلونا جي جبلن جي قطارن، سر سبز وادين، وڻن، منظرن، ماحول، انتظامي بيهڪ سان گڏ نهايت ئي معلومات فراهم ڪئي آهي. ليکڪ ڪيترائي پرڏيهہ جا تجربا بہ لکيا آهن. ليکڪ سفرنامي ۾ واقعن جي پيشڪش، منظرنگاري خوبصورت ٻوليءَ ۾ بيان ڪري معلومات جا جهروڪا بہ کوليا آهن. اسپين جي خاص تهذيبي ناچ، لوڪ ناچ جو بہ ذڪر ڪيو آهي. پراڻي ميڊرڊ ۾ هر آچر تي لڳندڙ بازار ۽ ميئور جاءِ بابت لکي ٿو تہ:

> ”بازار صفا شاهپور جهانيان جي ميلي جهڙي هئي، رانديڪن کان وٺي گٽار جي رڪارڊن، ريڊين، عينڪن، چمڙي جي ٿهيل ٿيلهن، گهر جي سامان سميت سڀ شيون موجود هيون. بازار شيطان جي آنڊي وانگر ڊگهي هئي، ان ڪري تڪڙ ۾ رهيل کُهيل شيون رڳو ڏسي پرسان ميئور جي جاءِ تي ساهي پٽڻ جو خيال ڪيوسين. هيءَ جاءِ 16 صديءَ ۾ اسپين جي بادشاهن جي نهرايل آهي. هسپانيہ جي مشهور خطرناڪ راند ”ڍڳي ۽ ماڻهوءَ جي ويڙهہ“ جا هزارين مظاهرا هن جاءِ تي ٿي چڪا آهن. هن جاءِ جو انگ انگ انسان جي پوتر رت سان رچيل آهي.“ (3)

- **ٿر جو سفر**

استاد بهاول لغاريءَ جو هي سفرنامو هڪ اهڙو سفرنامو آهي، جنهن ۾ هن ٿرپارڪر جي عمر ڪوٽ جي لوهي گولن، ٽوبن، مٺي روڊ جي وڏين وڏين پٽن جي نظارن، ڪاڏن، ڳجهارتن، ڇاڇري جي چندو ڏاڏو پير هندو جي زيارت، سيد معين شاهہ عمر ڪوٽ، اسلام ڪوٽ، ننگرپارڪر، رستن جي خوبصورتي، شو جي مندر، رڻ ڪڇ، ڪارونجهر جبل جي خوبصورتي ۽ مارئيءَ جو تاريخي کوهہ ڪاسبو، مندرن، پکين، مورن، ۽ سرسبز علائقن جي منظرڪشي بيان ڪري تاريخي معلومات سهڻي انداز ۾ پيش ڪئي آهي. ان کان علاوہ هن ٿرين جي لباس، ڪاڏي پيتي، فصلن، چوپائي مال، برساتن ۽ سندن روزمره جي

زندگيءَ بابت ڄاڻ فراهم ڪئي آهي. استاد بخاول جو هڪ ٻيو سفرنامو "ايران جو سير" به آهي. ايران جي حال ڪي پاڻ جيئن ڏٺو آهي، تيئن بيان ڪيو آهي. موضوع جي وصعت کي نظر ۾ رکندي هن جڻ درياهه کي ڪوزي ۾ بند ڪيو آهي. سادي ٻولي خيال ۽ بيان جي اختصار جهڙيون خوبيون جن ۾ مختلف تاريخي مقامات جو ذڪر مختلف جابلو علائقن، ڪوهستاني ميدانن، رهڻي ڪهڻي، اصفهان جي جبلن، فصلن، قم شهر ۽ ٻين ڪيترين ئي زيارتن جو تاريخي ذڪر، جنهن ۾ تهران، مشهد، امام خميني جي تاريخي انقلاب جو ذڪر ۽ ٻين هنڌن جو ذڪر ڪري معلومات ڏني آهي. ايران جنهن کي پراڻر قدامت ۽ سياسي سماجي تاريخ آهي، جيڪا هزارين سال ڦهليل آهي. هي سفرنامو ايران شناسيءَ تي پنهنجي نوعيت جو هڪ خوب سفرنامو آهي.

- **حج مبارڪ:**

جمال الدين مؤمن جو هي مختصر سفرنامو "حج مبارڪ" 1996ع ۾ مصطفيٰ اورينٽل ڪاليج نوان جتوئي جي مخزن "مصطفي سونيئر" جي شماري ۾ ڇپيو، جيڪو مڪي ۽ مديني جي مختلف تاريخي جاين ۽ زيارتن بابت هڪ معلوماتي سفرنامو آهي.

- **اڇڙو ٿر :**

هي مختصر سفرنامو انور ساگر ڪانڌڙي جو لکيل آهي، جيڪو اڇڙي ٿر ۽ ان جي آس پاس علائقن جي سير سفر بابت هڪ معلوماتي سفرنامو آهي. هي سفرنامو فيبروري 2021ع ۾ ڪاوش دنيا جي ٻن پرچن ۾ قسطوار ڇپيو. ليکڪ هن سفر نامي ۾ دوستن، اڇڙي ٿر جي ماضيءَ جو پس منظر، جن ۾ پنج صديون پراڻو کوهه، عبدالرحيم گرهوڙي جي شهادت گاهه، رتو ڪوٽ، ٻاٽواري ڍنڍ، قطب شاهه ۽ مائي مگرياڻي جي مزارن ۽ انهن جو تاريخي ذڪر، مختلف قبيلن ۽ پور چند ڍنڍ جيڪا اڇڙي ٿر جي عجائبات آهي، ان سان گڏ ٻين ماڳن مڪانن جو ڄاڻ پريو ذڪر ڪيو آهي. اڇڙي ٿر بابت ٻڌائي ٿو ته سنڌ جو هي واحد وارياسو ٿر دنيا جو اهو علائقو آهي، جتي نه صرف انساني آبادي لکن جي تعداد ۾ موجود آهي، پر جيت جڻيا ۽ پکي پکڻ به هتي آباد آهن. اڇڙو ٿر پاڪستان جي سمورن ريگستانن کان ڪشادو آهي. هي ٽيويهه هزار چورس ڪلوميٽر تي ڦهليل آهي. هن علائقي جي هاڪ هاڪڙي ۽ سرسوتي جي عروج سان لاڳاپيل آهي.

- **بدين کان پالوا :**

بدين کان پالوا معشوق محسن ابڙي جو مختصر سفرنامو آهي، جيڪو ماهوار همسري مئگزين جي جنوري 2022ع جي شماري ۾ ڇپيو. هن سفرنامي ۾ بدين، اسلام ڪوٽ، مٺي، سوندر، پالوا ۽ ان جي آس پاس جي علائقن، رڻ پٽن، روڊن رستن، ٿري ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، وسڪاري جي موسم،

مارئيءَ جي ڪوھ ، چؤنرن، ڪڪائين جھوپڙين، سھولتن جي اڻ ھوند، علم ادب دوستن ۽ ٻين مختلف پھلوئن جي ڄاڻ ميسر ڪئي آھي. موري جي ٻين ليکڪن جي ڪتابي صورت ۾ ڇپيل سفرنامن جو مختصر تجزيو ھيٺ پيش ڪجي ٿو.

**آمريڪا جا رنگ** (1993ع)

هي سفر نامو سنڌي لسانيات جي ڄاڻو ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جو هڪ حقيقي سفرنامو لکيل آهي، جيڪو ناري پبليڪيشن حيدرآباد پاران 1993ع ۾ ڇپيو. هن سفرنامي ۾ ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جو ذاتي اکين ڏٺو مشاهدو آهي. هي سفرنامو آمريڪا جي ڪلچر جي عڪاسي، رهڻي ڪهڻي، کاڌ خوراڪ، تعليم، شهرن، ادارن، روڊن رستن ۽ ٻين تاريخي جاين جي هڪ رهنما جي حيثيت رکي ٿو. ليکڪ هن سفرنامي ۾ آمريڪا روانگي، ناروي جي ڪونج، فرنيڪفرٽ جو ذڪر، نيويارڪ کان اڳتي احساسن جو ڇهاءُ، واشنگٽن، ميخوف سان ملاقات، تاريخ جو تجربو، ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ، وسڪانسن، آمريڪا جي ماڻهن ۽ ماحول جي ڏَهَ عنوانن تحت سرسبتي ۽ پيرائتي احوال سان گڏ، وندر ورونهن ۽ معلومات جو سامان پڻ مهيا ڪيو آهي. هن سفرنامي ۾ ليکڪ جي بيان ڪرڻ جو انداز دلچسپ آهي. ليکڪ پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ سفر به ڪرائي لطف اندوز ڪري ٿو، ته ڄاڻ سان گڏ دلچسپ انداز بيان، مشاهدي، تجربي ۽ مطالعي کي به آڏو رکي ٿو.

- **لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين** (1996ع)

پروفيسر ڊاڪٽر محمدلائق زرداري جي سفرنامي جو هيءُ ڪتاب "لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين" حسين يادن، حقيقي حالتن ۽ دلپذير حادثن جو مجموعو آهي، جيڪي لنڊن جي مسافريءَ تي اسهڻ کان وٺي واپس ڳوٺ پهچڻ تائين ليکڪ سان پيش آيا. هي سفرنامو لنڊن جي سير دوران مختلف مقامات، جهڙوڪ: لنڊن، استنبول ايئرپورٽ، بسن، فوٽ پاٿ، جاين، انڊيا آفيس لائبريري، لنڊن ميوزم، لنڊن جي ديسي هوٽلن، شاگردن، مختلف شخصيتن سان ملاقاتن، لائبريريءَ ۾ مواد، انڊرگرائونڊ ريلوي، دعوتن، دوڪاندارن، آڪسفورڊ اسٽريٽ، هيرامنڊيءَ ريجنٽس پارڪ، پاڪستاني سفارت خاني ۽ ٻين ڪيترن ئي هنڌن بابت معلومات فراهم ڪري ٿو. هن ڪتاب مان لنڊن بابت ٻي ڪائي معلومات پڻ ملي ٿي. هن ڪيترن ئي ماڻهن جو هڪ مخصوص انداز ۾ بيان ڪيو آهي. لنڊن جي مختلف اهم جاين جو ذڪر ڪندي جڻ انهن جو سير ڪرائي ٿو. هن پنهنجي سفر جا تفصيل، زبان ۽ بيان ۾ وڻندڙ نمونې پيش ڪيا آهن. هن ڪتاب جي بهاني اهي سموريون ڳالهيون نه رڳو محفوظ ٿيون آهن، پر ليکڪ ان حوالي سان معلومات فراهم ڪري پڙهندڙن لاءِ رهنمائي پڻ ڏني آهي.انڊيا آفيس لئبريريءَ متعلق لکي ٿو ته:

”لئبريريءَ ۾ نهايت ئي قديم ڪتاب ۽ قلمي نسخن، ڇپيل اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ تقريباً ارڙهن ملين ڪتاب آهن. هر ملڪ جو ادب، تاريخ، جاگرافي ۽ ٻيا سماجي علم سان وابستا ڪتاب هن ميوزم ۾ رکيل آهن. پنجهٺ هراز قلمي نسخا، نولک ڪتاب، هڪ لک ويهه هزار رسالا ۽ اخبارون ٻين ملڪن جون پراڻيون رکيل آهن، جيڪي دنيا جي اٽڪل ساڍا ٽي سو ٻولين ۾ آهن.“ (4)

ڊاڪٽر صاحب لنڊن ۾ مسافريءَ جي منزلن، مقصدن ۽ پس منظرن سميت هر انهيءَ چرپر ۽ سرگرميءَ جو وچور ڏنو آهي، جيڪا اجتماعي فائدي ۽ گهڻ پاسائين معلومات جي حوالي سان مختلف ترجيحون رکندڙ آهي. انگريزن جي ڏوڪيبازيءَ ۽ اسان جي غدارن متعلق تاريخي ڄاڻ ڏيندي، هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

”انگريزن نوابن ۽ رياستن جي حڪمرانن جي خاندان کي پاڻ ۾ ويڙهائي ان مان هڪ جي مدد ڪري ٻئي کي تخت تان لاهي نئين حڪمران سان معاهدا ڪندا رهيا. سنڌ جي ميرن سان ساڳي حالت ڪيائون. غدار پيدا ڪري، انگريزن لاءِ ڪاٻي هٿ جو ڪيل آهي، جن انگريز سرڪار جا هٿ مضبوط ڪيا، انهن کي جاگيرون، خطاب جهڙوڪ: خان صاحب، خان بهادر، راءِ بهادر جا خطاب ڏنا ويا. خطاب سان گڏ زمينن جا پروانا ڪين ڏنا ويا.“ (5)

ڊاڪٽر صاحب جو هي سفرنامو معلوماتي نوعيت جو آهي. ڪتاب جي ٻولي بنهه سادي آهي. لنڊن جي مختلف رنگن ۽ روپن جو عڪس پيش ڪرڻ سان گڏ مختلف جاين جو ذڪر تصويرون ۽ عجائبات به ڏنا اٿس. هي ڪتاب سنڌ هسٽاريڪل ائنڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو پاران 1996ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن 2012ع ۾ پڻ ڇپايو ويو آهي.

- <u>ڏورينديون ڏسن</u> (1999ع)

هي ڪتاب فتح الدين سومرو ”بيدار مورائي“ جي ٽن مختلف سفرن ”الله آباد کان فيصل آباد تائين“، ”سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان“ ۽ ”حرمين شريف“ تي مشتمل آهي. هي هڪ مختصر تبليغي سفرنامو آهي، جنهن ۾ مفيد اصلاحي ڳالهيون ۽ علمي ادبي تذڪرو دلڪش انداز ۾ بيان ڪيل آهي. ”الله آباد کان فيصل آباد تائين“ ريل جي سفر ۾ ڪاڪي ۽ ڪراڙيءَ جي جهيڙي جو هڪ دلچسپ واقعو، حضرت قبلا سجڻ سائين سان سفر جو ذڪر ۽ ٻين اڻ وسرندڙ واقعن ۽ منظرن کي ”بيدار مورائي“ نهايت ئي دلچسپ انداز ۾ ٻوليءَ جي رس چس ۾ بيان ڪيو آهي. ”سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان“ جي سفر ۾ مختلف علائقن جي سير ۽ سرگرمين کي مشاهدي سان گڏ معلومات به ڏني آهي. ”حرمين شريف“ جي سفر بابت پڻ مختصر ڄاڻ

پريو ذڪر ڪيو اٿس. هي سفرنامو اصلاحي ۽ معلوماتي آهي، جيڪو الاصلاح پبليڪيشن دادو پاران ڇپايو ويو آهي.

- **ايران جو سفر** (2002ع)

هيءَ سفرنامو منظور حسين لغاريءَ جو لکيل آهي. جيتوڻيڪ ليکڪ جي اها پهرين ڪوشش آهي، پر واقعن ۾ تسلسل هئڻ سان گڏ، پڙهندي ڪٿي به دلچسپيءَ جو عنصر ٽٽندي محسوس نٿو ٿئي. سفرنامي ۾ قرب جي ڪچهرين جا داستان ۽ ان دور جي ايران جي معاشي، معاشرتي ۽ سياسي صورتحال سان گڏ ليکڪ ايران جي تاريخ ۽ پس منظر به ٻڌايو آهي. نهايت ئي سادي ٻوليءَ ۾ ايران جي سفر دوران ڪيل زيارتن جو مفصل احوال جنهن ۾ مشهد مقدس، امام علي رضا، ابو سعد، خواجہ مراد، زندان هارون، فردوسي باغ، بهشت رضا، تهران جون تاريخي جايون، شاھ عبدالعظيم، حضرت حمزہ بن موسيٰ ڪاظم، بيبي شهر بانو، پهاڙن، قم شهر ۽ اتي جي تاريخي جاين، مسجد مڪران، گلزار شهداءِ جنگ جي شهيدن جي قبرن ۽ ٻين ڪيترين ئي تاريخي مقامات جي ذڪر سان گڏ انهن جي تاريخي جاڻ ڏني آهي. هي سفرنامو انهن هنڌن تي وڃڻ لاءِ هڪ سونهي جو ڪم ڏئي ٿو. هي سفرنامو سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 2002ع ۾ ڇپيو. ان کان علاوه سندس هڪ ٻيو سفرنامو "حج جو سفر" آهي، جنهن ۾ هن فريضہ حج جي ادائگي بابت هڪ قابل قدر مواد مهيا ڪيو آهي. سفرنامي ۾ هن مقدس هستين، ماڳن مڪانن، زيارتن ۽ سفر جي روئداد، اندر جي احساسات ۽ اکين ڏٺي معلومات کي قلم بند ڪيو آهي. هن سفرنامي ۾ مڪي شريف، حرم پاڪ، ڪعبت الله شريف، صفا مروہ، غار ثور، غار حرا، منيٰ جو ميدان، رحمت جبل، عرفات جو ميدان، شيطان جي جاءِ، مدينہ منوره، واقعن، گس پنڌ، سرحدن، ماڻهن سان ميل جول، رويا، لباس، ڳالهائڻ ۽ ٻين ڪيترين ئي شين جو ذڪر ڪري معلومات ڏني آهي.

- **ڪراچيءَ کان هنزا تائين** (2004ع)

عائشہ زرداريءَ جو لکيل هي سفرنامو هڪ "هني مون" سفرنامي جو ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ هسٽاريڪل ائنڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو پاران 2004ع ۾ ڇپيو. عائشہ زرداريءَ "ڪراچيءَ کان هنزا تائين" سفر ۾ جتي لاهور ۽ اتي جي مشهور تاريخي جاين مينار پاڪستان، شاهي قلعي، بادشاهي مسجد، داتا دربار، جهانگير جي مقبري، واگها بارڊر، سکر شهر، سنڌو درياءَ کان وٺي ڪوھ مري، ڀوربن، اسلام آباد، وادي هنزہ، وادي ناران، جهيل، گلگت جي سير ۽ اتي جي ڳوٺن جي سماجي زندگي ۽ حالتن، گج شهر جي چشمن ۽ هنزا جي نظارن بابت معلومات ڏني آهي. اتي انهن هنڌن تائين پهچڻ ۽ ماڻهن مشاهدن، تجربن ۽ نظارن جو احوال پڻ ڏنو آهي. وچ وچ تي هن سنڌ جي حالتن جو بيان به پر اثر انداز ۾ ڪيو آهي. سفرنامي جي ٻوليءَ ۾ بي ساختگي آهي، جنهن ۾ علمي ادبي يا ٻي ڪا گهرج سامهون رکي بناوت بلڪل ڪانہ ڪئي

وئي آهي. عائشہ زرداريءَ جي انداز بيان جي رواني، بهترين مشاهدي، داستان گوئيءَ جي قوت ۽ ادبي بولي پريل آهي. سفرنامي مان سندس طرز تحرير جو مثال پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ هنزا جي قلعہ بابت معلومات هن طرح بيان ڪري ٿي تہ:

”هي قلعہ تقريبن 700 سال پراڻو آهي ۽ مير آف هنزا اسڪردو ۾ بلتستان جي شهزاديءَ سان شادي ڪئي هئي. هن علائقي تي روس ۽ آمريڪا جي هميشہ نظر رهي آهي. 91-1990ع ۾ انگريز دور ۾ هن قلعہ تان بہ ويڙهہ ٿي ۽ 1945ع تائين انگريزن جي اثر هيٺ نعيم خان جي حڪمرانيءَ ۾ رهيو .96-1990 ۾ هن کي Restore ڪيو ويو ۽ هن کي پرنس ڪريم آغا خان خريد ڪيو. قلعہ جي ڪافي مرمت ٿي آهي. اسان جيئن ئي قلعي ۾ داخل ٿياسين تہ چاڙهيون چڙهڻ کان پوءِ وري هيٺ لاٿو ويو، جتي تہ خانو هو. تہ خانو ڏسي، مير آف هنزا وارن جي قيدين کي ڏنل اذيت کي محسوس ڪري سگهياسين. هيٺ قيدين جو واڙو نهيل هو، جنهن جي مٿان چوڪيدار پهرو ڏيڻ لاءِ وينل هوندو هو.“ (6)

عائشہ هن سفرنامي ۾ معلومات، مشاهدن، تجربن، ۽ نظارن سان گڏ عورت جي سماجي حالتن جي نشاندهي، وڏڪار، زراعت ۽ موسمي حالات جي ڄاڻ پڻ ميسر ڪئي آهي. سفرنامي بابت فريال ٽالپر لکي ٿي تہ:

”عائشہ زرداريءَ سفرنامي ۾ سفر جي روئداد منظرڪشيءَ سان گڏ، اندر جا جذبات ۽ پنهنجي سماجي حالتن جي پيٽ ڪندي پڙهندڙن کي وڏي ڄاڻ فراهم ڪئي آهي. پاڻ سفرنامي ۾ سماجي حالتن ان ۾ عورت تي ٿيندڙ ظلمن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ سفر ۾ آيل تڪليفن ۽ خوشين کي پرپور انداز ۾ ظاهر پڻ ڪيو آهي.“ (7)

- **موري کان مڪتيشور** (2018ع)

هي سفرنامو ڊاڪٽر قاضي محمد سليمان مورائي جو لکيل آهي. هي سفرنامو قاضي محمد سليمان جي سوانح سان گڏ سنڌ ۽ هند جي ڪيل سير سفرن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ موري شهر جو تاريخي پس منظر، خانداني احوال، سنڌ ۽ هند جي واپار، صنعت، ثقافت، تهذيب ۽ اعليٰ قدرن وارين شخصيتن، جاگرافي ۽ تاريخي ورثي جي اپٽار پڻ ڪيل آهي. سفرنامي ۾ لاهور کان بريلي جي سفر جي حالات جو تفصيلي ذڪر، آگري ۽ سڪندريہ جو تاريخي سفر، مڪتيشور جو سفر ۽ هند جي ٻين هنڌن جي ماڳن، مڪانن، قديم آثارن بابت سير جو احوال نهايت دلچسپ انداز سان لکيو آهي. ڊاڪٽر قاضي محمد سليمان، عوام کان ٻُڌل پهاڪا، اصطلاح، بيت چرچا، چوٽيون، ٽوٽڪا ۽ ڏنل رسمن ۽ رواجن کي پڻ هن سفرنامي ۾ قلمبند ڪيو آهي. هي ڪتاب ڇئن ڀاڱن تي مشتمل آهي، جيڪو پيڪاڪ پبليشرس ڪراچيءَ پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ نذير احمد قاضي لکي ٿو تہ:

”هيءَ آتم ڪٿا ساروڻين تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي زندگيءَ جي لڙڪن، ٽهڪن، جا نفشانين، تڪليفن، آسائشين، سُرورسڪ ۽ ڏک سور، اميدن ڪاميابين ۽ حاصلاتن جي اڪيچار موتين کي پويو آهي. سندس لکڻي سڌي، سادي، سوادي ۽ سپڪ آهي.“ (8)

- **آمريڪا جا عڪس ۽ اولڙا** (2019ع)

فضل سليمان قاضيءَ جو يادگيرين ۽ سفر ڪٿا بابت هي هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سندس ذهانت جا عڪس ۽ اولڙا پسي سگهجن ٿا. هي ڪتاب آمريڪا جي مختلف پاسن، خاص طور تي آمريڪا جي انتظامي نظام، حقن جي برابريءَ، نئين بئنڪي نظام، ورلڊ بينڪ جي ساخت ۽ قرض، بينڪ جي آفيسر شاهيءَ کي سمجهڻ لاءِ ڪارائتو ۽ هڪ بينڪر جو دستاويز پڻ آهي. فضل سليمان هن سفرنامي ۾ هڪ تجزئي نگار ۽ معاشيات جي ماهر طور هر ڳالھ دليلن سان علمي ۽ عملي بنيادن تي ڪئي آهي. فضل سليمان هن سفرنامي ۾ سفر جا واقعا بيان ڪندي، ملڪ جي سماجي، معاشي حالت ۽ ماڻهن جي مزاج، فطرت ۽ زندگي گذارڻ جي طريقن تي روشني وڌي آهي. آمريڪا ۾ موجودگيءَ وقت هن آمريڪا کي جنهن طرح ڏٺو ۽ پرکيو آهي، ان سموري روئداد کي هن ڪتاب ۾ اوتي خوبصورت ٻوليءَ ۾ نئين معلومات ڏني آهي. ڪتاب ۾ سندس طرز تحرير، ٻوليءَ جي استعمال ۽ عبارت آرائي جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

”آمريڪا ۾ ڪجھ وقت گذارڻ دوران ان جو مشاهدو ٿيو تہ سواءِ Working class ماڻهن جي ٻيا سڀ طبقا ڪتاب خريد ڪن ٿا ۽ پڙهن ٿا، ليکڪن کي پڻ ملين ڊالر رائلٽي ملي ٿي. Coline powel جيڪو آمريڪي فوج جو مشهور جنرل ٿي گذريو آهي، ۽ چيف آف اسٽاف ٿي رٽائر ڪيو تنهن کي سندس Auto Biography لکڻ تي ڇھ ملين آمريڪي ڊالر ڏنا ويا. نيويارڪ ۾ 1990ع کان 1992ع تائين رهڻ جي دوران اهو مشاهدو ٿيو تہ بيڪرين کان وڌيڪ ڪتابن جا دڪان هئا، ۽ ڪتابن جي دڪانن ۾ گهمڻ جي شوق ۾ اندازو پڻ ٿيو تہ هر ڏينهن ڪثير تعداد ۾ نوان ڪتاب نظر آيا. آمريڪا ۾ Barnes and Nobel ڪتاب فروشن جو تمام وڏو گروپ آهي، جنهن جا آمريڪا ۾ 450 ڪتابن جا وڏا اسٽور آهن. هوسٽنگ جي شهر Barnes and Nobel ۾ ڪتابن جا ڇھ وڏا دڪان نظر آيا، جن ۾ ڪجھ تہ ايترا وسيع هئا، جو پاڪستان ۾ مون کي اجا تائين ايڏي ڪا پبلڪ لائبريري بہ نظر نہ آئي آهي. هوسٽن شهر ۾ 37 مختلف هنڌن تي لائبريرن جو انتظام آهي، جيڪي صاف سٿريون ۽ دلفريب عمارتن ۾ آهن، جن کي چوڌاري وڻ ساوڪ ۽ لان آهن.“ (9)

هي ڪتاب آمريڪا جي ڪن الڳ پاسن ڪي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪندڙ آهي. هي ڪتاب پيڪاڪ پبلشرس ڪراچيءَ پاران ڇپيو آهي. ڪتاب ۾ يادگار تصويرن سان گڏ ليکڪ آمريڪا بابت مختلف پهلوئن کان ڄاڻ ميسر ڪئي آهي.

- **<u>موري کان پئرس تائين</u>** (2021ع)

هي سفرنامو موري شهر ڄائي، اسد ڪريم سومري جو لکيل آهي. هي سفر نامو، ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي پاران 2021ع ۾ شايع ٿيو. ليکڪ هن سفرنامي ۾ موري کان پئرس تائين سفر ۾ درپيش آيل روز مره ڳالهين، ممڪن مشڪلاتن، ذاتي تجربي ۽ مشاهدي، سفر دوران هوٽلن، ريسٽورينٽس، هاسٽلن جو معلوماتي ذڪر ڪيو آهي. هن دوها شهر، قطر، وينس شهرن جي نظارن ۽ جرمنيءَ جي تاريخي شهرن ۾ هٽلر بابت پڻ ڄاڻ ڏني آهي. ان ڪانسواءِ علمينا شهر ۽ ان جي رهڻي ڪهڻي، باٽنيڪل گارڊن جي سير، پئرس شهر، ايفل ٽاور، دوحا، برلن، فرينڪ فرٽ ۽ ٻين مختلف شهرن جي تاريخي جاين ۽ علائقن جي صورتحال تاريخي پس منظر سان گڏ انهن جي عالمي تعلقات جي لحاظ کان به معلوماتي ڄاڻ فراهم ڪئي آهي. سنڌ جي نامور سفرنامن جي ليکڪ الطاف شيخ مطابق:

"ڪتاب جي لکڻي دلچسپ ۽ روان لڳي، هي سفرنامو موجوده حالتن مطابق معلوماتي معلوم ٿئي ٿو. هن سفرنامي ۾ قاعدن قانونن، ٽيڪنالوجي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ سفر ڪرڻ جون اهڙيون ته ڳالهيون لکيون آهن، جيڪي هر سفر ڪرڻ واري کي پڙهي پوءِ نڪرڻ کپي. هن نه فقط تمام سني ۽ عام فهم سنڌيءَ ۾ لکيو آهي، پر هر ڳالھ کي سمجهائڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي." (10)

هن سفرنامي ۾ اسد ڪريم پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن جي ڏکن سورن ۽ بنيادي سهولتن جي اڻ هوند جو به ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب اندر رنگين تصويرن جا عڪس پڻ شامل آهن. سنڌي سفرنامن جي ڏس ۾ هي سفرنامو نهايت دلچسپ، ڄاڻ ڀريو ۽ هڪ بهترين اضافو آهي.

سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ مجموعي طرح هتان جي ليکڪن سفرنامن ۾ پنهنجا تجربا، مشاهدا، قومي توڙي بين الاقوامي ملڪن جي تاريخ، ثقافت، تهذيب، رهڻي ڪهڻي، جاگرافي جا تفصيل ڏنا آهن. انهن جاين، واقعن ۽ حالتن کي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪرڻ سان گڏ نئين معلومات به ڏني آهي. هي سفرناما سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم اضافو آهن.

موري مان ڇپيل سنڌي سفرنامن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

| کتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
| --- | --- | --- |
| 1. آمريڪا جا رنگ | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 1993ع |
| 2. لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين | پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 1996ع |
| 3. ڏورينديون ڏسن | فتح الدين سومرو "بيدار مورائي" | 1999ع |
| 4. ايران جو سفر | منظور حسين لغاري | 2002ع |
| 5. ڪراچيءَ کان هنزا تائين | عائشہ زرداري | 2004ع |
| 6. موري کان مڪتيشور | ڊاڪٽر قاضي محمد سليمان مورائي | 2018ع |
| 7. آمريڪا جا عڪس ۽ اولڙا | فضل سليمان قاضي | 2019ع |
| 8. موري کان پئرس تائين | اسد ڪريم سومرو | 2021ع |

### 4.2 آتم ڪهاڻي / AUTOBIOGRAPHY

آتم سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي پاڻ يا خود. آتم ڪهاڻيءَ جو مطلب آهي ته پنهنجي بيان ڪيل ڪهاڻي. هيءَ نثري صنف سوانح حيات جو هڪ قدم ٻيو ۽ نئون روپ آهي. آتم ڪهاڻيءَ ۾ سچا واقعا ۽ احوال هوندا آهن. منجهس تر جيتري به ملاوٽ نه هوندي آهي. آتم ڪهاڻي انسان جي اندر جا سڀ راز کولي ٿي. اهي راز جيڪي هر ڪنهن جي اڳيان بيان نٿا ڪري سگهجن، سي آتم ڪهاڻيءَ ۾ بيان ٿين ٿا. هي هڪ اهڙو جذبو آهي جو ليکڪ ڪڏهن ته عمر جي آخري دور ۾ لکندا آهن، ته ڪڏهن وري جوانيءَ ۾ به لکندا آهن. آتم ڪٿا لکڻ جو مقصد پنهنجي زندگيءَ جي سمورين ڪڙين مٺين، سچين ۽ تلخ ڳالهين کي، پنهنجن مشاهدن، تجربن، ڏکن ۽ سکن، تمنائن، اميدن ۽ ارمانن کي پنهنجي اصل صورت ۾ بيان ڪرڻ آهي، جيئن پڙهندڙ، انهن حقيقتن ۽ سچائين مان پنهنجي زندگي گذارڻ جو ڪو مؤثر رستو ڳولي زندگي ڪارگر بنائي سگهي.

سنڌي ادب ۾ جيڪي آتم ڪهاڻيون لکيون ويون، تن ۾ مرزا قليچ بيگ جو "سائو پن يا ڪارو پنو"، سيٺ نائونمل هوتچيند جو "يادگيريون"، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي جو منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي، رسول بخش پليجي جو ترجمو"هوچي منهنجي آتم ڪهاڻي"، پير عالي شاه جيلاني جو "منهنجي ماضيءَ جا چند ورق"، اياز قادريءَ جو ترجمو "مئڪسم گورڪي"، طارق اشرف جو "جيل ۾ 22 مهينا"، نجم عباسيءَ جو"ڏنم اڻ ڏٺل"، پوپٽي هيراننداڻي جو "منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق"، محمد صادق ميمڻ جو "تان ڪي ڏونگر ڏوريان"، زيب سنڌيءَ جو ترجمو"اسان زنده رهنداسين"، عبدالجبار جوڻيجي جو "ديپڪ ۽ ملهار"، فضل احمد بچاڻي جو "اڳي ايئن هياس"، موهن ڪلپنا جو "بک عشق ادب" محمد اسماعيل عرساڻي جو "سڪرسي ئي ڏينهن"، وينا شرنگي جو "منهنجي پيش جا گل وخار"، هتي دلگير جو "يادگيريون"، مخدوم طالب المولي جو "منهنجو ننڍپڻ"، هتي موتواڻي جو "آخري پنا" ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جون آتم ڪٿائون ۽ يادگيرين جا ڪتاب شامل آهن.

هن شهر مان ديو ناٿاڻي 10 جنوري 1927ع تي تعلقي موري جي ڳوٺ نوڙهن ۾ جنم ورتو. ديو ناٿاڻيءَ مختلف موضوعن تي جيڪي ڪتاب لکيا تن ۾ "مولانه آزاد جي جيون ڪٿا" 1945ع، "وينل ڀائي پٽيل جي جيون ڪٿا" 1945ع، "انقلابي" 1946ع، "اسٽوڊنٽس آن دي مارچ" 1946ع شامل آهن. هن شهر جي ليکڪن به پنهنجون يادگيريون لکيون. ڪن آتم ڪٿائون لکيون. ڪن پنهنجي دور جي ماڻهن سان پنهنجن تعلقاتن کي بيان ڪيو ۽ انهن تعلقاتن کي بيان ڪندي، هنن ان دور جي، ڪيترين ئي اهم ڳالهين کي به تحرير ڪري ورتو. آتم ڪٿا لکندڙ پنهنجي زندگيءَ جا تجربا لکي ٿو ۽ ماڻهو ٻين جي تجربن مان سکن ٿا.

آتم ڪٿائن، يادگيرين ۽ تجربن کي جيڪڏهن ليکڪ سچائي ۽ نيڪ نيتيءَ سان تحرير ڪري ٿو ته پڙهندڙ ان مان سبق حاصل ڪن ٿا. هتان جي ليکڪن جون آتم ڪهاڻيون ۽ ڪجھ يادگيرين جي ڪتابن کي ترتيب ڏيڻ جي باوجود ڇپجي نه سگهيا آهن. موري مان جيڪي آتم ڪهاڻيون ۽ يادگيرين جا معياري ڪتاب ڇپيا آهن، انهن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

- **ڪيم روح رهاڻ** (2007ع)

ڪيم روح رهاڻ، پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي آتم ڪٿا جو ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي موري طرفان 2007ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب جو اردو ترجمو "آپ بيتي دل کي باتين" ۽ انگريزي ترجمو "وائيس آف ساليٽيوڊ" 2011ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا. ساڳئي وقت هن ڪتاب جو سگهڙ رحمت الله عباسي به منظوم سنڌي ترجمو ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري سان زندگيءَ ۾ جيڪا جدوجهد، تڪليفون، ڪاميابيون، پريشانيون پلئه پيون آهن، راهن ۾ جيڪي رنڊڪون بڻيون آهن، اهي سڀ هن آتم ڪٿا جي هر ورق ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي هن آتم ڪٿا ۾ دل کولي سڀ ڪجھ لکيو آهي. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪي ڪجھ ڏٺو، سندس آس پاس جيڪو ڪجھ وهيو واپريو، دوستن، همدردن جو ذڪر، زندگيءَ جي تلخ تجربن، پنهنجي دور جي آس پاس جي سياسي ۽ سماجي حالتن سان گڏ زماني جي تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي جهلڪ پڻ بيان ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب پي ايچ ڊي ڊگريءَ جي مواد لاءِ ڪيل سفر ۾ سائين جي ايم سيد سان ملاقات ۽ مواد جي فراهمي ۽ تعاون بابت لکي ٿو ته:

> "شام جو سائين جي ايم سيد مون کي چار ڪتاب مطالعي لاءِ ڏنا. رات جو بجلي ڪانه هئي. صبح جو نيرن ۽ رات جي ماني اسان گڏ ڪائيندا هئاسين. مون لڳاتار ڏيڍ مهينو سائين سان گڏ گذاريو. سائين وٽان پنهنجو ڀرپور مواد حاصل ڪيم ۽ رات جو سائين سان بحث ڪري خوب ڪڇهريون ڪيم، ۽ پوءِ موڪلائي سائين جي مهمانوازيءَ جا ٿورا ادا ڪيم." (11)

ڊاڪٽر لائق زرداري گهڻو عرصو پڙهائي ۽ نوڪريءَ سان نڀايو آهي، جنهن دوران وڏي اوکي پر ڪامياب محنت سان جن مختلف مرحلن مان گذريو آهي سي به سرسبتا احوال هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهن. هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ جن ڳالهين ۽ واقعن جو ذڪر آهي، تن ۾ پنهنجي قبيلي جي سماجي پس منظر، پنهنجي تعليم ۽ لاڳاپيل ڳالهين، درپيش آيل مشڪلاتن، ڪوئٽا، مڪران، جي سير تفريح جي ذڪر، نوابشاهه هاءِ اسڪول، شادي، عملي زندگيءَ ۾ پهرين نوڪري، پيش آيل حادثن، ليڪچرار ٿيڻ، سجاول، ٺٽي شهر جي واقعن جو ذڪر، موري ڪاليج، ملڪ ۾ مارشل لا، سائين جي ايم سيد جي ذڪر، ڳوٺ ۾

اسڪول قائم ڪرڻ، آصف رزداريءَ سان ملاقات، ڪتابن جي رونمائين، ايم آرڊي تحريڪ، هالا، ڪوٽڙي ڪاليجن جي يادن، حقيقتن ۽ واقعن جو ذڪر، امر جليل ۽ لندن ۾ دوستن جي ذڪر، بلاول انسٽيٽيوٽ، فريال ٽالپر، بينظير ڀٽو ۽ ٻين شخصيتن جي ذڪر جي عنوانن هيٺ ڪيترن ئي يادگار لمحن ۽ يادن کي سچائيءَ سان پيش ڪيو آهي. پاڻ هن آتم ڪٿا ۾ نه رڳو پنهنجي ڪٿا کي تحرير ڪيو آهي، پر ادب ۽ سياست تي به کلي دل سان پنهنجن راين کي تحرير ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب زرداري قبيلي جي تحقيقي مقالي بابت هڪ ياد کي تحرير ڪندي لکيو آهي ته:

”اسلام آباد ۾ مون زرداري قبيلي جي تاريخ لکڻ لاءِ تحقيق شروع ڪئي. سنڌ مان مواد هٿ ڪري محترم يعقوب علي زرداريءَ سان تبادلهٔ خيال ڪري مقالو لکي ته ماهي رسالي مهراڻ ڏي موڪليو جيڪو ڇپيو. ساڳيو مقالو اردو، انگريزي زبانن ۾ اسلام آباد ۾ به ڇپيو. انگريزي رسالو آصف صاحب کي ڏنم، جنهن پڙهي گهڻو داد ڏنو. هڪ ڪاپي محترمه بينظير صاحبه جي مطالعي لاءِ موڪليم، جنهن به منهنجي گهڻي ساراهه ڪئي. انهيءَ انگريزي مقالي جون هڪ هزار ڪاپيون اطلاعات کاتي پاران ڇپائي اسيمبلي ميمبرن ۽ ٻين علم دوست ماڻهن ۾ پڻ ورهايون ويون.“ (12)

هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب عمري، حج، علمي ادبي سرگرمين، استادن، دنيا جي حالاتن، تحريڪ پاڪستان، زندگيءَ جي تجربن، جاکوڙ، عزم ۽ حقيقتن کي لفظن جو روپ ڏئي سيني کي ماضيءَ جي تصوير ڏيکاري آهي. هيءَ آتم ڪٿا ڊاڪٽر صاحب جي يادگيرين جو داستان آهي. هن آتم ڪٿا ۾ ٻوليءَ جي غلطين ۽ جملن جي جوڙ جڪ ڪان سواءِ متضاد ڳالهيون پڻ لکيل آهن. ڪتاب " آتم ڪٿائون" ۾ ناز سنائي ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي ڪتاب ڪيم روح رهاڻ بابت لکي ٿو ته:

”ڪاش! ائين ٿئي ها جو زندگيءَ جي ڪارگذارين کي جيئن جو تيئن لکيو وڃي ها. پر سڄي ڪتاب ۾ اصل حقيقت کي لڪائي، جڙتو ۽ هٿ ٺوڪيون ڳالهيون ڏئي، انهن کي افسانوي رنگ ڏيڻ سان، آتم ڪٿا لکڻ وارو مقصد ئي فوت ٿي ويو آهي ۽ سڄي ڪتاب ۾ اهڙا واقعا ۽ ڳالهيون پڙهندي، بار بار ٿڌا شوڪارا ٿا نڪرن ته هي ڇا ڪيو ويو آهي؟ هڪڙي پي ايچ ڊي ڊاڪٽر پنهنجي آتم ڪٿا ۾ به ”سچ“ ۽ ”حقيقت“ کي لڪائي، ٺوڙي مروڙي پيش ڪري پنهنجي پڙهندڙن کي ڇا ڏيڻ چاهيو آهي؟ سڄي ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ ڪوبه ماڻهو ان نتيجي تي نه پهچي سگهندو ته ڊاڪٽر صاحب جوهن آتم ڪٿا لکڻ جو مقصد آخر ڪهڙو آهي ۽ هن ڪهڙو پيغام ڏيڻ چاهيو آهي؟“ (13)

- **<u>گهاريل گهڙيون</u>** (2008ع)

عبدالحميد ميمڻ جي آتم ڪهاڻي آهي. علي بلڊرز ۽ ڊولپرز جي چيف ايگزيڪيوٽو هئڻ سان گڏ ڪيترن ئي تنظيمن جي عهدن تي فائز رهندڙ عبدالحميد ميمڻ جي آتم ڪٿا "گهاريل گهڙيون" 2008ع ۾ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپي آهي. هن آتم ڪٿا ۾ عبدالحميد ميمڻ خانداني پس منظر ۾ پنهنجي ابن ڏاڏن ۽ اصل نسل کان شروعات ڪئي آهي. ان کان پوءِ ٻاراڻي ٿهيءَ جو ابتدائي تعليم جو احوال، تقريري مقابلن، پنهنجي جواني، اعليٰ تعليم، سگا شاخ موري جي پليٽ فارم تان ڪيل سماجي ڪمن، دلچسپين ۽ ٻين لاڳاپيل ڳالهين جي ذڪر ڪرڻ سان گڏ زندگيءَ جي تجربن جا احوال پڻ تفصيل سان لکيا اٿس. انهن احوالن ۾ ننڍا وڏا گهڻا واقعا اچي وڃن ٿا، جن جو تعلق هن شخص سان آهي. پنهنجي ماءُ پيءُ جو ذڪر فخر سان ڪري ٿو. جواني ۾ ڪيل پنهنجي شرارتن ۽ مشڪرين جو ذڪر به نهايت دلچسپ انداز ۾ ڪيو اٿس. ان کان علاوه ڪرايل محفلن، مختلف روزگار جي ذريعن جو ذڪر، شادي، شريڪ حيات ۽ اولاد، ڪراچي شهر ۾ رهائشي ڏينهن، زندگيءَ ۾ ڪيل عمرن، باءِ پاس ٽائون موري جي اسڪيم، علي بلڊرز ۽ ڊولپرز جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ، گارڊن سٽي موري جي ڪمن جي ذڪر، مليل مجتا ۽ جستجو جي احوال کي هن آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي. حميد ميمڻ پنهنجي ڪٿا پنهنجي مخصوص ۽ پختي زبان ۾ ڪئي آهي. شمشيرالحيدري ڪتاب بابت لکي ٿو ته:

> "عبدالحميد ميمڻ جهڙا ماڻهو سنڌ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن، جيڪي جاين جوڙڻ جا منصوبا ڏئي ماڻهن کي مٽي ڇانو ميسر ڪرڻ، سابه اهڙي سهڻي نموني سان آءُ ڪشمور کان ڪينجهر تائين ڪٽي به اهڙا پراجيڪٽ نه ڏنا آهن. جيڪي هن نوجوان پايئہ تڪميل تي پهچايا آهن." (14)

جديد موري شهر جي ترقيءَ ۾ عبدالحميد ميمڻ جو وڏو هٿ آهي. هن موري شهر ۾ علي بلڊرز ۽ ڊولپرز پاران جديد اسڪيمون متعارف ڪرايون، جن ۾ باءِ پاس ٽائون مورو، گارڊن سٽي، هيون سٽي، بزم سٽي، ۽ ٻين شاندار اسڪيمن جو نيٽ ورڪ وڇائي، هن شهر کي جديد طرز عمل تي بيهاريو، جنهن سان موري شهر جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. عبدالحميد ميمڻ هن آتم ڪٿا ۾ پنهنجي زندگيءَ جي انيڪ واقعن کي انتهائي سچائيءَ سان لکيو آهي. جن ۾ دوستن، ميلن ملاڪڙن، واقعات ۽ تعلقات جو ذڪر پوري قابليت سان ڪيو آهي. ان کان علاوه راندين، پنهنجن عادتن ۽ خواهشن جو بيان، ڪٽنب بابت راءِ، اهم ڪمن ڪارين ۽ قدرشناسيءَ جي باري ۾ پڻ لکيو آهي. ملائشيا، ٿائيلينڊ ۽ انگلينڊ جي سير سفر ۽ مغرب سان تعلق جو ذڪر ڪندي، پنهنجي دور جا حالات بيان ڪيا اٿس. هي ڪتاب سندس محنتن ۽

جستجو جو گواهه آهي. آرٽ پيپر تي ڇپيل هن آتم ڪٿا ۾ بين آتم ڪهاڻين وانگر ڪيترين رنگين يادگار تصويرون پڻ شامل آهن. ناميارو شاعر عظيم سنڌي لکي ٿو ته:

"حميد ميمڻ ڪوڙ سارين تڪليفن مان گذري، هن عزت پرئي مقام تي رسڻ واري عمل تائين هو ڏاڍو مطمئن ۽ خوش آهي. سندس زندگيءَ جي مختصر مگر جامع احوال مان زندگيءَ سان پيارڪرڻ سان گڏ مضبوط ارادن سان مسلسل محنت ۽ سچائيءَ سان سڀ ڪجهه حاصل ٿيڻ جو حوصلو به ملي ٿو. هي ڪتاب مايوسيءَ مان ڪڍي بهتر زندگيءَ طرف آڻڻ ۾ بهترين ڪردار ادا ڪري ٿو." (15)

- **اوچا پنڌ پهاڙ جا** (2012ع)

آتم ڪٿا جو هي ڪتاب عبدالستار ڪورائيءَ جي لکيل آهي. ليکڪ موري شهر جي هڪ ڀهراڙيءَ جي ڳوٺ جي هڪ سادي ۽ غريب ٻار جي حيثيت سان پرائمري تعليم کان پوءِ موري هاءِ اسڪول ۾ 1969ع کان 1971ع تائين تعليم حاصل ڪري، نوابشاهه ۽ پوءِ اين. اي. ڊي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي. بعد ۾ پاڪستان ايئرفورس ۾ آفيسر ٿيو ۽ ترقي ڪندي گروپ ڪيپٽن جي عهدي تي پهتو. 2008ع ۾ رٽائرمينٽ ورتي، بعد ۾ پي ٽي سي ايل جي اعليٰ عهدي تي پڻ رهيو.

"اوچا پنڌ پهاڙ جا" هڪ اهڙي آتم ڪٿا آهي، جنهن ۾ آتم ڪهاڻيءَ سان گڏ سفرنامي واريون خوبيون به آهن. پاڻ هن جيون ڪٿا ۾ خانداني پس منظر، تعليم، تربيت ۽ ملازمت سان گڏ اعليٰ تعليم لاءِ اٽليءَ جو سفر، شادي ۽ اولاد، آمريڪا جي سفر، سعودي عرب ۾ رهائش ۽ ملازمت جو احوال، رٽائرمينٽ کان پوءِ جي زندگيءَ جي حالاتن ۽ مجتائن جو ذڪر ۽ انهن جا عڪس پڻ ڏنا آهن. اٽلي ۽ آمريڪا جي ڪيل سير سفر جو ڏاڍو دلچسپ انداز ۾ ذڪر ڪري معلومات ڏني آهي. ڪتاب ۾ هڪ واقعو هن طرز تحرير ۾ بيان ڪري ٿو:

"هڪ ڏينهن ميس ۾ هڪ واقعو پيش آيو جو هڪ اٽالين ڇوڪري، جنهن جي داخلا تاريخ (History) ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ ورتل هئي، جنهن جو نالو انيتا هو. اها پنهنجو ڪاڏو کڻي اچڻ کان پوءِ منهنجي ٽيبل جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. مان ڪيس هائوڪار ڪري ماني کائڻ لڳي ويس. هوءَ ڇوڪري چپ ڪري مون کي گهڻي وقت تائين گهوريندي رهي ۽ آخر ۾ اچانڪ روئڻ لڳي. آءٌ اهو ڏسي پريشان ٿي ويس ۽ انهيءَ ڇوڪريءَ کان مسئلو پڇيم. انيتا روئندي چيو ته ڪمار تون، مون کي ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟ تو مون سان واعدو ڪيو هو ته تون انڊيا وڃڻ کان پوءِ وري واپس ايندي ۽ مون سان شادي ڪندين. انيتا اهو سڀ هڪ ئي ساهيءَ ۾ چئي چئي وئي ۽ اٿي منهنجي پيشانيءَ

ڪي چمي پاڪر پائڻ جي ڪوشش ڪيائين. مون انيتا ڪي ٻڌايو تہ آئون تنهنجو ڪمار ناهيان نہ ئي اندين آهيان. ٻيا بہ ڪيس سمجهائڻ لڳا تہ هي ڪمار نہ پر عبدالستار آهي. ان ڪان پوءِ انيتا جا لڙڪ رڪجي ويا ۽ شائستگي جي انداز ۾ مون ڪان معافي گهريائين ۽ چيائين تہ تنهنجو چهرو ڪمار سان ملندڙ جلندڙ آهي.“ (16)

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ناميارو محقق پروفيسر غلام محمد لاکو سندس آتم ڪٿا بابت لکي ٿو تہ:

”عبدالستار هڪ سادي طبعيت وارو انسان آهي. پاڻ گهاريل زندگيءَ جي پرپور گهڙين ڪي سادگيءَ، سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ ميانہ رويءَ سان بيان ڪيو آهي. هن جيون ڪٿا ۾ ڪٿي بہ وڏائي يا ڊاڙ جو پهلو ڏسڻ ۾ نہ ايندو. ڪراچيءَ يا اٽليءَ ۾ پورهيو ڪري تعليم بہ ورتائين تہ اتي جو سير سفر بہ ڪيائين ۽ ملازمت جي تجربن ڪي بہ تحرير ڪيو اٿس. هيءَ آتم ڪٿا بيحد مختصر آهي، ڪجھ ڳالهين تي پردہ پوشي ڪئي وئي آهي. ڪن ڪي بنھ مختصر بيان ڪيو ويو آهي. ڪجھ ڳالهين ڪي مبهم انداز ۾ لکيو ويو آهي. عبدالستار سنڌي سماج جي منفي پاسن تي کُلي لکي ها تہ، نئين سنڌي سماج جي تعمير ۾ اجوکي نوجوان جي لاءِ اهي ڳالهيون ڏاڍيون ڪارائتيون ثابت ٿين ها.“ (17)

ليکڪ هن آتم ڪٿا ۾ پنهنجي اولاد، ونيءَ ڊاڪٽر گلزار جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ڪٽنب جون يادگار تصويرون ۽ مختلف ملڪي ۽ غير ملڪي ماڳن ۽ مڪانن جا عڪس پڻ ڏنا آهن.

- **<u>بيدار جي ڪهاڻي سندس زباني</u> (2014ع )**

آتم ڪٿا جو هي ڪتاب فتح الدين سومري ”بيدار مورائي“ جو لکيل آهي، جيڪو ”بيدار مورائي“ اڪيڊميءَ پاران 2014ع ۾ ڇپرو ٿيو. ”بيدار مورائي“ تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾ محنت سان نهايت ئي سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن وقت تائين سندس جيڪي ڪتاب منظر عام تي اچي چڪا آهن، انهن ڪي عوامي سطح تي مقبوليت ملي آهي. سندس ڪتابن جا دلچسپ عنوان، اصلاحي ۽ معلوماتي مواد، سليس ٻوليءَ ۽ وڻندڙ اسلوب ۾ آهن. هي ڪتاب سندس ذاتي تجربي، مشاهدي ۽ معلوماتي واقعن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ ”بيدار مورائي“ پڙهڻ، نوڪري ڪرڻ ۽ دين جي حوالي سان ڪيل ڪيترن ئي سفرن ۽ ڪمن ڪارين جو ذڪر ڪيو آهي. خاص ڪري هن سنڌ جي مشهور مرشد ڪريمن پير منا سائين، سهڻا سائين ۽ سچڻ سائين سان گڏ گهاريل وقت ڪي چڱي ريت بيان ڪيو آهي. پاڻ ان دور جا دلڪش اکين ڏٺا تبليغي سفر، پر لطف ڳالهين ۽ نسخن ڪي بيان ڪيو آهي، گڏوگڏ سائينءَ جن جي ڪرامتن، معجزن ۽ مختلف واقعن ڪي بيان ڪري، پنهنجون گواهيون ڏئي سنڌ اندر پير پرستيءَ ڪي جڙ هٽي ڏني آهي.

”بيدار مورائي“ جي هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل ڪجھ واقعن ۾ مزاح بہ نهايت ئي سھڻي انداز ۾ ڪيو آهي. ڪتاب ۾ سليس انداز ۾ رس چس بہ آهي. هي ڪتاب گھڻي ڀاڱي مرشدن ڪريمن جي ساراھ، ڪرامتن، مختلف واقعن ۾ ساڻن عقيدت ۾ محبت جي ذڪر تي مشتمل آهي. ناز سنائي هن ڪتاب بابت لکي ٿو تہ:

”پير پرستي بہ اهڙي آهي جو ”بيدار“ صاحب جي سڄي ڪتاب ۾، الله الله ڪرڻ ۾ چوڻ واري ڳالھ ئي ڪانهي، رڳو پير منا سائين، سھڻا سائين، سڄڻ سائين لڳي پئي آهي. حق حق! ڇاجو رسول! تسبيح بہ انهن جي تہ ڪرامتون ۾ معجزا بہ انهن جا.“ (18)

- **<u>لنڊن اڏار ۾ وطن واپسي</u> (2015ع)**

آتم ڪٿا جو هي ڪتاب منظور الحق قاضيءَ لکيو آهي. هي ڪتاب مظهر سليمان قاضيءَ جي زندگيءَ جي ڪيترن اڻ ڄاتل پهلوئن تي روشني وجهي ٿو. فاضل سوانح نگار مظهر سليمان جي خانداني پس منظر کي بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

”بئريسٽر مظهر سليمان جا ابا ڏاڏا عربستان کان عراق ۾ پوءِ ملتان مان سنڌ ۾ وارد ٿيا ۾ اتي ئي سڪونت اختيار ڪيائون، نائين صدي هجريءَ ۾ چار پائر سنڌ ۾ آيا. قاضي خدا بخش (مظهر سليمان قاضي) جي ڏاڏي کي ”خلافت تحريڪ“ ۾ حصو وٺڻ ڪري، اتر پرديش جي ٿانا پون شهر جي پون جيل ۾ هڪ سال سزا ڪاٽڻ بعد 1922ع ۾ آزاد ڪيو ويو. بعد ۾ پاڻ 1935ع ۾ ميونسپل ڪارپوريشن جا پهريان مسلمان ميئر منتخب ٿيا. 1936ع ۾ سندن ڪوشش سان سنڌ مدرسي بورڊ جي اهتمام هيٺ مسلم ڪاليج قائم ڪيو ويو هو، جنهن جو افتتاح قائداعظم محمد علي جناح ڪيو. 1943ع ۾ سنڌ ۾ مسلم ليگ حڪومت پاران قاضي خدا بخش کي سنڌ جو سينيئر سرڪاري وڪيل مقرر ڪيو ويو.“ (19)

هن آتم ڪٿا ۾ ليکڪ 1973ع ۾ آيل موري شهر ۾ ٻوڏ، ورهايل امداد، ڪاٺ پيئڻ جي شين جي فراهمي، پڻي صاحب جي سندس ڪيل ڪم جي ساراھ، سندن دلچسپين، وصيحت، دوستن جي ذڪر، ننڍي ڀاءُ سان آخري ملاقات ۾ سندس وفات تي مختلف نامور سياسي، سماجي شخصيتن جا تاثرات ۾ ٻين يادگيرين جي ذڪر سان گڏ ڪجھ تاريخي واقعن جي ڄاڻ ۾ معلومات بہ ڏني آهي.ڪتاب جو مهاڳ نذير قاضيءَ لکيو آهي. هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ جن واقعن ۾ ڳالهين جو ذڪر آهي تن ۾، قاضي خاندان جو شجرو، جنم پومي تعليم، مختلف دلچسپين، پهرين شادي، ڪراچي منتقلي، ڪراچيءَ کان لنڊن روانگي ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ عملي زندگيءَ جا اڪيچار تجربن پرائڻ، موري مان والد جي لکيل خطن جو ذڪر، موري شهر کي سک اڪير سان

ياد ڪرڻ، تعليمي سياسي سرگرمين 1973ع واري آيل ٻوڏ ۾ موري کي بچائڻ لاءِ اڻٿڪ خدمتن ۽ ڪوشش، دوستن جي بيوفائين، زندگيءَ جي ڏک سک، بيماريءَ وغيره اهو سارو ذڪر آتم ڪهاڻيءَ ۾ سميٽيو اٿس. ٻئريسٽر مظهر سليمان جو سياسي پسمنظر ٻڌائيندي فاضل لکيڪ وڏيڪ لکي ٿو ته:

”مظهر قاضي انگلينڊ ۾ پ پ پ جو بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان سندن واقفيت ڪافي عرصي کان هئي. 1966ع کان اها واقفيت ويجهڙائي جي حد تي پهتي. مظهر قاضي 1960،61 ۾ پاڪستان جي شاگرد سياست ۾ نمائندگي طور حصو ورتو. 1967ع ۾ ڀٽو صاحب لنڊن DORCHESTERHOTEL ۾ ترسيل هو. مظهر قاضي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ پاڻ پارٽي فارميشن ۾ شامل ٿيو. 1970 -1969ع ۾ ڪيس يونائيٽيڊ ڪنگڊم پ پ پ جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو. 1971 — 1970ع ۾ پ پ انگلينڊ جو ايڪٽنگ صدر رهيو. پاڪستان پهچڻ تي پ پ پ حڪومت ۾ 1976 — 1975ع ۾ پرائيم منسٽر آف پاڪستان شهيد ذوالفقارعلي ڀٽي جو پريس سيڪريٽري ۽ 1977ع ۾ پ پ حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪيائين.“ (20)

- <u>رَنيا روڙيا ڄَڻ</u> (2016ع )

اين ڊي جتوئي جي ساروڻين جو هي ڪتاب سندس سوچن جو خزانو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي خانداني پس منظر، تربيت، تعليم، ذاتي گوشن کي نمايان ڪرڻ بجاءِ پنهنجي پيشوراڻي زندگيءَ کي وڏيڪ نمايان ڪرڻ سان گڏ مقامي توڙي موري شهر جي اهم شخصيتن ۽ بزرگن جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب ۾ هن ڪيترن ئي يادگار شخصيتن جا تاريخي واقعا، مختلف سنڌ جي حالتن، ادبي لاڙن، ريتن، رسمن ۽ تبديلين جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه شڪار جي طريقن، سنڌوءَ جي سير، عشق، زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعن، دوستن، ڊرامن، فلمن، اداڪارن، ڪراچيءَ جي ڏينهن، سياسي ڳالهين ۽ مقدس سفرن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ مهتاب اڪبر راشدي لکي ٿي ته:

"هن ڪتاب ۾ جتوئي صاحب محبت جا ٿي رنيا روڙيا آهن. زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ واقعن کي بنا ڪنهن وڌاءَ جي بلڪل ائين ئي بيان ڪيو اٿس، جيئن اهي پيش آيا آهن. نه انهن ۾ هرويرو جي وڌاءُ آهي ۽ نه ئي ڪنهن شيءِ جي کوٽ. جيڪي ماڻهو زندگيءَ جي ڪنهن به مرحلي تي ڪيس ڪم آيا آهن، ته سندن وڏ خوشيءَ سان ۽ بار بار بيان ڪيا اٿس، جن ڪيس ڪڏهن به الله واسطي ٽپايو آهي ته ان کي به وائڪو ڪيو اٿائين. پر آخر ۾ سڀني کي بخشي به ڇڏيو اٿس. پنهنجي سادي سودي نموني ۾ هر سياسي دور ۾ پيش ايندڙ واقعن ۽ شخصيتن تي به ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. جن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو به آهي. ضياءَ

الحق بہ آهي تہ غلام مصطفي جتوئي بہ آهي. هي ڪتاب اهڙي سوانح حيات ناهي، جيڪا هڪ تسلسل سان مختلف بابن ۾ ورهايل هوندي آهي. اڄ جي دور ۾ هي ڪتاب ماضيءَ جي آفيسرن جي طريقہ ڪار کان واقفيت جو هڪ ذريعو آهي.“ (21)

ڪتاب ۾ ليکڪ جون ڪيترن ئي ناميارين شخصيتن جن ۾، بينظير ڀٽو، عبدالله شاهہ، غوث علي شاهہ، لياقت جتوئي، نوازشريف، ميان محمد سومرو، ارباب رحيم ۽ ٻين جون يادگارتصويرون شامل آهن. ليکڪ ڪيترين ئي اهم شخصيتن جا يادگار واقعا ۽ ٻي معلومات فراهم ڪئي آهي. اين ڊي جتوئي جو هي ڪتاب مقامي تاريخ، ثقافت ۾ اهم اضافو آهي. عمار پرنٽرس، ڪراچي پاران ڇپيل هي ڪتاب 352 صفحن تي مشتمل آهي. اهڙيءَ طرح موري جي ٻين ليکڪن بہ آئيني جي اڳيان پنهنجي ڪٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن ۾ راشد مورائي جي آتم ڪٿا ”جهڙي آيس جيئن“، ”حافظ“ محمد بخش خاصخيليءَ ۽ ٻين ليکڪن جي آتم ڪٿا پڻ لکيل آهي، جيڪا قلمي صورت ۾ سندن پوئينرن وٽ محفوظ آهن. ڪجھ آتم ڪهاڻين ۽ يادگيرين جي ڪتابن جي مختصر فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

- <u>منهنجي من اندر جون ڳالهيون</u> (2017ع)

استاد حيدري چانڊيي جي هيءَ آتم ڪٿا گهٽي پاڳي سندس نوڪريءَ دوران پيش آيل واقعن، ننڍپڻ جي حسين يادن، ٿڪن، محبتن، لڙڪن، تڪليفن، همت، حوصلي، جذبي ۽ ڪيل جدوجهد سان ٽمٽمار آهي. استاد حيدريءَ هن ڪٿا ۾ پنهنجي حسن پرست ۽ عاشقانہ مزاج، محبتن جي سلسلن، اندر جي اڌمن کي بيباڪيءَ ۽ وڻندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي. جڏهن سندس پرائمري پڙهڻ دوران شادي پاڻ کان ننڍي عمر جي ڇوڪريءَ سان ٿئي ٿي تہ ان تي بہ هو پنهنجي مائٽن سان احتجاج ڪري اهڙي بي جوڙ عمل جي شادين کي ننڍي ٿو. 1956ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪري 1957ع ۾ جڏهن پرائمري اسڪول لڏو خان بروهي تعلقي نوابشاهہ ۾ استاد مقرر ٿئي ٿو ۽ استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي نوڪريءَ دوران سنڌ جي ڪيترن ئي مختلف اسڪولن ۾ پڙهائڻ دوران پيش آيل واقعن جو بہ تذڪرو ڪيو آهي. جنهن ۾ پاڻ پنهنجي بالا آفيسرن کي بہ ڪيترن ئي موقعن تي سچ چوڻ کان نہ ڪيٻايو آهي. هن ڪٿا ۾ پاڻ ورهاڱي جي درد خاص طور هندو سنڌين جي وڇوڙي ۽ سنڌ ۾ پير پرستيءَ جهڙي سماجي بيماريءَ کي بہ ننديو آهي تہ ان خلاف جدوجهد جا قصا بہ بيان ڪيا آهن. هن ڪٿا ۾ سائين جي ايم سيد ۽ عبدالواحد آريسر سان دوستيءَ، نيازي مندي ۽ محبت کي نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ پڻ بيان ڪيو آهي. آتم ڪٿا جو سندس هي ڪتاب سنڌ جي ان وقت جي خوشحال دور جي تاريخ جو هڪ حصو آهي. ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپايل هن آتم ڪٿا جو مهاڳ علي نواز آريسر لکيو آهي، هو لکي ٿو تہ:

"استاد حيدري پنهنجي مزاج ۽ طبيعت جا بہ ڪيترائي داستان ڇٽيا آهن، هن موجوده سنڌ جي حالتن جو ذميوار مُلن ۽ مذهب جي نيڪيدارن کي ڪوٺيو آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي انهن کان بچڻ جي باربار تاڪيد ڪئي آهي." (22)

استاد حيدري چانديي جي هن ڪٿا ۾ روشن خيالي، فڪر، نئين سنڌ جي اڏاوت ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ اتساه ۽ علم جو سبب بہ آهي.

**يادگيريون**:

- **هوجي پهڻ پپ جا**

مشتاق باگاڻي جا سنڌي نثري ادب ۾ هڪ منفرد ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪجھ ڪتاب ادبي يادگيرين تي مشتمل آهن جن مان هو جي پهڻ پپ ڪتاب هڪ آهي، جيڪو1982ع ۾ مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ پاران شايع ٿيو. ڪتاب جو مهاڳ پاڻ لکيو اٿس. مشتاق پنهنجي هن ڪتاب ۾ ادبي يادگيرين، نامور ادبي شخصيتن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ مشتاق باگاڻيءَ ڪراچيءَ پنهنجي نوڪريءَ دوران 1970ع کان 1980ع جي ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ جي ادبي حلقن ۾ جيڪو، وهيو واپريو پئي، جهڙوڪ: سنڌي ادبي سنگت، سنڌ سپيتا سنگت ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ادبي گڏجاڻين ۽ ثقافتي ۽ سماجي پروگرامن، هلال پاڪستان جي ان دور جي ادبي خدمتن، سوجهري رسالي جي لکڻين ۽ هفتيوار برسات جي ادبي ڪم ۽ ڪردار کي خوبصورت ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي. مشتاق باگاڻي هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي نامور شاعرن اديبن سان ڪيل ڪچهرين، مختلف يادگيرين ۽ ڪراچيءَ جي ان وقت جي ادبي دور جي ان ڏهاڪي جي هڪ خوبصورت ادبي تاريخ ڏني آهي. ڪتاب 112 صفحن تي مشتمل آهي.

- **لاڙ جا ڏينهن لاڙ جون راتيون**

مشتاق باگاڻي جو هي ڪتاب "لاڙ جا ڏينهن لاڙ جون راتيون" 1983ع ۾ مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ پاران شايع ٿيو. ڪتاب ۾ مشتاق باگاڻيءَ ٺٽي ضلعي جو سماجي جائزو، ننگر سان نينهن، لاڙ جي لوڪ ڪٿائن، شڪار ۽ ٻين ڪيترن ئي پاسن جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب ۾ هن هڪ دور جي تاريخ قلمبند ڪئي آهي، جنهن ۾ ان خطي جون سماجي، جاگرافيائي ۽ طبعي حالتون بيان ڪيون آهن. ڪتاب ۾ هن شاندار ٻوليءَ جو استعمال ڪيو آهي. سندس طرز تحرير جو مثال هن ريت آهي:

"هتي منهنجون اڪثر راتيون اوجاڳن ۾ گذريون آهن. ساري رات گهايل رتونبي وانگر من تڙپندو آهي. لڳندو آهي. منهنجو روح بہ روهاڳي پکيءَ وانگر هڪ ڏينهن اڏري ماري هي پڌ ڇڏي ويندو. پوءِ جڏهن سياري جون اداس چانڊوڻيون راتيون اينديون تہ منهنجو روح بہ هتي جي ڪنهن ڪينجهر يا سونهريءَ ۾ چيچ ڪرڻ لاءِ ضرور پيرو پجندو. هتي

جا حسين نظارا، پاٽيارا ۽ جابلو پڊ، ڪاريون ۽ ناريون منهنجي روح جو چيچ آهن. ها ڪڏهن هتي جون اُماسي راتيون، رتونبي شامون ۽ نيرڳي پنيراڪا منهنجي روح جو چوٽو بہ ڪسي وڻندا آهن ڪجھ ڏينهن لاءِ هيئانهان پڊ چورا چنا تي پوندا آهن ۽ مٽي جبلن تي نري ول ۾ خوشبوءِ اجا تيز ٿي ويندي آهي. سايون ڳاڱيون ۽ مگها، گولاڙا ۽ گگريون ڏسندي ڏسندي وهيءَ چڙهڻ لڳندا آهن" (23)

- **<u>ڪراچي تجهي سلام (مطالع و مشاهده)</u>**

مشتاق باگاٽي جو هي ڪتاب ڪراچيءَ جي يادگيرين، اکين ڏٺي احوال، مشاهدي ۽ هسٽاريڪل فيڪٽس تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ هن ڪراچيءَ جي آبهوا، انڊس ڊيلٽا، تاريخي پسمنظرن، مورڙو ۽ ڪراچي، انگريزن جي آمد، دور انتظامي امور، جاگيرداري سسٽم، آبپاشي نظام، تجارت، واٽر سپلائي، ريلوي ڪراچيءَ سان رشتو، نديپڻ جي يادن، علم و ادب، سماجي تغير پذيري ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. هي ڪتاب اردو زبان ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ پاڻ تاريخي معلومات پڻ ڏني آهي.

- **<u>ڪايا منجھ ڪڙن</u>** (2009ع)

علي محمد شاهہ لڪياري سنڌيونيورسٽيءَ ۾ 80 واري ڏهاڪي ۾ آءِ آر شعبي ۾ پڙهڻ دوران جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن سان سلهاڙيل رهڻ ۽ سياسي سرگرمين سبب 1980ع ۾ يونيورسٽي هاسٽل جي ڪمري مان گرفتار ڪري ڪيس حيدرآباد سينٽرل جيل ٽن سالن لاءِ قيد ڪيو ويو. جيل ۾ ان عرصي دوران ساٿس جيڪي تڪليفون ۽ حالتون درپيش آيون. پاڻ انهن کي سهيڙي جيل ڊائري "ڪايا منجهہ ڪڙن" 2009ع ۾ سپ پبليڪيشن نواب شاهہ پاران ڪتاب ڇپايو. هي ڪتاب علي محمد شاهہ واري زماني ۾ هم آهنگي ۽ ان سياست جي سفر ۾ آيل پوڳنائن ۾ جيل ياترا جي دور ۽ قيد و بند يادگيرين تي مشتمل آهي. جيل ڊائريءَ جو هي ڪتاب هڪ تاريخي رڪارڊ آهي. سنڌ سان والهانہ عشق جو اظهار ڪندي هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ:

"ان ڏينهن سياري جي رات هڪدم مون کي اونڌو فرش تي ليٽائي بہ فوجي ٽنگن تي ۽ بہ فوجي ٻانهن تي چڙهي بيٺا ۽ هڪ فوجيءَ اچي چتڙن تي چمڙي جي ٿهيل ڦڙڪي سان وسڪارا لاتا. شروع ۾ ڏڪن سان ڏاڍو عذاب آيو، سوچيم رڙيون ڪيان، پر وري خيال آيو تہ هڪ انقلابي ڪارڪن لاءِ اهو ڪارنهن جو ٽڪو آهي، جو هڪ ڌارئين دشمن اڳيان ڏکن جي سور کان دانهون ڪري ۽ دشمن خوش ٿئي. اهو سوچي چپ کي ڏندن هيٺيان ڏئي ڏک سهندو رهيس. ڪجھ گهڙين کان پوءِ چتڙن مٿان ٿڌو پاڻي هاري ٻيهر ڏک هڻڻ

شروع ٿيا تہ سور وڏيڪ ٿيڻ لڳو. جيئن اٿيس تہ چتڙن جي کل هنڌان هنڌان اڌڙي پئي هئيءَ ريش ڳڙندو وجي پيرن جون کڙيون کنيون. مون ان رت مان آڱر ٻوڙي کولي جي پٽ تي ”جيئي سنڌ“ ۽ پنهنجو نالو لکي ڇڏيو.“ (24)

- **دادلو درياهہ**

فقير الله بچايي لغاري نثر نويسيءَ ۾ ڪجھ مضمون بہ لکيا آهن. ڪتاب ”دادلو درياهہ“ سير سفر، سماجي تاريخ ۽ يادگيرين تي آهي، جيڪو 2011ع ۾ بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهہ پاران ڇپيو. ڪتاب ۾ ليکڪ درياهہ جي خاصيتن، ٻوليءَ، ٻيڙين ۽ پتڻ، موسمن آهر درياهہ جي وهڪ جي طريقن، درياهہ جي لٽ، آبي جانورن، پکين، درياهن جي ٻنهي ڪپن جي ڍنڍن، ڍورن، واهڙ، ٻيلن، پتڻن، ٻيڙين ۽ ڪيٽين جهڙن موضوعن جو معلوماتي ذڪر ڪيو آهي. هن ڳوٺ لغاري بجراڻي جي تاريخ، شوق شڪار، موچارن ماڻهن ۽ اديبن جي تذڪري سان گڏ ڪچي ۽ درياهہ جي فطري سونهن کي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي. پاڻ لليہ دادو مورو پل کان سيوهڻ تائين ڪچي واري علائقي ۾ ويهين صديءَ جي پوئين اڌ واري دور جي سماجي جھلڪ ۽ يادگيرين کي محفوظ ڪري سماجي تاريخ رقم ڪئي آهي. هن پنهنجي تيز مشاهدي ۽ ٻوليءَ جي مناس سان ڳوٺ جي تاريخ، ريتن، رسمن، رواجن، رهڻي ڪهڻي، خوشي، غمي، راڳ، ڪهاڻين، لوڪ ادب ۽ شوق شڪار جي ڄاڻ ڏني آهي. ڪتاب ۾ هن درياهہ جي ڪٿا معلومات سان گڏ نهايت ئي وڻندڙ انداز ۾ خوبصورت دريائي ٻوليءَ ۾ بيان ڪئي آهي. ڪتاب بابت راءِ ڏيندي استاد بهاول لغاري لکي ٿو تہ:

”سائين پنهنجي اباڻي ڳوٺ لغاري بجراڻي بابت يادگيرين جي پريل پنڊار مان مشاهدو لکيو آهي، جيڪو هن نسل بلڪہ لغارين جي ڳوٺ جي ايندڙ لاءِ بہ يادگار هوندو تہ ڪو سنڌو ڪنڌي بہ اسان جو ڳوٺ لغاري بجراڻي صديون پراڻو ڳوٺ شاد ۽ آباد هو! ڳوٺ جو نقشو ۽ يادون محفوظ ڪري ڳوٺ وارن لاءِ وڏو سرمايو تياري ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ اصل ۽ نيٺ سنڌي پراڻا ۽ نوان لفظ ڪتب آيل آهن. ڪتاب ۾ هن مخصوص علائقو دادو مورو پل کان سيوهڻ شهر تائين درياهہ ۽ ان جون وصفون اولھ ۽ اوڀر دادلي درياهہ جي ڪپرن وارا خاص ڳوٺ، واهڻون، ٻيلا، جھنگلات بہ قلم بند ڪيا آهن، جن ۾ مڇين، ٻيڙين، جانورن، پکين جي قسمن کان سواءِ شڪار ۽ ان جا طور طريقا ۽ سنڌي ڏاڙيلن وغيره جي پڻ ڄاڻ ڏني اٿس.“ (25)

- **نہ اُهي وڻ نہ واهيرا**

منظور حسين جو ڪتاب ”نہ اهي وڻ نہ واهيرا“ موڪي پبليڪيشن موري پاران 2020ع ۾ ڇپجي ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران پڌرو ٿيو. ڪتاب ڳوٺ لغاري بجراڻي تعلقي موري بابت يادگيرين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ليکڪ ڳوٺ جو تعارف، مذهبي رسمن، معاشي زندگيءَ، سماجي زندگيءَ، رهندڙ مختلف ذاتين ۽ سنڌن ڪرت، اتان جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيتن، سنڌن ڪچهرين، راندين، شڪارن ۽ ٻين مختلف موضوعن تي لکيو آهي. هي ڪتاب مقامي سماجي تاريخ ۾ هڪ اهم اضافو آهي. منظور حسين دادو موري پل تي سب انجنيئر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ دوران گڏ ڪيل مواد ”دادو مورو پل جي ڪهاڻي سب انجنيئر جي زباني“ جنهن ۾ پل جي رٿابندي، ڊزائين، تعمير، پل جي ٻجاڻي، درپيش آيل مسئلن، حادثن، مشڪلاتن ۽ ٻين مختلف پهلوئن تي لکيو آهي. هي ڪتاب موڪي پبليڪيشن پاران ڇپائي هيٺ آهي.

مجموعي طور آتم ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ هتان جي ليکڪن پنهنجا واقعا، زندگيءَ جا راز، احوال، ڪڙيون منيون ڳالهيون، مشاهدا، تجربا، ڏک سک، حقيقتون اصل صورت ۾ بيان ڪيون آهن. هنن آتم ڪهاڻين مان پڙهندڙ انهن حقيقتن ۽ سچائين مان پنهنجي زندگي گذارڻ جو ڪو موثر رستو ڳولي زندگي ڪارگر بنائي سگهي ٿو. آتم ڪهاڻين جا هي مجموعا سنڌي سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم اضافو آهن. آتم ڪهاڻين جا جيڪي مجموعا هتان ڇپايا آهن، تن جو وچور پيش ڪجي ٿو.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. ڪيم روح رهاڻ | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 2007ع |
| 2. گهاريل گهڙيون | عبدالحميد ميمڻ | 2008ع |
| 3. اوچا پنڌ پهاڙ جا | عبدالستار ڪورائي | 2012ع |
| 4. بيدار جي ڪهاڻي، بيدار جي زباني | فتح الدين سومرو ”بيدار مورائي“ | 2014ع |
| 5. لنڊن اڏار وطن واپسي | منظور الحق قاضي مورائي | 2015ع |
| 6. رَنديا روڙيا جَن | اين . ڊي جتوئي | 2016ع |
| 7. منهنجي من اندر جون ڳالهيون | استاد حيدري چانڊيو | 2017ع |

## حوالا:


1. جوڻيجوعبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2006ع، ص 128
2. شيخ انعام، آمريڪا سفر جي ست رنگي سربين، آمريڪا ياترا، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2008ع
3. ڪلهوڙو علي گل، اسپين ۾ پنج ڏينهن، نئين زندگي، جولاءِ 1975ع، ص 28
4. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، لنڊڪي کان لنڊن تائين، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 1996ع، ص 22
5. ساڳيو: ص 57 ، 58
6. زرداري عائشہ، ڪراچيءَ کان هنزا تائين، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2004ع، ص 8
7. ساڳيو: ص 105
8. قاضي محمد سليمان مورائي ڊاڪٽر، موري کان مڪتيشور، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2018ع،ص 13
9. قاضي فضل سليمان، آمريڪا جا عڪس ۽ اولڙا، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2019ع، ص 47
10. سومرو اسد ڪريم، موري کان پئرس تائين، ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي، 2021ع، ص 8
11. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، ڪيم روح رهاڻ، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2007ع ص 191
12. ساڳيو: ص 293
13. سنائي ناز، آتم ڪٿائون (ڀاڱو پهريون)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2010ع، ص 103
14. ميمڻ عبدالحميد، گهاريل گهڙيون، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع، ص 11
15. ساڳيو: ص 158
16. ڪورائي عبدالستار، اوچا پنڌ پهاڙ جا، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2012ع، ص 56
17. ساڳيو: ص 8
18. سنائي ناز، آتم ڪٿائون (ڀاڱو ڇهون)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2016ع، ص 108
19. قاضي منظورالحق، لنڊن آڏار ۽ وطن واپسي، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبليشرس ڪراچي، 2015ع، ص 34
20. ساڳيو: ص 35
21. جتوئي اين .ڊي، رنڊا روڙيا جن، عمار پرنٽرس ڪراچي، 2016ع، ص 16
22. چانڊيو استاد حيدري، منهنجي من اندر جون ڳالهيون، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع، ص 14
23. باگاڻي مشتاق، لاڙ جا ڏينهن ۽ لاڙ جون راتيون، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ 1983ع، ص 12
24. لڪياري علي محمد شاهہ، ڪايا منجھ ڪڙن، سپ پبليڪيشن نواب شاهہ، 2009ع، ص 64
25. لغاري الم ٻچايو، لاڊلو درياهہ ، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهہ 2011ع، ص 16

# باب پنجون

## موري جو سنڌي علمي ۽ تحقيقي ترقيءَ ۾ حصو

### 5.1 مضمون نويسي

موجوده وقت پوري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ماهيت ۽ افاديت نثر جي آهي. مضمون نويسي نثر جي اها اهم شاخ آهي، جنهن کي ٻين نثري صنفن جهڙوڪ: ناول، ناٽڪ ۽ ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ اهميت حاصل آهي. ان ڪري جو مضمون نگار ان ۾ پنهنجي تجربن، مشاهدن ۽ تحقيق کي اهڙي وڻندڙ انداز سان پيش ڪري ٿو، جو پڙهندڙ ۽ لکندڙ جي وچ ۾ هڪ ڳانڍاپو قائم ٿي پوي ٿو. ناميارو محقق ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو مضمون جي وصف ٻڌائي ٿو ته:

"مقالي مان مراد آهي ڪنهن خاص موضوع تي تحقيقي انداز ۾ ڪوجنا وارو ليک لکڻ، جيڪو تاريخ، ادب ۽ ثقافت جي ڪنهن به پهلوءَ تي ٿي سگهي ٿو، جڏهن ته مضمون مان مراد آهي، ڪنهن هڪ جاءِ جبل، شهر، سير سفر يا ڪنهن به عنوان تي معلومات ڏيڻ." (1)

مضمون نويسي هونئن به نثر جي اهڙي صنف آهي، جيڪا ليکڪ جي جامع خيالن جي عڪاسي ۽ جذبن جي ترجماني ڪرڻ سان گڏ سماج يا فرد جي هر رخ کي واضح ڪري ٿي. مضمون نويسي جنهن جي تخليقي وسعت ۽ ڊيگهه تي ڪا به پابندي نه آهي، ها البته اهو ضروري آهي، ته موضوع سان انصاف ڪيو وڃي. خيال جي اڏام سان گڏ حقيقت کي به ظاهر ڪيو وڃي. سٺو مضمون اهو آهي، جنهن ۾ چوڻيون، محاورا، اصطلاح ۽ اشتقاق اهڙي نموني استعمال ٿيل هجن جو پڙهندڙ ان مان مڪمل حظ وٺي معلومات حاصل ڪري سگهي. مشهور مضمون نويس جانسن چوي ٿو ته:

"مضمون انساني اندر جي اڻ هضم ٿيل ۽ بي تربيت خيالات سان ڀرپور هڪ مختصر ادبي تحرير آهي، جا ڪنهن خوش مزاج دل مان آزاديءَ سان نڪري نروار ٿئي ٿو." (2)

سنڌي مضمون نويسيءَ جي ابتدا انگريزن جي دور1860ع ۾ ٿي، جڏهن کان اخبار تعليم نڪتي. ان کان پوءِ 1862ع ۾ ديوان ڪوڙيمل جو پهريون مضمون ڪتابي صورت ۾ ڇپيو. بعد ۾ هڪ ٻيو ڪتاب مختلف عنوانن تي "مقالات الحڪمت" ڇپيو، جيڪو مرزا قليچ بيگ 1877ع ۾ "بيڪس اسيز" تان ترجمو ڪري شايع ڪرايو. 1890ع ۾ ساڌو هيرانند "سرسوتي" مخزن جاري ڪري وقت به وقت سٺا مضمون ڇپيا. 1896ع ۾ "جوت" اخبار پرمانند ميوارام جاري ڪري بهترين مضمون ڇپيا. 1902ع ۾ تعليم کاتي پاران "اخبار تعليم" ۾ به ڪيترائي سٺا مضمون ڇپيا. 1935ع ۾ "چونڊ سنڌي نثر" نالي مجموعوشايع ٿيو، جيڪو درسي ڪتاب طور جوڙيو ويو. اهڙيءَ ريت ٻيا به ڪيترائي مجموعا ڇپيا، جن ۾ ڀيرومل، نانڪ رام ڌرم داس، ليکراج عزيز، عمر بن دائود پوٽو، پروفيسر لال سنگهه اجواڻي، پرمانند ميوارام نارائڻداس ملڪاڻي،

تيرٿ وسنت، رام پنجواڻي، نارائڻ داس ڀنڀاڻي، امر ڏنو مل ۽ عثمان علي انصاريءَ جي مضمونن جا مجموعا شايع ٿيا. انهن مضمونن ۾ داخلي مضمونن سان گڏ معلوماتي، تاريخ سوانح، معاشي معاشرتي بيان، حقيقي واقعن، اخلاقي ۽ اصلاحي ڳالهين، ماحول، سماج، حڪومت تي تنقيد، طنز، سير تفريح ۽ سبق آموز حالات بيان ٿيل هئا.

آزاديءَ کان پوءِ هندن لڏپلاڻ ڪئي، ان لڏپلاڻ جو اثر سنڌي ادب جي ارتقا تي پيو. ڇاڪاڻ ته سنڌ مان جيڪي رسالا اخبارون نڪرنديون هيون، انهن جا اڪثر پبليشر ۽ ايڊيٽر هندو سنڌي هئا ۽ ليڪن جو وڏو تعداد به هندو هو، ان ڪري مضمون نويسيءَ جو سلسلو به رڪجي ويو. ماهوار نئين زندگي ۽ سماهي مهراڻ رسالا شروع ٿيا، جنهن ۾ پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين راشدي، سيد ميران شاهه جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، محمد عثمان ڏيپلائي، ابراهيم جويو، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ٻين مضمون نگارن مختلف موضوعن تي مضمون لکيا. مضمون نويسيءَ ۾ جن پاڻ مڃايو آهي، تن ۾ مولانا دين محمد وفائي، علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر دائود پوٽو، سيد عطا حسين شاهه موسوي، الله بچايو، يار محمد سمون، محمد اسماعيل عرساڻي، غلام محمد گرامي، عطا محمد حامي، عبدالواحد سنڌي ۽ ٻيا شامل آهن.

ون يونٽ نهڻ کان پوءِ سنڌ ۾ جڏهن قومي هلچل تيز ٿي ته ليڪن قومي موضوعن تي مضمون لکيا. قادر بخش نظاماڻي، محمد صالح عاجز، محمد بخش مجنون، قاضي فيض محمد، رسول بخش پليجو، رشيد ڀٽي، نبي بخش کوسو ۽ ٻين ان دور جي مضمون نگاريءَ ۾ پاڻ موکيو. 1988ع کان پوءِ جمهوري دورن ۾ سنڌ ۾ اجان به وڏيڪ اخبارون ۽ رسالا، جن ۾ اندرين صفحن ۽ ايڊيشنن ۾ دل کولي لکيو ويو. تاج صحرائي، انور پيرزادو، مينهون خان سوز بلوچ ، ملڪ نديم، خاڪي جويو، تاج جويو، لياقت عزيز، فهميده حسين، امر سنڌو، مظهر لغاري، انعام شيخ، قاضي مقصود گل ۽ ٻين بين الاقوامي، ادبي، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ٻين موضوعن تي قلم آزمائي ڪئي.

- **ورهاڱي کان اڳ** (1900ع کان 1947ع)

موري مان سنڌي مضمون نويسيءَ جي ابتدا اوڻويهين صديءَ کان ٿئي ٿي. شروع ۾ مضمون نويسيءَ جي صنف ايتري وڏي ترقي ڪا نه ڪئي. هن دور جي مضمون نگارن اڪثر مضمون مذهبي اخلاقي ۽ سماجي نوعيت جا لکيا. 1920ع کان پوءِ جي ٻن ڏهاڪن ۾ هتان جي ليڪن قاضي خدا بخش موروائي، "خليق موروائي" ۽ ٻين مختلف عالمن اديبن جا مضمون "الوحيد" اخبارءِ ٻين رسالن ۾ نظر اچن ٿا.

**قاضي خدا بخش موروائي** جا مضمون سنڌي ۽ انگريزي زبانن ۾ مدبرانه، مدلل ۽ تاريخي حوالن سان ڀريل هوندا هئا. هن مذهبي، سياسي ۽ چند ادبي مضمون به لکيا. هن جي مضمونن ۾ سنڌ جي

سياسي، اخلاقي ۽ تهذيبي مسئلن جي اوک ڊروک آهي. مضمونن ۾ هن جي روشن خيالي تحريک آزادي ۽ تعليم تي زور ڏنل آهي. پاڻ "الوحيد" اخبار جو ايڊيٽر بہ رهيو.

**کيئلداس ويڙهومل آڏواڻي** تعلقي موري جي ڳوٺ "چنيجا" ۾ 15 آڪٽوبر 1918ع ۾ جنم ورتو. هڪ ئي وقت هن شاعريءَ، کهاڻي نويسيءَ ۽ مضمون نويسيءَ تي لکيو آهي. ڪيترن ئي رسالن ۾ سندس تحريرون شايع ٿينديون رهيون آهن. "هند واسي"، "جاڳرتي"، "مومل"، "سڳند"، "گلشن" ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڪيترائي مضمون ۽ ٻيون لکڻيون شايع ٿيون.

**"خليق' مورائي"** 1920ع واري ڏهاڪي ۾ پڻ مضمون لکيا، جيکي ماهوار "علمي دنيا"، "توحيد" ، "الراشد"، "هفتيوار پرڪاش"، "الوحيد اخبار" ۽ ٻين ۾ ڇپيا. "خليق مورائي" اوائلي مضمون نويس آهي، جنهن مذهبي، اخلاقي علمي ۽ ادبي موضوعن سان گڏ ٻين موضوعن تي ٻين ٻولين مان مضمون سنڌيءَ ۾ آڻي ڪي طبعزاد مضمون لکي، سنڌي مضمون نويسيءَ کي فروغ ڏنو. انهن مضمونن ۾ سندس عبارت سليس ۽ عام فهم آهي. هن 1924ع ۾ "ترقي" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو، جيکو اٺن سالن تائين هليو.

**روپ ڪمار گهايل** 17 جون 1930ع تي ڳوٺ "عامرجيءَ" ۾ جنم ورتو. هن نثر توڙي نظم ۾ هڪ ئي وقت نهايت ئي ڪاميابيءَ سان لکيو. پاڻ پهاڪن، اصلاحن، چوڻين ۽ نصاب جي موضوعن تي ڪيترائي مضمون مقالا ۽ ڪتاب بہ لکيا. ڪيترائي ترجمو بہ ڪيا. سندس ڪجھ ڪتاب هندستاني ٻولين ۾ ترجمو ٿيا. هن ساميءَ جي 108 سلوڪن کي هنديءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو.

**عامر جائي ڪوڏ** جو اصل نالو ڪوڏو مل ايس ٻولچنداڻي آهي. پاڻ پهرئين مارچ 1935ع تي ڳوٺ "عامرجيءَ" ۾ جنم ورتو. شاعريءَ سان گڏ نثر بہ لکيائين. ڪيترن ئي رسالن ۾ سندس شاعري، مضمون ۽ ٻيون نثري تحريرون ڇپيون. 1979ع ۾ سندس "سنڌي پڳت" ڪتاب ڇپيو.

**بسنت ڪمار تياڳي** تعلقي موري جي ڳوٺ "سونهان" ۾ 27 مارچ 1940ع تي جنم ورتو. هن مضمون نويسيءَ ۾ ڪيترائي مضمون بہ لکيا جيکي وقت بہ وقت مختلف رسالن ۾ ڇپيا. "ٻوندون ٿيون برسن" سندس مجموعن مان خوبصورت شعري مجموعو آهي، جيکو 1972ع ۾ شايع ٿيو.

**ڪيمن يو مولاڻي** نثر نويسيءَ ۾ مضمون ۽ مقالا بہ لکيا آهن. "لاتم ڪس قلوب تان" 2022ع سندس هڪ اهڙو تنقيدي مضمونن ۽ مقالن تي لکيل ڪتاب آهي. جنهن ۾ هن 14 تنقيدي مضمونن مان پنج شعري ادب تي لکيل پرمغز مضمون شامل آهن. هنن مضمونن ۾ ڪيمن پنهنجو مطالعو، مشاهدو، ڇنڊ ڇاڻ ۽ اکيل ڪري نتيجا اخيز ڪرڻ وارو طريقو اختيار ڪيو آهي. غزل جي شاعري ۾ هن نارايڻ شيام، سڳن آهوجا، گورڌن شرما، لڇمڻ دٻي ۽ واسديو موهي جي شاعري تي باريک نظر ثاني، مختلف زاوين کان

تجزيو ڪري، سندن شاعراڻي فن، فڪر ۽ طرز بيان جي لحاظ کان مشاهدن کي مختلف مثالن سان چنڊ ڇاڻ ڪري تنقيدي پاسا عيان ڪيا آهن. تيرٿ بسنت جي شاعري کي هن اوک ڊوک ڪندي جدا جدا شعري سنتن ۽ فني زاوين کان پرک ڪئي آهي ۽ پنهنجي تجزيي ئي وزنائتو بڻائڻ لاءِ ڪجهه ڪوٽ مثال طور درجا بنديءَ ۽ شعري صنعتن جي نشاندهي بہ ڪئي آهي. ڪيمن پنهنجي ٻين مضمونن مان ”لڇمڻ ڪومل ترجمان جي روپ ۾“ ۾ لڇمڻ جي صلاحيتن کي ڳاٽايو آهي. گيتا نجلي جي سنڌي ترجمن جي ذڪر ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ سنڌي ٻال ڪويتا جي اوسر جو پڻ معلوماتي ذڪر ڪيو آهي. هن ڪيئلداس فاني، سدا رنگاني خادم ۽ شيخ اياز جي شاعري جي فني، فڪري ۽ موضوعاتي پهلوئن ۽ سندن مضبوط زاوين کي اجاگر ڪيو آهي. جنهن مان سندس شاعراڻي نظر جي باريڪ بيني ظاهر ٿئي ٿي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ واسديو موهي، ڪيمن يو مولاڻي جي مضمونن بابت لکي ٿو تہ:

”ڪيمن جي هن مضمونن يا تنقيدي ليکن جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي، هن جي وشين طرف جانبداري پر پنهنجن راين ۾ بي ريائي. هن جنهن بہ وشيہ تي لکيو آهي، ان جو اونهو اڀياس ڪيو آهي، جنهن سبب هو ڪنهن بہ رچنا کي خوردبيني هينان رکي ان جي جهيڻي رچاو کي چڪاسي سگهيو آهي ۽ رچنائن کي سندن رچئائن جي آذار تي پرکيو آهي. هن جون جاچنائون ان ڪري واڌو معنيٰ خير آهن ۽ هن نقاد لاءِ واڌو مرتبو حاصل ڪري ڏيو ونن.“ (3)

**ورهاڱي کان پوءِ:**

- **<u>پهريون دور</u> (1948ع کان 1970ع)**

سنڌي نثر ۾ موري مان مضمون نويسيءَ جي صنف آزاديءَ کانپوءِ وڌيڪ ترقي ڪئي. ون يونٽ ٽهڻ کان پوءِ سنڌ سَميت موري ۾ بہ قومي هلچل تيز ٿي، جنهن جي ڪري قومي موضوعن تي بہ مضمون لکيا ويا. هن دور ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي، سيد جعفر شاهہ، سيد پناهہ علي شاهہ، قاضي محمد قاسم، قاضي انوار احمد، علي محمد سيال، ناصر مورائي، قاضي محمد علي ”اختر مورائي“، جمال الدين مؤمن، صوفي لعل بخش ڪانڊڙي ۽ ٻين مضمون نگاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن ئي دور ۾ هتان جي مٿين عالمن، اديبن ۽ نثر نگارن علمي ادبي رسالن ۽ اخبارن جهڙوڪ: نئين زندگي، سماهي مهراڻ، ماهوار فردوس، پيغام، روح رهاڻ، روح ادب، سرتيون، الوحيد اخبار ۾ سندن مضمون شايع ٿيا. انهن رسالن کان علاوه موري ۽ ان جي پس گردائي مان شايع ٿيندڙ ماهوار ۽ سلسليوار رسالن، مخزنن ۽ اخبارن ۾ سندن مضمون ڇپيا.

مضمون نويسيءَ جي اوسر ۾ هتان جي ليکڪن به اهم ڪردار ادا ڪيو، جن شخصي، تاريخي، تعليمي، اصلاحي، اخلاقي، ديني، بياني، علمي ادبي، تحقيقي، تنقيدي، ادارتي مضمون جهڙن موضوعن تي سندن مضمون ڇپيا. هنن جي ڪوشش سان سنڌي مضمون سماج سڌار ۽ اخلاق سڌار کان وڌي هڪ وسيع ميدان ۾ داخل ٿيو، جنهن ۾ علم ادب، فلسفي، ملڪ ۽ قوم جي ترقي، سير سياحت، سنڌ جي قدرتي منظرن، ماڳن مڪانن جهڙن موضوعن سان گڏ اخلاقي، روحاني ۽ نفسيات جهڙن اهم موضوعن تي مضمون لکيا. هن دور ۾ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ سنڌي نثر نويسيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. موري جي سنڌي نثري ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي ڪتابن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي مضمون نويسيءَ جي صنف ۾ هتان جي ليکڪن جا بيشمار مضمون لکيل آهن پر ڪتابن جو تعداد گهٽ آهي. مضمون نويسيءَ ۾ جن ليکڪن هن شهر مان لکيو آهي، تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

**پروفيسر علي نواز جتوئي** مضمون نويسيءَ ۾ مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل ڪتاب ”ويرون ۽ وهڪرا“ لکيو. ڪتاب ۾ شامل مضمونن ۾ ”علم ادب ۽ زندگي“ ۾ رايو ڏنو آهي ته:

”زندگيءَ جو ذوق، ادبي علم کي زنده ۽ ابدي بنائي ٿو. تاريخ هن حقيقت جي شاهد آهي ته زنده قومن جي نشاني، سندن سدا حيات ساهت آهي. جيتري قدر گهڻا ۽ اصلوڪا ڪتاب ڪا قوم پيدا ڪندي، ايتري قدر اها زنده هوندي آهي ۽ جيستائين اصلوڪا ڪتاب پيدا ڪندي رهندي، تيستائين زنده رهندي ايندي. مگر ياد رکڻ گهرجي ته اصلوڪن ڪتابن جو دارومدار، قوم جي مفڪرن تي آهي، جي زندگيءَ ۾ عميق ۾ ٽٻي هڻي، ان جا اصل هيرا لعل هٿ ڪري، قوم کي عطا ڪري سدا شاهوڪار بڻائين ٿا.“ (4)

پروفيسر علي نواز جتوئي لطيف شناسيءَ ۾ شاهه لطيف جي ڪلام جي فلسفي بابت ڪيترائي مضمون لکيا جن مان ”اکين جي اهميت“، ”شاهه ڀٽائيءَ جي نظر ۾“، ”شاهه جو سنيهو نئين نسل لاءِ“ ۽ ٻيا ڪيترائي مضمون لکيا. پاڻ شاهه لطيف جي سنيهي جي اپٽار مضمون ”شاهه جو سنيهو نئين نسل لاءِ“ ۾ هن ريت ڪئي آهي ته:

”شاهه ڀٽائي ڪلهوڙن جي دور جو مشهور شاعر ۽ اولياءُ ٿي گذريو آهي. ميان نور محمد ڪلهوڙو، ان وقت حاڪم هو. سنڌ جي وڏي آبادي مسلمانن جي هئي ۽ هندن جي به خاصي آبادي هئي، مگر اقليت ۾ هئي. سنڌي مسلمان ان وقت دين کان باغي ڪونه هئا ۽ نه وري هندو پنهنجي ڌرم کان منهن موڙيل هئا. مسلمان، نمازون به پڙهندا هئا ۽ روزا به رکندا هئا، مگر اسلام جي روح يعني باطني تعليم کان اڪثر بي خبر ۽ بي پرواهه هوندا هئا. اهڙن مسلمانن لاءِ شاهه صاحب فرمايو ته:

ان پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪونائيئين،

دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،

منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيئين.

مطلب تہ ان وقت گهڻا مسلمان، منهن ۾ مسلمان هئا. ظاهر ۾ مشرڪ نہ هئا. زبان سان اسلام جا قائل هئا ۽ اسلام جا مخالف ڪونہ هئا. اسان جو اڄوڪو نوجوان، پٽ ڏٽيءَ جو قائل آهي ۽ ان سان عقيدت مندي بہ رکي ٿو. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اگرچہ سندس ڪلام ڪي مروڙي سروڙي، ان جو مطلب ماڻهن ۾ پکيڙيو پيو وڃي. ڪوڙ آخر ڪوڙ ئي ظاهر ٿيندو آهي ۽ پوءِ پنهنجو موت مري ويندو آهي. ان ڪري ضرورت آهي تہ سندس صحيح تعليم کي عام ڪيو وڃي. شاهہ صاحب تہ اسان کي پهريائين پهريائين هيءَ تعليم ٿو ڏئي تہ:

وحده لا شريڪ لهو،اي هيڪڙائي حق،

ٻيائيءَ کي ٻک، جن وڌو سي ورِسيا. " (5)

پروفيسر علي نواز جي مضمونن جو ٻيو ڪتاب "لطيفي لهرون" شاهہ لطيف جي ڪلام متعلق آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي مجلس سٽي ڪاليج حيدرآباد پاران ڇپيو. سندس ڪيترائي ٻيا مختلف علمي ادبي موضوعن تي لکيل مضمون ۽ مقالا نئين زندگي، سہ ماهي مهراڻ، مختلف مخزنن ۽ ڪيترن ئي رسالن ۾ ڇپيا. هن دور ۾ نئين زندگي رسالي ۾ سندس ڇپيل مضمونن ۾ "علم ادب ۽ زندگي" (1961ع)، "سنڌي گرامر تي نئين سر نظر" (1966ع)، "مصدر بابت غلطيون" (1966ع) ۽ سهڻي رسالي ۾ "سري سمراٽ جي تنقيدن جو جائزو" (1970ع) مضمون ڇپيا. هنن مضمونن سندس مشاهدي ۽ مطالعي جو ڀرپورعڪس پڙهندڙن جي دماغ تي اثر ڇڏيو. هن سنڌي ادب، ٻوليءَ، ثقافت ۽ لغت ۾ تحقيقي مواد پيش ڪري پنهنجو خاص مقام ٺاهيو. سندس تحقيقي مضمونن ۽ مقالن سان، سنڌي ادب ۾ هڪ نئون باب کليو.

**سيد پناهہ علي شاهہ** تعليمي ماهر، مضمونن سان گڏ، اصلاحي ناٽڪ بہ لکيا. سندس ڪيترائي معياري مضمون مختلف موضوعن جن ۾ ٻارن جي نفسيات، پڙهائڻ جو طريقہ ڪار ۽ انتظامي امور متعلق مضمون سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا. سندس لکيل ڪتاب "سماجي اڀياس" ڪلاس ستين لاءِ، ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ حيدرآباد پاران ڇپيو. 1962ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي ڪتاب ۾ مرتب نويس سان گڏ مضمون واري حصي ۾ سندس هڪ معلوماتي مضمون "ابن بطوط" ڇپيو. مضمون ۾ هن پنهنجي خيالات کي لطيف، رنگين ۽ ميناج واري زبان ۾ ڀرپور نموني پيش ڪيو آهي. سندس مضمون جي طرزِ تحرير جي خصوصيت هن ريت آهي:

"ابن بطوطہ" جو سفر نامو خشڪ داستان نہ آهي، پر هڪ مزيدار قصن ۽ ڪهاڻين جو دلچسپ ڪتاب آهي. هر هڪ هن اهڙي تہ مزيدار قصي جي صورت ۾ لکيو آهي، جو شروع ڪرڻ کان پوءِ قصي کي ڇڏڻ تي دل ئي ڪانہ ٿيندي. جن جن ملڪن جو هن سير ڪيو آهي، انهن متعلق تمام معلومات گڏ ڪري، پڙهڻ وارن لاءِ سهولت جو سامان مهيا ڪيو اٿس. ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، رسم رواج، ميل ملاقات، تهذيب تمدن، صنعت حرفت، نظام حڪومت ۽ علم ۽ ادب، مطلب تہ هر هڪ پهلوءَ تي خاطر خواهہ روشني وڌي اٿس. خاص طور جاگرافي ۽ تاريخ جي لحاظ کان هي ڪتاب هڪ قابلِ قدر تصنيف آهي." (6)

سيد پناهہ علي شاهہ هن دور ۾ نرالي انداز سان مضمون جي شاخ کي اوج ڏنو. هن علمي، ادبي توڙي اخلاقي موضوعن سان گڏ ٻين مختلف موضوعن وارا مضمون لکي، سنڌي مضمون نويسيءَ ۾ اونهائي پيش ڪئي.

**علي محمد سيال** جا مضمون ۽ مقالا "ملامخزن"، "اديب سنڌ"، "نئين زندگي"، "تہ ماهي مهراڻ" ۽ ٻين مختلف رسالن ۾ ڇپيا، جيڪي مختلف موضوعن تي معلوماتي ۽ جاڻ پريا آهن. سندس مضمون "سماٽ قوم جو اصل نسل" (1966ع) ۾ نئين زندگي رسالي ۾ ڇپيو، جنهن ۾ هن سماٽ قوم جو پس منظر، لک راڄ ڏانين ۽ ٻين پهلوئن بابت جاڻ ڏني آهي. مضمون نويسيءَ ۾ سندس بيان وڻندڙ نوع ۾ ڪيل آهي، جنهن سان پڙهندڙ وڏيڪ لطف اندوز ٿئي ٿو. هن ٻارن لاءِ آکاڻيون ۽ ٻين مضمونن لکڻ سان گڏ قرآن شريف جي تفسير لکڻ جو بہ ڪم ڪيو. هن عبدالڪريم سنديلي سان لغت تي بہ گهڻو ڪم ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو هئڻ سبب اشتقاق ڪرڻ ۽ معنيٰ ڪرڻ جو بہ ڄاڻو هو. پاڻ قرآن مجيد جا 25 سپارا انگريزي ۾ ترجمو ڪيا.

**قاضي انوار احمد** پڻ مضمون نگار ۽ افسانہ نويس هو. سندس ڪتاب " تعارف نفسيات" 1960ع ۾ شايع ٿيو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون مختصر مگر جامع طبعزاد ڪتاب آهي. ڪتاب ۾ ليکڪ نفسيات جي علم جو تعارف، ادراڪ، جذبات، قوت ارادي، لاشعور، مذهب ۽ نفسيات، ذهني بلوغت، احساس ڪمتري، متضاد جذبن جهڙن موضوعن تي نهايت ڪارائتي ڄاڻ، ڇوتڪاري جا گر ۽ طريقا ٻڌايا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ عملي يا اطلاقي نفسيات متعلق هي ابتدائي ڪتاب آهي، جنهن ۾ علم نفسيات جي خاص اصطلاحن ۽ اصولن کي سوليءَ ۽ عام فهم سنڌي ۾ سمجهايو ويو آهي. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران 2019ع ۾ ڇپيو.

**قاضي محمد علي "اختر مورائي"** ماهانہ فردوس هالا، نئين زندگي ۽ ٻين مختلف رسالن ۾ مضمون لکيا. ان کان علاوه پاڻ مختلف موضوعن تي مقالا پڻ لکيا. "اختر مورائي" جا اکثر مضمون معلومات افزا آهن، منجهس کم آيل زبان بہ نهايت ئي وڻندڙ آهي.

**جان محمد عطار** نثري ادب ۾ افسانہ ۽ مضمون بہ لکيا. 1953ع ۾ سندس هڪ مضمون "ثابت علي شاهہ جا سنڌي مرثيا" نئين زندگيءَ رسالي ۾ ڇپيو. مضمون ۾ هن سيد ثابت علي شاهہ جي مرثين جي فني ۽ فکري خوبين، ڪلام جي رواني، نزاڪت، ٻولي، تاثير ۽ فکر جو تجزيو پيش ڪيو آهي.

**ناصر مورائي** "برسات" رسالي ڪراچيءَ جو ايڊيٽر ۽ رسالي "روح رهاڻ" ۾ حميد سنڌيءَ سان گڏجي ڪم ڪيو. مضمون نويسيءَ ۾ هن مختلف موضوعن ۽ شخصيتن تي مضمون لکيا. "ساجاهہ" رسالي جي 90 واري ڍاڪي ۾ شيخ اياز متعلق سندس هڪ معلوماتي ۽ تجزياتي مضمون "اياز لطيف جو شارح هو" ڇپيو. سنڌي لينگوئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپايل ڪتاب "حميد سنڌي - هڪ اٽلڪ انسان" عنوان تي حميد سنڌي جي ڪهاڻين جي ڪردارن بابت سندس هڪ شاهڪار مضمون ڇپيو. هن مضمون نويسيءَ ۾ پختا مضمون لکيا، جيڪي ان دور جي سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا. هنن مضمونن ۾ سندس عبارت سڌي، رس چس واري، سادي ۽ روماني لهجي واري هئي. ناصر مورائي جي مضمونن ۽ ڪالمن ۾ ادبي، سماجي ۽ سياسي شعور ملي ٿو. هن "موري جون چار ڪنڊيون" جي نالي سان ڪالم بہ لکيا، جنهن کان پوءِ جلدي ڀ ڀ جي حڪومت آئي ۽ ناصر مورائي لاءِ ٻاهہ ٻري وئي. هو1974ع تائين موري ۾ جڻ تہ روپوش هو.

**پروفيسر نذير احمد قاضي** ڪيترن ئي سياسي، سماجي مسئلن، بين الاقوامي تعلقاتن، علمي ادبي شخصيتن ۽ ٻين مختلف موضوعن تي معلوماتي مضمون لکيا، جيڪي سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. هن ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي شخصيتن تي مضمون ۽ مقالا لکڻ سان گڏ ڪتابن جا مهاڳ ۽ رايا پڻ لکيا آهن. هن موري مان "باک" پبليڪيشن پاران ڪتابي سلسلي جا ڇهہ پرچا جاري ڪيا. ان کان علاوه مهراڻ ڪاليج جي "ادبي سوسائٽي" پاران بہ مخزن شايع ڪرايا، جن ۾ معلوماتي مضمون شامل آهن. نذير قاضيءَ جي مضمونن ۾ انفرادي سوچ، فکر، ڪلام ۽ گفتگوءَ جو منفرد انداز، ذاتي مشاهدي، تجربي ۽ مطالعي جو گهڻو دخل آهي.

**صوفي لعل بخش ڪانڌڙي** جا مختلف موضوعن تي معلوماتي مضمون ۽ مقالا اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيا.

**علي گل عباسيءَ** جو معلوماتي مضمون "آزاديءَ وطن ۾ سنڌ جو حصو" (1966ع ) ۾ آئينہ ادب جي ڪتابي سلسلي ۾ ڇپيو.

**استاد حيدري چانڊيو** 1960ع کان هلال پاڪستان اخبار جي هفتيوار صفحي ۾ ”جهاتيون“ عنوان هيٺ مضمون لکيا. 80 واري ڏهاڪي ۾ سندس ڪيترن ئي مختلف موضوعن تي روزاني عبرت، آفتاب، هلال پاڪستان ۽ ٻين اخبارن ۾ مضمون ۽ مقالا به ڇپيا. سنڌي ادب ۾ مضمون نويسيءَ ۽ لطيف شناسيءَ تي لکيل سندس ڪتابن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

- **شاهه جون سورميون** (2017ع)

هي ڪتاب شاهه سائين جي سورمين سسئي ۽ سهڻي، ليلا ۽ مومل، نوري، مارئي ۽ سورٺ جي ڪردارن بابت مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل آهي. پاڻ لطيف جي سورمين جي ڪردارن کي لطيف جي شاعريءَ جي تشريح سان بيان ڪيو آهي. ڊاڪٽر تهمينه مفتي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿي ته:

”ليکڪ سُرمين جي ڪردارن جي درجي بندي ڪندي، انسان جي روحاني اندلڻ جا رنگ پسائي ٿو. سورمين جي ڪردارن کي پيٽيندي عورت جي جدوجهد، وفا کي عورت جي سرشت جو اهم جُزو ۽ عمل سمجهي ٿو. پاڻ روايتي ۽ آڳاٽي ٿيل تحقيق کي به اهميت ڏيندي ۽ ڪن نڪتن سان اختلاف ڪندي، ڪن نون نڪتن جو به ذڪر ڪيو آهي. پڻ ڏٺيءَ جي شخصيت ۽ ان جي عقيدي ۽ خيال کي ظاهر ڪرڻ جي به ڳالهه ڪئي آهي.“ (7)

- **شاهه ۽ سچل جا سنيها** (2017ع)

استاد حيدري چانڊيي جو هي ڪتاب تصوف تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۽ فڪر بابت لکيل 32 مضمونن ۽ مقالن تي آهي. هي مضمون ۽ مقالا اڳ سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ آيل آهن، جن کي ڪتاب جي صورت ۾ ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد پارن ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ڪتاب بابت مهاڳ ۾ علي نواز آريسر لکي ٿو ته:

”استاد منل حيدري نهايت باريڪ بينيءَ سان شاهه ۽ سچل جو فڪري اڀياس ڪيو آهي. خاص ڪري شاهه جي حب الوطنيءَ ۽ آزاديءَ جو پيغام، شاهه لطيف جي سورمين، شاهه سائينءَ جي طبقاتي ۽ قومي جدوجهد، شاهه جي شاعريءَ ۾ پورهيت جي پچار، سچل سرمست جو پيغام سچ جو سنيهو، سچل جو مذهبي ڪٽر پڻي خلاف جهاد اهم آهن. هن انهن پاسن کي اڪوليو آهي، جن تي لکڻ کان اسان جي محقق هميشه ڪن لاٽار ڪئي آهي. هي ڪتاب شاهه ۽ سچل جي قومي پرچار واري نڪتي کي پڌرو ڪري ٿو.“ (8)

- **ساٿي نه پسان سي** (2018ع)

استاد حيدري جي مضمونن جي هن ڪتاب ۾ جديد قومپرستيءَ جا بنياد رکندڙ سائين جي.ايم .سيد ۽ عبدالواحد آريسر جي ڪيل خدمتن ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌل آهي. هن

ڪتاب ۾ سائين جي. ايم. سيد ۽ عبدالواحد آريسر جي خاڪن، ٻنهي شخصيتن جي عملي جدوجهد جي مرحلن، قومي تحريڪ ۾ ڪيل ڪم، پيش آيل تڪليفن، سياسي حڪمت عمليءَ، ڪيل خدمتن ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌل آهي. ليکڪ ٻنهي شخصيتن جي قومي جاڳرتا، رهاڻين ۽ ٻين ڪيترين ئي يادگيرين جو جاڻ پريو ذڪر ڪيو آهي. ٻنهي شخصيتن کي پاڻ ويجهڙائيءَ کان جيئن ڏٺو آهي تيئن ئي بيان ڪيو آهي. ڪتاب ۾ سندس طرز تحرير توڙي جو سادي آهي، پر انفراديت جي حامل آهي.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ علي نواز آريسر لکي ٿو تہ:

”استاد حيدري جو هي ڪتاب سائين جي. ايم . سيد ۽ عبدالواحد آريسر سان پيار جو ساکي آهي ۽ ان سان گڏ جدوجهد جي مختلف مرحلن جو گواهہ پڻ آهي. قومي تحريڪ ۾ رهندي هنن ماڻهن ڪيئن ڪم ڪيو. قوم ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي، ڪيترين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو، اهڙيون ٻيون ڪيتريون ڳالهيون هن ڪتاب مان پڙهڻ لاءِ ملنديون، جيڪي اسان جي اسرندڙ نسل لاءِ اتساهہ جو باعث بڻبيون.“ (9)

- <u>سُتا اُٿي جاڳ</u> (2018ع)

استاد حيدري چانڊيي جو هي ڪتاب 31 مضمونن تي آهي جنهن ۾ سنڌ جي ڪيترين ئي سماجي بيمارين ۽ انيڪ مسئلن جي چٽي عڪاسي آهي. ڪجھ مضمونن ۾ سنڌ جي مختلف قومي مسئلن سان گڏ سندس ذاتي جذبن ۽ احساسن جي عڪاسي پڻ شامل آهي. سندس لکت توڙي جو سادي انداز ۾ آهي پر انفراديت رکندڙ آهي. مضمونن جي هن ڪتاب ۾ حيدري چانڊيي جي طرز تحرير، سندس عبارت آرائي، حسن بياني ۽ طرز ادا جا مثال آهن. ڪتاب ۾ سندس استعمال ڪيل طرز تحرير جو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

”ڪيترن ئي مؤرخن جي اهيا راءِ آهي تہ، ايشيا ۾ سياست هميشہ مذهب جي پردي ۾ رهي، هزارين بلڪہ لکين سريون سياسي تلوارن سان لاٿيون ويون ۽ انهن سيني ستين کي مذهبي چادر ۾ ويڙهي سيڙهي لڪايو ويو آهي، جنهن جي ڪري ظلم، ڏاڍ، ڏمر ۽ بربريت ۾ روز بروز اضافو ٿيندو پيو وڃي. سنڌ جي تاريخ ”چچنامي“ تي نظر ڦيرائي ڏسو تہ، اوهان کي ڪيتريون ئي ملاوٽي ڪوڙيون ۽ جڙتون ڳالهيون نظر اينديون. چچنامي واري تاريخ ۾ ليکڪ حجاج بن يوسف تي ذري بہ روشني ڪانهي وڌي، تہ هو ڪهڙي ڪردار جو مالڪ هيو؟ بس ڪيس مذهبي ليبل لڳائي نيڪ نيت ۽ شريف زادو پيش ڪيو ويو آهي. اهڙي گمراهہ ڪن ليبل لڳل ڳالهين جي ڪري اسان جو نئون نسل گمراهين جو شڪار ٿيو وڃي. سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ: نياڳا پٽ پينگهن ۾ پڌرا، سمهارين سنئون تہ

ٿين اونڌا.. ان جي مصداق هي لڇمي پٽ ڄاڻو ته رڳو روڄ راڙو ڪندو ٿي رهيو. ماءُ جي ٿڃ اصل نه نٿي پيتائين، پوءِ ڪنهن ڏاهي جي چوڻ تي ٻڪر کهي، ان جي تازي رت سان ڪيس وهنجاريو ويو ته هن هڪدم ماٺ ڪري ماءُ جي ٿڃ پيئڻ شروع ڪئي ۽ انهيءَ ڏاهي جي، هن لاءِ اها گواهي هئي ته، هي وڏو قاتل ٿيندو ۽ ٿيو به ائين ئي. روزانو هڪ ٻه ماڻهو ماري، تلوار کي انهن جي خون سان سڄو ٻوڙيندو هو." (10)

- **<u>شاهه سنڌ جو ساهه</u> (2019ع)**

هي ڪتاب لطيفيات بابت 50 کان مٿي مختلف مضمونن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ شاهه سائين جي ذاتي زندگيءَ ۾ پيش آيل واقعن جو تاريخي ذڪر، سندس ڪلام جي خاصيت ۽ سُرن جي پس منظر ۽ قصن جو احوال پڻ ڏنل آهي. ان سان گڏ شاهه سائينءَ جي دور جي حالتن، ٿيل تحقيق ۽ سُرن بابت پنهنجا ويچار ڏنا آهن. ڪتاب ۾ پاڻ اختصار کان ڪم وٺندي وڌيڪ ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

استاد حيدري چانڊيي جي ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ شاهه لطيف جي ڪلام تي وڏي ڄاڻ رکندڙ آهي. ڪتاب ۾ هن ڳوڙهي مطالعي سان بيتن جي معني مفهوم، پيغام، سنڌ جي حالتن، مهان شاعرهجڻ وارين خوبين، ٻوليءَ جي ميناج، لفظن جي جوڙجڪ ۽ ٻين انيڪ خوبين جو ذڪر ڪري معلومات فراهم ڪئي آهي. استاد حيدري چانڊيي مضمون نويسيءَ کي برجستگي، وسعت، گوناگونيت ۽ گهرائي ڏني آهي. هن جي ڪوششن سان سنڌي مضمون سماج سڌار ۽ اخلاقي سڌاري کان وڌي هڪ وسيع ميدان ۾ داخل ٿيو، جنهن ۾ علم ادب، قومي يڪجهتي، ملڪ ۽ قوم جي ترقي، سير سياحت، سنڌ جي قدرتي منظرن، ماڳن مڪانن، شخصيتن، سنڌ جي سماجي، تعليمي، اخلاقي ۽ تهذيبي مسئلن جي اوک ڊوک آهي.

- **<u>پيو دور (1971ع کان 1990ع)</u>**

موري مان مضمون نويسيءَ جو 70 کان پوءِ ٻن ڏهاڪن وارو دور تعداد ۽ ڪثرت جي لحاظ کان سنڌي مضمون نگاريءَ جو هڪ شاهڪار دور هو، جنهن ۾ هن صنف جي هر زاويي کان ترقي ٿي. هر نقطي نگاهه کان قسمين قسمين مضامين لکيا ويا، جن ۾ سنجيده ۽ فڪر انگريز مضامين به آهن. مضمون نگاريءَ جي ترقيءَ هن شهر مان سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ پڻ اضافو آندو. نئين فڪر جي ترجماني ۽ اظهار لاءِ نوان نوان علمي اصلاح، نيون نيون ترڪيبون ۽ تشبيهون جوڙيون ويون. ڪجهه مضمونن جا مجموعا به شايع ٿيا. جيڪڏهن باريڪ بيني نظر سان ڇنڊ ڇاڻ ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هن شهر مان مضمون نويسي جي صنف به ٻين نثري صنفن جيتري ترقي ضرور ڪئي آهي. ڪيترن اديبن جي جدا جدا ڇپيل مضمونن

ڪي هڪ ڪتاب ۾ گڏ ڪري شايع ڪرائجي ته هوند ڪيترائي مضمونن جا ڪتاب ڇپجي سگهن ٿا. ٻئي دور ۾ هتان جي ليکڪن جن مضمون نويسيءَ جي صنف تي لکيو آهي، تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

آرٽس ڪاليج مورو پاران جاري ڪيل ”خليق“ مخزن ۾ ”اختر مورائي“ جو مضمون ”مرحوم خليق مورائي“ ڇپيو. مضمون ۾ هن ”خليق مورائي“ جي سوانح حيات، سياست ۾ ڪردار، نثر واشاعت ۽ ادبي خدمتن جو معلوماتي تجزيو ڪيو آهي. ساڳئي مخزن ۾ سيد علي بخش شاهه جو مضمون ”مولانا محمد علي جوهر“ ڇپيو، جنهن مضمون ۾ مولانا محمد علي جوهر جي شخصيت، خدمتن ۽ ڪاوشن جو جائزو پريو ذڪر ڪيل آهي. 1976ع ۾ ”مهراڻ مخزن“ ۾ هن جو ٻيو مضمون ”قائدا اعظم محمد علي جناح“ ڇپيو، جنهن ۾ قائد اعظم جي ڪيترن ئي پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. ساڳئي مخزن ۾ احمد خان ٻرڙي جو مضمون ”شاهه عبداللطيف ۽ ان جو ڪلام“ ڇپيو. لطيفيات بابت هڪ ٻيو مضمون محمد هارون ٻلال جو ”جاڳ سهاڳ، ننڊ نياڳ“ به ڇپيو. خليل بن اختر مورائي جا مضمون وقت به وقت مختلف رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. هن ئي مخزن ۾ سندس مضمون ” تصوف جي ابتدا“ ڇپيو، مضمون ۾ صوفي لفظ، ان جي مفهوم ۽ مختلف عالمن جي راين ۽ ماخذن جي روشنيءَ ۾ تصوف بابت هڪ جائزو پريو تجزيو ڪيل آهي. 1973ع ۾ ماهوار ”ابراهيم“ رسالي ۾ هن جو مضمون ”مذهبي اختلافات ۽ شاهه ولي الله جي حڪمت عملي“ ڇپيو. ڊسمبر 1974ع ۾ ماهوار رسالي ”آئينو“ ۾ هن ”محمد بن قاسم جي وفات روايتن جي روشنيءَ ۾“ معلوماتي تجزيو ڪيو آهي.

**”حافظ“ محمد بخش خاصخيلي** جي مضمون نگاري ۾ نج ۽ فطري ٻولي ۽ بيان اختيار ڪيل آهي. سندس اڪثر مضمونن ۾ پهاڪا، اصلاح، محاورا ۽ چوڻيون موجود آهن. سندس پهريون مضمون سگهڙ فن تي 1957ع ۾ شايع ٿيو. ”سنڌ ۾ تعليم تباهه ڇو ٿي ڪنهن ڪئي؟ هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي...؟“ ”حافظ“ محمد بخش خاصخيليءَ جا لطيفيات تي لکيل مضمونن ۽ مقالن ۾ حضرت لطيف جي پندرهن سُرن جو پيغام، ”موکي ۽ متارا“، ”سُرڪاهوڙي“، ”سُر سامونڊي“، ”سُر ڪاموڏ“، ”سُر ڪارايل“، ”سُر سارنگ“ (سارنگ سار لهيج!)، ”سُر مارئي“ (سنڌ جي مارئي، جنهن لوئي ۽ لڄ بچائي)، ”سُر سهڻي“ (گهاٽ ۽ گهاڙيٽا)، ”سُر سورٺ“ (راءِ ڏياچ جو سلوڪ جي راهه ۾ روحاني پس منظر)، ”سُر مومل راڻو“ (ماڻيلي جي مومل ۽ ڍٽ جو ڍوليو) ۽ ”انسان شناسي ۽ شاهه لطيف“ آهن، جن ۾ ”حافظ“ نهات ئي باريڪ بيبيءَ سان تجزيو ڪري نئين معلومات فراهم ڪئي آهي. ”حافظ“ محمد بخش جي هنن مضمونن ۽ مقالن کي بشير احمد هيسباڻي ترتيب ڏئي ”آنڌائون عميق مان!“ (لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي فن ۽ فڪر جو اڀياس) جي نالي سان ڪتاب ڇپايو آهي. سندس ٻين مضمونن ۽ مقالن ۾ ”لطيف جي رسالي ۾ سنڌ قوميت جو پيغام“، ”دولتپور تاريخ جي آئيني ۾“، ”حمل فقير“، ”سيد حسن علي شاهه نياز“، ”مورو ناهي ٿورو“، ”سچل سرمست“، ”سمن سرڪار“، ”سنڌ جو ڪڇو“، ”آءُ پرين تون موري ۾“، ”ارشد منهنجو مرشد“، ”موجوده پرائمري تعليمي نصاب جو تنقيدي

جائزو“، ”سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت“، ”وائي ۽ سيد علي گوهر شاهه جي شاعري“ اهڙا مضمون ۽ مقالا آهن، جن ۾ ڄاڻ جو خزانو شامل آهي. ان کان علاوه سنڌس ڪيترائي اڻ ڇپيل مقالا پڻ آهن، جيڪي مختلف شخصيتن ۽ ماڳن مڪانن بابت آهن.

**فتح الدين سومرو ”بيدار مورائي“** شاگرديءَ واري دور کان ”هاريءَ جي حياتي“، ”يتائيءَ جو پيرو“ ۽ ”ذميدار جي زندگي“ جهڙن مضمونن سان مضمون نويسيءَ جي ابتدا ڪئي. 1965ع ۾ روزاني ”مهراڻ“ اخبار جي اسلامي صفحي ۾ ڪالم لکيائين. 1970ع کان 1971ع تائين ”الوحيد“ اخبار ۾ ”سيلانيءَ جو سفر“ عنوان سان ۽ سکر مان نڪرندڙ ”جهان نو“ رسالي ۾ ”دنيا دم گذر“ جي عنوان هيٺ معلوماتي ناصحانہ مضمون ۽ ڪالم لکيا. پاڻ 1999ع ۾ دادوءَ مان نڪرندڙ ٽماهي رسالي ”الاصلاح“ جو چيف ايڊيٽر رهيو، جنهن جا پنجن سالن تائين ويهه کن شمارا جاري ٿيا. هن رسالي ۾ سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا شايع ٿيا. سندس ٻيا مضمون ۽ مقالا ٽماهي ”الطاهر“ حيدرآباد ۾ پڻ شايع ٿيا. ”بيدار مورائي“ اخلاقي، مذهبي ۽ شخصي مضمونن سان گڏ روحاني نقطن وارا مضمون، جن ۾ روحانيت، ويدانيت ۽ علم ادب جهڙا موضوع يگاني حيثيت رکن ٿا. ڪتاب ”لڪل لعل“ ۾ سندس مختصر مضمون آهن، جيڪي مفيد، مؤثر، اصلاحي ۽ معياري آهن، جن ۾ علم، ادب ۽ اخلاص جي دولت درج آهي. مضمونن ۾ مرشد ڪريمن سان پاڪستان جي چئني صوبن ۾ تبليغي سفرن جن ۾ سرسبز ۽ شاداب علائقن جا سفر، ڪير ٿر جبل، ڪاڇي ۽ ٿر جي برپٽن بيابانن، منڇي ۽ عمر ڪوٽ جي پنتي پيل علائقن جي اهنجن سفرن جو معلوماتي ذڪربہ ڪيو آهي. هي ناصحانہ مضمون سماج ۾ وڌندڙ ڏوهن ۽ شيطاني منصوبن جي نشاندهي ڪن ٿا. ان سان گڏ پاڪيزه انسانن جي مثالي سيرت ۽ ڪردار، گهريلو ۽ معاشرتي زندگيءَ جي مسئلن ۽ روحانيت بابت معلومات فراهم ڪن ٿا. ڪتاب ۾ شامل مضمون با معني ۽ با مقصد زندگي گذارڻ جي فڪر تي مبني آهن.

**فضل سليمان قاضي** سنڌ ۽ پاڪستان جي موضوع تي ڪيترائي منفرد نوعيت جا مضمون لکيا آهن، جن ۾ سنڌ جي ثقافت، شاهه لطيف / لطيفيات، سنڌ جي هنرن، خطاطي، قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن تي ملڪ جي ناليوارين اخبارن ”ڊيلي نيوز“، ”سن“، ”ڊان“، ”پاڪستان اڪانامڪس“ ۽ ٻين مخزنن ۾ پڻ شايع ٿيا. سندس ڪجهه مشهور مضمونن مان ”حرزآف سنڌ“، ”شاهه لطيف ايز اي سوشل هسٽورين“، ”سنڌ فوڪلور“، ”ٽرڊزرٽ“، ”فيبريڪس آف سنڌ“، ”فريگمينٽ ان قائد“، ”ڊيموڪريسي ان پاڪستان“، ”سو ورڊ فارهائر“، ”گارڊين آف فرنٽيئر“، ”ايگل آف بلوچستان“، ”فيڪٽس آف رورل لائيف“، ”ڪاظميز پينٽنگس“ جينز آف سنڌي لينگويج ۽ ٻيا شامل آهن. پروفيسر اعجاز قريشيءَ جي ڪتاب ۾ فضل سليمان جو ”سنڌ ۽ ون يونٽ“ جي عنوان سان 60 صفحن تي تفصيلي ۽ جامع مضمون شامل آهن. ان کان علاوه سيد غلام مصطفي شاهه تي لکيل ڪتاب ۾ انگريزي ۾ مضمون (Man and Mettle) تفصيلي 42 صفحن تي شامل آهي.

سندس ڪجھ ڪتاب مختلف موضوعن تي لکيل آھن، جن LAW AND POLITICAL PAKISTAN (1976)، BANKS AND EXECUTIVE ، DISCRETIONARY POWER (2014) ،HANDBOOK OF BANKING TERM (2014) LEADSHIP (2018)، INCENSE AND ECHOES (2018)، ”صوبائي خودمختياري ۽ مرڪزي سياست“ 2000ع، ”سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام“ ۽ ”آمريڪا جا عڪس ۽ اولڙا“ (2019ع) ۾ ڇپجي چڪا آھن.

”صوبائي خودمختياري ۽ مرڪزي سياست“ ڪتاب 10 بابن تي مشتمل آھي جن ۾ صوبائي خودمختياري، مرڪزي سياست، صوبن جا لاڳاپا، پاڪستان جون پرڏيھي پاليسيون، افغانستان سان تعلوقات، مسلم اتحاد ۽ اسلامي ترقياتي بئنڪ جي مختلف پاسن جو معلوماتي ذڪر ڪيو آھي. فضل سليمان جو ھي مواد گھڻي ڀاڱي مضمونن جي صورت ۾ مختلف اخبارن ۾ ڇپيل آھي، جنھن کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ڏني وئي آھي. ھي ڪتاب سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي پاران ڇپيو آھي. سندس ٻيا ڪتاب ”پوليٽڪل پراسيس ايںڊ فارين پاليسي“، ” ليوز فرام دي ايٽڪ پاڪستان“ ۽ ”سنڌ جرنل“ ڇپائي ھيٺ آھن. انگريزيءَ ۾ سندس ڪافي تعداد ۾ مضمون ڇپيل آھن، جن کي يڪجا ڪري ڪتابي صورت ۾ Sindh the rustling leaves جي عنوان سان مرتب ڪيو پيو وڃي. ناميارو اديب يوسف شاھين فضل سليمان قاضيءَ جي ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي بابت لکي ٿو تہ:

> ”مون ھي ڪتاب پڙھيو تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ تہ ھي ڪتاب بنگال ۾ ٿيل ظلمن جو داستان آھي. شايد قاضي صاحب کان ڪتاب جو نالو رکڻ ۾ ڀل ٿي آھي. ڪتاب ۾ ھڪ ھنڌ لڳاتار 35 صفحن تي ڊگھا تفصيلي انگ اکر ڏيئي اھو ڄاڻايو ويو آھي، تہ سنڌ ۾ ھڪ وڏي عرصي تائين ھتي جي ھر ھڪ ضلعي يا ڊويزن ۾ پنجابي يا مھاجر ڪمشنر، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻيا عملدار مقرر ٿيندا رھيا آھن. سنڌ سان ٿيندڙ ظلم ۽ جبر خلاف قاضي صاحب جو ھي ڪتاب انتھائي اھم آھي، جيڪو سيني سنڌين کي پڙھڻ گھرجي. نئين نسل لاءِ ھي مشعل راھ آھي.“ (11)

فضل سليمان قاضي ”سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام“ ڪتاب لکي نہ رڳو سياسي سچائين کي دريافت ڪيو آھي پر ان جو برملا اظھار ڪري ان سچائيءَ کي ٻين تائين پھچائڻ جو جرئتمندانہ قدم کنيو آھي. ڪتاب ۾ ھن سنڌ ۽ پاڪستان جي سياسي نظام جي مختلف مسئلن بابت سني انداز سان اپٽار ڪئي آھي، جنھن مان سندس سوچ سمجھ، علم، عمل، روشن خيالي ۽ وسيع نظري نظر اچي ٿي. سندس ھڪ ٻيو ڪتاب ”صوبائي خودمختياري ۽ مرڪزي سياست“ آھي، جنھن ۾ لکي ٿو تہ:

> گذريل پنجاھ سالن جي مشاھدي ۽ تجربي مان اھو ثابت ٿي چڪو آھي تہ مضبوط مرڪزي ملڪ جي سالميت ۽ بقا جي سلسلي ۾ مفيد ثابت نہ ٿيو آھي. وفاق پاران صوبن جي

مسئلن ۾ بيجا مداخلت صوبن جي سياسي حيثيت ۽ سياسي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي آهي. قومن کي جيستائين حق نہ ملندا ۽ انهن کي شراڪت ۾ پاڳي پائيوار نہ ڪيو تہ قومي پاليسيون جڙي نہ سگهنديون. نہ ئي ملڪ ۾ جمهوري نظام جي بحالي ۽ قومي يڪجهتي حاصل نہ ٿي سگهندي. فضل سليمان جا هي لاجواب ڪتاب آهن، جنهن ۾ هن سنڌ جو ڪيس قانوني، ادبي ۽ ڏاهپ وسيلي تفصيل سان نہ رڳو بيان ڪيو آهي، پر ان جو تحقيقي بنياد تي تجزيو ڪري سنڌ سان ناانصافين جو داستان ورهاڱي کان اڄ تائين بيان ڪيو آهي. فضل سليمان مضمون نگاري ۽ ڪالم نگاري ۾ سيبتو پورهيو ڪيو آهي. وٽس لفظن جو تمام وڏو ذخيرو ۽ لکڻين ۾ تخليقي سگهہ جون ڪيتريون ئي حسناڪيون، ٻوليءَ جي مهارت ۽ سچ چوڻ جو ڏانءُ هو." (12)

**بئريسٽر مظهر ايس قاضي** بہ هڪ سٺو مضمون نگار هو. هن جو پنهنجو نئون ۽ دلڪش انداز بيان هو. سندس مضمونن ۾ جاڻ ۽ وندر ورونهن بہ هئي. هن جا ڪيترائي مضمون "سنڌ ڪواٽرلي"، "نئون نياپو" رسالن ۽ اخبارن ۾ مختلف موضوعن تي مضمون شايع ٿيندا رهيا. سندس مشهور مضمونن ۾ "بيسٽل آف مورو"، "اسپرنگ ڪلٽ مٽيريل ازم"، "اڪانامڪ اسٽرينگيوليشن آف دي مينارٽي پراونسز"، "لينڊ ايلينيشن ان سنڌ"، "انگلش ان اور لائيوز"، "اصلاحي سماج"، "گانڌي ۽ عدم تشدد"، "ڀهراڙين ۾ عورت جي حالت"، "دي مينيننگ آف مين"، "موت جي مشق" ۽ "اپاهج شخص جو آزمودو" شامل آهن.

**راشد مورائي** مضمون نويسيءَ ۾ مختلف شخصيتن تي مضمون، جن ۾ شاهہ لطيف متعلق مضمون "لطيف ؒ منهنجي خيال ۾" سلسليوار ڏيئو رسالي ۾ "موري جو مٽيادار محمد صديق پرهياڙ" سنڌ سيپتا رسالي ۾ ڇپيو. ساڳي رسالي ۾ "هڪ سچو صوفي" موري جي نامياري شخصيت صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙي جي علمي ادبي خدمتن متعلق مضمون 2003ع ۾ سنڌ سماچار رسالي ۾ ڇپيو. سندس ٻين مضمونن ۾ "وطن جو شهيد: شهيد عبدالرزاق سومرو" سلسليوار ڏيئو رسالي جي 2006ع واري شماري ۾ لطيف جي پارکو 'حافظ' محمد بخش خاصخيليءَ جي شخصيت ۽ فن بابت "مون ڪاهوڙي لکيا" مقالو ڇپيو. راشد مورائي پنهنجي مضمونن ۾ ڪٿي ڪو واقعو تہ ڪٿي وري پنهنجا ذاتي خيال، تجربا ۽ جذبات پڻ بيان ڪيا آهن، جيڪي مضمون جي هڪ خصوصيت آهن. مضمون نويسيءَ ۾ سندس لکيل ڪتاب "اڳتي تاڻ امنگ جي" 2006ع ۾ المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ پاران ڇپيو. هي ڪتاب شاعرن، اديبن، فنون لطيفہ سان وابستہ شخصيتن ۽ سندس ويجهن دوستن تي لکيل مضمونن، خاڪن ۽ مختلف ادبي پروگرامن ۾ پڙهيل پيپرن تي مشتمل آهي. هي 21 مضمون ۽ خاڪا 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيل آهن، جن ۾ هن مختلف

شاعرن ۽ اديبن جي فن، فڪر ۽ شاعريءَ جي عناصرن جو جائزو ورتو آهي. هي ڪتاب سوانحي ادب جو اهم ڪتاب آهي. راشد مورائي جي مضمونن بابت نذير قاضي لکي ٿو ته:

”راشد پنهنجي نثري تحريرن ۾ لفظن جي تڪريم جو خاص خيال رکيو آهي. مناسب ۽ موقعي آڌار لفظن جي صحيح استعمال، سندس خيال کي چٽو هڪ طرف ڪيو آهي ته واقعن کي واضع ٻنهي طرف. راشد جا لفظ، جذبن، احساسن، اميدن، ناڪامين، ۽ ڪاميابين کي سچائيءَ سان بيان ڪن ٿا.“ (13)

خاڪن ۾ راشد مورائي پنهنجي مخصوص انداز ۽ اسلوب سان دوستن جي خوبين سان گڏ خاميون به بيان ڪيون آهن، جن ۾ محبوب علي شاهه، محمد منل ڪمالاڻي، محمد صديق پرهياڙ، غلام نبي لاشاري، عظيم سنڌي، جنگ خان پنهورڄ نذير راهوجا سميت 11 شخصيتن جا خاڪا آهن. ٻي جاءِ تي نذير قاضي سندس خاڪن متعلق لکي ٿو ته:

”هن خاڪي واري شخصيت سان ڀرپور انصاف ڪندي، ڏاڍي سچائيءَ ۽ صداقت سان، رک رڪاءُ کان سواءِ، وڏاءُ ۽ ويرَ کان دامن بچائيندي، اها ڪوشش ڪئي آهي ته خاڪي ڏٺي پنهنجي اصلوڪي فطري رنگ روپ ۾ نظر اچي. ان لحاظ سان راشد جا لکيل خاڪا واسطيدار ادب ۾ نهايت اهم جاءِ ماڻڻ جا حقدار آهن. راشد هنن جي جذبي، جدوجهد ۽ قربانين کي جس ڏيندي سندن ڪوششن ۽ ڪاوشن جي سگهارن لفظن ۾ ساراهه ڪئي آهي. ۽ ڪردارن جي ڪچاين جي اصلاح لاءِ سهڻيون صلاحون پڻ آڇي ٿو.“ (14)

**صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو** موري جو بهترين حڪيم، صحافي ۽ مضمون نويس آهي. 70 واري ڏهاڪي کان هن وقت تائين مختلف موضوعن تي سوين مضمون جن ۾ مذهب، اخلاق، تاريخ، ثقافت، علم ۽ ادب ۽ نامور شخصيتن بابت آهن. سندس ڪن مضمونن مان ”جهانيان خاندان جو نامور بزرگ ۽ صوفي شاعر مخدوم سيد علي شاهه جهانيان“ ۽ ”علي گوهر شاهه جيلاني، سنڌ جو ڪامل ولي ۽ صوفي شاعر“ پيپلز رويو ڪراچيءَ جي شمارن ۾ ڇپيا. هي مضمون اهڙي لطيف پيرا ۾ آهن، جو پڙهندڙ ان کي پڙهندي ذهني سرور محسوس ڪري ٿو ۽ سندس ذهني واڌاري ۽ علمي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ٿو. صوفي صاحب جي مضمونن ۾ عبارت جي پختگي، رواني، فصاحت ۽ موزون لفظن جي چونڊ ۽ ٻولي سليس ۽ عام فهم آهي. ”تاريخ سان هٿ چراند نه ڪئي وڃي“ مضمون ماهوار سنڌ رويو ۾ 2007ع ۾ ڇپيو. صوفي صاحب تاريخ، ادب، مذهب ۽ شخصيتن تي ڪيترائي تحقيقي ۽ علمي نوعيت جا مضمون لکيا جيڪي گهڻي ڀاڱي سنڌ جي رسالن ۽ اخبارن جهڙوڪ هلال پاڪستان، جنگ، عوامي آواز، بشارت، آفتاب، حريت ۽ ٻين اخبارن ۾ ڇپيا.

**مشتاق باگاڻي** نثرنويسيءَ ۾ مضمونن، مقالن ۽ ڪالم نگاريءَ ۾ هڪ منفرد حيثيت ناهي آهي. سندس پهريون مضمون ”باگو خان“ جي نالي سان منظور سومرو جي ترتيب ڏنل نئين سنڌ پبليڪيشن جي ڪتاب ”سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو“ 1972ع ۾ ڇپيو. سندس پهريون تحقيقي مقالو ”رني ڪوٽ“ 1981ع تي رني ڪوٽ سيمينار جي موقعي تي اردو اخبار جنگ جي رني ڪوٽ سپليمينٽ ۾ ڇپيو.

ماهوار سوجهرو رسالي ۾ سنڌ جي ثقافت تي ”ڳالهيون ڳنوارن جون“ عنوان تي 1974ع کان 1975ع تائين لکندو رهيو. ”سنڌي سماج“، ”ميرن جي دور تي هڪ نظر“ ۽ ”ڪلهوڙن جي دور تي هڪ نظر“ مضمون 2007ع ۾ سلسليوار ڏيئو رسالي ۾ ڇپيا. 1984ع ۾ مشتاق جو تاريخي ۽ تحقيقي نوعيت جو هڪ منفرد مضمون ”رني ڪوٽ“ سه ماهي مهراڻ جي ”رني ڪوٽ نمبر“ ۾ ڇپيو. لطيفيات تي سندس معلوماتي مضمون ”ٺٽي واري ٺر جي ۽ لطيف سرڪار“ (2017ع) جي عوامي آواز سنڌي ميگزين ۾ ڇپيو. مشتاق مختلف موضوعن تي سوين مضمون ۽ مقالا لکي چڪو آهي. مشتاق باگاڻيءَ جا مضمون ادبي رسالي سوجهرو، برسات اخبار، سنڌ نيوز، عوامي آواز سنڌي مئگزين ۽ ڪاوش اخبار ۾ هفتيوار وڏي عرصي کان ”ڳالهيون ڳنوارن جون“ عنوان سان ڇپيا. جنهن ۾ سندس ٻهراڙيءَ واري عوامي ٻوليءَ کيس اعليٰ ادبي حلقن ۾ روشناس ڪرايو. مشتاق جا مضمون، مقالا ۽ ڪالم تحقيقي ۽ تاريخي نوعيت جا آهن جن ۾ جاگرافي، لٽالاجي، اينٽرا پالاجي، انڊس ڊيلٽا، آرڪيالاجي، هسٽري، باٽني، زولاجي، ڪوهستان، ڪاڇي، رڻ، جبلن ۽ پهاڙن جي وجود اچڻ، ثقافتي، سماجي جائزن مشاهدن ۽ اکين ڏٺي احوال جي معلومات جو خزانو شامل آهي. موجوده وقت ڪافي عرصي کان پاڻ ”ڪاوش“ اخبار ۾ هفتيوار ”ڳالهيون ڳنوارن جون“ ۾ مختلف عنوانن تي مضمون لکي رهيو آهي.

**حڪيم الله بچايو احمداڻي لغاري ”فدائي“** جي تخلص سان شاعريءَ سان گڏ نثر به لکيو. هن ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون لکيا. سندس پنجن کان وڌيڪ نثر ۾ ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ”تقدير جا آهي“ (1979ع)، ”ابتدائي تخليق آدم ۽ سجدو ملائڪن جو“ (1983ع)، ”جادو ۽ قرآن“ (1984ع)، ”ڇئن مسئلن جو حل ۽ عورت ڇا آهي“ (1988ع) ”حقيقت القرآن“ (1986ع) ۽ ”جن ڇا آهن“ ڪتاب ڇپيا. هي ڪتاب قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ دليلن سان لکيل آهن. مٿيان ڪتاب جيتوڻيڪ سهيڙي ترتيب ڏنل آهن ۽ ڇپجي نه سگهيا آهن، پر ديني ادب ۽ مذهبي تحقيق کان سواءِ سنڌي ادب ۾ به وڏي حيثيت رکن ٿا.

**حاجي غلام نبي سمون مورائي** جا مضمون بلاول ڇماهي تحقيقي جرنل جي مختلف شمارن ۾ پڻ نظر اچن ٿا. 2011ع ۾ ”سمان حڪمران ٻيٽائيءَ جي نظر ۾“ سندن هڪ تاريخي ۽ تحقيقي نوعيت جو مضمون ڇپيو. ساڳئي سال جي ٻئي شماري ۾ ”تاريخ ۾ عدل ۽ انصاف جي علامت: جام نظام

الدين سمون (ڄام ننڊو)“ ڇپيو. ان کان علاوه ”تاريخ ۾ وساريل ڪردار“ ۽ سندس هڪ ٻيو مضمون ”ٿانور ڀٽي“ 2015ع ۾ ڇپيو. جنهن ۾ ٿانور جي شخصيت، سخاوت، ڀٽائيءَ جي بيتن سان ڏنل آهي.

**عظيم سنڌيءَ** مضمون نويسيءَ ۾ مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکيا، جيڪي ادب، ثقافت، سياحت، تاريخ ۽ شخصي نوعيت جا آهن. هن 1991ع کان 1993ع تائين ”خادم وطن“ اخبار ۾ هفتيوار ڪالم ”دل جو دفتر“ عنوان تي لکيا، جيڪي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ادبي موضوعن تي مشتمل هئا. سندس ٻين مضمونن مان سلسليوار ڏيئو رسالي ۾ ”ڪرپشن معاشرتي ناسور آهي“ ۽ ”جيئي سنڌ تحريڪ ۾ آريسر جو ڪردار“، ”سنڌ جي سونهن ۽ ثقافت ڪي لڳل گولي“ 2011ع بلاول (ڇماهي تحقيقي جرنل) ۾ شايع ٿيا. عظيم سنڌيءَ جا اڪثر مضمونن ۾ سادن خيالن ۾ حسناڪي، گهرائي، سجاڳي، نوان گس ۽ انهن جا ڏس آهن.

**ڊاڪٽر سليمان سولنگيءَ** پڻ مختلف موضوعن تي مضمون لکيا آهن جن مان ”سڄڻ سنڌيءَ کان شنڪر ساگر تائين“ سندس هڪ تجزياتي ۽ ڄاڻ ڀريو مضمون آهي، جيڪو 2007ع ۾ ماهوار سنڌ رويو ڪراچي رسالي ۾ ڇپيو.

**عبدالله خان جيسر** مضمون نويسيءَ ۾ بہ ڪجھ مضمون لکيا آهن. سندس ڪجھ مضمون ان وقت جي ”ڪونج“، ”ٻاڪ“، ”دي هند واسي“ اخبار ۾ ٽڙيل پکڙيل نظر اچن ٿا. سندس هڪ معلوماتي مضمون ”موري تعلقي جون ڍنڍون“ ڪتاب ”مورو تاريخ ۽ ثقافت“ 2011ع ۾ ڇپيو.

**اسد سولنگي** مضمون نويسيءَ ۾ لطيف شناسيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون لکيا آهن. ڪتاب ”مورو تاريخ ۽ ثقافت“ 2011ع ۾ سندس هڪ مضمون ”موري تعلقي جا واهہ، ٻيلا ۽ شڪار“ ڇپيو. جنهن ۾ هن سنڌو درياءَ جي پراڻن وهڪرن، ڍورن، واهن، ڍنڍن، پٽڻن، ٻيلن ۽ شڪارن جو ڄاڻ ڀريو ذڪر ڪيو آهي. هن لطيف شناسيءَ ۾ ڀٽائيءَ جي مختلف سرن تي مضمون ۽ مقالا لکي آسان فهم ۾ لطيف سائين جو فڪر ۽ پيغام سمجهائي معلومات فراهم ڪئي آهي.

**رمضان نول** شاعري سان گڏ نثر ۾ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪالم ۽ مضمون لکيا. ڪالمن ۽ مضمونن تي مشتمل سندس ڪتاب ”رخ بنا رستا“ ڇپائي هيٺ آهي. سندس لکيل مضمونن ۽ ڪالمن جو انداز نهايت سليس، دلچسپ ۽ وڻندڙ آهي. رمضان نول جي مضمونن ۽ مڪالن جو ڪتاب ”رخ بنا رستا“ ۽ ڪهاڻين جو مجموعو ”سانت پڙاڏو“ قلمي صورت ۾ موجود آهن.

**رڪيل مورائي** وڏي عرصي کان مضمون نويسيءَ ۾ سجاڳ نثر نويس وارو ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. هن ساجاهہ رسالي ۾ ڪيترائي سال فڪري ڪم ڪري سنڌ ۾ قومي شعور جي آبياري بہ ڪئي آهي. ادبي ۽ صحافتي لحاظ کان رڪيل مورائي گلزار پبليڪيشن جو سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت موري

جو ٻه پيرا سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو ٻه پيرا جوائينٽ سيڪريٽري، ماهوار انٽرنيشنل لائينز جو ايڊيٽر، ماهوار سنڌ لائين مئگزين، ماهوار لهرون، ماهوار همرچو، ماهوار سنڌ رويو جو ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر، روزاني برسات ۽ ڪاوش مئگزين جي سب ايڊيٽر طور سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن سنڌ جي نامور ليکڪن سان گڏ نئين ٿهيءَ سميت ڪيترن ئي تخليق ڪارن جي ڪتابن تي ڪيترائي تاثراتي، تجزياتي ۽ تنقيدي مضمون ۾ مهاڳ به لکيا آهن، جيڪي هند سنڌ جي اهم رسالن ۾ پڻ ڇپيا آهن. مضمون نويسيءَ ۾ هن جي طرز تحرير دلچسپ، معلوماتي ۽ منفرد اسلوب جي آهي. رڪيل مورائي جا ٽماهي مهراڻ جي گڏريل ٻن ڏهاڪن ۾ ڪجھ مضمون ڇپيا تن ۾ ”سنڌ ڪي شعور جي روشني ڏيندڙ سچ“ محمد ابراهيم جويو خاص نمبر (2014ع)، ”مخدوم طالب الموليٰ سنڌي شاعريءَ جي روايتن جو امين شاعر“ مخدوم طالب الموليٰ خاص نمبر (2013ع)، ”سنڌي غزل جي اڏ ۾ رهجي ويل ڪٿا“ مخدوم محمد امين ”فهيم“ خاص نمبر (2016ع)، ”بلوچ صاحب اهڙي ئي پيٽا لهٽي“ (2018ع)، ”سنڌ جو بيمثال شاعر مشتاق باگاٽي“ (2017ع)، ”سنڌي ادب جي ڪلا جو سچ اُلمي ويو“ (2018ع)، اياز گل جي شاعريءَ بابت پوپٽ رسالي ۾ اپياسي مضمون ”نئين سنڌي شاعريءَ جو سياڳُ“ ( 2015ع)، تاج جويي جي ڪيل علمي ادبي خدمتن، جيون جي واقعن ۽ عملن بابت پرک رسالي ۾ مضمون ”ذات جي ڏيھ ۾ پنهنجي حصي ڪان وڌيڪ روشني ڪندڙ تاج جويو“ ( 2011ع) ۾ ڇپيو. ڪتاب ضلعو نوشهروفيروز (تاريخ جي آئيني ۾) ”سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر، ضلعي نوشهري فيروز جا اسڪالر اديب ۽ شاعر“ ( 2007ع) ۾ ڇپيو. ان ڪان سواءِ هن لال پشپ، موتي لال جوتيواڻي، هيرو ٺڪر، لڇمن ڪومل، آنند کيماڻي، پوپٽي هرا نندااڻي، هري دلگير، راشد مورائي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، ڊاڪٽر منصور ملڪ، عبدالغفار تبسم، ڪوثر ٻرڙو، سراج ميمڻ، مولائي شيدائي ۽ ٻين سنڌ جي معروف ليکڪن تي مضمون، مقالا ۽ علمي نوعيت جا تاثراتي ليک لکيا آهن، جيڪي نثري ادب ۾ اهم جاءِ والارين ٿا.

رڪيل مورائي وڏي عرصي کان هفتيوار عوامي آواز ميگزين ۽ ڪاوش ميگزين ۾ پڻ ادبي مضمون ۽ ڪتابن تي تبصرا لکي رهيو آهي. ترتيب جي ميدان ۾ هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، شاهه ڪريم ۽ بيدل جي فڪر تي مختلف موضوعن جي حوالي سان لکيل مقالن، مضمونن کي سهيڙي مضبوط ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس ايڊيٽ ڪيل ڪتابن ۾ ڪوڙين ڪن سلام (ڀٽائيءَ ڪي منظوم پيٽا) 2007ع، ثقافت کاتو سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس (جيرام داس دولترام) پهريون ڇاپو 2009ع، ٻيو ڇاپو 2016ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ جو سرمست، 2009ع، ثقافت کاتو سنڌ، مان جي مُئس پنڌ ۾ (بينظير ڀٽو ڪي منظوم پيٽا) 2010ع، ثقافت کاتو سنڌ، سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو شاهه ڪريم، 2012ع، ثقافت کاتو سنڌ، شاهه لطيف هڪ اپياس 2012ع، ثقافت کاتو سنڌ، بيدل هڪ اپياس، 2017ع، لڇمڻ ڪومل

جا خط 2016ع، شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص (احمد سولنگيءَ جي فن ۽ شخصيت جي اينٿالاجي) 2021ع ڪتاب شامل آهن. رڪيل مورائي جا مضمونن مقالن توڙي مختلف موضوعن تي ڪجھ ڪتاب ڇپجڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. ان سان گڏ "چنڊ قطب مينارتي" هن جي سفر ڪٿا وارو ڪتاب پڻ ڇپائيءَ هيٺ آهي. رڪيل مورائيءَ جي مضمونن ۾ ڪٿي ڪٿي انداز بيان تلخ لهجي وارو آهي. ان سان گڏ سندس مضمونن ۾ رواني، لفظن جو سٽاءُ ۽ انتخاب، نون جملن جي ترڪيب، بحث مباحثو، دليلن وارو رجحان، نقطہ چيني، ظرافت ۽ ڪم آيل زبان بہ وڻندڙ آهي، جنهن ڪري پڙهندڙ سندس تحريرن مان چاھ حاصل ڪرڻ سان گڏ لطف اندوز بہ ٿئي ٿو.

**ادريس جتوئي** مضمون ۽ مقالا نويسيءَ ۾ شاھ لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري، تنوير عباسي، اياز قادري، پروفيسر علي نواز جتوئي، راشد مورائي، نماڻو سنڌي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، سيد علي گوهر شاھ، تاجل بيوس، عبدالحق ميمڻ، ايم ايڇ خوجا، سيد علي مردان شاھ "رقصم"، جمال ابڙو، عبدالله مگسي، عبدالحڪيم ارشد، عبدالغفار "تبسم" ۽ ٻين ڪيترن ئي نون شاعرن اديبن ۽ لسانيات بابت پڻ مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. پاڻ نصاب ۽ درسي ڪتابن جي بهتريءَ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ان ڪان علاوه پاڻ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج پاران نڪرندڙ اخبار تعليم جو ايڊيٽر ۽ ماهوار مخزن "سنڌ لائين" جو ايڊيٽر ۽ 90 واري ڏهاڪي ۾ موري مان سونهن رسالو جاري ڪري نثري ادب جي فروغ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ڪجھ ڪتاب بہ ڇپايا آهن. سندس ترجمو ڪيل مضمونن مختلف موضوعن تي ڪتابن جي اڀياسن ۽ تجزين تي مشتمل ٽي ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ آهن. ان ڪان علاوه "دل بہ ڏنڌلي شام جيان" (شاعري) ۽ "جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي" ايم اي سنڌي جي لاءِ مونوگراف طور تحقيقي مقالو لکيل آهي، جنهن ۾ جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي فڪر، فن، ڪردانگاريءَ، ٻوليءَ ۽ سماجي شعور جو جائزو ورتو ويو آهي.

**پروفيسر شمشاد احمد سومرو** مضمون نويسيءَ ۾ سنڌي رسالن، اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڪثرت سان لکندو رهيو آهي. سندس لکيل مضمونن جا موضوع اڪثرعلمي، ادبي، اخلاقي ۽ تحقيقي ۽ سوانح جي مد ۾ لکيل آهن. خاڪا نگاريءَ تي سندس مضمون اثرائتا، دلچسپ، مشاهداتي قوت سان ڀرپور ۽ وڻندڙ آهن. پاڻ هن صنف ۾ ڪيترائي خوبصورت خاڪا لکي ڪاميابي ماڻي آهي. وڏي عرصي تائين هن سنڌ جي نامور ادبي رسالي "سوجهري" ۾ ڪيترائي پروفائيل، خاڪا، شخصي ۽ تحقيقي نوعيت جا مضمون لکيا، جن ۾ هن ان شخصيتن جي تاثر ڪي پيرائتي نموني پيش ڪيو آهي. هند ۽ سنڌ جي نامور شخصيتن تي لکيل سندس پروفائيلن ۾ ايم ڪمل، "خليق مورائي"، پڳوان نردوش، ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، ڪرشن کٽواڻي، ديوان ڪوڙومل چندن مل، گوبند خوشحالاڻي، نماڻو سنڌي، گل محمد آهنگر، هيم راج، لڇمڻ ڀمڀاڻي، هري همٿاڻي، ارجن حاسد، ڪيمن يو مولاڻي، تولارام ٻالاڻي، نارائن شيام، منوهرنهالاڻي،

هريڪانت، مهدي سائين، سندر اگناڻي، حميد سنڌي، قاضي خدابخش مورائي، ڪلا پرڪاش، گوبند مالهي، الهنواز رڪٽائي، برک ڪهاڻيڪار حميد سنڌي ۽ ٻيا شامل آهن. سندس تحقيقي مضمونن ۾ ”موري جا مور“ مضمون نئين زندگي رسالي ۾ ڊسمبر1997ع کان 1999ع تائين ڇئن قسطن ۾ ڇپيو. سندس ٻين معلوماتي مضمونن م ”مخدوم غلام محمد بگائي“ (شاعر، عالم، بزرگ) سوجهرو 2009ع، ”سيد علي گوهر شاھ جيلاني“ سوجهرو 2009ع، ”شاھ نصير، فن فڪر ڪافي گو صوفي شاعر“ سوجهرو 2009ع، ”سيد نور محمد شاھ ڪنڊائي“ سوجهرو 2009ع، ”مخدوم محمد عثمان دربيلائي“ سوجهرو 2009ع، ”ڪونڌڙي ڪبير“ سوجهرو 2009ع، ”پروفيسر نذير قاضي“ (شخصيت فن ۽ فڪر) مهراڻ 2018ع، ”گدا خاصخيلي هڪ عوامي شاعر“ سوجهرو 2007ع سندس بهترين تحقيقي مضمونن مان آهن، جن ۾ تاريخي ۽ تحقيقي معلومات ڏني آهي ۽ ڪيترين ئي حقيقتن جي درست معلومات فراهم ڪئي آهي. پروفيسر شمشاد سومرو هن وقت تائين ڏيڍ سو کان مٿي مقالا، مضمون ۽ پروفائيل لکي چڪو آهي.

**عبدالرزاق مستوئي** نثر نويسيءَ ۾ مضمون، ڪالم ۽ ٻيون نثري تحريرون لکيون آهن. پاڻ وڏي عرصي کان صحافت سان لاڳاپيل رهندي ٻن ڪتابن جيترا مضمون ۽ ڪالم لکي چڪو آهي. سندس مضمون وقت به وقت سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا آهن. ڪالمن ۾ اڪثر سندس موضوع طنز مزاح رهيا آهن، جن ۾ ”ڏرتي گول مٽا“، ”ڪامريڊ لوٽو“، ”ملنگ کي نه ڇيڙيو“، ”لالوءَ جي قسمت“، ”چريان دا ٽولا..“، ”انالحق الا وڻ تون صدقي“، ”ووٽ جي بدلي قوٽ“ ۽ ٻيا آهن، جن ۾ هن پوڳ ۽ روڳ ۾ گهٽڻ مڪروه چهرن جي نشاندهي ڪئي آهي. سندس هڪ ٻيو مضمون مورو تاريخي آئيني ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ هن موري شهر جي قدامت، جوڙجڪ، سماجي پس منظر ۽ ٻين پهلوئن جي ڄاڻ ڏني آهي. هن ڪيترائي ادبي ۽ شخصي مضمون لکيا آهن، جن ۾ راشد مورائي، رسول بخش گڇيرائي، ”حافظ“ محمد بخش خاصخيلي ۽ ٻيون شخصيتون شامل آهن. رزاق مستوئي سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي پليٽ فارم تان ڪجھ ڪتاب به مرتب ڪيا آهن.

- <u>**ٽيون دور (1991ع کان اڄ تائين)**</u>

**رضا لانگاھ** شاعر هئڻ سان گڏ نثر نويس ب ا آهي. مضمون نويسيءَ ۾ سندس هڪ دلڪش انداز بيان آهي، جنهن ۾ معلومات به آهي ته ٻوليءَ جي رس چس به آهي. رضا پنهنجي مضمونن کي روايتي ورجاءُ ۽ محدود پڙهي مان ڪڍي نفيس ۽ روح جي روانيءَ جيان اظهار جون انوکيون لهرون پيدا ڪري دل ۽ دماغ جي ڌرتيءَ تي علم ۽ شعور جي روشني پکيڙي آهي. رضا لانگاھ هن وقت تائين ڪيترائي مضمون لکيا آهن، جيڪي سنڌ جي ڪيترن ئي رسالن، اخبارن ۽ مخزنن ۾ ڇپجي چڪا آهن. سندس مضمونن مان قلم شور ٿو ڪري (تعليم جي ڪرنڌڙ معيارتي)، ڏيڏرن جو آسمان تي پهچڻ، بادلن سان ڪيڏڻ (شاھ لطيف

تي ٿيل تنقيدي جواب ۾)، سنڌي موسيقيءَ ۾ غير معياري شاعري، آخر قوم ڪيڏانهن وڃي، سنڌي رسالي سنڌ لائين ۾ ٻوليءَ جو استعمال، عظيم سنڌيءَ جي بيتن جو اپياس ۽ منظور علي شاهه جي شاعريءَ بابت اپياسي مضمون "عشق شناخت سونهن جي" ۽ ٻيا ڇپيا. رضا لانگاهه مضمون نويسيءَ سان گڏ ڪيترن ئي ليکڪن جي ڪتابن تي تبصرا، مضمون، مقالا، تاثر ۽ مهاڳ به لکيا آهن. 2010ع ۾ بلاول ڇماهي تحقيقي جرنل پاران "سمن جي دور ۾ مهدوي تحريڪ ۽ مخدوم بلاول جو ڪردار" ڇپيو. جيڪو تحقيقي ۽ تاريخي نوعيت جو مضمون آهي. سندس هڪ ٻيو مضمون ساڃهه ٽي شماري ۾ "ميان آدم شاهه تي لڳايل الزام جي حقيقت" ترجماتي مضمون ڇپيو، جنهن ۾ ميان آدم شاهه ۽ ان جي مريدن جي "قبضہ گروپ" هئڻ جا الزام، بغاوت جي الزامن جي حقيقت، ڪلهوڙن جي زرعي نظام، آدم شاهه متعلق تاريخي حوالن جو ذڪر هن مضمون جا حصا آهن. هي مضمون تاريخي حقيقتن ۽ معلوماتي نوعيت جو آهي. 2011ع ۾ ساڃهه تحقيقي جرنل ۾ سندس هڪ ٻيو مضمون "ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ادب جو تاريخي پسمنظر" 2020ع جي ٽماهي تخيل رسالي ۾ "مير محمد پيرزادو گيت جو پرم رڪنڊڙ ڪوي" سنڌ راڻي مئگزين جي فيبروري 2021ع جي پرچي ۾ "ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ادب جو تاريخي پس منظر" ساڃهه مئگزين ۾ 2021 ۾ "شهيد الله بخش سومرو سنڌ جو ٻي باڪ وطن پرست ۽ اصول پرست سياستدان" مضمون ڇپيا.

**خليق ٻگهيو** نثر نويسي ۾ جديد ادب، لطيفيات ۽ تنقيد جي حوالي سان ڪيترائي مضمون لکيا آهن. هن نهايت ئي ڪاميابيءَ سان تجزيا ۽ تبصرا ڪيا آهن. سندس مضمونن ۾ فلسفيانہ خيال ۽ سائنسي تجزيا سولي ۽ دلڪش انداز ۾ بيان ٿيل آهن. سنڌي نثري ادب ۽ تنقيد نگاريءَ ۾ سندس مضمونن ۽ مقالن ۾ "شاهه لطيف ۽ فڪري ڪلاسيڪيت"، "جماليات، رومانوي تحريڪ ۽ پيٽائي"، "سنڌي ادب جي ارتقا ۽ عالمي ادب"، "سنڌي ادب ۽ تنقيد جو آئيندو"، "سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل"، "روسي هيئت پسندي ۽ سنڌي ادب"، "دنيا جا عالم گير لاڙا ۽ شاهه لطيف"، ۽ "جديديت پڇاڙان" فڪري، تجزياتي ۽ معلوماتي نوعيت جا تفصيلي مضمون آهن، جي سنڌي ادب جي شاهڪار مضمونن مان شمار ٿين ٿا. گذريل ويهن سالن جي عرصي تائين پاڻ سوين مضمون لکي چڪو آهي، جيڪي "ڪلاچي جرنل"، "سوجهرو"، "سارنگا"، "پرک"، "امرتا"، "سنڌ رويو"، "سڦلتا" ۽ "نئين آس" سميت سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي ادبي رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. سنڌي ادب ۾ لکيل مهاڳن ۾ سندس هڪ منفرد ۽ جدا حيثيت آهي. هن سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن اديبن ۽ نثر نويس جي لکيل ڪتابن تي بيشمار مهاڳ پڻ لکيا آهن. تنقيدي مضمون نگاري جي ڏس ۾ لکيل سندس ڪتاب "ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا" هڪ ايوارڊ يافتہ ڪتاب آهي. هن وقت تائين سندس 5 ڪتابن جيترو مواد ترتيب هيٺ آهي. خليق مضمون نويسيءَ ۾ ٻوليءَ جو ذائقو خوبصورت استعمال، نون

لفظن ۽ ترڪيبن، خيال جي بلنديءَ، موضوع جي مواد سان مطابقت، منفرد اسلوب بيان ۽ معلوماتي پهلوئن سان ادبي ۽ تنقيدي مضمون لکيا آهن.

**ارباب ڇڄڙو** مضمون نويسيءَ ۾ وڏي عرصي تائين سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ تاريخي، تحقيقي ۽ شخصي مضمون لکيا آهن. هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ 1990ع ۾ شاهه لطيف بابت "شاهه عبداللطيف ڀٽائي بحيثيت قومي شاعر، روزاني سرواڻ اخبار 1992ع ۾ "مان پيي ڄڻ سمنڊ آهيان" ڊاڪٽر سليمان سولنگيءَ جي شاعريءَ تي مضمون، جون 1993ع جي روزاني آفتاب اخبار ۾ "راشد مورائي هڪ صوفي شاعر"، ساڳئي سال 17 آگسٽ جي آفتاب اخبار ۾ "شهيد عبدالرزاق سومرو" مضمون، روزانو جاڳو اخبار1995ع ۾ "سائين جي ايم سيد جون اميدون" مضمون، اپريل 2006ع ۾ سنڌ رويو رسالي جي شماري ۾ "عشق ۽ لطيف" نئون نياپو رسالو 2007ع، امداد سولنگيءَ جي شعري مجموعي "ماڻ جي موسم" ڪتاب تي مضمون، 2018ع ۾ ادل سولنگيءَ جي شعري مجموعي "عشق اٽانگو پنڌ" تي تجزياتي مضمون ڇپيا. هن وڏي عرصي تائين عوامي آواز سنڌي مئگزين ۾ "هي ريڊيو حيدرآباد آهي" جي عنوان سان ريڊيو، ٽي وي ۽ اسٽيج ڊرامن جي اداڪارن، فنڪارن ۽ ٻين شخصيتن متعلق ڪيترائي تجزياتي مضمون لکي تاريخي معلومات ڏني آهي، جن ۾ حشو ڪيولاماڻي، استاد منظور علي خان، عابده پروين، علڻ فقير، مائي ڀاڳي، استاد جمن، جلال چانڊيو، استاد محمد يوسف جهڙيون ليجنڊ شخصيتون شامل آهن.

**محبتي ملاح** مضمون نويسيءَ ۾ سنڌي ادب جي ليکڪن تي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن، جن مان "احساسن ۽ امنگن جو شاعر استاد بخاري" آفتاب اخبار (1992ع)، اڻ ٿڪ انسان عبدالحق ميمڻ" آفتاب اخبار (1993ع)، "اڳتي تاڻ امنگ جي ڪتاب تي هڪ نظر" (2006ع)، "لڇمڻ ڪومل جا خط ڪتاب تي اڀياسي نظر" نئين آس (2007ع)، "عزم ۽ آزاديءَ جو شاعر راشد مورائي" سلسليوار دوست (2007) ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن. 30 کان مٿي سندس لکيل مضمونن، تاثرن ۽ مقالن تي مشتمل ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ آهي.

**احمد سولنگي** شاعريءَ سان گڏ مضمون نويسيءَ ۾ مقالا، شخصي مضمون ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ، تاثر ۽ رايا پڻ لکيا آهن، جيڪي علمي ادبي لحاظ کان انفرادي سوچ ۽ فڪر، گفتگوءَ جي انداز، ذاتي مشاهدي ۽ تجربي سان گڏ معلوماتي نوعيت جا آهن.

**اسلم لغاري** ممضمون نويسيءَ ۾ ڪيترائي ڪالم، مضمون ۽ ڪجهه مقالا به لکيا آهن. هن 60 جي لڳ ڀڳ اخباري ڪالم لکيا جيڪي "ڏک منهنجي ڏيهه جا" جي عنوان سان ڇپيا. 2009ع ۾ سلسليوار ڪاهوڙي رسالي ۾ "سيد علي المعروف شير علي جهانيان" سوانحي مضمون ڇپيو. ساڳئي رسالي ۾ ساڳئي سال "حڪيم الله بچايو لغاري (فدائي) " متعلق شخصي نوعيت جو مضمون ڇپيو. 2006ع ۾ ڏيئو رسالي ۾ "پير پرستي هڪ سماجي ناسور" هڪ بياني مضمون ڇپيو. ساڳئي رسالي ۾ سندس هڪ ٻيو

تحقيقي مضمون "نوابشاه ضلعي ۾ ايم آرڊي جي جدوجهد" ڇپيو، جنهن ۾ هن ضلعي نوابشاه جي ڪيترين ئي شخصيتن جي ايم آرڊي تحريڪ ۾ ادا ڪيل ڪردار بابت ڄاڻ ڏني آهي. هن "ڏيئو" ۽ "ڪاهوڙي" جهڙا علمي ادبي رسالا جاري ڪري مضمون نويسيءَ ۾ پڻ اضافو ڪيو آهي. پاڻ "ڏيئو پبليڪيشن" پاران مهدي سائين جي شاعري ۽ شخصيت جو مختصر احوال بابت "عاشقن اثبات ڪيو" 2019ع ۾ ڪتاب سهيڙي ڇپايو آهي.

**انور ساگر ڪانڊڙي** جا مضمون مختلف موضوعن تي ٻڌل رهيا آهن، جنهن ۾ سندس اسلوب ۽ انداز بيان فڪر فلسفي جي مطالعي سان هن نهايت ئي وڻندڙ نثر لکيو آهي. هن ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي مضمونن جو اپياس سائنسي انداز ۾ نئين فڪر ۽ فهم سان ڪري انهن جي اهميت ۽ افاديت جي پاسن کي اجاگر ڪري روشن خياليءَ جو جائزو پيش ڪيو آهي. 2011ع ۾ ڪتاب مورو تاريخ ۽ ثقافت ۾ سندس هڪ تحقيقي مضمون "ايم آرڊي تحريڪ ۾ موري جو حصو" ڇپيو. 2012ع جي بلاول چماهي تحقيقي جرنل ۾ مارئي جي تاريخي ڪردار جا ڪتاب "ويجها ٿيا وصال" ۾ پڙاڏو (هڪ تحقيقي ۽ تاريخي جائزو) مضمون ڇپيو، جيڪو ڄاڻ ڀريو آهي. انور ساگر، شاهه لطيف، قلندر لعل شهباز، سچل سرمست، استاد بخاري، راشد مورائي ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي ادبي شخصيتن تي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "دما دم مست قلندر" ترتيب ڏنل مقالا 2008ع، "سماجي اپياس" (ضلعو دادو، ڄام شورو، قنبر، شهداد ڪوٽ، لاڙڪاڻو، ڪنڌڪوٽ ۽ جيڪب آباد) آهن. ڇاپي هيٺ سندس ڪتابن ۾ "زندگيءَ جو ناد ڪٿي شاعري اٿي"، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ " ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ترجمي جو ڪتاب "لوڪ ڪهانيان" ڇپائي هيٺ آهن. موجوده وقت تحقيقي ڪم جي حوالي سان پاڻ "استاد بخاريءَ جي شاعري" متعلق تحقيقي مقالو لکي رهيو آهي.

**امداد سولنگي** جي مضمونن ۾ ٻوليءَ جي نفاست، لفظن جو استعمال، ترقي پسند ڳوڙهي فڪر سان گڏ فلسفي جو شعور ۽ ادراڪ پنهنجي مٿانهين سطح تي نظر اچي ٿو. 2007ع ۾ نئون نياپو رسالي ۾ ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي آتم ڪٿا جي مجموعي "ڪيم روح رهاڻ" ۾ سندس هڪ اپياسي مضمون ڇپيو. اپريل 2007ع جي سوجهري رسالي جي شماري ۾ چندر ڪيسواڻيءَ جي شاعريءَ ۽ شخصيت بابت "منفرد رخ وارو شاعر چندر ڪيسواڻي" ڇپيو. 2008ع ۾ ساڃَهه رسالي ۾ تجزياتي مضمون "ممتاز مهر سنڌ جو هڪ بليڪ لسٽ اهم ليکڪ ۽ نقاد" ڇپيو. مضمون ۾ ممتاز مهر جي شخصيت، نقاد جي حيثيت ۽ سندس تنقيد ۾ ڪيل ڪم بابت تذڪرو ڪيل آهي. ماهوار رچنا ڪراچيءَ جي هڪ شماري ۾ "جهڙا هئا ڪالهه اڄ نہ اهڙا سپرين، سنڌ جو روشن ماضي ۽ اونداهو آئيندو" مضمون ۾ تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو ڪردار، ون يونٽ، آزاديءَ کان اڄ تائين سنڌ کي اهميت نہ ملڻ، سياسي صورتحال، سنڌ جي ماضيءَ جو

شاندار هجڻ ۽ آئيندي جي ايندڙ هجڻ جو تذڪرو ڪيل آهي. مئي 2020ع ۾ روزاني پنهنجي اخبارڪراچي ۾ جڳ مشهور ناول نگار جوزي سارا ميگو جي ناول ”انڌ پڻي BLINDNESS“ نوبل يافته ناول تي تجزياتي مضمون ڇپيو، جيڪو سندس زندگيءَ ۾ سندس وبا جي موضوع تي لکيل ڇرڪائيندڙ ناول آهي. هڪ ٻيو ناول ”لاڪ ڊائون جا ڏينهن ۽ راتيون!“ جڳ مشهور ناول نگار نٿ همسن تي ويچار اپريل 2020ع ۾ ”پنهنجو ميگزين“ ۾ ڇپيو. 11 آگسٽ 2019ع تي عوام آواز سنڌي ميگزين ۾ ”البرٽ ڪاميو پنهنجي لکڻين جي آئيني ۾“ ۽ ”فرانز ڪافڪا“ پنهنجي نالن ۾ آئيني ۾ پڻ ساڳئي سال مضمون ڇپيا.

**خادم بالادي** مضمون نويسيءَ ۾ تنقيدي ۽ فڪري مضمون لکيا آهن، جن ۾ داخلي رنگ به آهي ته معلومات جو خزانو به آهي. سندس مضمون ”محبت جو جمالياتي ادراڪ“ نئون نياپو رسالي ۾ 2007ع ۾ ڇپيو. ساڳئي سال ساڳئي رسالي ۾ فلسفي تي مبني هڪ ٻيو مضمون ”وجوديت“ ڇپيو، جنهن ۾ هن وجوديت، جوهر، ڏهڪاءُ وغيره کي نهايت ئي خوبصورت انداز سان بيان ڪيو آهي. سندس ٻين مضمونن ۾ ”انساني صداقتن جو شاعر شيخ اياز“ سنڌ ويلي 2007ع ۾، رضا لانگاهه جي شعري مجموعي ”دعائون ننڊ مان جاڳيون“ تي هڪ تجزياتي مضمون ماهوار ناٽڪ ڪراچي (2014ع) ۾ ڇپيو.هن پنهنجي فلسفياڻي خيالن کي سلجهيل انداز ۾ مضمون جي اسلوب ۽ بيان ۾ لکيو آهي. لطيفي شناسيءَ جي موضوع تي فڪري نوعيت جو اهم ڪم ٿيل آهي. سندس هڪ مضمون ”پٽائيءَ جي شاعري ۾ دائمي سرگرميءَ جو شعور“ 2012ع ۾ نئون نياپو رسالي ۾ ڇپيو. مضمون ۾ هن دائمي سرگرمي جي فلسفي کي پٽائي جي شاعريءَ مان دريافت ڪيو آهي. ان سان گڏ هن پٽائيءَ جي سر ڪاهوڙي کي مسلسل جدوجهد جي علامت ٻڌائي پٽائيءَ جي فڪر جي شعوري ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. ساڳئي رسالي ۾ فيبروري 2016ع ۾ سندس هڪ ٻيو مضمون ”پٽائيءَ جي شاعري ۾ مظلومن جي تدريس“ ڇپيو. خادم جي نظر ۾ ادب ۽ آرٽ مظلومن جي تدريس آهي. مضمون ۾ هن تعليم جي بينڪاري، سرمائيدارانه تصور ۽ حقيقي تعليم جي تصور ۾ امتياز ڪندي ادب کي مظلومن جي حقيقي تدريس ڄاڻايو آهي. ساڳئي رسالي ۾ هڪ ٻيو مضمون ”پٽائيءَ جي انقلابي عمرانيات“ 2017ع عوامي آواز سنڌي مئگزين جي جون واري شماري ۾ ڇپيو. هن مضمون ۾ خادم بالادي عمرانيات جي جديد فڪر کي اڳيان رکي پٽائيءَ جي شاعري کي پنهنجي منفرد ڏسڻ جي زاويي کان سائنسي، فڪري ۽ شعوري طرح سان سماج جي متحرڪ تصورن ۽ انهن جي محرڪاتن جو تزجيو ڪري ڇنڊڇاڻ ڪري معلومات ڏني آهي. جديد نظم جي حوالي سان هن علي آڪاش جي نظمن جي تجزيي ۾ نظمن جي متن جي ڇنڊ ڇاڻ، ان جي جمالياتي بصيرت، شعري حسناڪين، فن توڙي فڪر جي نشاندهي ڪئي آهي. ان کان علاوه هن سرواڻ سنڌي جي نظمن جي جائزي جي حوالي سان ”جديد نظم جو ڊسڪورس“ مضمون

۾ جديد نظم جو فني، فڪري ۽ لسانياتي خوبيون، هيئت، ڊڪشن ۽ ٻين مختلف پهلوئن ڪان روشني وڌي آهي.

**وزير فرهاد سولنگي** مضمون نويسيءَ ۾ 1996ع ڪان هن وقت تائين ادب ۽ فنون لطيفہ جي ناميارين شخصيتن تي ستر جي لڳ ڀڳ خاڪا لکي چڪو آهي، جيڪي گهڻي ڀاڱي عوامي آواز "سنڌي مئگزين" ۾ شايع ٿيا. وزير فرهاد جو علمي نوعيت جو مضمون "اداڪار، فنڪار ۽ ڊراما نگار" 2011ع ۾ مورو تاريخ ۽ ثقافت ڪتاب ۾ ڇپيو. سندس هڪ ٻيو مضمون "وڏيرو باقي بخش وسطڙو" ۽ "سرجيس تان سور" ۽ بيگم نصرت ڀُٽي جي شهادت بابت مضمون 2011ع ۾ بلاول ڇه ماهي تحقيقي جرنل ۾ ڇپيا. ساڳئي ئي تحقيقي جرنل ۾ سندس هڪ ٻيو مضمون "سنڌ جو ڪاهوڙي ڪردار ۽ مزاحمتي شاعر حافظ محمد بخش خاصخيلي" 2015ع ۾ ڇپيو. وزير فرهاد هنن مضمونن ۾ سوانحي انداز ۾ ٻوليءَ جي سادگيءَ سان معلومات فراهم ڪئي آهي.

**اظهار مخدوم** نثر نويسيءَ ۾ ڪهاڻين سان گڏ مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن. 2011ع ۾ مورو تاريخ ثقافت ڪتاب ۾ سندس مقالو "موري تعلقي جون مزدور يونين" ڇپيو. سندس هڪ ٻيو مقالو "نجم عباسيءَ جي شخصيت ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سندس نظريي جو جائزو" مضمونن ۾ "شيخ اياز سنڌ پرست شاعر"، وچوڙي جا وَڏَ ۽ وطني قافلو" ۽ S.E.F جي جديد تعليمي حدف تي مشتمل تيار ڪيل پرائمريءَ جو مربوط ۽ مڪمل نصاب جنهن ۾ مختلف سبجيڪٽن تي سندس درسي مضمون شامل آهن. ان ڪان علاوه سندس هڪ معلوماتي مضمون "غلام شاهه ڪلهوڙي جي والده گلان ئي آهي" 2004ع ۾ ماهوار خبر نامو، آواز ڪلهوڙا ڪراچي پاران ڇپيو.

**سجاد ظهير سولنگي** هڪ اهڙو نوجوان مضمون نويس آهي، جنهن جا ڪيترائي ڪالم، مضمون ۽ ڪرنٽ اشوز تي ليک وقت بہ وقت ڪاوش اخبار، عوامي آواز، ايڪسپريس ۽ ٻين مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپندا رهيا آهن. سندس مضمونن ۾ فلسفيانہ خيال، حالات حاضره، مارڪسي نقطہ نظر، سولي ۽ دلڪشي انداز ۾ بيان ٿيل آهن. سندس مضمونن مان "ڀڳت سنگهہ جي جدوجهد"، "مارڪسي فڪر جي اهميت"، "ادب اور زندگي"، "عالمي اردو ڪانفرنس جي پڄاڻي ۽ سنڌي ٻولي"، "گوبند مالهي ترقي پسند تحريڪ جو اڏيندڙ"، "فيض احمد فيض تاريخ جي آئيني ۾"، "سنڌي ادبي سنگت ادب ۽ سياست"، "عورت ۽ سماج"، "انقلابي حسن ناصر شهيد"، "ڪامريڊ سوڀوگيان چنداڻي جي جدوجهد" ۽ "مرڻو ناهي فيڊل ڪاسترو" سندس بهترين مضمون آهن. امداد رند جي ڪهاڻين جي مجموعي "ٿيون نسل" تي "احساساتي ڪهاڻيون" عنوان تي ڪاوش دنيا ۾ سندس مضمون 2018ع تي، جڏهن تہ انور ڪاڪا جي ڪهاڻين جي مجموعي"خالي هٿ" تي مضمون ساڳي سال شايع ٿيا. سجاد ظهير جي ٻين مضمونن ۾ "پورهيتن جو

انقلاب"، "ڪامريڊ ڄام ساقيءَ جون يادون"، "محنت ڪشون ڪا ليڊر مخدوم رشيد احمد"، "ترقي پسند آرٽ جو اهم نانءُ شوڪت ڪيفي" جهڙا مضمون سنڌي مضمون جي آبياري ڪري رهيا آهن.

**خالد "ساحل" ڪيريو** مضمون نويسيءَ ۾ مختلف موضوعن تي مضمون لکيا آهن، جيڪي سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا آهن. سندس مضمون موضوع سان انصاف ڪندي خيال جي اڏام ۽ حقيقت کي ظاهر ڪندي جاڻ پريا نظر اچن ٿا. "مورو تاريخ ۽ ثقافت" 2011ع ڪتاب ۾ سندس هڪ معلوماتي مضمون "موري جي ادبي تاريخ ۽ س، ا، س" ڇپيو. محبتي ملاح جي ڪتاب "ڏيپارجا (ثقافت ۽ تاريخ) جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو ۽ سندس هڪ ٻئي شعري مجموعي "تنهنجي خوشبوءِ آئي هوا مان" جو اڀياسي مضمون ڇپيو. نجم سرهيي جي شعري مجموعي "اجايل خواب جو تنقيدي جائزو"، بالا بلوچ جي شعري مجموعي "ريشمي غزل تي هڪ نظر"، "تعليم روشن مستقبل جو واحد ذريعو"، "عبدالحڪيم ارشد جي شخصيت ۽ شاعري"، "سنڌ جو نامور محقق ۽ تاريخدان پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري" تحقيقي مضمون 02 جولاءِ 2020ع عوامي آواز سنڊي مئگزين، "وزير فرهاد سولنگيءَ جي ادبي ۽ فنون لطيفہ جي خدمتن جو جائزو" سلسليوار سنگ تراش 2020ع ۽ محقق ۽ تاريخ نويس رسول بخش گچيرائي جي خدمتن تي هڪ نظر مئي 2021ع سنڌ راڻي مئگزين، اسلم عباسي بحيثيت مرتب نويس 2021ع سنڌ راڻي مئگزين ۽ رڪيل مورائي جي ادبي خدمتن جو جائزو مضمون ريڪائون رسالي اپريل 2022ع ۾ ڇپيا. هن وقت پاڻ "سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ موري جو حصو (تحقيقي اڀياس)" عنوان تي تحقيقي مقالو لکي رهيو آهي.

**معشوق محسن ابڙو** مضمون نويسيءَ ۾ ڪيترائي شخصي مضمون لکيا جنهن ۾ "ساهتيءَ جو سيتو سگهڙ رحمتہ الله عباسي" 2018ع ۾ سنڌ ٽائمز، "سنڌي ٻولي ۽ ان جون خوبيون" 2018ع هلال پاڪستان، "ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي شخصيت تي هڪ نظر" هلال پاڪستان، شفق جهڙو شاعر نارائڻ شيام 2019ع هلال پاڪستان، بيخود بلوچ جي شعري مجموعي "اعتراض" تي هڪ نظر، هلچل 2019ع، اک نماڻي ڪجل سڏڪا شعري مجموعي تي هڪ نظر، استاد بخاري، راشد مورائي، مخدوم طالب المولىٰ، شيخ اياز، حافظ محمد بخش خاصخيلي، منظور شاهہ منظور، استاد محمد جمن، دادن فقير، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، گلاب چانڊيو، خالد "ساحل" ڪيريو، هيمون ڪالاڻي، ڪامريڊ سوڀو، تاجل بيوس، منگها رام ملڪاڻي، سرمد سنڌي، بينظير ڀٽو ۽ ٻين ڪيترين ئي شخصيتن تي علمي، ادبي ۽ شخصي نوعيت جا مضمون لکيا آهن.

**سردار پرڙي** نثر نويسيءَ ۾ ترجمي سان گڏ مضمون بہ لکيا آهن، سندس مضمونن مان "نصاب جو تنقيدي جائزو" 02 مارچ 2020ع تي هفتيوار ساهتي آواز اخبار ۾ ڇپيو. هن مضمون ۾ جديد تعليمي ۽ تدريسي نظرين مطابق سنڌي درسي نصابي ڪتابن تي مختصر تنقيدي روشني وڌي آهي. سندس

هڪ ٻيو مضمون ”ڪوٽ سرٽي“ 03 سيپٽمبر 2021ع تي روزاني عوامي سنڌ اخبار ۾ ڇپيو. هن مضمون ۾ قديم ڪوٽ سرٽي بابت تاريخي تذڪرو شامل آهي. هڪ ٻيو مضمون ”ملاڪڙي جي اهميت عروج ۽ زوال“ 23 آگسٽ 2021ع ۾روزاني عوام راڄ اخبار ۾ ڇپيو. هن مضمون ۾ سنڌ جي قومي راند ملھ جي عالمگير تاريخ، ملاڪڙي جي اوج ۽ زوال بابت مختلف حوالن سان تذڪرو ڪيل آهي. ”مادري ٻولين جي اهميت ۽ انهن جي راھ ۾ رڪاوٽون“ مضمون ڪوشش اخبار ۾ 21 فيبروري 2022ع ۾ ڇپيو. مضمون ۾ دنيا جي ٻولين جو جائزو، ٻولين جي بچاءُ، لڳل نقصان ۽ ٻين پاسن جو مختلف حوالن سان جائزو پيش ڪيل آهي.

**شهيد نثار منگي** پنهنجي دور ۾ ”سنڌو“ ڊائجسٽ، ”هلال پاڪستان“، ”عبرت اخبار“ ۽ ٻين سنڌي رسالن ۾ ڪالم ۽ مضمون بہ لکيا. اهڙيءَ طرح ٻين مضمون نگارن ۾ سڪندر ڪورائي جو مضمون ”رکيل منهنجو دوست“ امرتا (2009ع) ۾ ڇپيو.

موري مان ڪجھ عورتن بہ مضمون نويسيءَ ۾ سوانحي، تعليمي، تاريخي، مذهبي ۽ معلوماتي مضمونن ڪان سواءِ سياست، سير سفر، سياحت، سائنس ۽ ادب جهڙن موضوعن تي بہ مضمون لکيا آهن. انهن عورت ليکڪائن جي لکيل مضمونن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**ايس نسيم ميمڻ** سنڌ جي وڏيڪ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندڙ شاعره ۽ نثر نويس آهي. مضمون، مقالا انٽرويوز تي مشتمل سندس ڪتاب ”فڪر جي سفر ۾“ 2018ع ۾ ڇپيو. ڪتاب جي حصي پهرين ۾ مختلف شخصيتن تي لکيل اپياسي مضمون، حصي ٻئي ۾ سندس شاعريءَ جي فن، فڪر ۽ شخصيت بابت مختلف ليکڪن جا مضمون، مقالا ۽ تبصرا جڏهن تہ حصي ٽئين ۾ سنڌ جي نامور شخصيتن جا انٽرويوز شامل آهن. ايس نسيم جا لکيل مضمون مختصر، فڪر ۽ سوچ سان گڏ گفتگوءَ جي انداز، اسلوب، شخصي ۽ تاريخي نقطئہ نظر سان روشني وڌل آهن. ان ڪان علاوه ڪتاب ۾ جاٽايل انٽرويوز جاڻ جي ڪاڻ سان گڏ دلچسپ آهن. هي ڪتاب مضمون نگاري جي ڏس ۾ سيبتو ڪتاب آهي. مهاڳ ۾ ڪتاب بابت رضا لانگاھ لکي ٿو تہ:

> ”ايس نسيم ميمڻ سنڌ جي اها واحد عورت اديب شاعره آهي، جنهن جا مضمون سندس جي تقريباً سيني رسالن ۾ ڇپيا آهن. مذهبي گهراڻي هوندي بہ پنهنجي سيڪيولر سوچ جي ذريعي روشن خياليءَ کي سماج اندر فيمنسٽ بڻجي عورتن جي ظلم خلاف پنهنجي لکڻين ۾ احتجاج ڪندي رهي آهي. هن سنڌ جي اديبن تي جيڪي مضمون يا مقالا لکيا آهن، ان ڪان وڏيڪ سندس شخصيت ۽ ادبي پورهئي تي سنڌ جي ناليوارن اديبن ۽ شاعرن بہ لکيو آهي. ايس نسيم جي اها انفراديت آهي تہ، هن جيڪو بہ لکيو آهي، انهيءَ ۾

پنهنجي تخليقي اسلوب کي منفرد حيثيت ڏياري آهي. هن ڪتاب ۾ جيڪي به انٽرويوز جاٽايل آهن، اهي ڄاڻ جي کاڻ آهن." (15)

ايس نسيم ميمڻ جي مضمون نويسيءَ ۾ الطاف شيخ جي سفرنامي "جل پريءَ جي اڳ ڪٿي" ۾ طرزِ تحرير جو مثال پيش ڪجي ٿو:

"الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ هر اها ڄاڻ ملي ٿي، جيڪا سماج سان جڙيل آهي. هن جا سفرناما سگنيفيڪنٽ هجڻ ڪري، سندي ادب سان گڏ پوري دنيا ۾ وڏي چاهه سان پڙهيا ويا آهن. سفرنامن کي اگر گائيڊ جو نالو ڏجي ته غلط نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته سفرنامن ۾ جيڪي تاريخي، تهذيبي، ثقافتي، تمدني ۽ سماجي ڳالهين جي اپٽار ٿيل هوندي آهي يا حقيقي ۽ مشاهداتي واقفيت ملندي آهي، اها يقينن ڪارائتي آهي، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ جيڪا شعوري سوچ سان گڏ معلومات فراهم ٿيندي آهي." (16)

**رضيه مورائي** جا ڪالم ۽ مضمون پڻ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل پکڙيل آهن. سوپ اخبار ۾ "شهيد محترمه بينظير ڀٽو"، "ڀٽائيءَ جي دعا سان سنڌ سدائين سڪار رهندي" ۽ ٻيا مضمون شامل آهن.

**ڄام صنم سنڌي** موري جي عورت ليکڪائن ۾ مضمون نويسيءَ ۽ ڪالم نگاريءَ ۾ پاڻ مڃرايو آهي. پاڻ ڪمپيئر، نثر نويس ۽ شاعره هئڻ سان گڏ سنڌي چينلن تي نيوز ڪاسٽر طور ڪم ڪيو آهي. ڄام صنم ڪافي عرصي کان مختلف سنڌي رسالن جهڙوڪ: سنڌ سپيتا، سنڌ رويو، سرتيون رسالي ۽ مختلف اخبارن ۾ ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم لکيا آهن. هن پنهنجي تخليقي ذات سان سماج سان لاڳاپيل رهي ڪري اجتماعي شعور سان گڏوگڏ داخلي ۽ خارجي جذبن، تجربن امنگن ۽ مشاهدي جو بنا رک رکاءُ جي اظهار ڪيو آهي. 2021ع ۾ پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي پاران ڪالمن تي مشتمل ڪتاب "ساهه سنديون ڳالهيون" ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. ڪتاب ۾ سندس 38 ڪالم آهن، جن ۾ هن پنهنجي منفرد اسلوب ٻوليءَ جي حسناڪيءَ، فني پختگيءَ ۽ معلومات سان پنهنجي دور جي تاريخ سمائي آهي. هن پنهنجي مضمونن ۽ ڪالمن ۾ انيڪ موضوع جن ۾ علم ادب، انسانيت، لطيفيات، سماجي فڪر، سڄاڳيءَ جي لهر، ڌرتيءَ جو درد، عورتن سان ٿيندڙ ظلم خلاف آواز، مزاحمت ۽ جاگيرداري سماج خلاف احتجاج جهڙن موضوعن تي لکيو آهي. سندس ڪالمن ۾ "ڀٽائي"، "عورت ۽ جدت پسند سماج"، "آهي ڪو اهڙو"، "دور منهنجي ديس جو"، "جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو"، "ماءُ"، "مسيحا يا موت جا سوداگر" ۽ "اي ڪاش ائين ٿئي" بهترين ڪالم آهن. هن پنهنجي مضمونن ۽ ڪالمن جي ذريعي نه صرف حالتن جو جائزو ورتو آهي، پر ان سان گڏ سياسي، سماجي، معاشي، توڙي فڪرن ۽ لاڙن جو اظهار پڻ پنهنجي منفرد انداز ۾ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سندس

ڪجھ مضمونن ۽ ڪالمن ۾ يڪسانيت بہ آهي. سندس مضمون ”سنڌ سپيتا“، ”سرتيون“، ”سنڌ رويو“ ۽ ٻين مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا آهن.

**رخسانہ ٻرڙو ۽ ماھ لقاءِ خوشبو** بہ مضمون نويسيءَ ۾ ڪجھ مضمون لکيا. 1999ع ماهوار رسالي شعور ۾ هنن سب ايڊيٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. رخسانہ ٻرڙو جو مضمون ”جيسين ساھ سرير ۾“ هڪ بياني مضمون ڇپيو. شاعري سان گڏ هنن نثر ۾ مضمون ۽ ٻيون نثري تحريرون بہ لکيون آهن.

**بلقيس انور ڪورائي** شاعره ۽ نثر نويس آهي. هن وقت بہ وقت سماجي، سياسي ۽ ادبي مضمون لکيا آهن، جن مان اڪثر مضمون سندس پورهيت طبقي جي نمائندگي ڪن ٿا. 2010ع ۾ هن جو ڪتاب ”مورو جا پرولتاريہ“ انقلابي ڇپيو، جنهن ۾ هن پنهنجي احسان ۽ امنگن وسيلي سماج جو انفرادي توڙي اجتماعي شعور ۽ انساني ڪيفيتن جي حساس پيچيدگين جو مانائتو مظهر پيش ڪيو آهي. ڪتاب ۾ مزدور ۽ هاري طبقي جي پيڙا کي ليکڪ پنهنجي ڳوڙهي مطالعي ۽ مشاهدي سان پرکي لفظن جي روپ ۾ اظهايو آهي. هن مزدورن جي اڳواٽي ۽ قومي جاڳرتا لاءِ جاڪوڙيندڙ مورو جي پرولتاريہ انقلابين بابت معلومات فراهم ڪئي آهي. بلقيس انور جو شعري مجموعو ”انور جو خواب“ جي نالي سان بہ ڇپيل آهي.

- **<u>علمي ادبي رسالا ۽ اخبارون</u>:**

ڪتابن ۽ رسالن جي اشاعت جو سلسلو سنڌ سميت موري شهر مان بہ رهيو آهي. ادبي سطح تي هن شهر مان ورهاڱي کان پوءِ ڪيترائي ادبي رسالا، مخزن ۽ اخبارون پڻ شايع ٿيون، جنهن ۾ موري جي اديبن شاعرن سميت سنڌ جي ڪيترن ئي ناليوارن ليکڪن جو مواد پڻ ڇپجندو رهيو. انهن رسالن ۽ ميگزينن مان نئون نياپو، ٻاڪ، شعور، تمنا، سونهن، ڇٽنگ، جاڪوڙ، پروڙ، ساجاھ، پيپلز ٽائيمز، سنڌ رويو ۽ ٻين رسالن شعري ۽ نثري ادب ۾ خاص طور مضمون نويسيءَ جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ان کان علاوه سلسليوار رسالن ۽ مئگزينن ۾ سنڌ ويلي، سنڌ سپيتا، نيند ، ڏيئو، سنڌيانا ۽ ٻين رسالن ۾ وقت بہ وقت ادبي مواد شايع ٿيندو رهيو آهي. سنڌي ادبي رسالن کان سواءِ هتان جي ليکڪن جون لکڻيون، شاعري ۽ مضمون مختلف تعليمي ادارن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ تنظيمن پاران نڪتل پرچن ۾ ڇپبا رهيا آهن، جن ۾ مهراڻ ڪاليج، ماروي گرلس ڪاليج، مهراڻ طبيہ ڪاليج، اقراءِ ڪاليج، وزن اسڪول، راشد مورائي اسڪول مورو ٽائون ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن، جن ۾ علمي ادبي تعليمي تحريرن سان گڏ فڪري مواد پڻ شايع ٿيندو رهيو آهي. موري مان سنڌي اخبارن پڻ هن سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جن سياسي سماجي ۽ ادبي شعور پڻ فراهم ڪيو آهي. هتان جي عالمن ۽ فڪرن پڻ مختلف موضوعن جهڙوڪ: سائنس، نصاب ۽ مذهبي موضوعن، جن ۾ قرآن، طب ۽ مذهب تي حديث، تفسير، فقہ ۽ سيرت تي ڪتاب، مقالا ۽ مضمون بہ لکيا. مٿين مضمون نگارن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي معروف ۽ غير معروف مضمون

نگار آهن، جن جا مضمون مختلف رسالن ۽ روزنامہ اخبارن ۾ وقت بہ وقت مضمون ايندا رهن ٿا، جن ۾ غزل سنڌي، سڪندر ڪورائي، ذوالفقار ٻهڻ، منل جسڪاڻي، علي خان "عادل" لغاري، اسلم عباسي، اظفر سعيد ميمڻ، عرفان عباسي ۽ ٻيا مضمون جي صنف ڪي اوج وئائي رهيا آهن.

سنڌي مضمون نويسيءَ جي اوسر، ترقي ۽ ترويج ۾ هتان جي ليکڪن جو اهم ڪردار رهيو آهي. سندن ڇپيل مجموعا ان جا ساکي آهن. سندن ڪيترا مضمون سماج سڌارڪ، اخلاق سڌارڪ، ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ، سير سياحت، سنڌ جي ماڳن، مڪانن، لطيفيات ۽ نفسيات جهڙن اهم موضوعن تي ڄاڻ ڀريا لکيل آهن، جيڪي سنڌي رسالن، اخبارن ۾ ٿڙيل پکڙيل آهن، جن کي اگر سهيڙيو وڃي تہ ٻيا بہ ڪيترائي مضمونن جا ڪتاب ڇپجي سگهجن ٿا.

موري مان سنڌي ۾ ڇپيل مضمونن جي ڪتابن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. تعارف نفسيات | قاضي انوار احمد | 1960ع |
| 2. لا اينڊ پاليٽڪس ان پاڪستان | فضل سليمان قاضي | 1977ع |
| 3. اڳتي تاڻ امنگ جي | راشد مورائي | 2006ع |
| 4. فڪر جي سفر ۾ | ايس نسيم ميمڻ | 2006ع |
| 5. سنڌ ۽ سنڌي | فضل سليمان قاضي | 2007ع |
| 6. مورو جا پرولتاريہ | بلقيس انور ڪورائي | 2010ع |
| 7. هينڊ بڪ آف بزنس ٽرمس | فضل سليمان قاضي | 2014ع |
| 8. ڊڪشنري پاور | فضل سليمان قاضي | 2014ع |
| 9. شاهہ جون سورميون | استاد حيدري چانڊيو | 2017ع |
| 10. شاهہ ۽ سچل جا سنيها | استاد حيدري چانڊيو | 2017ع |
| 11. بزنس اينڊ ايگزيڪيوٽو ليڊر شپ | فضل سليمان قاضي | 2018ع |
| 12. صوبائي خودمختياري ۽ مرڪزي سياست | فضل سليمان قاضي | 2018ع |
| 13. سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام | فضل سليمان قاضي | 2018ع |
| 14. ساڻي نہ پسان سيهہ | استاد حيدري چانڊيو | 2018ع |
| 15. ستا اُٿي جاڳ | استاد حيدري چانڊيو | 2018ع |
| 16. شاهہ سنڌ جو ساهہ | استاد حيدري چانڊيو | 2019ع |
| 17. ساهہ سنديون ڳالهيون | ڄام صنم سنڌي | 2021ع |

**5.2 ترجمو ٿيل ادب/ Translated Litratur**

لفظ ترجمو بنيادي طور عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب ڪنهن مواد کي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي کي ”الٿو“ به چيو ويندو آهي. ترجمو هڪ اهڙو فن آهي، جنهن جي وسيلي مخصوص ملڪ، جاگرافيائي علائقي، خاص قوم جي تحقيقات، ان جا علم ۽ فن سڄي دنيا جي ملڪيت بڻجن ٿا. ترجمي جو بنيادي ڪم معنيٰ جي منتقلي آهي. ترجمو ٻن زبانن جي وچ ۾ پل جو ڪم ڏئي ٿو، جنهن ذريعي خيالات ۽ تصورات هڪ تهذيب تائين پهچن ٿا. انگريز مصنف وليم وٽز جو چوڻ آهي ته: ترجمو هڪ روح جي موت کان پوءِ ان جو ٻئي جسم ڏانهن منتقل ٿيڻ آهي.

ناميارو ليکڪ ولي رام ولڀ لکي ٿو ته:

”ڪنهن ٻوليءَ جو ادبي سرمايو نه رڳو ان جي اصلوڪي تخليقي تحريرن تي ٻيٺل آهي، بلڪ غير ملڪي ۽ ٻين ٻولين جي ترجمي تي آهي. ترجمو ڪرڻ هميشه تخليقي عمل رهيو آهي، جنهن جو دليل اهو آهي ته ترجمي جو فن تخليقي عمل جو هڪ مٿانهون فارم آهي.“ (17)

ترجمي جو فن انساني ذهن جي مهارت، جنهن سان هو پنهنجي ذهني صلاحيت موجب هڪ ٻوليءَ جو ادب ٻي ٻوليءَ ۾ آڻيندو آهي. ترجمي جي مکيه قسمن ۾ علمي ترجمو، ادبي ترجمو، پابند ترجمو، صحافتي ترجمو ۽ آزاد ترجمو شامل آهن. دنيا جون زرخيز ۽ ترقي يافته ٻوليون پنهنجي تخليقي ادب کان علاوه دنيا جي ادب کي پنهنجي پاڻ ۾ سموئڻ جي ڪري پڻ اعليٰ مقام تي آهن. اهڙيون عنايتون مترجمن جي ذريعي سان ملنديون آهن، جن جي ڪاوشن سان ”وار ايند پيس“ جهڙا ڪتاب نه رڳو هڪ ٻوليءَ ۾ هڪ قوم لاءِ آهن، بلڪ دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ آهن. ترجمو اهو ئي ڪندو آهي، جيڪو هڪ کان وڌيڪ زبانون ڄاڻندو آهي. تحريڪن ۽ ادبي لاڙن کي ڦهلائڻ جو محرڪ به ترجمو رهيو آهي. سنڌي ادب جي تخليقي دور کي وڌ کان وڌ ادبي صلاحيتن عطا ڪرڻ ۾ ادبي ترجمن جو اهم ڪردار آهي. ترجمي جي عمل سان ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، علمي ادبي سطح تي ڄاڻ، شعور، فڪر ۽ نظريي سان گڏ تحقيق جا نوان سانچا ۽ زاويا پڻ متعارف ٿين ٿا. سنڌي نثر جو بنياد پڻ ترجما نگاريءَ تي مبني آهي. ٽالپرن جي دور ۾ ٿيل قرآن پاڪ جي ترجمي کان وٺي موجوده وقت تائين هزارن جي تعداد ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب ترجمو ٿيا آهن، جنهن سان گڏ انهن ۾ علم ادب جي واڌ ويجهه جو رجحان به وڌيو آهي. هي ترجما سماجي زندگيءَ جي مڙني عملن جي مشاهدن ۽ تجربن کي هٿي وٺرائڻ، فڪري ۽ تخليقي جزن ۾ بهتري پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهن. ادب جي ترقيءَ ۽ ترويج ۾ ترجما نه فقط اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، بلڪ ترجمي جي عمل سان ادب کي وڏو فائدو رسي ٿو.

موري جي ليککن جون به سنڌي ترجمي ڪرڻ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. هنن ديني ۽ اخلاقي ڪتابن ۽ مضمونن جا ترجما ڪري سنڌي ٻوليءَ کي خوب ترقي وٺرائي. هتان جي عالمن ۽ اديبن سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي ادب، تاريخ، سائنس ۽ مذهب تي لکيل مواد جا ترجما ڪيا، جن سان مذهبي ۽ سائنسي ڪتابن جي مطالعي سبب نئون علم ۽ ادب تخليق ته ٿيو پر عام ماڻهن جي معلومات ۾ پڻ ڪثرت سان اضافو ٿيو.

- **ورهاڱي کان اڳ:**

ورهاڱي کان اڳ موري جي عالمن جو به سنڌي ترجمي ڪرڻ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. هتان جي عالمن، اديبن ديني ۽ اخلاقي ڪتابن ۽ مضمونن جا ترجما ڪري سنڌي ٻوليءَ کي ترقي وٺرائي. هن شهر جي قاضي خاندان جي ڪجھ عالمن ۽ اديبن جا ترجمو ٿيل مذهبي، اخلاقي ۽ ديني ادب تي ڪتاب ملن ٿا، جن ۾ عربي فارسي ادب جو ڪافي حصو سنڌي ۾ ترجمو ٿيو. هن دور ۾ مذهبي لحاظ کان پڻ قرآن شريف، فقه ۽ ٻين موضوعن تي ترجما ڪيا ويا، جيڪي ڪتابي صورت کان علاوه قلمي صورت ۾ پڻ موجود آهن. موري مان جن ليککن ترجمي ۾ خدمتون سر انجام ڏنيون تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

- **عبدالخالق "خليق مورائي":**

"خليق مورائي" سنڌي زبان ۾ ديني ۽ مذهبي ڪتاب تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪري پڻ ڇپايا. ان دور جي مسلمانن جي رسمن، رواجن ۽ عادتن جي بگاڙ سبب سندن اصلاح ۽ سڌاري لاءِ هن اصلاحي ۽ اخلاقي ڪتاب "قرآن ۽ نئين روشني" (1932ع) ۽ "حقوق الوالدين" (1932ع) ۾ ترجمو ڪري ڇپايا. "قرآن ۽ نئين روشني" ڪتاب 1932ع ۾ 'سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ' پاران ڇپيو. هي ڪتاب اصل ۾ مصر جي نامور اسلامي عالم، علامه طنطاوي جوهريءَ جي عربي ڪتاب "القرآن والعلوم العصريه" جو سنڌي ترجمو آهي. "خليق مورائيءَ" جو ترجمو ڪيل هي ڪتاب ان دور جي مسلمانن جي فائدي لاءِ هو، ڇاڪاڻ ته مسلمانن الله ۽ ان جي رسولﷺ جي هدايتن کي وساري تنزليءَ ڏانهن راغب هئا. مترجم، هن ڪتاب جي آغاز ۾ ان جي اهميت ۽ افاديت تي پڻ عالمانه انداز ۾ روشني وڌي آهي، گڏوگڏ مواد جي اصل روح کي پڻ ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪري عام فهم ۽ سليس انداز ۾ ترجمو ڪيو آهي.

"حقوق الوالدين" ڪتاب 1932ع ۾ "خليق مورائيءَ" جي پٽ عبدالرؤف مورائي ڇپايو. بعد ۾ ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت کي مد نظر رکندي 'سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ' پاران 1945ع ۾ ٻيو ڇاپو ڇپايو ويو. ڪتاب ۾ "خليق مورائيءَ" ماءُ پيءُ جي حقن کي قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. ڪتاب ڇئن بابن تي مشتمل آهي. باب پهرين ۾ ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ۽ انهن جي خدمت، باب ٻئين ۾ نيڪ ۽ صالح اولاد جون فضيلتون، باب ٽئين ۾ ماءُ پيءُ جي نافرماني ۽ تڪليف ڏيڻ ۽ باب چوٿين ۾ ٻچڙي

۽ نافرمان اولاد جي حالتن جو ذڪر آهي. ”خليق مورائي“ ترجمي ڪرڻ مهل اصل فن پاري جي روح کي قائم رکڻ ۽ قرآن ۽ حديث مان موضوع جي مناسبت سان اصل عبارتن جا مثالي ٽڪرا، عالمن ۽ بزرگن جا قول پڻ ڏنا آهن. ”خليق مورائيءَ“ جي ترجمو ڪيل ڪتابن ۽ تحريرن مان سندس ذاتي سوچ، محنتن ۽ صلاحيتن جو عڪس پسي سگهجي ٿو. سندس ترجما اثرائتا، ساهتي لهجو، سوادي ٻولي ۽ تخليقي قوت جهڙن رنگن سان سرشار آهن. هن ٻن ٻولين جي لفظن، جملن، اصطلاحن کي پنهنجي مقامي ٻولي جي روپ ۾ پيش ڪري اصل ٻوليءَ جي روح کي به زخمي نه ڪيو آهي. هن بنيادي شين جو خاص خيال رکي خوبصورت ترجما ڪيا آهن.

سنڌي نثر ۾ ديني ادب تي لکيل سندس ڪتاب ”حقوق الزوجين“ ۽ ”اسماءَ الحسنيٰ“ پڻ اهم حيثيت جي حامل آهن. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي لکيل سندس ٻين شاهڪارن ڪتابن ۾، ”فاتح سنڌ“ (سيرت 1926ع)، ”خليفه اول حضرت صديق اڪبر رضه“ (سيرت 1933ع)، ”آخري رسول ﷺ“ (سيرت)، ”آخري مذهب“ پاڱو پهريون ۽ (مذهبيات) آهن. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ”آخري مذهب“ (پاڱو ٻيو ۽ ٽيون)، ”علماءِ سنڌ“، ”سنڌ ۾ تحريڪ خلافت جا فدائي“، ”فاروق اعظم رضه“ (سوانح) ”اسلام ۽ وياج“، ”تجربات خليق“ (طب)، ”مضامين خليق“، ”تاريخ تعمير ويدن جي حقيقت“، ”جهاد اڪبر“ (منظوم)، ”علم ڪيميا“، ”سود جي تاريخ“، ”علوم عربيه جي تاريخ“، ”تناسيخ“، ”عربي گرامر“، ”عدل يورپ“، ”قرآن ۽ نئين روشني“، ”بشارت القرآن في خلافت العثمان“ (ٻه پاڱا)، ”شديءَ جو سانگ“ (ناٽڪ) ۽ ”وڏيرو وڏيري“ (ناٽڪ) قابل ذڪر آهن.

- **ورهاڱي کان پوءِ:**

آزاديءَ کان پوءِ موري مان به ترجمو ٿيل ادب ۾ ماٺار اچي وئي. سنڌ ۾ خاص طور تي ترجمو ٿيل ادب گهٽ اچڻ لڳو. ون يونٽ جي قومپرستيءَ واري تحريڪ ۾ موري مان پڻ ادب جي ڪيترين ئي صنفن مٿان ماٺار ڇانيل رهي. پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، محمد منل ڪمالاٽي، نذير احمد راهوجو، ظفر لغاري، ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو ۽ ٻين اديبن ۽ شاعرن جي عمل کي اڳيان آڻي ڪجهه علمي ۽ ادبي ڪتابن سان گڏ چوند مضمونن، ناولن، ڪهاڻين، فلسفي، سائنس ۽ تاريخ جهڙن موضوعن جا ترجما به ڪيا. هتان جي مترجمن اصلاحي، اخلاقي، ادبي ۽ سائنسي ڪتابن جا ڪري معاشري کي اعليٰ مقام عطا ڪيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ موري مان جن ليکڪن ترجمي ۾ خدمتون سر انجام ڏنيون تن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

- **نذير احمد راهوجا:**

نذير احمد راهوجا فلسفي، جاسوسي ادب ۽ عالمي ادب جو گهڻ مطالعاتي رهيو آهي. هن ڪجھ ڪهاڻيون، مضمون، شاعري سان گڏ مترجم طور به نثر ۾ اضافو ڪيو آهي. ترجمو ٿيل ادب ۾ هن

اگناٽ هرمين جي ناول Child less جو ترجمو ڪري ”يتيم جذبا“ ڪتاب جي نالي سان لکيو. هي ڪتاب 1979ع ۾ شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي موري طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هي هڪ نفسياتي ناول آهي. مترجم ناول جي ترجمي ۾ ٻوليءَ جو خاص خيال رکيو آهي. ناول ۾ هن پنهنجي مخصوص انداز سان ٻنهي ٻولين جو حق ادا ڪيو آهي. ناول ۾ هن ماحول اهو ئي آندو آهي، پر پنهنجي ماحول کي به ذهن ۾ رکي حسن بياني سان پنهنجي پڙهندڙن جو خيال ذهن ۾ رکندي منظر نگاري، ڪردار نگاري ۽ واقعا نگاري کي وڻندڙ ٻوليءَ ۾ عبارت آرائي سان هن طرح بيان ڪيو آهي:

”اتي پهچي هن کي ڪجهه آٿت آئي، پر غم جي احساس هن جي پٺ نه ڇڏي. ڪيس پنهنجي شاديءَ جي ڏينهن ۽ شادي ڪيل زندگيءَ جو خيال آيو. بي ترتيب خيال هن جي ذهن ۾ ڦرندا رهيا. هن پنهنجي اڪيلائيءَ واري زماني کي ياد ڪيو. اهو ڪير ماڻهو هو جنهن پهريون دفعو ميگڊا جي دل، پوري دل ڪٿي ورتي هئي. ايسٽائين جو خود ميگڊا کي به؟ ننڍڙي ميگڊا جو اهو مرحوم پيءُ ڪير هو؟ هي سڀ ڪجهه ڪڏهن ٿيو هو؟ هن هڪ دفعو وري اندر مان اڀرڪندڙ ڳوڙڪن کي محسوس ڪيو ۽ ان جي بي انداز ڏک کي به. جڻ ته هن جي تمام پياري شيءِ وڃائجي وئي هجي. ليڪن ان وقت ميگڊا هن جي نه هئي. هن کي اهي گهڙيون ياد آيون، جڏهن ڪيس بي اولاد هئڻ جو تمام گهڻو احساس ٿيندو هو. جڏهن هو پنهنجي دوستن جي ٻارن ۽ انهن جي خوشيءَ کي حسرت وارين اکين سان ڏسندو هو. ماءُ پيءُ جي محبت کان محروم هيءَ ٻارڙي، جنهن کي سالن جا سال ماءُ جي ممتا کان به محروم ڪيو ويو هو، جنهن جي ڪيس بي حد ضرورت هئي. هن محسوس ڪيو ته ميگڊا کي هن صحيح معنيٰ ۾ هينئر سڃاتو آهي.“ (18)

نذير احمد جو ٻيو لکيل ڪتاب گهر جي هر فرد لاءِ ”عام اطلاع“ 2016ع ۾ انڊلٽ ملٽي ميڊيا حيدرآباد پاران ڇپيو آهي. ڪتاب ۾ ڪاميابيءَ جا اصول، آسان ترڪيبون ۽ رهنما نقطا ڏسيل آهن. هي نقطا ٻڌائين ٿا ته ڪامل ۽ مڪمل يقين جهڙي معجزاني طاقت ڪيئن پيدا ڪجي. فڪري لحاظ هي ڪتاب عام ماڻهن جي ڪاميابيءَ، قابليت،اعليٰ گڻن، اعتماد قائم رکڻ، سنيون عادتون اپنائي زندگيءَ جي انيڪ جاين تي ڪامياب ٿيڻ لاءِ رهنمائي ڪندڙ آهي.

- <u>**ڪيمن يو مولاڻي:**</u>

ڪيمن يو مولاڻي شاعريءَ، افسانا نويسيءَ، مضمون نويسيءَ سان گڏ مترجم طور ڪيترن ئي ڪتابن جا ترجما ڪيا آهن. جيڪي ادب ۾ اهم اضافو آهن. سندس هندي مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڪتابن مان ”پاڇو“ (چونڊ ڪهاڻيون) 1988ع، ”جپ ۽ ڌيان: پنڊت شريرام

شرما آچاريہ“ 2010ع، ”نئين جُڳ جو مچيءَ جو اوتار“ پنڊت شريرام شرما آچاريہ 2010، ”ڊاڪٽر امبيڊڪر“ رتن ڪمار سامپريا، 2010ع، ”گيتانجلي“ گرو رويندر ناٿ ٽئگور 2012، ”ميان جان جي ڪکڙ“ (ڪهاڻيون)، 2012ع، ”ميگهدوت“ (ڪوتائون) 2014ع، ”جل تون جلال تون“ (ناول) 2014ع قابل ذڪر آهن. ان کان علاوه هن سنڌيءَ مان هنديءَ ۾ پڻ ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. جن ۾ ”سنڌ ڪا اتهاس“ 2004ع، ”ڪلچر باءِ پاس سرجري“ 2004ع، ”سامي کي شلوڪ“ ڀاڱو پهريون 2005ع، ”سنڌي لوڪ گاٿائين“ 2005ع، ”سندر سي بچي“ 2008ع، ”ڪڇ کي ياترا“ 2009ع، ”پهلا پيار“ ناول 2009ع، ”چڙيا رئن بسيرا“ ڪهاڻي 2009ع، ”سنڌي لوڪ ڪلا“ 2010ع، ”بهي ڪاتي کي پني“ 2011ع، ”پياس“ ناول 2011ع، ”شهيد بختاور“ 2011ع، ”ديش تو ميرا“ ناول 2012ع، ”بهي ڪاتي کي پني“ ڀاڱو ٻيو 2012ع، ”سامي کي شلوڪ“ ڀاڱو ٻيو 2013ع، ”بهي ڪاتي کي پني“ ڀاڱو ٽيون 2013ع، ”جل ري مٽڪي“ ٻاراڻيون ڪهاڻيون 2014ع، ”درپڻ کي سامني“ ناول، ”ڪبهي بسنت ڪبهي پت جهڙ“ (ڪهاڻيون)، ”لهرون کي گونج“ (ناول)، ”سورج کي پهلي ڪرڻ“ ناول ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

- <u>**پروفيسر علي نواز جتوئي :**</u>

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارا محقق پروفيسر علي نواز جتوئي تحقيق کان علاوه جن ڪتابن جا ترجما ڪيا سي انتهائي ڪارائتا آهن، جن مان ”رحيمي رحمت ۽ نقشبندي نسبت“ ڪتاب شاهه عبدالرحيم دهلوي جي ”رسالہ رحيميہ“ جو سنڌي ترجمو آهي. ڪتاب ۾ حضور پاڪ ﷺ جن جي نبوت، ولادت، وحي، اصحاب ڪرام جي ذڪر ۽ اولياءَ ڪرام جي بيان، سندن تعليمات ۽ سلوڪ جي مختلف طريقن جو ذڪرآهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي تہ رحيمي رحمت، شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جي والد شاهه عبدالرحيم دهلوي جي ارشاد رحيميہ ۽ نقشبندي سلوڪ بابت سندس رسالہ رحيميہ جو ترجمو آهي، جنهن جو سلوڪ نقشبندي هو. هن ڪتاب ۾ نقشبندي سلوڪ جو خاص خاڪو پيش ڪيل آهي. هي ڪتاب سنڌ سڌار علمي اداري، ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد 1983ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

- <u>**ڊاڪٽر حيدر سنڌي :**</u>

ڊاڪٽر حيدر سنڌي مترجم طور ادبي ترجما بہ ڪيا آهن. حيدر سنڌي مختلف زبانن ۾ مقالا، مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڪتاب بہ ترجمو ڪيا آهن. هن ٻين ٻولين مان صرف لفظن جو ترجمو ئي نہ ڪيو آهي، بلڪ ان مواد جو روح بہ ٻين ٻولين ۾ منتقل ڪيو آهي. ترجمي ۾ هن ٻوليءَ جي سونهن،

اصطلاحن، محاورن ۽ ٻين حسناڪين کي ڪم آڻي وڌيڪ خيالن کي مضبوط بڻايو آهي. سندس ٻوليءَ جي مهارت، اصل متن جي فڪر ۽ خيال جو جائزو پڻ غور سان ورتل نظر اچي ٿو.

1970ع ۾ سنڌي اشاعت گهر نواب شاهه مان حيدر سنڌيءَ "ديسي پرديسي گل" جي نالي سان ڪتابي سلسلو مرتب ڪري جاري ڪيو. هن ڪتاب ۾ سندس ترجمو ڪيل ڪهاڻيون "وطن جي ڪهاڻي" ۽ "محل جو راز" ڇپيون، جيڪي مختصر معاشرتي اصلاحي ڪهاڻيون آهن. حيدر سنڌيءَ ترجمي ۾ متن جي اصل روح ۽ سمايل اصل ذائقي کي برقرار رکڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي آهي. هن عالمي شهرت يافته خاتون ڊاڪٽر اينيميري شمل جي انگريزي ڪتاب "Sindhi Litrature" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو "سنڌي ادب جي ارتقا" جي نالي سان 1981ع ۾ شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو پاران ڇپيو. 2005ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران سڌارن ۽ واڌارن سان "سنڌي ادب جي ڪهاڻي، ڊاڪٽر شمل جي زباني" جي نالي سان ڇپيو. حيدر سنڌي هن ڪتاب کي سنڌي ويس ڍڪائي، ضروري جاين تي مُک نڪتن جي وضاحت طور، ڪجهه فوٽ-نوٽ اهڙي طرح ڏنا آهن، جيئن مواد به اثر انداز نه ٿئي ۽ پڙهندڙن جي طبيعت تي به بار محسوس نه ٿئي. ڪتاب جي ترجمي، تشريح، واڌارن ۽ حاشين جو انتهائي نازڪ ڪم حيدر سنڌيءَ نهايت ئي عرق ريزيءَ سان ڪيو آهي. ڊاڪٽر شمل لکي ٿي ته:

"جڏهن مان سن 1978ع ۾ پاڪستان آيس ۽ حيدر سنڌي ترجمو ڪيل ۽ سنڌيءَ ۾ ڇپيل ننڍڙي ڪتاب سان اسلام آباد ۾ مليو ته مختصر مواد ڇپائڻ تي ڏوراپو ڏنائين. ڇيم ته مجان ٿي ته منهنجي ڪوتاهي آهي ۽ توهان جو ڏک بجاءِ ۽ ڏوراپو اڪين تي. مون ان مهل ئي جرمن ڪلچرل اتا شيءَ جي روبرو ڪيس موڪل ڏني ته توهان حاشيا چاڙهيو، ترجمو ڪيو، توسيع ۽ توضيح ڪيو ته جيئن سنڌي پڙهندڙ ۽ مون سان سنڌي ٻولي ۽ شاهه صاحب جي ڪري پيار ڪندڙن کي اهو سڀ ڪجهه معلوم ٿي وڃي جيڪو هو چاهين ٿا." (19)

- **<u>ظفر لغاري:</u>**

ظفر لغاري جي سڃاڻپ افسانه نگار سان گڏ ترجمي نگار طور به آهي. بحيثيت ترجمي نگار هن "سقراط" (2004ع)، "سگمنڊ فرائيڊ" (2005ع)، "سائنس ۽ سماج" (2005ع)، "جديد سائنس حال ۽ مستقبل" (2005ع) ۽ "يادگار شخصيتون" (2006ع) ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا، جيڪي سندس بهترين قابليت ۽ محنتن جو نتيجو آهن.

"سگمنڊ فرائيڊ" سگمنڊ فرائيڊ جنهن پنهنجو خاص نظريو تحليل نفسي پيش ڪري سڄي دنيا جي ادب تي خاص اثر ڇڏيا. ظفر ان جي شخصيت تي هي ڪتاب ترجمو ڪيو آهي. ڪتاب گهڻو تڻو فرائيڊ جي نظرين نه پر سندس حياتيءَ تي مشتمل آهي. هن جون تڪليفون، مصائب، بي وفائيون، خوشيون

۽ ميجتائون ڪتاب جو خاص موضوع آهن. مترجم ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي خوبصورت استعمال سان گڏ ترجمي جي ذريعي لکڻيءَ جي تہ تائين ديانتداري سان ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي.

ڪتاب ”سقراط“ ليکڪ ڪورا ميسن جي ڪتاب تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل آهي. ٻارهن بابن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ سقراط جي سوانح ۽ ٻيا مختلف موضوع زير بحث آهن. هي ڪتاب امڪانن ۽ انومانن جي آڌار تي آهي، جنهن لاءِ يونان تي لکيل تحريرن مان فائدو ورتو ويو آهي. ڪتاب ۾ ليکڪ سقراط کي مڪتب کان سنگ تراشي ۽ پوءِ فلسفي ٿيڻ جي جيڪا تصوير چٽي آهي، اها امڪانن تي مشتمل هوندي بہ سچي ٿي پوي ٿي.

ڪتاب ”سائنس ۽ سماج“ ڊاڪٽر سريو پرساد گپتا جو لکيل آهي. ظفر هن ڪتاب ۾ وڌندڙ ٻوليءَ ۾ نيائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ترجمو ڪرڻ وقت هن ٻنهي زبانن جي اصل مفهوم جو بہ خيال رکيو آهي. هي ڪتاب سائنس جي موضوعن جهڙوڪ: زندگيءَ جو آغاز۽ ارتقا، سائنس ۽ ٽيڪنيڪي ترقي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو سماج تي اثر، ڪائنات جو فلسفو ۽ آئن اسٽائن، انسان جو سائنسي مطالعو وغيره تي مشتمل آهي.

ڪتاب ”يادگار شخصيتون“ جواهر لال نهرو جو لکيل آهي، جنهن کي ظفر پنهنجي ترجمي جي فن سان مقامي ٻوليءَ ۾ آڻي سنڌي ترجمو ٿيل ادب ۾ اهم اضافو ڪيو آهي. ڪتاب ۾ دنيا جي نامور 40 شخصيتن جهڙوڪ: حضرت محمد صلي الله عليه وسلم، حضرت عيسيٰ عليہ السلام، مهاوير، گوتم، سقراط، سڪندر، چندر گپت، اشوڪ، شنڪر آچاريہ، محمود غزنوي، چنگيز خان، مارڪو پولو، نيپولين، لينن ۽ ٻين جو تاريخي تذڪرو آهي. هن دنيا جي علمي ادبي شخصيتن جي علمي ڪارنامن کي سليس انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن ترجمي جي فني مهارت سان لفظن جي سٽاءَ، جملن جي ويا ڪرڻي ۽ ٻيهڪ جو بہ خاص خيال رکيو آهي، تہ جيئن اصل مواد جو سواد بہ رهي ۽ پڙهندڙ ان مان مڪمل هز ماڻي سگهي. ترجمي ۾ هن استعمال ڪيل ٻولي، ٻيهڪ، اسلوب پنهنجي منفرد انداز ۾ اوتيو آهي. هن ان فن پاري جي اصليت ۽ حسن کي بہ برقرار رکڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي.

ڪتاب ”جديد سائنس (حال ۽ مستقبل)“ آئزڪ اسيموف جي ڪتاب جو ترجمو آهي، جنهن ۾ سائنس جي مختلف پاسن کان ڄاڻ ميسر ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ آئزڪ اسيموف جا چونڊ سائنسي مضمون شامل آهن، جيڪي 1989ع ۾ لکيا ويا آهن. ترجمي جي لحاظ کان ظفر بهترين ڪوشش ڪئي آهي، پر پوءِ بہ ڪٿي ڪٿي هن کان ٻوليءَ ۽ سائنسي اصطلاحن جون خاميون رهجي ويون آهن. پنهنجي پاران ”سائنس هڪ همہ گير گيت“ جي عنوان ۾ لکي ٿو تہ:

"سنڌ اجوڪي سائنسي دنيا ۾ هڪ سناٽي ۽ ويراني کان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. ڇا ان ڳالھ جو واسطو سنڌو سنڌئون سياسي حالتن سان آهي. يا اسان جي سماجي تعليم سان. ان جو جواب بہ نا ممڪن حدن ۾ نہ آهي. سائنس وهم ختم ڪندي آهي. زندگيءَ کي سھل ۽ آسان بڻائيندي آهي. نا معلوم کي ظاهر ڪندي آهي ۽ پراڻن خيالن جي جاءِ تي جديد فڪر جي اوساري ڪندي آهي. دنيا ۾ سائنس کان وڌيڪ اجتماعي ڪجھ بہ نہ آهي. هر نئين دريافت يا ايجاد سموري دنيا جي قومن جو گڏيل ورثو هوندي آهي. سائنس هڪ پيچيده موضوع آهي ۽ ٻئي طرف سنڌيءَ ۾ جديد سائنسي اصطلاح لڳ ڀڳ اڻ لڀ آهن. لازمي نہ آهي تہ هر سائنسي لفظ کي زوري سنڌي ڪيو وڃي." (20)

مجموعي طور ظفر ترجمي جي فن جو بنيادي خيال رکي مٿيان بهترين ڪتاب ترجمو ڪيا آهن، جيڪي ترجمو ٿيل ادب ۾ اهم اضافو آهن.

## ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو:

ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو هڪ ئي وقت ڊاڪٽر، سياسي سماجي ڪارڪن، موٽيويشن اسپيڪر ۽ سنڌي ادب ۾ ترجمي نگار ۽ فلسفي پرچار بہ رهيو آهي. سندس سوچ، فڪر ۽ ڏاهپ ڪيس ماڻهن جي دلين ۾ هڪ نمايان حيثيت ڏياري آهي. پاڻ نهايت ئي جفا ڪشيءَ سان خوبصورت اسلوب سان معياري ادبي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ اوتيا آهن.

هن 2009ع ۾ گرامي پبليڪيشن دولتپور پاران رابرٽ ڪيو ساڪي جي ڪتاب جو "امير پيءُ غريب پيءُ" جي نالي سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. هي ڪتاب ٻارهن بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ رابرٽ ڪيو ساڪي جي ڪهاڻي سندس زباني، دولتمند ماڻهو پئسن لاءِ ڪم نہ ڪندا آهن، مالياتي تعليم، ٽيڪسن جي تاريخ ۽ ڪارپوريشن جي طاقت ۽ رڪاوٽن تي عبور حاصل ڪرڻ جهڙا موضوع شامل آهن. هي ڪتاب اهو سيکاري ٿو تہ اوهان ڪيئن غربت مان نڪري، متوسط يا امير ٿي سگهو ٿا. هي ڪتاب اهو ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن اوهان جا ٻار اڳتي هلي دنيا جي چالاڪين سان منهن ڏين. ڪتاب ۾ مالياتي نظام، ٽيڪس جي نظام، ڪارپوريشن جي طاقت، سکيا جي عمل جيڪو ڪمائڻ جا گر سيکاري، رڪاوٽن کي عبور ڪرڻ ۽ ڪمائڻ جي شروعات ڪيئن ڪجي بابت آهي.

هڪ ٻيو ڪتاب "سوچيو ۽ امير ٿيو" نيپولن هل ۽ هرالڊ ڪيون جي ڪتاب جو ترجمو آهي. ڪتاب ۾ تعميري سوچ، انسان جي خدائي صفتن، ايمان جي پختگيءَ، اثر انگيز شخصيت، ڪاميابيءَ جي لازمي شرطن، سيلزمينيءَ جي مهارتن ۽ ماسٽرمائينڊ جهڙن موضوعن کي سادگيءَ سان انهن طريقن کي واضح ڪيو ويو آهي، جن کي اپنائي ماڻهو پنهنجي شخصيت کي اثر انگيز، طلسماني يا سحر انگيز

بنائي سگهي ٿو. هي ڪتاب مايوسين جي شڪار ٿيل ماڻهن لاءِ نئين راهه عمل، مسئلن جي حل، مستقبل سنوارڻ ۽ ڪامياب زندگي گذارڻ کي روشناس ڪرائي ٿو. مترجم هن ڪتاب ۾ چونڊ ڳالهين، مفيد مشورن ۽ طور طريقن کي آسان فهم ۾ مختصر نموني حاصل مقصد سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران 2014ع ۾ ڇپيو آهي.

ڊاڪٽر غلام سرور مترجم جي حيثيت ۾ سائنسي سوچ جي باوجود پنهنجي زندگيءَ ۾ مذهب کي به اولين ترجيح ڏيندي 2017ع ۾ مولانا سيد منظر حسين گيلاني جي ڪتاب ”النبي الخاتم“ جي عنوان سان ترجمو ڪيوآهي، جنهن ۾ سيرت طيبه جي واقعن ۽ قابل غور پهلوئن کي دلچسپ اندازن سان بيان ڪرڻ سان گڏ حضورﷺ جن جي مڪي زندگي، والدين جي وڇوڙي، پرورش، ٻالڪپڻ جي ڏينهن، نڪاح، وحي جي نزول، حبشه ڏانهن هجرت، معراج، طائف واري زندگي، مديني وارن سان ملاقات، سفرآغاز ۽ ان جي واقعن، تبليغ، جنگ بدر ۽ سندن گهر وارين جو ذڪر آهي. مترجم عام سولي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ادب ۾ هڪ بهترين فڪري ادب جو اضافو ڪيو آهي.

مترجم جو هڪ ٻيو ڪتاب پنهنجو پاڻ سڌارڻ جي موضوع تي ”روحاني ڪاميابيءَ جا ست اصول“ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران 2018ع ۾ ڇپيو آهي. تعارفي لفظن ۾ ڪتاب جي اهميت ۽ فڪر بابت مترجم لکي ٿو ته:

> ”ست روحاني زندگيءَ جا اصول اهڙي سڪيا جوهر آهي، جڏهن اهو علم توهان جي ذهن ۾ شعوري طور منتقل ٿيندو ته پوءِ هي توهان کي اهڙين صلاحيتن سان نوازيندو، جنهن سان بي تحاشا مال، ملڪيت، عزت، روحاني سڪون، خوشي ۽ ڪاميابي بنهه ٿورڙي ڪوشش سان حاصل ٿي سگهندي، ۽ هر سطح تي ڪاميابي توهان جو مقدر بڻبي.“ (21)

مترجم مواد جو اصل روح ٻي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. پر باوجود ان جي تجزيي دوران ٻوليءَ جي جوڙ جڪ، مناس ۽ افاديت متاثر ٿيل آهي. مجموعي طور ڊاڪٽر غلام سرور جا ترجمو ڪيل هي ڪتاب هر پڙهندڙ جي علمي اُڃ اجهائڻ ۾ لاپائتا ثابت ٿيندا. پاڻ هنن ڪتابن ۾ پنهنجي مهارت سان نثر ۾ جوهر ڏيکاريا آهن. ڊاڪٽر غلام سرور جا ترجمو ڪيل هي ڪتاب ابراهيم جويو ۽ رشيد ڀٽيءَ جهڙن ناميارن مترجمن جو تسلسل آهن. سوشل سائنس جي ڄاڻ رکڻ سان گڏ پاڻ علمي ۽ مشاهداتي سگهه ۽ صلاحيت رکندڙ آهي.

ڪتاب ”مائينڊ سائنس“ 2019ع سندس علم جو هڪ اهڙو ڏيئو آهي جنهن جي روشني فڪر جي ڪارين راتين تي روشني ڪندڙ آهي. هي ڪتاب ميڊيڪل سائنس جي دنيا ۾ هڪ اهم اضافو آهي. ڪتاب ۾ غير روايتي انداز سان دماغ جي مڪمل پاسن جو ڪم سائنسي نقطہ نظر سان سمجهايل

آهي. ڊاڪٽر صاحب مختلف پهلوئن کان سائنسي انداز سان تجزيو ڪري گهڻ پاسائين ڄاڻ فراهم ڪئي آهي. هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپيو آهي.

- **غدارِ سنڌ 2018ع:**

هي ڪتاب ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي اردوءَ ۾ لکيل ڪتاب ”غدارِسندھ“ 1993ع جو سنڌي ۾ ترجمو آهي. جيڪو حاڪم علي زرداريءَ جي ڪاوشن جو نتيجو آهي. هن ڪتاب ۾ ديس جي انهن غدارن جي ناانصافين جي نشاندهي ٿيل آهي. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري هن ڪتاب ۾ قومي غدارن جن ۾ مير علي مراد ٽالپر، مير قاسم ۽ نائون مل جي نشاندهي تاريخي حوالن سان ڪئي آهي. هن نائون مل جي ڪنيل قدمن، ان وقت جي حالتن ظالم حڪمرانن، غيرن جي وفادارين، برطانيه ۽ سنڌ جي تعلوقاتن ۾ ٻين مختلف پهلوئن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ مترجم رس چس واري ٻوليءَ ۾ بهترين ترجمو ڪيو آهي. سنڌي ترجمو ٿيل تاريخي ادب ۾ هي ڪتاب اهم اضافو آهي.

- **آڪٽوبر انقلاب ۽ بالشويڪ جون حڪمت عمليون 2022ع:**

سردار ٻرڙو هڪ اهڙو نوجوان ليکڪ آهي، جنهن مضمونن سان گڏ ڪتاب به ترجمو ڪيا آهن. هن ”آڪٽوبر انقلاب ۽ بالشويڪ جون حڪمت عمليون“ 2022ع جي نالي سان ترجمو ڪيو آهي، جيڪو موکي پبليڪيشن مورو طرفان ڇپايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ٽي باب ۽ آخري حصو ”ڳالھ ٻولھ“ تي مشتمل آهي. هي ڪتاب آڪٽوبر انقلاب، روسي ڪميونسٽن جي حڪمت عملين، انهن جي شروعات، اهم خاصيتن ۽ لازمي شرطن جي نقطن بابت ذڪر آهي. هن ڪتاب ۾ لينن ۽ اسٽالن بابت مختلف پهلوئن کان فڪري معلومات شامل آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ننگر چنا لکي ٿو ته:

> ”اسان جي نوجوان مترجم منهنجي پاٽج سردار ٻرڙي اسٽالن جي هڪ ڪتاب On The Road To October جو ترجمو ڪري سٺو ڪم ڪيو آهي. توڙي جو سندس ترجمي ۾ ڪٿي ڪي اوڻايون به آهن پر جيئن ته هيءُ سندس پهريون ڪتاب آهي، تنهنڪري اهي سڀ ممڪن آهن. مان جڏهن اڄ پنهنجا پنجويھ سال اڳ ڪيل ترجما هاڻ وري پاڻ پڙهان ٿو ته ڪجھ ڪجھ لڄي ٿيان ٿو ته هيترا ڪمزور ترجما!؟ جيتوڻيڪ مان پلو مترجم هاڻ به نه آهيان. سو سردار ٻرڙي ڪي واڌايون هجن. جنهن ڪميونزم / لينن ازم سان لاڳاپيل هڪ لکڻي ڪي سنڌيءَ جو ويس ڍڪايو آهي.“ (22)

اهڙيءَ طرح ٻين مترجمن مان محمد منل ڪمالاڻي هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ مترجم طور به ڪم ڪيو. هن حيدرآباد مان ٻارڙن لاءِ هڪ رسالو گلستان جي نالي سان جاري ڪيو.

موري مان جيڪي ترجمي جا ڪتاب ڇپيا آهن، تن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| كتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. قرآن ۽ نئين روشني | خليق موائي | 1932ع |
| 2. حقوق الوالدين | خليق مورائي | 1932ع |
| 3. يتيم جذبا | نذير احمد راهوجا | 1979ع |
| 4. سنڌي ادب جي ارتقا | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 1981ع |
| 5. رحيمي رحمت ۽ نقبندي نسبت | پروفيسر علي نواز جتوئي | 1983ع |
| 6. سقراط | ظفر | 2004ع |
| 7. سگمنڊ فرائيڊ | ظفر | 2005ع |
| 8. سائنس ۽ سماج | ظفر | 2005ع |
| 9. جديد سائنس (حال ۽ مستقبل) | ظفر | 2005ع |
| 10. يادگار شخصيتون | ظفر | 2006ع |
| 11. امير پيءُ غريب پيءُ | ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو | 2009ع |
| 12. سوچيو ۽ امير ٿيو | ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو | 2014ع |
| 13. النبي الخاتم | ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو | 2017ع |
| 14. روحاني ڪاميابيءَ جا ست اصول | ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيو | 2018ع |
| 15. غدارِ سنڌ | حاڪم علي زرداري | 2018ع |
| 16. آڪٽوبر انقلاب ۽ بالشويڪ تحريڪ جون حڪمت عمليون | سردار ٻرڙو | 2022ع |

## 5.3 تحقيق:

- **5.3.1 مقالا:**

پنهنجي موضوع جو علمي ۽ اصولي تجزيو آهي. مقالي ۾ مقاله نگار جي علميت پوشيده هوندي آهي. مقالي جي ليک ۾ فني چند چاڻ سان گڏ تحقيق جو حق پڻ ادا ٿئي ٿو. مقالي کي ٽن حصن ۾ ورهائي لکيو ويندو آهي، جن ۾ تمهيد، موضوع جي وضاحت ۽ پڇاڙي هوندا آهن. مقالو يا تحقيقي مضمون تخليقي مضمون کان مختلف هوندو آهي. ان ڪري فني طور ان جا ڪجهه بيا اصول آهن.

مقالا نگاريءَ جي ميدان ۾ موري جي نثر نويسن پاڻ ملهايو آهي. خاص طور 1970ع کان پوءِ هتان جي ليکڪن جو ڪم تحقيقي ۽ تنقيدي ادب ۾ جهجهي انداز ۾ ملي ٿو. هتان جا ڪيترائي ليکڪ علمي ۽ ادبي ڪانفرنسن، سيمينارن ۽ مختلف علمي ادبي پروگرامن ۾ پڻ تحقيقي مقالا (Research Papers) پڙهندا رهيا آهن، تہ گڏوگڏ سندن ليک اخبارن ۽ رسالن ۾ پڻ ملن ٿا. هتان جي مقالا نگارن شاهہ لطيف جي فن، فڪر ۽ سوانح تي ڪيترائي مقالا لکيا آهن. انهن ۾ راشد مورائي، حافظ محمد بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهہ، پروفيسر علي نواز جتوئي، مشتاق باگاڻي، شمشاد احمد سومرو، رسول بخش گچيرائي، خليق ٻگهيو، خادم بالادي ۽ ٻين جي لکيل مضمونن ۽ مقالن جو ڳاڻيٽو سٺي مقدار ۾ آهي. اهڙن مقالن مان چند هن ريت آهن، جن کي جيڪڏهن سهيڙي ڇپايو وڃي تہ هوند ڪيترن ئي مضمونن ۽ مقالن جا ڪتاب تيار ٿي سگهن ٿا.

**سيد جعفر شاهہ** موري مان نڪرندڙ اخبار هفتيوار ”الحق“ جو ايڊيٽر هو، جنهن ۾ علمي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيائين. سندس هڪ مقالو ”مارئي جو ڪردار روحاني روشنيءَ ۾“ 1967ع ۾ سماهي مهراڻ ۾ پڻ ڇپيو.

**قاضي محمد قاسم** نثر نويسي ۾ انگريزي ۽ سنڌي زبان ۾ تاريخ تي مضمون ۽ مقالا لکيا، جن مان ”سومرن جي تاريخ تي هڪ نظر“ عنوان تي سندس هڪ تحقيقي ۽ علمي نوعيت جو مقالو آهي. هن سنڌيءَ ۾ پختا مضمون لکيا، جنهن ۾ سندس عبارت سادي، رس ڀري ۽ تاريخي لهجي واري آهي.

**محمد مٺل ڪمالاڻي** جيتوڻيڪ بنيادي طور تي محقق ۽ مؤرخ هو. باوجود ان جي هن مقالن سان گڏ ڪيترائي مضمون پڻ لکيا. هن موري مان اداره ”آئينہ ادب“ ۾ ڪم ڪيو. اداري پاران ڇپيل ڪتاب ”لهرون لک لباس“ ۾ سندس هڪ معلوماتي مقالو ”ڪائنات ۽ انسان جي تخليق“ جي نالي سان شايع ٿيو، جنهن ۾ گهڻ پاسائين جاڻ ڏني آهي. م.ع ترابي ۽ محمد مٺل ميمڻ جي نالن سان پڻ هن جا نئين زندگي ۽ ٻين مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ علم، ادب، تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي تحقيقي مقالا ڇپيا.

**ڊاڪٽر حيدر سنڌي** ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون ۽ تحقيقي مقالا پڻ لکيا آهن، جن ۾ داخلي رنگ بہ آهي تہ معلومات جو خزانو بہ آهي. سندس مقالن ۾ ٻولي پُر تڪلف ۽ معلق آهي. ان ۾ علمي اصلاح غير مانوس ۽ دقيق الفاظ ڪثرت سان ڪم آندا آهن، جڏهن تہ مضمونن ۾ هن ان جي برعڪس، ٻولي روز مره عام استعمال ڪئي آهي.

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق** زرداري جيتوڻيڪ محقق ۽ مؤرخ آهي، ان هوندي بہ سندس مقالن سان گڏ مضمون بہ ڇپيل آهن. هن ڪيترائي تاريخي ۽ تحقيقي مضمون لکيا، جيڪي نئين زندگي، سہ ماهي مهراڻ ۽ ٻلاول (ٽماهي تحقيقي جرنل) جي ڪيترن ئي شمارن ۾ ڇپيا. سندس مضمونن ۾ تاريخي ڄاڻ سولي ۽ دلڪش انداز ۾ بيان ٿيل آهي. سندس مضمونن مان "سنڌ ۾ سرڪاري ڪتب خانا"، "قرارداد پاڪستان 23 مارچ"، "پاڪستان کان اڳ جون اخبارون"، "حر تحريڪ"، "مورو ناهي ٿورو"، "سنڌ ۾ جاگيردار ۽ لوٽا ڪريسي"، "ميان غلام شاه ڪلهوڙو حاڪم سنڌ" مشهور رهيا.

**رسول بخش گچيرائيءَ** جي سڃاڻپ ادب ۾ محقق سان گڏ مضمون نويس طور آهي. مضمون جي صنف ۾ هن تحقيق، تاريخ، سوانحي خاڪا لکيا آهن. سندس مضمونن ۾ حضرت شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو (2005ع) آفتاب اخبار ۾ شايع ٿيو. هڪ ٻيو تحقيقي مضمون اعليٰ پائي جو عالم ۽ اديب شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ (2008ع) ۾ ماهوار صراط الهديٰ ڪراچي مان شايع ٿيو. هڪ ٻيو تحقيقي مضمون حضرت مخدوم جلالدين (ثاني) المعروف "مخدوم جهانيان" گشت (2009ع) ٽماهي مهراڻ ۾ ڇپيو. ماهوار صراط الهديٰ ڪراچي پاران مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مختلف پاسن تي سندس تحقيقي مضمون "سنڌ جا علمي مرڪز مخدوم هاشم ٺٽويءَ جي دور ۾" (2009ع) ڇپيو. هڪ ٻيو معلوماتي مضمون "عظيم سماج سڌارڪ: ڊاڪٽر خان محمد پنهور" (2006ع) ۾ هلال پاڪستان اخبار ۾ ڇپيو. ساڳي اخبار ۾ "پهريون مولودي شاعر مخدوم غلام محمد بگائي" (2007ع) ۾ ڇپيو. رسول بخش گچيرائي مضمون نويسيءَ ڪي برجستگي، وسعت، گوناگونيت ۽ گهرائي ڏني آهي، هن جي ڪوشش سان سنڌي مضمون سماج سڌار ۽ اخلاق سڌار کان وڌيڪ هڪ وسيع ميدان، جنهن ۾ علم، ادب، انسانيت، روحانيت ۽ ماڳ مڪانن جهڙن اهم موضوعن تي مضمون لکيا آهن.

**نذير احمد زرداريءَ** جا ڪجھ مضمون ٻلاول ڇماهي تحقيقي جرنل ۾ ڇپيا، جن ۾ "مجذوب سامٽيو فقير زرداري" 2011ع، "شهيد الھ بخش سومرو تاريخ جو وساريل هڪ باب" 2012ع، "شهيد غلام رسول شاه" 2015ع ۽ هڪ تحقيقي مضمون "پير صبغت الله راشدي ان دي لائيٽ آف هسٽاريڪل فيڪٽس" ڇپيو. نذير احمد زرداري 2016ع ۾ "تاريخ جا ورق" ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جا لکيل مضمون ۽ مقالا ڪتاب ترتيب پڻ ڏنو آهي.

موري مان مضمونن ۽ مقالن تي جيڪي ڪتاب ڇپيا تن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

- **موڙو تاريخ ۽ ثقافت 2011ع**

هي ڪتاب اسلم عباسي ترتيب ڏئي، سنڌ رويو پبليڪيشن ڪراچي ۽ مهراڻ سٽيزن ڪلب موري پاران ڇپايو آهي. هن ڪتاب ۾ تعلقي موري جي علمي، ادبي ۽ ٻين تاريخي شخصيتن، ماڳن مڪانن، ثقافت موري جي سياسي، سماجي ۽ تعليمي پسمنظر کان علاوه ٻين مختلف موضوعن تي 30 کان مٿي مضمون ۽ مقالا شامل آهن. هي مضمون ۽ مقالا موري تعلقي جي مختلف تاريخي پهلوئن کان ڄاڻ ڀريو جامع دستاويز آهن.

- **موري جا مٽيادار ماڻهو 2016ع**

هي ڪتاب پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ترتيب ڏئي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهه پاران ڇپايو آهي. هن ڪتاب جي باب پهرين ۾ موري شهر جي معروف ثقافتي ۽ تعليمي شخصيت استاد محمد چٽل سرهيو جي سوانح نگاري، ثقافتي ۽ تعليمي خدمتن ۽ ٻين مختلف پهلوئن تي ليکڪن جا 34 مضمون شامل آهن. باب ٻئين ۾ موري شهر جي مشاهيرن عبدالخالق "خليق مورائي"، مولانا محمد عثمان ميمڻ، سيد علي بخش شاهه، جان محمد سرهيو، راشد مورائي، قاضي فضل الحق ۽ پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي سوانح، علمي ۽ ادبي خدمتن متعلق مضمون ۽ مقالا لکيل آهن. هنن مضمون ۽ مقالان ۾ ليکڪن مٿين مشاهيرن جي علمي ۽ ادبي بصيرت ۽ ڪيل خدمتن کي پنهنجي مشاهدي ۽ علمي نقطہ نظر کان تجزيو ڪري معلومات ڏني آهي.

- **5.3.2 تحقيق:**

تحقيق عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ، روايتي علمن جي سائنسي انداز سان، ڇنڊڇاڻ ڪري نوان نتيجا اخذ ڪرڻ آهي. ٻولي، ادب يا مختلف شعبا، تحقيق جي رجحان کان بغير ترقي ڪري نٿا سگهن. موجوده ڪوجنا وارن لاڙن ۾ تجزياتي سوچ تي دارومدار رکي ٿو.

زندگيءَ جي هر شعبي ۾ لِڪَ ٿيندي آهي، جيڪا مسئلي کي سمجهڻ لاءِ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي آهي. اهڙيءَ طرح هر شخص کي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت پوندي رهي ٿي. تحقيق جو مقصد به ڳولا ڪرڻ وري ڳولا ڪرڻ آهي، جيئن حقيقتن تائين رسائي ٿئي ۽ ڇنڊ ڇاڻ سان نئين معلومات ۽ نوان نتيجا ظاهر ڪري سگهجن.

J.F.Rummel تحقيق جي وصف بيان ڪندي چوي ٿو ته:

”تحقيق ڪنهن ڳالهه جي ڳجهن رازن کي ڳولڻ، ڪنهن ڳالهه جي ترقي ۽ علم کي وڌيڪ پرورڻ کي چيو وڃي ٿو ۽ اها پروڙ نون طريقن سان نئين معلومات حاصل ڪري ٿي.“ (23)

John. W. Best وري تحقيق جي وصف هنن لفظن ۾ ڪئي آهي ته:

”اها نئين معلومات جيڪا موجوده معلومات ۾ واڌارو آڻي.“ (24)

مختلف ڏاهن جي نظر ۾ تحقيق جي وصف:

Good and Scats مطابق ”ڪنهن به مسئلي جي متعلق ايمانداريءَ، جامعيت ۽ ڏاهپ سان ڪيل ڳولها کي تحقيق چئبو آهي.“ Kidder مطابق "جيڪا شيءَ اوهان جي نظر کي وسعت ڏئي، جنهن جي مدد سان واقعن جي پنهان لڪل سبب کي ڏسي سگهجي ۽ فعل جي پنهان معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهجي ان کي تحقيق چئبو آهي.“ Charters مطابق ”تحقيق لاءِ به خصوصيتون لازمي آهن. هڪ مسئلو ۽ ٻيو ان جو عالماڻي طريقي سان حل.“

آزاديءَ کانپوءِ موري مان پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جديد اصولن موجب تحقيقي ادب جو بنياد وڌو. هن جديد سنڌي لسانيات بابت لکي نوان موڙ ڏنا. ڊاڪٽر حيدر سنڌي، ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه منل ڪمالاڻي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، رسول بخش گچيرائي ۽ ٻين جا معياري تحقيقي ۽ تاريخي مقالا ۽ مضمون سنڌي علم و ادب، تاريخ ۽ ٻوليءَ متعلق معلوماتي مواد فراهم ڪن ٿا. سنڌي ادب جي جن لائق محققن ۽ تاريخ نويسن تحقيق ۽ تاريخ جي شعبن ۾ پنهنجي خدمتن جو مثالي ثبوت ڏنو آهي، تن جو مختصر جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

- **<u>پروفيسر علي نواز جتوئي</u> (1914ع – 1996ع)**

پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جو تعلق تعلقي موري جي نوان جتوئي شهر سان آهي. پاڻ بي اي، بي ٽي ڪري استاد جي منصب تي فائز ٿيو. ايم اي ڪرڻ کان پوءِ ڪاليج ۾ پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 1953ع ۾ استاد مقرر ٿيو. هن 1963ع ۾ لسانيات ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لنڊن يونيورسٽيءَ جي اسڪو آف اورِ نيشل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز لنڊن مان ٻن سالن ۾ لسانيات جي مهارت حاصل ڪئي. بعد ۾ هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ لسانيات جي علم جو پايو وڌو. پاڻ هن شعبي جو سينئير استاد هو، جتان هن 1974ع ۾ بطور پروفيسر رٽائر ڪيو. هن دور ۾ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ سنڌي ادب، ٻوليءَ، ثقافت ۽ لغت ۾ تحقيقي مواد پيش ڪري، پنهنجو خاص مقام پيدا ڪيو. هن پنهنجي تحقيقي مضمونن ۽ مقالن سان سنڌي ادب ۾ هڪ نئون باب کوليو. علمي ۽ ادبي ميدان ۾ پروفيسر علي نواز جون خاص طور لسانيات، تصوف، شاهه عبداللطيف، خواجا محمد زمان، عبدالرحيم گرهوڙي ۽ ٻين صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ خدمتون آهن. ايم اي سنڌيءَ جي نصاب ۾ علم لسانيات ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، لهجن، محاورن ۽ رسم الخط جو مطالعو شامل ڪرڻ ۾ سندس دلي ارادن جو گهڻو عمل دخل آهي. سندس ڪيترريون تحريرون اڄ ۾ به رهجي ويون. هن ڪيترائي مقالا به لکيا، جنهن مان ”پٽائيءَ جو ياري پيد“ مقالو وڏيڪ مقبول ٿيو. سندس ڇپيل تصنيفات ۾ ”ديوان حافظ“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو (1951ع)، ”مئين عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام“ ”ادبي تنقيد ۽ تبصرو“ (1956ع)، ”سياست نامو“ ترجمو (1957ع)، ”اخلاق محسني“ ترجمو (1957ع)، ”سنڌي صحيفو“ سنڌي لسانيات (1962ع)، ”غزلن جو غنچو“ (ترتيب)، ”سنڌي غزلن جو انتخاب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سان شامل“ (1965ع)، ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ ٻه ڇاپا (1968ع) ۽ (1983ع)،”ويرون ۽ وهڪرا“ تنقيدي مضمون ۽ مقالا (1993ع) شامل آهن. مٿين ڪتابن مان سندس لکيل ڪجھ تصنيفن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

1. **<u>علم لسان ۽ سنڌي زبان</u> (1968ع)**

لسانيات جي ماهرن مطابق سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد تحقيق جو هيءُ پهريون ۽ جامع ڪتاب آهي. هن ڪتاب جا هن وقت تائين ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. ڪتاب جي ٻئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو ته:

> ”سنڌيءَ ۾ جيتوڻيڪ هيءَ پهرين ڪوشش آهي مگر اها قابل قدر آهي، ڇاڪاڻ ته فاضل مؤلف، هن ڪتاب کي جامع انداز ۾ پيش ڪيو آهي. موضوع جي ٽن مکيه پاڱن، يعني صوتي، صرفي ۽ نحوي بابن مان، هر هڪ جي مکيه پهلوئن کي پوريءَ طرح زير بحث آندو اٿس، ۽ اهم اصولن ۽ نظرين کي دليلن ۽ مثالن سان کولي بيان ڪيو اٿس، خصوصن

صوتيات جي نظام جي وضاحت، خاڪن ۽ تصويرن ذريعي بلڪل سهڻي نموني ڪئي وئي آهي. هي هڪ خالص علمي ڪتاب آهي، جنهن ۾ لسانيات جي علمي نظرين کي معتبر مغربي عالمن جي ڪتابن تان اخذ ڪيو ويو آهي. فاضل مؤلف محض نقل ۽ ترجمي جي بجاءِ اهم نظرين ۽ اصولن کي، سنڌي زبان جي مزاج مطابق بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان هوندي به جيڪڏهن ڪن جاين تي مفهوم ۾ ڪا پيچيدگي معلوم ٿئي ٿي ته اصل ماخذن ڏانهن رجوع ڪري سگهجي ٿو جن جا حوالا هر باب هيٺ ڏنا ويا آهن. انگريزيءَ ۾ علم لسان جي ڪن خاص لفظن ۽ اصطلاحن سان گڏوگڏ، فاضل مؤلف، سنڌي مترادفات استعمال ڪيا آهن جن کي گهڻي حد تائين موزون ۽ مناسب آهن ۽ آئيندي لاءِ سنڌيءَ ۾ هن موضوع بابت لفظن ۽ اصطلاحن واضح ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا.“ (25)

پروفيسر علي نواز جو هي وڏو ڪارنامو آهي. هن وڏي تحقيق ۽ محنت سان هي ڪتاب تحرير ڪيو. هن ڪتاب ۾ لساني ڄاڻ سائنسي بنيادن تي استوار ڪيل معياري ۽ جامع ڏني وئي آهي، جنهن سان لسانيات جي شاگردن توڙي محققن کي گهڻي رهنمائي ملي ٿي. ڪتاب ۾ جملي اٺ باب آهن. باب پهريون زبان ۽ علم زبان جي تعريف ۽ وضاحت تي مشتمل آهي. ڪتاب جو ٻيو باب ”صوتيات“ (Phonology) وڏي محنت سان لکيل آهي. صوتياتي سرشتي، صرفيات، نحويات، معنيات، توڙي تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي مختلف رخن کان روشني وڌي وئي آهي. صوفيات جي باب ۾ پڻ سندس محنت قابل داد آهي. جڏهن ته نحويات جي ڏس ۾ ڪافي ڪجهه پيش رفت ٿي آهي. ان جي پيش نظر پروفيسر علي نواز جتوئي واري معلومات هاڻي پراڻي ٿي چڪي آهي. ڪتاب جا آخري ٻه باب تاريخي لسانيات ۽ ٻولين جي لکڻ جو طريقو هن ڪتاب جي جان آهي. ٻولين جي لکڻ جو طريقو ڪتاب جي آخري باب ۾ آمريڪي ريڊ انڊين جي لکڻين کان وٺي ڪونيفيرس، موهن جي دڙي جي لکيت ڪروشني، جپاني ۽ ڪوريائي ٻولين تائين جي لکڻين جا مثال ڏئي، رسم الخط جي ارتقا ۽ اوسر تي ڀرپور روشني وڌي وئي آهي. جديد دور جي ڪيترين الفابيٽ تي پڻ ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وئي آهي. لساني ڄاڻ لاءِ پاڻ ڪيترائي نوان نوان اصلاح ڏاهيا آهن، جن کي ڪتاب جي آخر ۾ ”لسانيات جا مخصوص الفاظ“ جي سري هيٺ، ڄاڻايا ويا آهن. پروفيسر علي نواز جو هي ڪتاب لساني ڄاڻ جو جديد لسانيات جي ميدان ۾ نهايت ئي اهم ۽ بنيادي ڪتاب آهي. سنڌي زبان تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ هيءُ ڪتاب رهنمائي ڪندڙ آهي.

2. **ويرون ۽ وهڪرا** (1993ع)

هي ڪتاب پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي لکيل 14 تنقيدي مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل آهي، جيڪي مختلف رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپجي چڪا آهن. هي ڪتاب سندس اهم ڪتاب آهي، جنهن ۾

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، جي نظرين جي باري ۾، سراج الحق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي بيان ڪيل نظرين جي باري ۾، سندس اختلافي راين وارن مضمونن کان سواءِ سنڌي ساهت، تصوف جو تاريخي پس منظر ۽ ان جي حڪمت عملي، تصوف جي همہ اوست ۽ همہ از اوست، وارن نظرين کان سواءِ "تعليمي فلسفي"، "علم ادب ۽ زندگي" کان سواءِ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۽ سنيهي جي متعلق مضمون ۽ مقالا بہ هن ڪتاب ۾ شامل آهن، جنهن مان سندس علمي ۽ ادبي نظرين، لطيف شناسيءَ متعلق سوچ ۽ ڄاڻ معلوم ٿئي ٿي. ڪتاب بابت محمد موسيٰ ڀٽي لکي ٿو تہ:

"زير نظر ڪتاب ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، ٻولي، علم ۽ ادب جي نالي تي ٿيل تحقيق جي اصليت کي ظاهر ڪيو آهي ۽ اهو ثابت ڪيو آهي، تہ اسان وٽ گذريل چاليهہ پنجاهہ سالن ۾ مارڪسزم ۽ جديديت کان متاثر اديبن جي ذهنن تي پنهنجي نظريي جي پروپيگنڊا جو جيڪو جذبو سوايو رهيو آهي، علم ادب ۽ تاريخ، انهيءَ جذبي جو وڏ ۾ وڏ شڪار ٿيا آهن. اهڙيءَ ريت هنن، سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي تاريخ کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "ويرون ۽ وهڪرا" ڪتاب، سنڌي ادب ۾، هڪ ممتاز ۽ منفرد حيثيت جو حامل آهي. مصنف جو عالمانہ شان، تحقيقي مقام، سوچ جي بلندي ۽ نتائج اخذ ڪرڻ جي صلاحيت کي ڏسندي، اها ڳالهہ بنا هٻڪ جي چئي سگهجي ٿي تہ ڪتاب، سنڌي ادب ۾ طويل عرصي تائين ياد رکيو ويندو ۽ تحقيق جي رخ کي موڙڻ ۾ پڻ انقلابي ثابت ٿيندو." (26)

هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ منفرد حيثيت جو حامل آهي. ڪتاب مان پروفيسر صاحب جي تحقيقي حيثيت، بلندي ۽ نتيجا اخذ ڪرڻ جي صلاحيت جي پرک پوي ٿي. هن ڪتاب جي پيش لفظن ۾، مضمونن ۽ مقالن مان سراج الحق ميمڻ جي ڪتاب، سنڌي ٻولي جي باري ۾ راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ بابت مسٽر سراج جيڪو ڪتاب لکيو تنهن علمي حلقن ۾ چگو چوٻول پيدا ڪيو. ٿورا پڙهيا تہ الڳ، پڙهيل طبقي جو خاصو طبقو بہ ان جي ساراهہ جا ڍڪ پرڻ لڳو. ان رجحان کي ڏسندي خيال پيدا تہ ان ڪتاب جو صحيح ملهہ عوام اڳيان رکجي تہ گمراهہ نہ ٿين. تازو ولايت کان علم لسان کان واقف ٿي آيو هوس تنهن ڪري هن مقالي کي، علمي طرز تي لکڻ جي توفيق حاصل ٿيم. مقالو قسط وار، روزاني اخبار"مهراڻ" ۾ ڇپجڻ شروع ٿيو. بي حد مقبول ويو. پڙهندڙن جون اکيون کلي ويون ۽ سراج صاحب جي ڪتاب جي ساراهہ جو بت خانو پيجي پرزا پرزا ٿي ويو ۽ وري ڇاپي هيٺ نہ آيو." (27)

پروفيسر علي نواز جتوئيءَ شاهه لطيف جي شاعريءَ جي فلسفي بابت ڪيترائي مضمون لکيا هئا، جن مان ”اکين جي اهميت، شاهه لطيف جي نظر ۾“، ”شاهه جو سنيهو نئين نسل لاءِ“ ۽ ٻيا قابل ذڪر آهن. ڪتاب جا پيش لفظ پاڻ لکيا آئس. هي ڪتاب سنڌ سڌار اڪيڊميءَ طرفان 1993ع ۾ ڇپيو. هي ادارو پاڻ ئي قائم ڪيو هئائين. سنڌي ساهت جي سرسري تاريخ (1957ع) ۾ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (مخزن) ۾ ڇپيو هو. هڪ ٻيو مضمون تصوف جو تاريخي پس منظر نهايت سٺي انداز ۾ جاڻ پريولڪيل آهي. مضمون ۾ انسان جي خصوصيتن، نبوت ۽ ولايت جي ارتقا، منزلن ۽ نبوت جي مختلف دورن جو تجزيو پيش ڪيل آهي. هن ڪتاب ۾ سراج الحق ميمڻ جي سنڌي ٻوليءَ تي لکيل ڪتاب ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد“ تي تنقيدي مقالا پڻ لکيل آهن. آخر ۾ شاهه لطيف جي مختلف موضوعن تي چار مقالا بہ شامل آهن، جن ۾ شاهه صاحب جي پيغام ڪي نهايت موثر نموني پيش ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب سندس قائم ڪيل ”سنڌ سڌار اڪيڊمي“ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

3. **علامہ آءِ آءِ قاضي هڪ عظيم شخصيت ۽ عظيم مفڪر** (1986ع)

هي مقالو علامہ آءِ آءِ قاضي جي شخصيت ۽ سندس فڪر بابت مهراڻ رسالي ۾ ڇپيو. بعد ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي يادگار سوسائٽيءَ طرفان ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. هن مقالي ۾ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي زندگي، سندس فڪر، مختلف موضوعن، جهڙوڪ: زندگي، دين نبوت، ولايت، تصوف، علم ادب، تعليم، سندس فلسفي جي نچوڙ ۽ زندگيءَ جي ٻين مختلف شعبن بابت سندس نظرين کي مفصل ۽ جامع انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

4. **شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام** (1956ع)

پروفيسر علي نواز جتوئي هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو ترتيب ڏنو، هن کان اڳ علامہ دائود پوٽي جو ڪتاب ڪلام گرهوڙي نہ ڇپيو هو. ڪتاب ۾ هن مخدوم گرهوڙي جي سوانح حيات، سندس تصنيفن، خواجہ محمد زمان لنواري شريف واري جي مريد ٿيڻ، شاهه لطيف جي همعصر هجڻ ۽ سندس ڪلام ۾ خواجہ محمد زمان جي اثر بابت سٺي نموني بحث ڪيو آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي جي وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب تي شروعاتي ڪم ٿي رهيو هو. هن 1951ع ۾ سنڌي ساهت جي سرسري تاريخ تي هڪ مقالو لکيو. مقالي ۾ پاڻ قاضي قاضن جا ست شرورتي بيت بہ قلمبند ڪيا ۽ قاضي قاضن کان وٺي انگريزن جي دور حڪومت تائين جي سنڌي ادب بابت جامع انداز ۾ احوال پيش ڪيو آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي مختلف پروگرامن ۽ مجلسن ۾ تقريرون ۽ ليڪچر بہ ڏنا تہ شاهه لطيف جي پيغام ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي جي فڪر ۽ سندس شخصيت تي مضمون ۽ مقالا بہ لکيا. علامہ آءِ آءِ قاضي سان سندس خط و

ڪتابت بہ رهي. انهن خطن ڪي سهيڙي ڇپرائي سگهجي ٿو. پاڻ مصطفائي جماعت جا ڪتاب جيڪي تصوف ۽ نقشبندي سلسلي تي هئا ترتيب ڏنا.

- **ڊاڪٽر حيدر سنڌي** (15 سيپٽمبر 1945ع)

ڊاڪٽر غلام حيدر عرف حيدر سنڌي، ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي تعلقي موري ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو حاجي علي مراد ٻرڙو آهي. ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جي تعليم ايم اي ، پي ايچ ڊي ۽ بي ايڊ آهي. پاڻ ڊي جي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۽ نيو جتوئيءَ ۾ انگريزي استاد 1949ع کان 1974ع تائين رهيو. ساڳئي سال ۾ پاڪستان اسٽڊيز سينٽر اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو، جنهن کي بعد ۾ قائداعظم يونيورسٽيءَ جو نالو ڏنو ويو. حيدر سنڌي پهريائين ليڪچرار کان پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر جي منصب تائين پهتو. 1980ع ۾ ”پاڪستان جي صوبائي ۽ علاقائي زبانن ۾ سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لساني حيثيت“ عنوان تي ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهبريءَ هيٺ لکي پي ايچ ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس ڪيترائي مضمون سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپيا آهن. سچل شناسيءَ بابت لکيل سندس تحقيقي مقالو ”سنڌي سماج ۽ سچل جي شاعري“ (1989ع) ڇپيو، جنهن ۾ سچل جي ڪلام کي سماج سان لاڳاپيل ٻڌايو ويو آهي. پاڻ ترجما بہ ڪيا، جن ۾ خاص طور اينميري شمل جو ڪتاب ”سنڌي ادب جي ارتقا“ (1982ع) سندس هڪ معروف ڪتاب آهي. 1988ع ۾ بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ لسانيات واري سيشن ۾ ”هندوڪو — سنڌ ماٿريءَ جي قديم ٻولي“ عنوان سان پڙهيو. سندس لکيل پي ايچ ڊيءَ جي مقالي ”پاڪستان جي صوبائي ۽ علاقائي زبانن ۾ سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لساني حصثيت“ جي باب پهرين ۾ ٻوليءَ جي اهميت، وصف، سماج ۽ ٻوليءَ جو سَبنڌ وغيره تي روشني وڌي وئي آهي، گڏوگڏ ٻين مشهور ماهرن جا رايا ۽ قرآن پاڪ مان پڻ حوالا ڏنا ويا آهن. ان کان علاوه پشتو، بلوچي، ڪشميري، پنجابي، ملتاني ۽ هندڪو ٻولين جي مختصر تاريخ، قومون جيڪي اهي ٻوليون ڳالهائين ۽ انهن ٻولين جي لهجن جي ڄاڻ پڻ ڏني آهي. ٽئين باب ۾، برصغير جي تحريڪن جو سنڌي ۽ ٻين ٻولين تي اثر جهڙي موضوع تي لکيو آهي. ضميمي ۾ روينيو، قانون ۽ ٻين ڪاتن ۾ عام رواج ۾ ايندڙ سڌي ٻوليءَ جا نمونا، رسيدون، دستاويز، لکپڙه وغيره شامل ڪيا ويا آهن، جنهن ذريعي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي ٻولي گذريل صديءَ کان سنڌ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڀرپور نموني ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي.

ڊاڪٽر حيدر سنڌي جو هڪ ٻيو ڪتاب 1970ع ۾”ٻولين جا سرچشما“ ڇپيو. جنهن جا شروعاتي باب ساڳئي ٿيسز واري موضوع تي آهن. هنن بابن ۾ نئين مواد جو پڻ اضافو آهي. ان کان علاوه رسم الخط جي وجود ۾ اچڻ جي مختصر تاريخ، موهن جي دڙي ۽ سنڌو سڀيتا جي ٻين مرڪزن مان مليل مهرن تي لکيل انڊس اسڪرپٽ جو احوال سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان مختصر شامل آهي. سندس

هڪ ٻيو ڪتاب "همارا لساني و ادبي ورثہ" جي نالي سان 1995ع ۾ اردو زبان ۾ اسلام آباد مان ڇپيو. ڪتاب ۾ اردو، براهوي، بلوچي، پشتو، پنجابي، سرائڪي، سنڌي ۽ هندڪو ٻولين ۽ ادب تي هڪ باب تحريرڪيل آهي. ٻوليءَ جي باري ۾ جامع معلومات ڏيڻ سان گڏ، ٻولين جي محاورن ۽ لهجن تي پڻ روشني وڌل آهي. هن سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي مختلف پاسن کان نيون خوجنائون ڏنيون، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ان جي تاريخ جي لحاظ کان ڪافي مواد ميسر ٿيو آهي. ڊاڪٽر حيدر سنڌي "هندڪو - سنڌوماٿري جي قديم ٻولي" ۾ هندڪو ٻوليءَ کي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ويجهڙائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لکي ٿو ته:

"ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ تاريخي ۽ تحقيقاتي حوالا ۽ علم لسانيات جي روءِ کان عالمن جا اخذ ڪيل نتيجا ۽ تقابل وسيلي مليل مواد جي آڌار تي اها دعوي ڪرڻ بجاءِ ٿيندي ته هندڪو ڪا ڏارين يا ٻاهران آيلن جي ٻوليءَ جي شاخ نه ٿي سگهي. اها قديم ٻولي آهي، ان جو اڳوڻو نالو سنڌڪو يا سينڌوي آهي. هيءَ پنجابي نه آهي ۽ نه پنجابيءَ سان ڪا مٽي مائٽي آهي. پنجاب تي اهو نالو پوءِ پيو ۽ ان کان اڳ هيءَ سڄي پٽي سنڌ جي سرزمين هئي. جڏهن سرزمين کي سنڌ سڏبو هو، تڏهن ان جي آباد لوڪن ۽ سندن ٻوليءَ کي سنڌي ئي سڏبو هو." (28)

سنڌي ٻوليءَ بابت لکي ٿو ته:

"هن وقت سنڌي زبان جي سيني آوازن لاءِ جيڪا آئيوٽا موجود آهي، تنهن سنڌي زبان کي وڏيڪ وسعت ۽ ڪشادگي عطا ڪئي آهي. اڄ دنيا جي ڪنهن به زبان جو ڪوبه حرف سواءِ ڪنهن اچار جي تبديل جي لکي ۽ پڙهي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌي زبان پنهنجيون ارتقائي منزلون طئي ڪري، اڄ دنيا جي برک، مهذب ۽ معياري زبانن جي قطار ۾ بيٺل آهي. منجهس گرامر، لغت، علم مخارج وغيره متعلق تحقيقي ڪم ٿي رهيو آهي." (29)

سندس ٻين ڪتابن ۾ "سندهي زبان اور ادب کي جديد تاريخ" ۽ "حيات قلندر"، ديسي پرديسي گل (ترتيب – افسانا)، شاهه آفاقي شاعر، ته زباني لغت، سنڌ جون چند ذاتيون ۽ ٻيا آهن.

- **<u>رسول بخش ٻگهيو گڇيرائي</u> (19 آڪٽوبر 1949ع)**

تاريخ نويس ۽ محقق رسول بخش ٻگهيو ولد حاجي محمد موريل ٻگهيو ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر گڇيري پراڻي ۾ ڄائو، جيڪو علم و ادب ۽ تاريخي لحاظ کان هڪ ذرخيز ۽ وسيع خطو رهيو آهي. رسول بخش بنيادي تعليم گڇيري پراڻي، مئٽرڪ هاءِ اسڪول موري، بي اي ڊگري ڪاليج

نوابشاه جڏهن ته ايم اي اڪنامڪس، ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۽ عربي سرٽيفڪيٽ جهڙيون ڊگريون سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان حاصل ڪري، 1971ع ۾ نامياري سماج سڌارڪ خان محمد پنهور سان گڏ سنڌ اندر ”ڳوٺ سڌارسنگت“ تنظيم جو بنياد رکيو. 1980ع ۾ ايل ايل بي ڊگري سنڌ لاڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪري سماجي ڪمن سان گڏ 1982ع کان نثر لکڻ شروع ڪيو. هن تحقيقي ميدان ۾ مقامي تاريخ، ثقافت ۽ ٻين مختلف موضوعن تي نئين کوجنا ڪري سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ 300 کان مٿي تحقيقي مقالن ۽ مضمونن جو اضافو ڪيو آهي، جيڪي نئين زندگي، تماهي مهراڻ، ڇهه ماهي بلاول تحقيقي جرنل، ٽماهي تخيل ۽ ٻين مختلف مخزنن، رسالن ۽ سنڌي اخبارن جهڙوڪ: روزانه هلال پاڪستان، عبرت، آفتاب، مهراڻ ۽ ڪاوش ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. رسول بخش جي تحقيقي ڪم جو انداز به منفرد آهي. هن ڪيترن ئي موضوعن جو گهڻ پاسائتو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو وٺي پوءِ پيش ڪيو آهي. ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي شخصيتن تي لکيل سندس تاريخي مقالن ۽ مضمونن جي به هڪ خاص ادبي حيثيت آهي. هن جهانيا خاندان جي تاريخ، درگاهه خياري شريف جي بزرگن جي تاريخ، مخدوم هنگوري، مخدوم قاضي غلام محمد قريشي بگائي، علامه مولانا محمد ادريس ڏاهري ۽ گچيري پراڻي جي قديم تاريخ جهڙن موضوعن تي نئون تحقيقي ڪم منظرعام تي آڻي، تاريخ نويس لاءِ نوان علمي ادبي ۽ تاريخي بحث آندا آهن. تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ ادب تي لکيل ڪتاب سندس محنت، جاکوڙ ۽ نئين تحقيق جو نتيجو آهن. تاريخ ۽ تحقيق بابت مختلف وقتن تي سندس ڇپيل ڪتابن پڙهندڙن توڙي نئين نسل کي نون زاوين ۽ سمتن سان متعارف ڪرايو آهي، جن ۾ آئين ۽ منشور(1985ع)، صاحب سڳورا ۽ سندن شرعي ميلا (ڇاپو پهريون 2000ع)، مخدوم هنگورو ۽ سندن شرعي ميلا (2001ع)، سرويچ ساٿي (ترتيب 2007ع)، سهڻي سنڌ جو سهڻو عالم (2017)، هڪ سچي ۽ سهڻي ڪهاڻي يوسف ذليخا (2019ع)، صاحب سڳورا ۽ سندن شرعي ميلا (ڇاپو ٻيو 2020ع) ۽ گچيرو (شهر، شخصيتون، ثقافت ۽ ادارا) حصو پهريون (2021ع) آهن. ڇپائي هيٺ سندس ڪتابن ۾ تذڪره جهانيان خاندان، مخدوم بلال ۽ سندس خلفاءِ اڪرام، گچيرائيءَ جا مقالا ۽ مضمون، مخدوم قاضي غلام محمد قريشي بگائي ۽ ٻيا آهن.

1. **صاحب سڳورا ۽ سندن شرعي ميلا 2000ع:**

هي ڪتاب سندن نهايت ادبي ۽ تاريخي اهميت جو حامل آهي. درگاهه خياري شريف جي بزرگن تي لکيل هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سندن سوانح حيات، شجري مبارڪ، ديني خدمات، سندن دور ۾ منعقد ٿيل شرعي ميلن کي تحقيقي صورت ۾ پيش ڪيو ائن. ڪتاب ۾ عبارت ۽ طرزِ بيان شاندار نموني ۾ آهي.

2. **مخدوم هنگورو ۽ سندن شرعي ميلا** (2001ع):

هن ڪتاب ۾ بلاولي تحريڪ جو تاريخي پس منظر، مخدوم هنگوري جي سوانح حيات، ان دور جي سماجي حالتن ۽ تاريخي پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

3. **سهڻي سنڌ جو سهڻو عالم** (2017ع)

هن ڪتاب ۾ ناميار عالم علامہ مولانا محمد ادريس ڏاهريءَ جي شخصيت، سوانح حيات، ديني خدمات ۽ تصنيفات جي روشنيءَ ۾ سندس مڙني ڪتابن ۽ نون جلدن ۾ آيل تفسير جو جائزو وٺي دليلن سان سندس شخصيت کي عالمي سطح واري حيثيت طور ثابت ڪيو ويو آهي.

4. **هڪ سچي ۽ سهڻي ڪهاڻي يوسف ذليخا** 2019ع:

هي ڪتاب يوسف ذليخان جي تاريخي واقعي تي آهي، جنهن کي رسول بخش گچيرائي قرآن شريف جي روشنيءَ ۾ تحقيقي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. ڪتاب ۾ موزون لفظن جو انتخاب، جملن ۽ لفظن جي بيهڪ ۽ ترتيب، موقعي جي مناسبت سان لهجي جو لاهہ ۽ چاڙهہ سهڻي نموني ۾ آهي.

5. **گچيرو (شهر، شخصيتون، ثقافت ۽ ادارا)** (2021ع):

هي ڪتاب قديم شهر گچيري جي تاريخ تي لکيل آهي. هي ڪتاب ايم ايچ ڏاهري پبليڪيشن نواب شاهہ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ڪتاب جي شروعات ۾ گچيري تي نالو، قدامت، انتظامي جوڙجڪ ۽ قبل مسيح حيثيت بابت ماخذن مان حوالا ۽ صدري روايتن سان ڇنڊڇاڻ ڪري پنهنجي راءِ ڏني وئي آهي. هن ڪتاب ۾ تاريخ ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ مختلف پهلوئن کي نروار ڪيو آهي. گچيري شهر جي اوائلي دور بابت محقق لکي ٿو تہ:

> "گچيري جو قديم ۽ تاريخي شهر سنڌوءَ جي ڪناري تي آباد هجڻ جي ڪري واپار، آمدرفت ۽ فوجي نقل و حرڪت جي لحاظ کان ان دور ۾ وڏي اهميت وارو شهر هو. ساڳئي وقت اهو سنڌ جي مشهور بندرن ۾ هڪ اهم بندر هو، جنهن جي ذريعي هتان جو ڪپڙو، رڱاوتي سامان، اناج، نڪر جو سامان، خاص طور هتان جا نهيل گج ملڪ جي اندر خواهہ ڏيساور موڪليا ويندا هئا. هتان جي کجور پڻ تمام گهڻي مشهور هوندي هئي. هن شهر تي پهريان نالو "گجرو" ۽ پوءِ اڳتي هلي کجور جي نالي سان هن شهر کي "گجرو" ۽ "کجرو" سڏيو ويو." (30)

ڪتاب ۾ درگاهن، اوليائن، تاريخي ماڳن ۽ مڪانن، آثار قديمہ ۽ ٻين لاڳاپيل موضوعن سان گڏ گچيري شهر جي تاريخي ۽ سماجي صورتحال جو دليلن سان جائزو پيش ڪيو آهي. ڪجھ نامور عالمن، اوليائن جي سوانح، فڪر، علمي، ادبي ۽ ديني خدمتن جي جامع جاڻ ميسر ڪئي آهي. گچيري شهر

جي معروف شخصيتن مان هن حضرت مخدوم هنگوري رح جي تعليم، خلافت، تحريڪ بلالي ۾ ڪردار، ديني خدمتن، طريقت جي سلسلي جي تاريخي اعتبار کان نه صرف ڄاڻ ميسر ڪئي آهي، پر روايتن ۽ حوالن جي روشنيءَ ۾ هنگورو ذات بجاءِ ٻگهيو ذات ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مولود جي پهرين شاعر مخدوم غلام محمد ٻگائي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

”مخدوم غلام محمد گچيرائيءَ کي مير علي شير قانع غلطيءَ وچان ڪين ٻگن جي ڳوٺ کي سندس ولادت جي جاءِ ڄاڻائي ڪين ٻگائي لکيو آهي، جيڪا غلطي ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻيا اڄ تائين ڪندا اچن ٿا. جڏهن ته مخدوم غلام محمد جو تعلق گچيري سان آهي. مخدوم صاحب ڪنهن به لکت وغيره تي پاڻ کي ٻگائي نه لکيو آهي، بلڪه مخدوم غلام محمد جن جي پوٽي فيض محمد همعصر قاضي احمد دمائي (1174هه ـ 1223هه) جن کي قاضي احمد هڪ خط ۾ مخدوم فيض محمد گچيرائي لکيو آهي.“ (31)

رسول بخش هن ڪتاب ۾ تاريخي واقعن ۽ شخصيتن بابت ڪجهه واقعن ۽ ڳالهين کي گهرائي ۽ ذميواريءَ سان لکي پيدا ڪيل گهڻن مونجهارن کي حل ڪري واضع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب ۾ مغلن جو گچيري ۾ جنگ جو تاريخي احوال، ڪلهوڙن جي دور حڪومت، انگريزن جو دور، ورهاڱي کان پوءِ هندن جي لڏ پلاڻ، شهر جي نئين سر طرزِ تعمير ۽ تعليمي ادارن کي تذڪري هيٺ آندو ويو آهي. رسول بخش هن ڪتاب ۾ ڳوڙهي مطالعي، مشاهدي ۽ سنجيدگيءَ سان گچيري جي تاريخ جا نه فقط مختلف پهلو دليلن ۽ حوالن سان نروار ڪيا آهن، پر تاريخي درستگين سان گڏ نئين تحقيق جو اضافو ڪيو آهي. ڪتاب ۾ هن سطحي راءِ يا غير منطقي بحث مباحثي کان پاسو ڪندي حقيقتن جي بنياد تي چند ڄاڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب ۾ ڪٿي ڪٿي تحقيقي اصولن ۽ حوالن جي طريقيڪار جا نقص رهجي ويا آهن، جيڪي ص 8,9,11 ۽ ٻين جاين تي موجود آهن. ڪٿي حوالا به ڏنل نه آهن، وري جن جاين تي حوالا آهن سي به مبهم ۽ واضح نه آهن. هن سنڌ جي تاريخي شهر گچيري، مخدوم بلاول ۽ سندس خليفن، مخدوم قاضي غلام محمد قريشي ٻگائي ۽ جهانيان خاندان بابت نئين تحقيق ڪري ڳجهن رازن کي ڳولڻ سان گڏ نئين معلومات ۽ نون نتيجن ۾ واڌارو آندو آهي.

رسول بخش گچيرائي جي تحقيقي ڪتابن ۾ مواد جي دلڪش ترتيب ۽ تخليقي سگهه جي عڪاس آهي. سندس ٻولي ساهتي جي ثقافت ۽ رنگ واري آهي. سندس تحقيق جي انفراديت اهيا آهي جو هن ڪنيل تحقيقي مواد زندگيءَ جي چرنڊ ڦرنڊ ڪک مان ڪنيو آهي. پوئين لکيل تاريخن سان ڪٿي سندس اختلاف ته ڪٿي هم آهنگي آهي. مقامي تاريخ تي هن گهڻو لکيو آهي. رسول بخش جي فڪري تحقيق سنڌي ادب کي وسعت ڏيڻ سان گڏ ايندڙ محققن لاءِ فن فڪر جون راهون کوليون آهن، جنهن مان

اسان پنهنجي شاهوڪار لوڪ ادب، ثقافت ۽ مقامي تاريخ جون پاڙون ڪوٺي هٿ ڪري سگهون ٿا. ڪيس مارئي لائبريري بہ آهي، جنهن ۾ ناياب قلمي نسخا ۽ ڪيترائي ڪتاب موجود آهن.

- **ڊاڪٽر سيده اُمِ ڪلثوم شاهہ** (15 مارچ 1956ع)

ڊاڪٽر سيده اُمِ ڪلثوم شاهہ سنڌي ادب جي اها نامور محقق آهي، جنهن لطيفيات جي مختلف موضوعن تي خوب لکيو آهي. سندس تعلق جوڻالوءَ جي علمي ادبي سيد خاندان جي گهراڻي سان آهي. بطور محقق سندس دلچسپيءَ جا موضوع تاريخ، ادب، ۽ لطيفيات رهيا آهن، جن تي پاڻ ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا آهن. ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهہ حڪيم سيد جلال الدين شاهہ جي گهر ۾ جنم ورتو. بنيادي تعليم مئٽرڪ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نواب شاهہ، جڏهن تہ بي اي ۽ ايم اي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان حاصل ڪري، 1990ع ۾ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ليڪچرر مقرر ٿي. هن 2002ع ۾ ڊاڪٽر قمر جهان مرزا جي رهبريءَ ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگريءَ لاءِ "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي جائزو" مقالو لکيو، جيڪو ڪتابي صورت ۾ شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران 2004ع ۾ ڇپيو. هيءَ ٿيسز سنڌ جي مختلف يونيورسٽين جي ڪورس ۾ بہ شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهہ هن وقت تائين مختلف موضوعن تي ڪيترائي مقالا لکيا آهن، جيڪي نئين زندگي، ٿماهي مهراڻ، پيغام، ادب، ڪلاچي ۽ ڪينجهر جهڙن تحقيقي جرنلن ۾ ڇپيل آهن. لطيف شناسيءَ متعلق "شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اعليٰ اخلاقي اقدار"، "شاهه لطيف جي سُرڪا موڏ ۽ سچل سرمست جي سُر نوريءَ جو تقابلي جائزو"، "شاهہ لطيف ۽ ڀڳت ڪبير هڪ رستي جا راهي"، "ڇپر ڪين نہ ڏي سوڪڙيون ستل"، "سيرانديءَ ساز ڪيو (سُر پرڀاتي)، "شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي فارسيءَ ۽ عربيءَ جو اثر" ۽ "ميئين عيسي فقير جو شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي اثر" ۽ ٻيا اهڙا تحقيقي مقالا آهن، جن ۾ لطيف جي ڪلام جي خصوصيت، انفراديت، بين الاقواميت، فن ۽ عالمي فڪر تي تحقيقي روشني وڌل آهي. سماجي سطح تي مختلف موضوعن تي هن ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن، جيڪي سنڌي مضمون نويسيءَ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا.

"شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو جائزو" سندس هڪ اهڙو قابل فخر تحقيق جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن شاعريءَ جو فن، استعاري ۽ تشبيهہ جون صنعتون ۽ انهن جو استعمال، شاهہ لطيف جي دور جون ادبي روايتون ۽ سندس شعر تي انهن جو اثر، شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاري ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي اڀياس، سُر ڪلياڻ کان سُر بلاوُل تائين ٽيهن سُرن جو تحقيقي جائزو، استعاره ۽ تشبيهن جي استعمال جي لحاظ کان شاهہ لطيف ۽ سندس متقدمين معاصرين ۽ متاخرين جي ڪلام جو تقابلي جائزو وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان علاوه شاهہ لطيف جي فڪري رخ جي اونهائي،

لساني پهلوءَ جي رنگا رنگي، ٻوليءَ جي مهارت، اسلوب جي رڱاوت ۽ لفظي چٽسالي جهڙن عنصرن تي تحقيقي روشني وڌي وئي آهي. لطيف سائين جنهن هنر منديءَ سان پنهنجي ڪلام ۾ پهاڪن، اصلاحن، استعارن ۽ تشبيهن کي استعمال ڪيو آهي، ان شاعراڻي ڏاهپ جي ڪمال جو پڻ پاڻ جائزو پيش ڪيو آهي. ڪجھ تحقيقي مقالن ۾ هن تشريحي انداز اختيار ڪيو آهي، جنهن وسيلي موضوعاتي تجزيو، حقيقتون سامهون رکندي غير جانبدار راءِ ڏني آهي. ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهہ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ موجوده وقت گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج نواب شاهہ ۾ پرنسپال جي عهدي تي فائز تعليمي خدمتون سر انجام ڏئي رهي آهي.

- **<u>رحيما سيال</u>** (1957ع)

رحيما سيال جو جنم استاد الھ بچايو جي گھر ۾ ڳوٺ گل محمد سيال تعلقي موري ۾ ٿيو. تعليمي لحاظ کان پاڻ ايم اي سنڌي ادب ۽ ايم ايڊ آهي. جڏهن تہ پيشي جي حوالي سان استاد آهي. رحيما سيال "مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو هڪ تقابلي جائزو" عنوان تي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ۽ ڊاڪٽر ملڪ نديم جي نگرانيءَ هيٺ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم فل جي ڊگري حاصل ڪئي. هي ٿيسز بعد ۾ ڪتابي صورت ۾ سنڌي ساهت گھر حيدرآباد طرفان 2006ع ۾ ڇپي. هن تحقيقي مقالي ۾ اٺ باب آهن. باب پهريون موري ۽ خيرپور شهرن جي قدامت ۽ تاريخ بابت آهي. باب ٻيو ٻنهي شهرن جي سماجي ۽ ثقافتي پس منظر متعلق آهي، جنهن ۾ تاريخي لحاظ کان پيٽ ڪئي وئي آهي. اڳين بابن ۾ ٻنهي شهرن جي اقتصادي ۽ سياسي پس منظر ۽ مختصر تعليمي تاريخ جو بہ ذڪر ڪيل آهي. ڪتاب جا آخري ٽي باب ورهاڱي کان پوءِ ٻنهي شهرن ۾ سنڌي ادب جي فروغ، اديبن، شاعرن، مفڪرن ۽ عالمن جي مختصر سوانح حيات، ڪلام ۽ تصنيفات اهم باب آهن. آخري باب ۾ ٻنهي شهرن جي ادبي صنفن جي فروغ تي مختلف ذارائن جي اثر تي روشني وڌي وئي آهي. ڪتاب ۾ ٻوليءَ جو استعمال سهڻي نموني ۾ آهي. هن تحقيق مان ٻنهي شهرن ۽ آئينده محققن ۽ تاريخ نويسي کي لاڀ ملندو. ڪتاب بابت ناميارو نقاد خليق ٻگهيو لکي ٿو تہ:

"هن ڪتاب کي اڪثريتي غير ادبي مواد جي ڪري هڪ ادبي تاريخ وارو ڪتاب قطعي قرار نٿو ڏئي سگھجي. ڪتاب جي اندر پهرين پنجن بابن واري مواد کي جيئن تہ ادبي تاريخ ۾ ڪا حيثيت ڪانهي، انهيءَ ڪري ڇهين، ستين ۽ اٺين بابن تائين پيش ڪيل مواد تي راءِ ڏيون ٿا تہ هن ڪتاب جي اندر ڪمپريٽو اسٽڊي جي هڪ اصول جي بہ پيروي ناهي ڪئي وئي، جنهن جي ڪري هي ڪتاب تقابلي اڀياس جهڙي عنوان جو متحمل يا لائق ئي ڪونهي. ڪتاب جي اندر هڪ بہ اهڙو باب ڪونهي، جنهن ۾ تقابلي اڀياس جي

نالي ڪري ها. ڪتاب جي پوري ادبي تاريخ بہ بنا ڪارج لکي وئي آهي. ڪتاب ۾ ادبي تاريخ جي سهيڙڻ وقت ڪم طريقو انتهائي سادو ۽ مدي خارج اختيار ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ جتي مواد جو معيار سوانح عمرين تي اڪتفا ڪري ٿو، اتي مذڪوره ڪتاب جي اندر ڪيترن ئي تخليق ڪارن ڪي شعوري طرح نظرانداز ڪيو ويو آهي. مجموعي سطح تي هيءَ ٿيسز انيڪ فڪري ۽ ذهني غلطين تي مشتمل آهي. هن ٿيسز ۾ تحقيق جا سائنسي ۽ جديد اصول ڪنهن بہ طرح اختيار نہ ڪيا ويا آهن." (32)

- **<u>پروفيسر شمشاد احمد سومرو</u> (6 سيپٽمبر 1963ع)**

ساهتي پرڳڻي جي ادبي، ثقافتي، تاريخي ۽ تحقيقي ورثي جي جاڪوڙي ڪردار پروفيسر شمشاد احمد سومري نامياري ليکڪ فتح الدين سومري "بيدار مورائي" جي گهر ۾ جنم ورتو. تعليمي لحاظ کان پاڻ ايم اي سنڌي ادب، ايم اي سياسيات، ايم اي معاشيات ۽ بي ايڊ آهي. پيشي جي لحاظ کان پاڻ مهراڻ ڊگري ڪاليج موري ۾ پروفيسر جي حيثيت ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. پروفيسر شمشاد احمد لکڻ جي شروعات 1982ع کان مضمون نويسيءَ کان ڪئي. اڳتي هلي هن تحقيق ڏانهن لاڙو رکيو. ساهتيءَ جي علاقائي تاريخ جي لحاظ کان پروفيسر شمشاد احمد هڪ منفرد مقام رکندڙ محقق آهي. هن سنڌي ادب ۾ ساهتي پرڳڻي جي ضلعي نوشهروفيروز جي علم ادب، ٻولي، ثقافت جي اوسر ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙي اخبارن، رسالن ۽ مخزنن ۾ ڪيترائي تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن. پروفيسر شمشاد احمد ڪي جيڪا ڳالهہ نيارو ۽ منفرد ڪري بيهاري ٿي، سا آهي تحقيق ۽ تاريخ طرف سندس سياويڪ لاڙو. هونئن تہ هن علمي، ادبي مذهبي، سوانحي ۽ اخلاقي مضمون بہ لکيا آهن، پرهن تاريخي ۽ تحقيقي مضمونن لکڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، سو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس لکيل تحقيقي مقالن مان "موري جي قاضي خاندان جي علمي، ادبي، سياسي ۽ ديني خدمتن جو تحقيقي جائزو" اهڙو مقالو آهي، جنهن ۾ هن جيد عالم مخدوم عبدالرؤف مورائي، مولوي محمد صادق مورائي، محمد صديق مورائي، قاضي خدابخش مورائي ۽ خليق مورائي جهڙين نامور شخصيتن جي سوانح، خانداني پس منظر، تعليم ۽ تربيت، هم عمر عالمن، بزرگن، سندن ڪلام، تصنيفن ۽ ديني خدمتن جو مفصل جائزو وٺي معلومات فراهم ڪئي آهي.

پروفيسر شمشاد احمد جي تحقيق جي خاص ڳالهہ اها آهي، تہ هن ساهتيءَ جي ڪلاسڪل شاعرن ۽ قديم سنڌي شاعرن جي ارتقا، اوسر ۽ سندن همعصر شاعرن جي ڪلام تي بہ ڪم ڪيو آهي. هن "شاهہ نصير سندس شاعري، فن ۽ فڪر" تحقيقي مقالي ۾ شاهہ نصير جي شاعريءَ تي سندس سلسلي جي 9 شاعرن جو تذڪرو، سوانح حيات ۽ شاعريءَ جي فني ۽ فڪري خاصيتن جو جائزو پيش ڪيو آهي. سندس هڪ ٻيو تحقيقي مقالو "سيد نور محمد شاهہ ڪنڊائي جي شخصيت شاعري"، تحقيقي لحاظ کان تاريخ ۾

پنهنجي اهم حيثيت رکي ٿو. سندس ٻين مقالن ۾ ”ڪونڙي ڪبير تاريخ جي پسمنظر ۾“، ”ساهتيءَ جا سرجڻهار“، ”سنڌ جا ريلائي پير“ ، ”چنيجا جو علوي خاندان“، ”ساهتيءَ جا ماڳ مڪان“ ، ”لڪياري خاندان ۽ سندن شجرو“، ” غلام محمد قريشي“ٻگائي“، ”ڏيپارجا جو قاضي خاندان“ ۽ مخدوم عثمان درٻيلائي“ جهڙا تحقيقي مقالا ٺاهي مهراڻ، ٺاهي تخيل، سوجهري، امرتا ۽ ٻين ڪيترن ئي سنڌي رسالن، مخزنن ۽ ڪتابن ۾ سندس قابليت جي ساک پري رهيا آهن. هن پنهنجي جاکوڙ، مشاهدي جي گهرائيءَ، پختگيءَ ۽ لکڻ جي منفرد اسٽائيل سان ماضيءَ جي واقعن کي جيئرو جاڳندو بنائي پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي مطالعاتي ۽ مشاهداتي سگهه سان تحقيقي ڇنڊ ڇاڻ ڪري دليلن سان تاريخي درستگيون پيش ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي. پروفيسر شمشاد احمد سليمان شاهه بودلائيءَ جي شاعريءَ ۽ سوانح تي مرتب ڪيل ڪتاب ”ڪيئن ريجهايان توکي“ (2013ع) تي به گهڻو جاکوڙيو آهي. هن فقير سليمان شاهه بدلائي جي ڪلام جو فني ۽ فڪري جائزو، خانداني پس منظر ۽ ٻين پهلوئن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو تحقيقي ادب ۾ مخصوص اضافو آهي. سندس ان جدوجهد ۽ تحقيقي ڪم بابت ناميارو عالم اديب بشير سيتائي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

> ”پروفيسر شمشاد احمد سومري اهڙي عظيم الشان ڪافي شاعر جي ڪلام کي جيڪو هينئر تائين ٽڙيل پکڙيل حالت ۾ هيو ۽ هن کان اڳ ڪنهن به ڪتابي صورت ۾ نه آيو هو، ڪتابي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيو آهي. نه رڳو ايترو، پر ان تي محققانه نظر وجهي، مختلف بيانن ۾ ڪافين جون مختلف پڙهڻيون پڻ حاشيائي نوٽ ۾ واضع ڪيون آهن. هي هڪ محنت طلب ڪم هيو، جنهن کي هن پنهنجي محنت، دلچسپيءَ ۽ دلپسندگيءَ سان سر انجام ڏنو آهي، هُن لاءِ ڪيس ڪيترن هنڌن تي وڃڻو پيو، ڪيترن درگاهن ۽ خانقاهن جا چڪر ڪاٽڻا پيا ۽ سنڌ جي فقراءَ لڏي سان ڪيئي ملاقاتون ڪرڻيون پيون.“ (33)

ڪتاب جي آخر ۾ سليمان ڪوش (فقير سليمان شاهه جي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جي فرهنگ) ۽ ببليوگرافي ڏنل آهي. پروفيسر شمشاد احمد کي هن تحقيق جي ڪتاب ۾ سليمان شاهه جي ڪلام جو تاريخي جائزو وٺڻ گهرجي ها، جنهن مان معلوم ٿئي ها ته ڪلام لکندڙ جي تاريخي حيثيت، سندس زندگي ۽ حالتون، ماحول ۽ خارجي اثر ڪهڙا هئا. ڪلام ڪٿي ۽ ڪڏهن لکيو ويو، ترتيب جي تاريخ، ڪلام جي پيٽ، ڪلام تي ٻين شاعرن جو اثر، حالتن ۽ ماحول جو اثر ۽ سندس خيالن جو جائزو به وٺڻ گهرجي ها. ان کان سواءِ سليمان شاهه جي ڪلام جي هيئت، فني صلاحيتن، خيال، موضوع، عنوان، خوبين، خامين، هن تي اثرن، ڪلام جي فطري ۽ غير فطري هجڻ کي شاعريءَ تي پرکجي ها. انهن سڀني جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ

گهرجي ها. ان سان گڏ ان جي فني حيثيت، ڪلام ۾ ڪم آيل زبان، بيان، لهجي، روايتن، اثرن، لفظن، محاورن، اصطلاحن ۽ رجحانن تي نظر وجهي بحث ڪري راءِ ڏجي ها. شمشاد احمد پنهنجي حياتيءَ جو وڏو عرصو علم ۽ ادب، تحقيق ۽ تاريخ ۾ گذاريا آهن. هن ڪيترن ئي تاريخي ڪتابن سان گڏ ڪيترن ئي علمي خاندانن جي فردن سان ملاقاتون ڪري نئين مواد جي تلاش ڪري نئين معلومات سان تحقيق ۾ اضافو ڪيو آهي. سندس تحقيق جو انداز جديد توڙي قديم رنگ وارو آهي. هن پنهنجي تحقيقي انداز ۾ قديم رواج مطابق حاشيا ۽ تعليقات وارو اصول رکيو آهي. تحقيقي مقالن ۾ هن ساهتي لهجي ۾ نهايت ئي باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو آهي. هن پنهنجي علمي ڏاهپ جي روشني پکيڙي ايندڙ محققن کي علم، ادب ۽ تحقيق سان مڪمل سنجيدگيءَ جو ڏَسُ ڏنو آهي. پاڻ 2017ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر انور نگار هڪڙي جي نگرانيءَ هيٺ ”شاهه نصير ۽ سندس سلسلي جي شاعرن جي ڪلام جو تحقيقي اڀياس“ عنوان تي تحقيقي مقالو لکي رهيو آهي. تحقيق جي عملي ميدان ۾ ٻين جن محققن جون خدمتون قابل تعريف آهن، انهن مان عبدالرحمٰن سومرو ۽ محبتي ملاح جا ڪتاب بہ سنڌي ادب ۾ تحقيق، ثقافت ۽ تاريخي اعتبار کان اهم مقام رکن ٿا.

**عبدالرحمٰن سومرو** استاد سان گڏ نثرنويس بہ هو. پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ مضمون مقالن سان گڏ 5 ڪتابن جو سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”جاگرافي تعلقو مورو“ (1960ع)، ”سنڌ جا جهونا شهر“ (1968ع) ۾ ڇپيا، جڏهن تہ سندس ٻين ڪتابن ۾ ”سنڌ جو سينگار“، ”جانور“ ۽ ”نباتات ۽ حيوانات“ اهڙا ڪتاب آهن، جن ۾ تاريخي معلومات پڻ شامل آهي. انهن کان سواءِ هن جا ٻيا ڪتاب جن ۾ ”سنڌ جو سينگار“، ”جانور“، ”نباتات حيوانات“ اهڙا ڪتاب آهن، جن ۾ عام معلومات سان گڏ تاريخي معلومات پڻ شامل آهي، پر اهي ڇپجي نہ سگهيا آهن.

**جمال الدين ”مؤمن“ خاصخيلي** مضمون نويسيءَ ۾ علم، ادب، تعليم ۽ مختلف شخصي نوعيت جا مضمون لکيا. 1993ع ۾ مصطفيٰ مخزن ۾ سندس مضمون ”استاد جي حيثيت“، ”خان بهادر امام بخش خان جتوئي“ ۽ ”حاجي غلام رسول خان جتوئي“ ڇپيا. انهن کي سوانحي مضمونن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. هن ماهنامہ رسالي اديون ڪراچي جي اسسٽنٽ ايڊيٽر طور رسالي ۾ مضمون بہ لکيا. هن مؤمن پبليڪيشن جو اشاعتي ادارو قائم ڪري چيئرمين جي حيثيت ۾ ڪجھ ڪتاب مرتب ڪرڻ سان گڏ مؤلف، مترجم ۽ مصنف طور ”سڄڻن جا سنيها“، ”ساهتي جا سرواڻ“، ”ساهتي جا استاد“، ”سخن صابر“ سميت 23 ڪتاب شايع ڪري نثري ادب ۾ اهم اضافو ڪيو.

”ساهتيءَ جا سرواڻ“ 1987ع ۾ مؤمن پبليڪيشن نوان جتوئي طرفان ڇپيو. ڪتاب ۾ ڪيترن ئي مڪتب فڪر ماڻهن جو ذڪر، سنڌ جي قديم ساهتي پرڳڻي جي مشهور عالمن، اديبن، شاعرن،

قومي ورڪرن، ڪامورن جي سوانح نگاري سان گڏ سندن علمي ڪمن ۽ خدمتن جو ذڪر ڪيل آهي. ڪتاب ۾ عبدالخالق "خليق مورائي"، خير محمد هسباڻي، ديوان ڪوڙومل، قاضي فضل الله، سعيد علي شاهه "خادم"، حاجي شير محمد ٻگهيو، شاهه نصير، رسول بخش گچيرائي، رسول بخش ٻگهيو ۽ ٻين مشاهيرن جو تذڪرو ڪيل آهي. هي ڪتاب ساهتي پرڳڻي جي تحقيق ۽ تاريخ جي بنيادي ڪڙيءَ ۾ اهم اضافو آهي.

"ساهتيءَ جا استاد" 2003ع ۾ ڇپيو. ليکڪ هن ڪتاب ۾ ساهتي پرڳڻي جي ضلعي نوشهروفيروز، ڪنڊياري ۽ موري تعلقن جي 160 مثالي استادن جا پروفائيل آهن، جن ۾ سندن زندگيءَ ۽ تعليمي خدمتن تي روشني وڌي آهي. هن ڪتاب بابت ادريس جتوئي لکي ٿو ته:

> "هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي اهڙن استادن جو ذڪر آهي، جيڪي هڪ استاد سان گڏ بهترين ادارا پڻ هئا. انهن پنهنجي ڳوٺن ۾ تعليم جي خدمت ڪئي. افسوس اهو آهي ته اڄوڪي دور ۾ اهڙو مثالي نيڪ، بااخلاق ۽ سماج سڌارڪ استاد اڻ لڀ ٿيندو ٿو وڃي. ان ڪري جمال الدين مؤمن ساهتي جي مثالي استادن جي زندگيءَ تي روشني وڌي. اسان کي انهن جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ اتساهيو آهي ته جيئن اسان پنهنجي ڳوٺن جي سماجي، اخلاقي ۽ روحاني تربيت ڪري سنڌ جي صحيح خدمت ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهون." (34)

**محبتي ملاح** شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ مضمون ۽ مقالا به لکيا آهن. سندس لکيل ڪتاب ڏيپارجا (ثقافت ۽ تاريخ) 2018ع، علاقائي لحاظ کان مقامي تاريخ، ثقافت ۽ ڪوجنا جو قابل قدر اضافو آهي. ڪتاب ۾ فاضل ليکڪ ڏيپارجا شهر جي مختصر بنيادي تاريخ، قديم ماڳن، مڪانن، بندرگاهن، سنڌو درياءَ، واهڻ وستين، هنرن، تنظيمن، شاعرن، اديبن، فنڪارن، سياستدانن ۽ راندين جو ذڪر تاريخي روشنيءَ ۾ جاڻ پريو ڪيو آهي. ان کان علاوه هن ڏيپارجا جي مشهور سنڌي هندن جو ذڪر، مختلف ذاتين، پاڙن، ڪڏن، کوهن، آستانن ۽ درگاهن کي پڻ دانائيءَ سان بيان ڪيو آهي. ڪتاب ۾ هن ميڙي چونڊي معلومات گڏ ڪري ڏيپارجا جي تاريخ جي حوالي سان ابتدائي جاڻ ڏني آهي. هن شهر بابت جامع تحقيق جي اجا وڌيڪ اشد ضرورت آهي. ڪتاب ۾ ساهتي پرڳڻي جي تاريخي ڪم ۽ ٻين ڇپيل ڪتابن بابت محترم بشير احمد هيسباڻي جو مهاڳ معلوماتي ۽ پرمغز لکيل آهي. محبتي ملاح هن ڪتاب ۾ پنهنجي صلاحيتن آهر تحقيق جو مجيل طريقيڪار اختيار نه ڪيو آهي. ان کان علاوه هن تحقيق جي فن، اصولن، ٻوليءَ جي غلطين، گرامر ۽ پيشڪش کي به نظر ۾ نه رکيو آهي، جنهن جي ڪري ڪتاب ۾ فني نقص به آهن. ڪتاب ۾ ٻولي تجزياتي، مختصر جملن، پر جامع تي منحصر ناهي. لفظن جي اجائي استعمال، جملن جي جوڙجڪ ۽ تحقيق ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي مختصر، فعال، علمي ۽ ايتري واضع ناهي. هن پنهنجي مشاهدي ۽ ذاتي تجربي کي وڌيڪ استعمال ڪندي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪيترين ئي جاين تي فاضل ليکڪ جي

لکڻي محقق ۽ تاريخ نويس بجاءِ صحافيءَ طور نظر اچي ٿي. ص نمبر 57 تي بخاري شاهه واري ڪڏ متعلق لکي ٿو ته:

”هن ڪڏ تاريخي قبرستان بخاري شاهه کي ڏاڍو نقصان ڏنو آهي. هي ڪڏون اسان جو تاريخي ۽ ثقافتي ورثو آهي. هنن کي بچايو وڃي، هنن ۾ شهر جو گندو پاڻيءَ جو نيڪال بند ڪيو وڃي.“ (35)

- **5.3.3 مونو گراف:**
- **مرحوم خانبهادر حاجي امام بخش جتوئي "صابر" جي شعرو شاعري (1964ع)**

ايم -اي سنڌي جو هي مونو گراف محمد حسن چنه (علي محمد چنه) جو لکيل آهي. هن مونو گراف ۾ جتوئين جي مختصر تاريخ، شجرو، امام بخش ”صابر“ جو حسب نسب، ولادت، دنيوي مشاغل ۽ همعصر شاعرن جو ذڪر آهي. ان ڪان سواءِ هن صابر جي شاعري (سنڌي، سرائيڪي) ڪالم ۽ ٽيهه اکري بابت شعري حسناڪين، صنفن ۽ ٻين شاعراڻي خوبين جو تجزيو ڪيو آهي. محمد حسن چنه هي مونو گراف ماهر لسانيات پروفيسر علي نواز جتوئي جي رهبريءَ هيٺ لکي پورو ڪيو.

- **سنڌي ادب جي ارتقا (1976ع)**

عبدالڪريم لغاري 1966ع ۾ سنڌي شعبي ۾ جونيئر ليڪچرار به رهيو. ان ڪان اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي اڪيڊمي ۾ موجوده انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ به نوڪري ڪئي. سنڌي شعبي ۾ ڇهه مهينا ملازمت ڪان پوءِ فلاسافيءَ جي شعبي ۾ بدلي ٿيو. هي مونو گراف ايم- اي فائينل سنڌيءَ لاءِ 1962ع ۾ پيش ڪيل آهي، جيڪو عبدالڪريم لغاريءَ جو لکيل آهي. هي مونوگراف 1974ع ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي ايڊٽ ڪيو ۽ اهڙي طرح 1976ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پاران ڇپيو. هي مونو گراف سنڌي زبان لاءِ ڪم آندل ۽ سنڌ ۾ مروج رسم الخطن جي هڪ تاريخ آهي، جنهن ۾ موهن جي دڙي واري رسم الخط، هيرو غلفي رسم الخط، ديو ناگري رسم الخط توڙي موجوده عربي سنڌي رسم الخط تي بحث ڪيل آهي. ڪتاب ۾ ڇهه باب آهن، جنهن ۾ ٻوليءَ جي وصف ڪان عربي الف - ب تائين، سنڌي ٻولي ۽ قديم رسم الخط، موجوده سنڌي الف - ب جي ابتدا، ارتقا، تشڪيل دورن جي لحاظ ڪان زير بحث آهي. آخري باب تنقيدي جائزي جو آهي.

عبدالڪريم جي مقالن ۽ تصنيفن ۾ تاريخ جو شعوربه آهي. سندس تحقيق جو معيار مستند حوالن ۽ ماخذن تي مشتمل آهي. سنڌي زبان ۾ هن ڪيترائي مقالا لکيا. انهيءَ تحقيق ۾ هن جا مختلف پهلو نظر اچن ٿا، جن ۾ تاريخ، تذڪره نگاري، سوانح، ادب ۽ ٻين موضوعن تي مقالا ملن ٿا. سندس

تصنيفون هي آهن. (1) شاهه ۽ فرائيڊ (2) ڪميونزم ڇا آهي؟ (3) موجوده سنڌي ادب (4) ترقي پسند ۽ سنڌي ادب (5) سنڌي الف- بي جي ارتقا (ايم اي جو مونو گراف).

- **جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي** (2005ع)

هي تحقيقي مقالو ادريس جتوئي جو ايم اي سنڌي جو مونو گراف آهي، جيڪو 1993ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ پيش ڪيو ويو. هن مقالي ۾ ڪهاڻيءَ جي وصف، سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ، ادبي تحريڪن، ڪاڙن ۽ رجحانن بابت ڄاڻ ۽ اهم معلومات شامل آهي. ان سان گڏ جمال ابڙي جي دور جي ڪهاڻيڪارن جو تفصيلي جائزو ۽ جمال ابڙي جي مختصر ڪهاڻين جي موضوعن، فن، فڪر، ٻولي، ڪردار نگاري ۽ ٻين عناصرن ۽ سماجي شعور جو پڻ جائزو شامل آهي. ڪتاب ۾ مونو گراف کان سواءِ جمال ابڙي جو يادگار انٽرويو، چوند ڪهاڻيون ۽ پروفائيل بہ ضميمي ۾ شامل آهي، جنهن سان جمال ابڙي جي شخصيت ۽ فني پهلو وڌيڪ نروار ٿين ٿا. ڪتاب جي مهاڳ ۾ شوڪت حسين شوري لکي ٿو تہ:

> ”ادريس جتوئيءَ جمال ابڙي جي ڪهاڻيءَ جي فن ۾ موضوع، ٻوليءَ، ڪردارنگاريءَ، اسٽائل ۽ سماجي شعور جو جائزو ورتو آهي، جنهن ۾ جمال ابڙي بابت ٻين ليکڪن جا رايا پڻ شامل ڪيا ويا آهن. هن سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ هڪ رستو کوليو آهي تہ اهي سنڌي ڪهاڻيڪارن جي فن تي تحقيقي مقالا لکي، ان کوٽ کي پورو ڪن، جيڪا هن وقت موجود آهي. هي سمورو مواد جمال ابڙي تي آئيندي ٿيندڙ تحقيق لاءِ نهايت ئي ڪار آمد ثابت ٿيندو.“ (36)

موري مان تحقيق تي لکيل ڪتابن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. شهيد گروڙيءَ جو سنڌي ڪلام | پروفيسر علي نواز جتوئي | 1956ع |
| 2. سنڌي صحيفو (سنڌي لسانيات) | پروفيسر علي نواز جتوئي | 1962ع |
| 3. علم لسان ۽ سنڌي زبان | پروفيسر علي نواز جتوئي | 1968ع |
| 4. ٻولين جا سرچشما | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 1970ع |
| 5. سنڌي ادب جي ارتقا | عبدالڪريم لغاري | 1976ع |
| 6. پاڪستان جي صوبائي ۽ علاقائي زبانن ۾ سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لساني حيثيت | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 1980ع |
| 7. ساهتيءَ جا سرواڻ | جمال الدين مؤمن خاصخيلي | 1987ع |

| | | |
|---|---|---|
| 8. ويرون ۽ وهڪرا | پروفيسر علي نواز جتوئي | 1993ع |
| 9. همارا لساني و ادبي ورثہ | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 1995ع |
| 10. صاحب سڳورا ۽ سندن شرعي ميلا | رسول بخش گچيرائي | 2000ع |
| 11. مخدوم هنگورو ۽ سندن شرعي ميلا | رسول بخش گچيرائي | 2001ع |
| 12. ساهتيءَ جا استاد | جمال الدين مؤمن خاصخيلي | 2003ع |
| 13. شاهه لطيف جي شاعري ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو تحقيقي جائزو | ڊاڪٽر سيده ام ڪلثوم شاهه | 2004ع |
| 14. جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي | ادريس جتوئي | 2005ع |
| 15. مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو هڪ (تقابلي جائزو) | رحيما سيال | 2006ع |
| 16. ڪيئن ريجهايان توکي | پروفيسر شمشاد احمد سومرو | 2013ع |
| 17. سهڻي سنڌ جو سهڻو عالم (حضرت مولانا محمد ادريس ڏاهري) | رسول بخش گچيرائي | 2017ع |
| 18. هڪ سچي ۽ سهڻي ڪهاڻي يوسف ذليخا | رسول بخش گچيرائي | 2019ع |
| 19. گچيرو "شهر، شخصيتون، ثقافت ۽ ادارا) | رسول بخش گچيرائي | 2021ع |

- **5.4 تاريخ:**

تاريخ هڪ اهڙو فن ۽ علم آهي، جو قومن جي ترقيءَ ۾ وڏي اهميت جو حامل آهي، جنهن سان سماج ۾ رهندڙ پنهنجي ماضيءَ جي شاندار سماجي، معاشي، تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي واقعن ۽ حالتن کان روشناس ٿي، مستقبل لاءِ راهون هموار ڪندا آهن. تاريخ انهن واقعن جو هڪ بيان آهي، جيڪو انسانن جي وچ ۾ پيدا ٿيو آهي. تاريخ جو علم هن ڌرتيءَ تي انساني ارتقا جي مطالعي ڪرڻ جو نالو آهي. تاريخ مفڪرانہ ۽ تنقيدانہ نظر سان انسان جي گذريل زندگيءَ جي حالتن ۽ واقعن جي مطالعي ڪرڻ جو ٻيو نالو آهي. تاريخ جي نمونن ۾ سماجي، اقتصادي، ثقافتي، تمدني، تهذيبي، فڪري، نظرياتي، لساني ۽ ادبي تاريخ کان علاوه ٻين علمن جي بہ ٿئي ٿي. هي ادب جي هڪ شاخ آهي. ادب جو فلسفو خود تاريخ جي فلسفي کان وسيع آهي. تاريخ جو ماخذ ادب هوندو آهي. سنڌ اندر اڄ تائين جيڪا بہ تاريخ تحرير ڪئي وئي آهي، اها ڪنهن قدر تحسين لائق آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ مورو شهر پڻ پنهنجي منفرد حيثيت رکندڙ شهر آهي. هتان جي محققن ۽ تاريخ نويسن پنهنجي علمي لياقتن سان ڪيترن ئي تاريخي واقعن جي لڪل حقيقتن تان پردو هٽائي پنهنجي سوچ، پرک واري نظر، فڪر ۽ مطالياتي سگهہ سان اصل رازن ۽ سچاين کي تحقيق جي ذريعي معلوم ڪري لوڪ جي سامهون پيش ڪري عوام ۾ تاريخي شعور بيدار ڪيو آهي. هن شهر مان جن تاريخ جي موضوع تي ڪتاب لکيا آهن تن جو مختصر تجزيو هيٺ ڏجي ٿو.

- **محمد مٺل ڪمالاڻي** (1942ع - 1989ع)

محمد مٺل ڪمالاڻي 12 جولاءِ 1942ع تي ميان عبدالله خان جي گهر ۾ جنم ورتو. بنيادي تعليم موري شهر مان حاصل ڪري سنڌيءَ ۽ پوءِ انگريزيءَ جو استاد بڻيو. لکڻ سان گڏ پاڻ علمي ادبي ۽ سماجي طرح بزم گلشن، اداره آئينہ ادب، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ۽ سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن سان تنظيمي طور وابستہ رهيو. پاڻ ون يونٽ تحريڪ م ڀرپور حصو ورتو. هن موري جي شاگردن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي. پاڻ موري م جيئي سنڌ تحريڪ جي بنياد وجهندڙن مان هڪ هو. پاڻ وقت بہ وقت شاعري، ڪهاڻي نويسيءَ ۽ مضمون نويسيءَ سان گڏ وڏي عرصي تائين سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي تاريخ لکڻ تي بہ ڪم ڪيو. ان سان گڏ تحقيقي ڪوجنا ڪري تاريخي واقعن کي قلمبند ڪري ڪتاب ”مورو ناهي ٿورو“ لکيو، جيڪو 1988ع ۾ مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي موري پاران ڇپايو ويو. هي ڪتاب موري شهر جي تاريخ جي پيڙهہ جو پهريون پٿر آهي. محمد مٺل جو هي قلمي تحقيقي پورهيو سندس ذاتي مشاهدن ۽ تجربن کان علاوه ڪتابن جي اوراق گرداني ۽ بزرگن جي روايتن مان ورتل خزاني جي پيداوار آهي. ڪتاب ۾ ڪل چار باب آهن. باب پهرين ۾ موري جي قدامت، جاگرافيائي بيهڪ، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيب ۽ ثقافت بابت ذڪر ڪيل آهي. باب ٻئي ۾ هڪ طرف موري ۾ آباد قديم ذاتين ۽ راڄن

جو ذڪر آهي ته ٻئي پاسي موري جي آس پاس جي وڏن خاندانن ۽ راڄن جو پڻ ذڪر آهي. باب ٽئين ۾ موري جي علمي، ادبي ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين جو احوال آهي. ڪتاب جي چوٿين باب ۾ موري جي اوائلي سياست، موجوده سياست جا اهم واقعا، علمي ۽ ادبي شخصيتن جي مختصر سوانح حيات ۽ مست ابدالن جو ذڪر آهي. ڪتاب ۾ تصويرون، چارٽ ۽ نقشا به ڏنل آهن، جنهن سان گهڻ پاسائين معلومات پڻ ملي ٿي. مؤرخ جو اولين فرض آهي ته شروع ۾ جدا جدا تاريخي اصل واقعن ۽ حقيقتن کان واقفيت ڪرائي، جيئن اهي واقعا ۽ ڳالهيون شروع ۾ هئا. ان کان پوءِ سندس ٻيو ڪم آهي صحيح حقيقتن کي معنيٰ جو جامو پهرائي، يعني ربط، تسلسل ۽ ترتيب ڏيڻ کان پوءِ انهن جا نتيجا اخذ ڪري.

منل ڪمالاڻيءَ جي هن ڪتاب ۾ روايت کان ڪم ورتو آهي ۽ پنهنجي ذاتي نظريه کان هٽي ۽ ڪنهن ڳالھ لاءِ مقرر ڪيل اصولن جي مدد سان صحيح حقيقت کي ڳوليو آهي. تحقيق ۾ هن راءِ فلسفيانه مفڪرن جي دليلن سان نه ڏني آهي. هن معلومات جي ٻين ذريعن کان سواءِ عوامي روايتن، خواھ عام ماڻهن کي بنياد بڻايو آهي. بنيادي تاريخ جي لحاظ کان هي ڪتاب پنهنجي نوعيت ۾ منفرد حيثيت رکي ٿو. هي ڪتاب تحقيقي ادب، تاريخي مواد، موري جي واقعاتي تاريخ، ڳوناڻي زندگيءَ کان شهري زندگي اختيار ڪرڻ ۽ تاريخ نويسيءَ جو عوامي روپ آهي. هي ڪتاب پنهنجي موجوده صورت ۾ تاريخ به آهي ته معلوماتي مواد پڻ آهي. ڪتاب بابت ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ لکي ٿو ته:

> ”محمد منل ڪمالاڻي جو هي قلمي پورهيو سندس ذاتي مشاهدن ۽ تجربن کان علاوه ڪتابن جي اوراق گرداني ۽ بزرگن جي صدري روايتن مان ورتل خزاني جي پيداوار آهي. هي سندس محنت ۽ محبت جو پورهيو آهي. هن پنهنجي محنت ـ هاڻي محبت سان محققن لاءِ مواد جي ميڙي چونڊي ڪئي آهي. موري شهر جي تاريخ جي پيڙھ جو پهريون پٿر رکيو آهي. هاڻي ان کي آڏار بڻائي هڪ شاندار ۽ مضبوط عمارت جوڙي سگهجي ٿي.“ (37)

- **<u>پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري</u> (1943ع ـ 2017ع)**

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري تعلقي موري جي ڳوٺ موسيٰ زرداري، ديھ لُنڊڪيءَ ۾ احمد خان زنگاڻي زردايءَ جي گهر ۾ 23 آگسٽ تي جنم ورتو. بنيادي تعليم مڪراري مان حاصل ڪري 1966ع ۾ مهراڻ آرٽ ڪاليج موري مان انٽر، 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيٽ، 1970ع ۾ ايم اي سياست، 1975ع ۾ ايل ايل بي، جڏهن ته 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ”تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو“ موضوع تي پي ايچ ڊيءَ جي ڊگري حاصل ڪري 1985ع کان 1996ع تائين مهراڻ ڊگري ڪاليج موري ۾ پروفيسر طور تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن 1994ع ۾ وزرات تعليم حڪومت پاڪستان يونيسڪو ڪميشن اسلام آباد ۾ ڊپٽي سيڪريٽري جنرل کان سواءِ بلال انسٽيٽيوٽ فارهسٽري ۽ ريسرچ

جي ڊائريڪٽر جنرل، مهراڻ ڊگري ڪاليج موري جي پرنسپال طور خدمتون سرانجام ڏئي 2003ع ۾ بطور پرنسپال جي حيثيت سان ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه مان رٽائر ٿيو.

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري سنڌ جو هڪ اهڙو نامور محقق ۽ تاريخدان هو، جنهن سنڌي ادب، ٻوليءَ تاريخ، سياست ۽ ٻين مختلف موضوعن تي تحقيقي ڪم ۽ کوجنا ۾ گذاريو. سندن ڪن مکيه تحقيقي مقالن ۽ تاريخي مضمونن ۾ "پاڪستان کان اڳ جون اخبارون"، "حُر تحريڪ"، "ميان غلام شاهه ڪلهوڙو حاڪم سنڌ"، "جيڪب آباد جي مختصر سياسي تاريخ"، "مخدوم محمد دائود رح"، "سنڌ جي خود مختياري لاءِ ڪلهوڙن جي جدوجهد"، "مورو ناهي ٿورو"، "قرارداد لاهور ۽ سنڌ"، "سنڌ ۾ سرڪاري ڪتب خانا"، "قرارداد پاڪستان 23 مارچ"، "خلافت تحريڪ ۾ سنڌ جو ڪردار"، "نواب شاهه خان بينظيرآباد تائين (تاريخي ۽ ثقافتي نظر ۾)"، "سنڌ ۾ جاگيردار ۽ لوٽا ڪريسي"، "تحريڪ پاڪستان ۾ موري جو حصو" ۽ ٻيا مقالا شامل آهن. انهن مقالن ۾ هن ٻوليءَ جي نفاست ۽ سلاست سان گڏ ڪيترن ئي پاسن کان نئين معلومات ۽ تاريخي حقيقتون سامهون آنديون آهن. هن پنهنجي مختلف مقالن ۽ تاريخي مضمونن ۾ جيڪي غلط يا اختلافي ڳالهيون لکيون ويون آهن، تن جي نشاندهي ۽ درستگي ڪئي آهي. ان مقصد هيٺ هن ڪجھ ڪتابن سان اختلافي مضمون به لکيا. سندن ڇپيل سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبان ۾ مقالن جو تعداد به چڱو خاصو آهي، جيڪي وقت به وقت نئين زندگي رسالي، ٽماهي مهراڻ، ڇهه ماهي بلاول تحقيقي جرنل ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. سندن تحقيقي معيار کي سنڌ جي عالمن ۾ اڄ به قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر محمد لائق جي تصنيف ٿيل ڪتابن ۾، سنڌ جي سياسي جدوجهد 1983ع، تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو 1984ع، واليءَ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو (مرتب) 1991ع، غدار سنڌ (اردو ۾) 1993ع، هسٽري آف سنڌ (واليم 1 انگريزي ۾) 1996ع، لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين (سفرنامو) 1996ع، مجذوب حافظ علي مراد (سوانح حيات ۽ تعليمات) 1996ع، تاريخ ضلعو نواب شاهه 2001ع، هسٽري آف سنڌ (واليم 2 انگريزي) 2004ع، ڪيم روح رهاڻ (آتم ڪٿا) 2007ع، وائس آف ساليٽيوڊ (انگريزي ترجمو) محنتي ۽ مانائتو ماڻهو، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري بابت سنڌي عالمن، اديبن ۽ محققن جا مقالا ۽ مضمون (مرتب) حاڪم علي زرداري ۽ وزير فرهاد سولنگي 2013ع، مورو جا مٽيادار ماڻهو 2016ع، تاريخ جا ورق، ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جا لکيل مضمون ۽ مقالا (مرتب) نذير احمد زرداري 2016ع، ۽ آب بيتي (اردو ترجمو) دل کي باتين قابل ذڪرآهن.

ڊاڪٽر محمد لائق هڪ نامور تاريخدان طور تحقيقي ادب ۾ وڏو نانءُ ناهيو. پاڻ ڪيترن ئي عرصي تائين (تاريخ ضلعو نواب شاهه) لکي ضلعي نوابشاهه ۽ نوشهروفيروز سان گڏ سنڌ جي تاريخ ۾

اهم اضافو ڪيو. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري هڪ محقق طور سچائيءَ، ايمانداريءَ ۽ پنهنجي صلاحيتن آهر تحقيق ۾ منزل ماڻي انهن بلندين تي پهتو، جنهن لاءِ هر انسان ڪوشان هوندو آهي. سندس علمي ۽ عملي تحقيقي ڪم انتهائي نرالو ۽ صحتمند تحقيقي بحثن جا دروازا کوليندڙ آهي. ماٺ ۾ رهڻ ۽ خاموش طبيعت سان گذارڻ سان گڏ پاڻ هميشه زبان بدران قلم کي ڪم آندو. غدار سنڌ ۽ تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو، سندن اهڙا پر مغز مقالا آهن، جنهن ۾ ڪيترين ئي حقيقتن تان پردو کڻڻ سان گڏ نئين معلومات جي فراهمي، مواد جي دلڪش ترتيب به آهي. تاريخ متعلق شايع ٿيل سندن ڪتاب سنڌ جي فڪري اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. سندن ڪتابن ۾ سنڌ جي ماضيءَ جي تاريخ جون حقيقتون صاف ۽ شفاف نموني جرڪي رهيون آهن. هن سائنٽيفڪ اصولن تي مطالعي جي ذريعي حقيقت کي ڳولڻ ۽ زير بحث مسئلي جي هر پهلو تي گهري نظر سان سيني ڳالهين کان واقف ٿي تحقيق ڪئي آهي. هن ڪنهن ادبي يا تاريخي ڪارنامي جي جاچ پڙتال ڪري ان جي تاريخي حيثيت، بناوت ۽ خاصيتن تي به بحث ڪيا آهن. ڊاڪٽر محمد لائق 2013ع تائين بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ نواب شاهه ۾ ڊائريڪٽر جنرل طور رٽائر ٿيو. هن اداري پارن تحقيقي ڪم خاص طور سنڌ جي لڪيل پاسن کي منظر عام تي آڻڻ سان گڏ برک عالمن ۽ تاريخدانن کان تاريخ جي موضوع تي تحقيقي مقالا لکرائي نئين تاريخي معلومات فراهم ڪئي. هن ڇهه ماهي بلاول تحقيقي جرنل جي شماري سان گڏ اداري پاران مفيد ۽ اهم ڪتاب پڻ ڇپايا.

- **طلوع آفتاب (موري جي عزاداريءَ جي تاريخ) 2005ع**

سيد علي بخش شاهه تخليقي ڪم جي لحاظ کان موري جي عزاداري جي تاريخ تي لکيل سندس پهريون ڪتاب ”طلوع آفتاب“ آهي، جيڪو ڊاڪٽر سيده عصمت جواد شاهه ابوذر پرنٽنگ ايجنسي موري پاران 2005ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. عظيم سنڌيءَ ڪتاب ۾ شامل مواد کان هٽي ڪري سيد علي بخش شاهه جي شخصيت ۽ يادگيرين تي لکيو آهي. سيد علي بخش شاهه روايتي تاريخي حوالن ڏيڻ بجاءِ اکين ڏٺل ياداشت موجب تاريخ لکي آهي، جنهن ۾ هن موري جي انهن ڪردارن، منظرن، اهل بيت جي حبدارن جي محنتن، محبتن ۽ عملي ڪمن تي تاريخي روشني وڌي آهي.

باب پهرين ۾ موري جي عزاداري جي تاريخ جو اوائلي پس منظر، واقع ڪربلا ۽ بقاءِ اسلام، فاتح شام، عزاداري ۽ ماتم حسين تي تاريخي نقطہ نگاهه کان آيتن جي روشنيءَ ۾ پيغمبر ۽ ان جي آل جي خدمتن جي ڄاڻ ڏني آهي. باب ٻئين ۾ موري شهر جي جاگرافيائي اهميت ۽ عزاداري جي مختلف مرحلن تي ڄاڻ پريو ذڪر ڪيل آهي. باب ٽئين ۾ ماتمي جلوسن جي مختلف دورن جو تاريخي تناظر ۾ ذڪر آهي. باب چوٿين ۾ موري جي اهم مذهبي شخصيتن، عزاداري جو بنياد رکندڙ 33 ڪارڪنن جي ڪردار بابت ذڪر ڄاڻ سان ڀرپور آهي. باب پنجين ۾ انجمن حسينيءَ جي قيام، مختلف هالن، جوڙايل

مسجد ابوالقاسم ۽ ٻين سھولتن ۽ تعميراتي ڪمن جي ذڪر تي مبني آھي. باب ڇھين ۾ سال جي عزاداري جي مختلف ڏينھن ۾ منعقد ڪيل پروگرامن جو ذڪر آھي. باب ستون ھن ڪتاب جو اھم باب آھي، جنھن ۾ موري جي خطيبن، اديبن، دانشورن، فنڪارن، مذھبي ۽ سياسي اڳواڻن جي ڏنل خدمتن، نوحا خواني، مرثيہ خواني، قصيده ۽ رباعي پڙھندڙن ڪي تاريخي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آھي. ڪتاب جي آخري بابن ۾ مختلف انجمنن، نوحہ خواني ۽ مجلسون پڙھندڙ عورتن جو ذڪر، موري جي مدرسن، لائيبريرين، درگاھن ۽ مشاھيرن جو ذڪر ۽ سندن ڪلام شامل آھي، جن موري جي عزاداري جي تاريخ ۾ سماجي، علمي ديني جاکوڙ ۽ بي لوث خدمتون سرانجام ڏنيون آھن. ھي ڪتاب موري جي تاريخ ۾ قابلِ تحسين اضافو آھي، جنھن مان موري جي عزاداري جي تاريخي پاسن، خيالن، مشاھدن ۽ سوچ ويچار جي گھرائي جي خبر پوي ٿي. ڪتاب مان ليکڪ جي سوچ، فڪر ۽ علمي لياقت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. ھن ڪتاب ۾ سيد علي بخش شاھ تاريخ ۽ تحقيق جو فن ۽ مجيل طريقہ ڪار اختيار نہ ڪيو آھي. ان ڪري ھي ڪتاب تاريخ جي مڪمل لوازماتن تي پورو نٿو لھي البتہ ھي ڪتاب ايندڙ وقت ۾ موري جي عزاداريءَ بابت بنيادي معلومات گڏ موري جي اھم مذھبي شخصيتن متعلق مددگار ثابت ٿيندو.

- **<u>تاريخ راجپوت سولنڪي (سولنگي) (2012ع)</u>**

”مھجور“ غلام حيدر سولنگيءَ شاعريءَ سان گڏ مضمون ۽ مقالا لکيا آھن. تاريخ تي لکيل سندس ڪتاب ” تاريخ راجپوت سولنڪي (سولنگي)“ ھند سنڌ ۾ سندن ھڪ ھزار سالا حڪمراني دراوڙن ۽ آرين کان وٺي موجوده دور تائين عنوان تي آھي. 12 بابن تي مبني ھن ڪتاب ۾ ليکڪ سنڌ جي ناميارن تاريخ نويسن ۽ محققن جي ڪيل غلطين جي نشاندھيءَ سان گڏ درستگي پڻ ڪئي آھي. ڪتاب ۾ سولنگي حڪمرانن جو شجرو، سندن زندگيءَ جو تفصيل راجپوتن جي ريتن رسمن ۽ ثقافت جو تذڪرو ۽ سولنگي قوم جي لڪل حقيقتن کي عيان ڪيو ويو آھي. مضمون نويسيءَ ۽ ويچارن تي مشتمل ”مھجور“ جو ھڪ ٻيو ڪتاب ”ڏڪا اچ مون کي ڏھ ھڻ!“ 2020ع ۾ ڇپيو. ڪتاب ۾ ھن سنڌ تي ٿيل ٻاھرين حملن عربن انگريزن کان اچ تائين سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيل استحصال نا انصافين ۽ ويساھ گھاتين جو تاريخي ذڪر ڪيو آھي.

- **<u>ننگر ٺٽي جو سماج (مطالعو ۽ مشاھدو)</u>**

ھي ڪتاب پڻ مشتاق باگاڻي جي مطالعي ۽ مشاھدي جو ھڪ لاثاني ڪتاب آھي، جنھن ۾ ھن ٺٽي ۽ ان جي آس پاس جي علائقن، ٻھراڙين، ڪوھستاني علائقن، جانورن، معدنيات، درياھ ۽ ڪڇي جي خاصيتن، ميداني علائقن، آڳاٽين وسندين، رڻ، اندس ڊيلٽا، ڪريڪ سسٽم ۽ ڊانڊي علائقن سان گڏ ٺٽي جي اوائلي سماج، سماجي تبديليءَ ۽ موجوده ٺٽي شھر جي نقشي جو معلوماتي ذڪر ڪيو آھي. ڪتاب جي ڀاڱي ٻئي ۾ مشتاق لاڙ جي فطري سونھن، سجاول جي سڄڻن، مڪليءَ، ٺٽي جي شيرازي، باغائي،

امير خاني سادات، ميمڻ، مسڻ، جاکرن جي راڄن، مهاڻن، گدرن، پليجن وغيره جي ثقافتي سرگرمين ڪچهرين جي دورن، شخصيتن ۽ ٻين ڪيترن ئي پاسن تي لکيو آهي. مشتاق هن ڪتاب ۾ نٿي جي تاريخي اهميت، جاگرافيءَ، ڪلچر، واقعات، يادگيرين ڪي مشاهداتي طور قلم بند ڪيو آهي. هي ڪتاب 264 صفحن تي مشتمل آهي.

- **<u>مورو شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ جي سماجي تاريخ (2021ع)</u>**

مشتاق ٻاگاڻي جو هي ڪتاب مورو ايجوڪيشنل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي پاران ڇپيو. هي ڪتاب موري، گچيري پراڻي، شاهپورجهانيان، دولتپور ۽ ٻين آس پاس جي ڳوٺن جي سماجي تاريخ، ڳوناڻي زندگي، مشاهدي، يادگيرين ۽ اڳوڻي سنڌي سماج تي مبني آهي. ڪتاب ۾ محمد آباد ۽ ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۽ ٻين سياسي مرڪزن جو تاريخي تناظر ۾ ذڪر آهي. موري شهر جي اوائلي دور، پس منظر، ان دور جي علمي ادبي شخصيتن ۽ شهر ۾ رهندڙ ڪلهوڙا، شيخ، سادات، ميمڻ، قاضي، سومرا، سرهيا، ٻرڙا ۽ ٻين برادرين ۽ راڄن جو معلوماتي ذڪر آهي. گچيري ۽ لغاري ٻجراڻين جي ڳوٺ جي تاريخ، درياهه ڪچي جي علائقي، سگهڙن ۽ ملوڪ ماڻهن، اوطاقن ۽ اوتارن تي ڪچهرين، شڪار، جهانيان جي ميلي ۽ پس گردائيءَ، ڳوٺن ۽ راڄن جي تاريخ، جاگرافي، ثقافت ۽ تهذيب جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ گهڻي ڀاڱي مشتاق کان غلطيون رهجي ويون آهن. ڪتاب ۾ تاريخي زاويو اختيار ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۾ موري جي سماجي، سياسي توڙي ادبي تحريڪن جو تزڪرو نه آهي، نه ئي موري جي سماجي ۽ ثقافتي قدرن ۽ روايتن کي عيان ڪيو ويو آهي. ڪيترن ئي ڳوٺن جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ لکيل نه آهي. موري ۽ آس پاس جي ڪيترن ئي علمي، ادبي، مذهبي، سياسي، سماجي توڙي ثقافتي شخصيتن جي خدمتن جو به ذڪر نه آهي.

مشتاق ٻاگاڻي هن ڪتاب ۾ شين جي ڇنڊ ڇاڻ توڙي علمي منطق اختيار نه ڪيو آهي، نه ئي سنڌس ٻولي تاريخي عبارتن واري آهي. سندس ٻولي ڪٿي بياني، ڪٿي تاثراتي، ڪٿي آتم ڪٿائي ۽ ڪٿي خاڪا نويسيءَ واري آهي. ڪتاب ۾ ترتيب، پيشڪش ۽ مشاهدن جا به نقص رهيل آهن. ص 23 تي لکي ٿو ته ”راشد مورائي جي سندس ساري شاعري درديلي شاعري سنڌي ادب جو حصو آهي.“ ڇا راشد مورائي جي سموري شاعري درد جي هڪڙي پهلو تي آهي...؟ راشد مورائي جي شاعري جا انيڪ پهلو ۽ موضوع آهن. ص 75 تي مولوي محمد عثمان بابت لکي ٿو ته ”هن مدرسه عثمانيه قائم ڪيو.“ هن مدرسي جو نالو مدرسه عثمانيه نه بلڪ مدرسه رحمانيه آهي. ساڳي صفحي تي محمد منل ڪمالاڻي جو جنم سال 1841 لکي ٿو، جڏهن ته ”ساهتي جا استاد“ جهڙي مستند ڪتاب ۾ سندس جنم سال 1942ع آهي. ص 84 تي نامور اديب ۽ ناول نويس ”خليق مورائي“ بابت لکي ٿو ته ”پنجويهه کن مذهبي ڪتاب لکيائين.“ سمورن ڪتابن کي مذهبي قرار ڏيڻ مشتاق جو غير منطقي انداز آهي. ص 86 تي ”اختر مورائي“ جي باري ۾ لکي ٿو ته ”پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو.“ مشتاق جي هن جملي ۾ هڪ ته واضح ناهي ته اختر

مورائي شاخ جو سيڪريٽري هو يا مرڪز جو. جيڪڏهن شاخ جو سيڪريٽري رهيو، ته شاخ جو عهدو سيڪريٽري آهي، جڏهن ته جنرل سيڪريٽري جو عهدو مرڪز تي هوندو آهي. ص 87 تي قاضي عبدالوهاب جي ڄمڻ جو هنڌ ڏيرڻ ۽ جنم سال 1906ع لکيو اٿس. جڏهن ته ڪتاب "ساهتي جا استاد" ۾ سندس جنم سڌوڄا ۽ جنم سال پهرين جنوري 1902ع لکيل آهي. ٻئي هنڌ ڳچيري پراڻي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "ڳچيرو پراڻو تاريخي شهر آهي، ڳچيرو موري جو همعصر آهي." مورو شهر ڳچيري جو همعصر ناهي. تاريخ جا ڪتاب ڳچيري کي قبل مسيح شهرن مان لکن ٿا، جڏهن ته مورو روايتن مطابق 5,6 صديون پراڻو شهر آهي. ڳچيري بابت اڳتي لکي ٿو ته "ڳچيري ۾ هڪ سراءِ هوندي هئي، جنهن ۾ ٻارهن ڪمرا اڏيل هوندا هئا، ان سان گڏ کوهه هوندو هو، اهو کوهه اڄ به سلامت آهي." مسافر خاني کي ٻارهن نه ٻلڪ ٻه ڪمرا هئا، جيڪي سلامت آهن. جڏهن ته اهو کوهه پنجاهه سال اڳ ختم ٿي چڪو آهي، ان جو ڪوبه نشان موجود نه آهي. اهڙي طرح ڪتاب ۾ مشاهداتي غلطيون به موجود آهن. ڪتاب ۾ پيشڪش جي لحاظ کان به ترتيب وار ذڪر ناهي، نه ئي بيان ڪيل واقعي يا شخصيت بابت تذڪري مان خبر پوي ٿي ته هي دور يا ڪهڙي ڏهاڪي جو ذڪر آهي. مشتاق ٻاگاڻي جا مضمون فن جي لحاظ کان اعليٰ شاهڪار آهن، انهن جي ٻولي ۽ طرز بيان سندن جان آهي، جيڪا فطري اختيار ڪيل آهي. مشتاق پنهنجي مضمونن سان سنڌ جي انهن خطن جو سير ڪرائي ٿو، جيڪي عام شهري ماڻهن جي نظرن کان دور آهن. هن پنهنجي مضمونن ۾ نيٺ سنڌي لفظ ۽ مقامي اصطلاح، پهاڪا ۽ محاورا ڪم آڻي سنڌي ادب ۽ لغت ۾ اضافو ڪيو آهي. موري مان تاريخ تي لکيل ڪتابن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. سنڌ جي سياسي جدوجهد | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 1983ع |
| 2. تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 1984ع |
| 3. مورو ناهي ٿورو | محمد مٺل ڪمالاڻي | 1988ع |
| 4. هسٽري آف سنڌ (ڀاڱو پهريون) | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 1996ع |
| 5. مجذوب حافظ علي مراد (سوانح حيات ۽ تعليمات) | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 1996ع |
| 6. تاريخ ضلعو نوابشاهه | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 2001ع |
| 7. هسٽري آف سنڌ (ڀاڱو ٻيو) | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 2004ع |
| 8. تاريخ راجپوت سولنڪي (سولنگي | "مهجور" غلام حيدر سولنگي | 2012ع |
| 9. مورو شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ جي سماجي تاريخ | مشتاق ٻاگاڻي | 2021ع |

**5.5 تنقيد (Criticism)**

هر دور جي ادب جو تخليقي مواد تنقيد کي وجود ڏئي ٿو. تنقيد ئي هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو تهذيبي ۽ ادبي روايتن ۾ لاڳاپا قائم ڪري سماج ۾ فڪر جي نواڻ ۽ تازگي آڻي ٿو. تنقيد جي لغوي معنيٰ آهي، پرکڻ يا چڱي ۽ بري جو فرق معلوم ڪرڻ. اصطلاح ۾ خوبين، خامين، قدر ۽ قيمت جي ڪٿ ڪري ڪا راءِ عدل يا انصاف تي قائم ڪرڻ آهي. تنقيد تڏهن وجود ۾ اچي ٿي، جڏهن تخليق کي مختلف طريقن سان جانچيو وڃي ٿو ۽ انهيءَ جي خوبين ۽ خامين جو جائزو ورتو وڃي ٿو. تنقيد تخليق جي ڪرائي ۽ ڪوٺائي جي پرک هوندي آهي يا تنقيد تخليق جي ترجمان هوندي آهي. تنقيد بابت انگريز نقاد هڊسن لکيو آهي تہ:

"ادبي تنقيد ان کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن فن پاري کي سمجهڻ ۽ ان تي غور ڪرڻ جي صلاحيت هجي. تنقيدي فن جي ماهر جو ڪم آهي تہ فني تخليق کي ڏسي، سمجهي غور ڪري ۽ ان جي خوبين ۽ خامين جي جاچ ڪرڻ بعد ان جي قدر ۽ قيمت جو صحيح اندازو لڳائي." (38)

تنقيد ئي هڪ اهڙو عمل رهيو آهي، جنهن تخليق ۽ ان جي طريقہ ڪار لاءِ نت نيون راهون پيدا ڪرڻ سان گڏ ادبي نظرين جي چند ڇاڻ ڪري ادبي قافلي لاءِ نوان زاويا ۽ رويا مهيا ڪيا آهن. اختلاف راءِ دنيا جي هر ادب ۾ آهي. تنقيد ليکڪ جي انهن سيني محرڪات کي پڌرو ڪري ٿي، جيڪي سندس تخليق جو جُز هوندا آهن. تنقيد نگاري ۾ ادبي تنقيد جي قسمن ۾ نظرياتي تنقيد، جمالياتي تنقيد، نفسياتي تنقيد، اخلاقي تنقيد، مذهبي تنقيد، سماجياتي تنقيد ۽ عملي تنقيد اچي وڃن ٿا. تنقيد جو مقصد ان شيءِ جي نفي يا ضد ناهي، پر ڪنهن فن پاري کي صحيح رخ ۾ جاچڻ، پرکڻ، ان جي فائدن ۽ نقصن کان آگاهہ ڪرڻ ان جي ظاهري ۽ باطني جوڙ جڪ ۽ اثر کي جاچڻ ۽ نتيجا اخذ ڪرڻ جو هنر آهي. تنقيد شين کي صحيح رخ ۽ ترتيب ۾ بيهارڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ جو فن آهي.

سنڌي ادب ۾ تنقيد جو آغاز انگريزن جي دور کان شروع ٿيو. 1975ع ۾ ڪتاب "ميزان الشعر" ڇپيو، جيڪو تنقيد جو پهريون اصولي ڪتاب آهي، جنهن ۾ علم عروض جا قائدا ٻڌايا ويا آهن. سنڌي ادب ۾ پهريان ڊاڪٽر ابراهيم خليل تنقيد ڏانهن قدم وڌائي توجه ڇڪايو. ان کان سواءِ غلام محمد گرامي، شمس الدين عرساڻي، منگها رام ملڪاڻي، احسان بدوي، الهہ داد ٻوهيو، مرزا مراد علي بيگ، رسول بخش پليجو، بدر ابڙو، تنوير عباسي، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ٻين جا نالا ڳڻي سگهجن ٿا. سنڌي ادب ۾ تنقيد جي اهميت تي ابراهيم خليل جو ڪتاب "ادب ۽ تنقيد" الهہ داد ٻوهيي جو ڪتاب "تنقيدون" شمس الدين عرساڻيءَ جو ڪتاب "سنڌي ادب ۾ تنقيد" احسان بدويءَ جو ڪتاب "تنقيد ۽ تنقيد نگاري" رسول

بخش پليجي جا بہ ڪتاب ”انڌا اونڌا ويچ“ ۽ ”سنڌي ذات هنجن“ بدر ابڙي جو ڪتاب ”تنقيد نگاريءَ جو ارتقائي جائزو“ ڊاڪٽر فهميده حسين جو ڪتاب ”ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ“ وغيره تنقيد جي اهميت ۽ مجموعي ادبي تنقيد بابت آهن. سنڌي تنقيد نگاري ۾ ڪهاڻي، ناول، مضمون وغيره تي جدا جدا تنقيدي ڪتاب موجود نہ آهن. تنقيد نگاري جي ڏس ۾ سنڌي رسالن نئين زندگي، سہ ماهي مهراڻ، روح رهاڻ، سهڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي رسالن ۾ تنقيدي مضمون بہ شايع ٿيندا رهيا آهن. وقت جي تبديليءَ سبب ادب ۽ تنقيد جا قدر بہ مٽبا رهيا آهن. تنقيد ۾ پڻ نواڻ ايندي رهي آهي. هي هڪ اهڙو فن آهي، جنهن ڪي اديب خلقي ٿو ۽ تنقيد نگار گهڙي، اجاري، سينگاري ۽ سنواري، سندس خوبين ۽ خامين کي پڻ ظاهر ڪري ٿو.

موري شهر جي ليکڪن جتي ٻين نثري صنفن کي اختيار ڪيوآهي، اتي تنقيد جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ وس آهر پڻ سيبتو ڪردار ادا ڪيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ موري مان بہ تنقيد جا اهجاڻ ملن ٿا. هتان جي ليکڪن سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين، مختلف بزمن ۾ شعري توڙي نثري ادب جي مختلف تحريرن تي تنقيد ڪئي آهي. ان سان گڏ نئين زندگي رسالي، سہ ماهي مهراڻ، روح رهاڻ، سوجهري ۽ ان وقت جي ٻين مختلف رسالن ۾ پڻ سندن تنقيدي نوعيت جا مضمون ڇپيا. هن شهر مان تنقيد جي صنف تي جن لکيو آهي، تن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

- **<u>پروفيسر علي نواز جتوئي:</u>**

پروفيسر علي نواز جتوئي لسانياني تنقيد ۾ ڪيترن ئي جاين تي لساني پهلوئن کي مدنظر رکي تنقيد ڪئي آهي. هن تخليق جو کوڙهو جائزو وٺي ان جي افاديت، اهميت ۽ قدر و قيمت کان واقف ڪيو آهي، تہ ساڳئي وقت ان تخليق جي خوبين، خامين، بيهڪ ۽ فني جوڙجڪ سان گڏوگڏ ان جي سماجي اثرات کان بہ آگاهہ ڪيو آهي. ڪجھ جاين تي تخليق ڪار جي رهبري ڪري کيس ڪيترين ئي پيچيدگين ۽ اوٽاين کان بہ واقف ڪيو آهي. ڪتاب ”ويرون ۽ وهڪرا“ ۾ پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي ”بڻ بنياد“ جي نظرين جي باري ۾ سراج الحق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي بيان ڪيل نظرين جي باري ۾ سندس اختلافي راين وارا مضمون ۽ مقالا آهن. پنهنجي ڪتاب جي ٽئين مقالي، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنيا ۾، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڇپيل ڪتاب تي تنقيدي تجزيو ڪندي لکي ٿو تہ:

”هن نالي سان مسٽر غلام علي الانا (هاڻي ڊاڪٽر)، 124 صفحن وارو ڪتاب لکيو. ان تي تنقيد ۽ تبصرو تفصيل سان، علمي انداز ۾ لکيو ويو جيڪو 'ڏرتي' رسالي ۾، سيد ظفر شاهہ شايع ڪيو. اها تنقيد بيحد مقبول وئي ڇوتہ نهايت علمي اندازم لکي وئي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ويو هو تہ ڊاڪٽر الانا وارو مفرضو بلڪل غلط آهي. ڊاڪٽر الانا کي همٿ ئي ڪانہ ٿي تہ ان جو جواب لکي پيش ڪري. پروفيسر علي نواز جتوئي اڳتي لکي ٿو

ته: ڊاڪٽر الانا جو تازو ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي سراسر غلط آهي ڇو ته لساني جاگرافيءَ سان ان جي دور جو به واسطو ڪونه آهي. ان کان پوءِ سندس ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" ڇپيو آهي جنهن جو ٻوليءَ جي اڀياس سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. ٻوليءَ جي اڀياس ۾، ان جي آوازن، صوتين، صرفي جوڙجڪ ۽ نحوي بناوتن جو علمي جائزو ۽ تجزيو پيش ڪيو ويندو آهي. اهڙي ڪابه ڳالھ هن ڪتاب ۾ ڪانهي. ڪي چند خيالات ۽ قياس آرائيون، مضمون جي صورت ۾ پيش ڪيون ويون آهن، جي اڳ ۾ ڇپجي چڪيون آهن ۽ جن تي تنقيد ٿي چڪي آهي." (39)

- **عبدالڪريم لغاري:**

عبدالڪريم لغاري سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري ۾ به پاڻ ملهايو آهي. 1965ع ۾ مشعل- راھ پبليڪيشنس حيدرآباد پاران "موجوده سنڌي ادب" جي نالي سان ڪتاب ڇپيو. ڪتاب جو مهاڳ پاڻ لکيو اٿس. ڪتاب بابت سيد سردار علي شاھ "دعوت فڪر" نالي تاثر ۾ لکي ٿو ته:

"عبدالڪريم جو هي مقالو سنڌي زبان ۾ تنقيد جو هڪ مثالي شهپارو آهي. هي مقالو اگرچه مختصر آهي، تاهم اهو "موجوده سنڌي ادب" جي مختلف موڙن جي چٽي تصوير چٽي ٿو. لغاري صاحب ادب جي جيڪا تعريف ڪئي آهي، سا ايتري قدر مدلل، معقول ۽ جامع آهي، جو ان کي ذهن ۾ رکڻ کان پوءِ، ڪنهن ادبي پيشڪش جي موڙ، معيار ۽ ماهيت کي پرکڻ ۾ ڪنهن به قسم جي دشواري ڪانه ٿيندي. ليکڪ ادب کي زندگيءَ جي ترجماني سان تعبير ڪيو آهي ۽ زندگيءَ کي وري مجيل اخلاقي قدرن سان وابسته بيان ڪيو آهي. سندس خيال ۾ سنڌي اديب هن وقت ادب جي ٽن موڙن تي هلي رهيا آهن. جن مان هڪڙو اهو پراڻو موڙ آهي، جنهن جي زندگيءَ جي نين تقاضائن سان گهٽ وابستگي آهي. ۽ ٻيو "ادب براءِ اشتراڪيت" وارو نئون موڙ آهي، جنهن کي نه زندگي جي نين تقاضائن سان ڪو لڳاءُ آهي ۽ نه ان جي اخلاقي قدرن سان ڪو انس. بلڪه اهو انهن ٻنهي کي تباھ ڪرڻ جي درپئه آهي. ۽ باقي ٽيون موڙ اهو آهي، جيڪو ادب جي انهيءَ تعريف کي قبول ڪري ٿو. جيڪا مسٽر لغاريءَ پنهنجي هن ڪتاب ۾ بيان ڪئي آهي. جنهن جو مقصد آهي "ادب براءِ زندگي" ڪتاب ۾ ليکڪ ادب جي مختلف موڙن جي باهمي ڪشمڪش کي به بيان ڪيو آهي ۽ انهن جي راھ عمل ۽ طريقه ڪار جو پڻ پوري سنجيدگيءَ سان تجزيو ڪيو آهي." (40)

ڪتاب ۾ عبدالڪريم ان وقت جي سه ماهي مهراڻ جي ايڊيٽر غلام محمد گرامي ۽ سندس لکيل قسطوار مضمون ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات“ بابت سخت تنقيد ڪئي آهي ۽ آئيندي جي لاءِ ان قسم جي ادب کي نقصان قرار ڏنو اٿس. سه ماهي مهراڻ رسالي جي 1964ع واري ٻئي ۽ ٽئي نمبر واري پرچي ۾ ڇپيل مضمون بابت لکي ٿو ته:

”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات پڙهو. اوهان ڏسندا ته، نهايت ئي حرفت ۽ شرارت سان، ان ۾ مذڪور نڪتو بار بار دهرايو ويو آهي، ۽ ٻڌايو ويو آهي ته، جڏهن ترقي پسند اديبن (يعني ڪميونسٽن)، ادب براءِ زندگيءَ کي پيش ڪيو، تڏهن ڦتل سماج جا اديب، نهايت ئي شدت سان ان جي مخالفت ڪرڻ لڳا، ۽ ادب براءِ ادب جي پچر نه ڇڏيائون. نتيجي ۾ ٻه محاذ قائم ٿي ويا. هيءَ آهي، اشتراڪي اديبن طرفان، ادب جي ذريعي، اديبن ۽ عوام ۾ طبقاتي جنگ جي شعور جاڳائڻ جي فني شرارت ۽ اشتراڪيت جي پروپيگنڊا جي هڪ زبردست حرفت! هنن اشتراڪين جي ٻي حرفت آهي، ماضيءَ کان انڪار. پر، چاڪاڻ ته ماضيءَ کان صحيح انڪار ناممڪن آهي، بلڪه اول درجي جي حماقت آهي. ان ڪري هي اشتراڪي ماضيءَ کي وري ... دور ظلمات... چئي ننڍڻ شروع ڪندا آهن. هو اوهان جي ذهن ۾، اوهان جي ساري تهذيبي، تمدني، ثقافتي ۽ علمي سرمائي، جو ماضيءَ جو ورثو آهي، تنهن جي خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ۽ ٻئي طرف، هو اوهان جي ساري ديني روايات ۽ اخلاقي اقدار کي پنهنجي تنقيد جو نشانو بنائين ٿا. هنن جو ٻيو مطلب آهي ته، هر اهو دور، دور ظلمات آهي، جو... اشتراڪي راڄ... جو دور نه آهي. حتيٰ ڪه نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نبوت ۽ حڪمرانيءَ جو دور، خلفاءِ راشدين جي خلافت جو دور، ۽ حضرت عمر بن عبدالعزيز جي خلافت جو دور، اهي دور سڀ، هن انڌن اشتراڪين جي نظر ۾، نعوذ بالله، ”ادوار ظلمات“ آهن. اهي دور، ڪميونسٽ رياست ۽ راڄ جا دور نه هئا. دين ۽ مذهب خلاف نفرت، اسلامي شريعت تي بيهوده الزام ۽ ان سان گڏ الحاد، دهريت ۽ماديت پرستيءَ جي پروپيگنڊا ۽ پڻ اخلاقي قدرن خلاف نفرت ۽ ان سان گڏ بداخلاقي، عريانيت ۽ فحاشت جي پروپيگنڊا ۾ ڪئين ڪاغذ ڪارا ڪيا ويا آهن. سنڌي ڪميونسٽن جي ڪابه تحرير پڙهو، مذڪور ڳالهين مان ڪانه ڪا ڳالهه اوهان کي ان ۾ ضرور ملندي.“ (41)

رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر، جنهن ايڊيٽري کان وڌيڪ، ڪميونسٽن جي وڪالت جو ڌنڌو اختيار ڪيو آهي، سو پنهنجي مذڪوره مضمون ۾، اسلامي شريعت کي جاگيردارانہ نظام جي پيداوار چوي ٿو، اخلاقي قدرن کي اضافي چئي، انهن کي نندي ٿو ۽ وڌيڪ چوي ٿو تہ:

”شاعريءَ کي تہ سند مليل آهي، تہ اها مذهبي ۽ اخلاقي اقدارن کي ٽوڙي ۽ وڌيڪ هي ايڊيٽر، نقادن تي ڪاوڙ ڇنڊيندي چوي ٿو تہ، هو تہ سائيءَ جا مريض آهن، جو خوامخواهہ شاعريءَ ۽ ادب کي اخلاقيات ڏانهن پيا گهلين.“ (42)

- <u>**خليق ٻگهيو**</u> ( 2 ڊسمبر1970ع )

ناميارو نقاد خليق ٻگهيو ولد استاد عزيز الله ٻگهيو ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر پراڻي گچيري ۾ ڄائو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم گچيري پراڻي مان، انٽر مهراڻ ڪاليج موري مان، ۽ ايم اي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪرڻ بعد، سال 1990ع ۾ هاءِ اسڪول گچيرو پراڻي ۾ J.S.T طور مقرر ٿيو. ايم ايڊ ڪرڻ کان پوءِ سال 2004ع ۾ H.S.T استاد جي حيثيت ۾ هن وقت تائين ساڳئي اسڪول ۾ تدريس سان وابستا آهي.

خليق ٻگهيي سنڌي ادب جو آغاز 1984ع کان ٻاراڻي ڪهاڻي ”ڪنهن تي ڏيان ڏوهہ“ سان ڪيو، جيڪا ان وقت جي آفتاب اخبار جي ٻاراڻي صفحي ۾ ڇپي. بعد ۾ هن ڪيتري عرصي تائين سنڌي اخبارن ۾ سياسي سماجي ۽ ڪرنٽ اشوز تي ڪالم لکيا. هن 2006ع کان سوجهري رسالي ۾ باقاعده ادبي نوعيت جا مضمون لکيا، جن ۾ ادبي، سماجي شعور، جدت ۽ ترقي پسند سوچ جي قيام جو تصور مليو ٿو. خليق ٻگهيي جا پسند جا ادبي موضوع، فڪشن ادب، لطيفيات ۽ تنقيدي ادب آهن. هنن موضوعن تي هن ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ تنقيد جي موضوع تي ٻہ ڪتاب لکيا آهن. سندس لکيل تنقيدي مضمون مختلف سنڌي رسالن ۾ ڇپيا آهن. جديد سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ خليق ٻگهيي جو لکيل ڪتاب ”ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا“ هن سلسلي جو، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل پهريون ڪتاب آهي، جيڪو 2016ع ۾ ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران ڇپيو. هن ڪتاب ۾، خليق ٻگهيي تنقيد جي موضوع تي ڌار ڌار عنوانن تي، سنو ۽ معلوماتي مواد پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ۾ دنيا جي وڏن يوناني فيلسوفن ۽ دنيا جي وڏن نقادن جا حوالا پڻ ڏنا آهن. ڪتاب ۾ لطيف شناسيءَ بابت سندس تجزياتي مقالو ”شاهہ لطيف وٽ ڪلاسيڪيت جو تصور“ هڪ فڪري، فلسفي، ٻوليءَ، لطيف جي عظمت ۽ شاعراڻي فڪر جي ڪمال تي آڌاريل آهي. سندس هڪ ٻيو مضمون ”ڀٽائي ۽ جماليات“ هڪ اهڙو مفصل فڪري مضمون آهي، جنهن ۾ پاڻ جماليات کي بين الاقوامي ليول تي لطيف جي شاعريءَ ۽ سندس فني فڪري پهلوئن ۽ جماليات جي فلسفياڻي تشريح سائنسي تجربي ۽ منفرد اسلوب سان بحث ڪيو آهي. ”رومانوي تحريڪ ۽ ڀٽائي“ مضمون ۾ يورپ جي رومانوي

تحريڪ بنيادي رڪاوٽن ۽ مقصدن تي تخليقي روشني وجهڻ سان گڏ فڪر جي چنڊ ڇاڻ، جمالياتي تصورن کي کولي بيان ڪرڻ سان گڏ نيو ڪلاسيڪي تحريڪن جو پڻ ذڪر ڪيل آهي. ”جديد ادب ۽ تنقيد“ مضمون ۾ جديد ادب ۽ ان جي مختلف پهلوئن جو تجزياتي ۽ تنقيد پهلو شامل آهي. ”پوسٽ ماڊرن ازم ڏانهن هڪ تنقيدي نگاهه“ ۽ ”جديديت پڄاڻان ۽ بينڪيت پڄاڻان“ سندس اهڙا مضمون آهن، جن ۾ تجزئي ۽ تنقيد سان گڏ ادبي تحريڪن، لاڙن بابت نوان ٽرم، اضافي ڇاڻ ۽ علمي تنقيد نگاريءَ جو چٽو مثال آهن. ان کان علاوه شاعريءَ ۽ نثر ۾ هن سعيد سومري، هدايت ڏيپر، لڪشمڻ دبي، انور ڪاڪا، هوش محمد ڀٽي، اسير امتياز ۽ رسول ميمڻ جي تخليقن تي تجزئي ۽ تنقيد سان گڏ انهن جي اهميت ۽ افاديت تي به روشني وڌي آهي. هي ڪتاب روشن فڪر، تنقيدي شعور ۽ وسيع مطالعي سان ڀرپور آهي.

تنقيد جي موضوع تي سندس هڪ ٻيو ڪتاب ”سنڌي ڪهاڻيءَ جو تنقيدي اڀياس“ مرڪ پبليڪيشن ڪراچي پاران 2022ع ۾ ڇپيو. سندس هن عملي ڪتاب ۾ منورسراج، جهانگير عباسي، اخلاق انصاري، طارق قريشي، مجيب اوٺي، منل جسڪاڻي، فرزانه شاهين، راجن مگريي ۽ سرور سيف جي ڪهاڻين جي مجموعن تي تنقيدي جائزو شامل آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو ته:

> ”خليق ٻگهيو خاص طور تي جديديت پڄاڻان دور جي صورتحال ۾ پيدا ٿيندڙ ادب تي گهري نظر رکي ٿو. هن اهڙي دور ۾ ڪهاڻين تي قلم کنيو آهي، جڏهن خود تخليق ڪار شخصيت جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ صرف سجاڳ لاءِ يا وري ڪٿارسزم لاءِ قلم کنيو آهي. مجموعي طور خليق ٻگهيو اسان جي وچ ۾ هڪ اهڙو عملي تنقيد نگار ٿي اڀريو آهي، جنهن جي نظر هڪ ئي وقت ماضي، حال ۽ مستقبل تي آهي. هو جديد نظرين کان به واقف آهي ته جديديت پڄاڻان جي صورتحال کان به واقف آهي. هي ڪتاب تنقيدي کيتر ۾ هڪ سنو اضافو آهي.“ (43)

مٿين ڪتابن کان علاوه هن جا سنڌي شاعريءَ ۽ ڪهاڻين جي ڪيترن ئي ڪتابن تي تنقيدي تجزيا مختلف رسالن ۾ ڇپيا آهن، جن ۾ سندس عملي تنقيد جو عڪس نمايان شامل آهي. خليق ٻگهيي جي جديد سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ منفرد مقام سندس ٻوليءَ جو منفرد اسلوب، ٻوليءَ جو سواد، نئين خيال جو اظهار، فن ۽ فڪر کي بحث ۾ آڻي سائنسي انداز سان تخليق جي چنڊ ڇاڻ ڪري پرک ڪرڻ ۽ معلومات جو اضافو آهي. خليق ٻگهيي تنقيد نگاري ۾ نه رڳو ڪنهن ادبي تخليق جو تجزيو ڪيو آهي، پر ادب جي فڪري اسلوب، ان ۾ سمايل راز ۽ رمز کي کولي، ادب جي جمالياتي تصور، فني خوبين بنيادي فڪري لاڙن کي پوريءَ طرح سمجهي علمي نڪته نظر کان ان جي صحيح ۽ سچي وضاحت به ڪئي آهي. هن پنهنجي منفرد تجزياتي تنقيد ذريعي فلسفي، لاڙن ۽ رجحانن جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيا آهن. سندس

تنقيدي ڏات ڪيس موجوده عهد جي نقادن ۾ هڪ نرالي حيثيت ڏني آهي. خليق ٻگهيو نقاد ۽ عملي تنقيد بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته:

”عملي تنقيد ڪنهن به فن پاري جي خوبين ۽ خامين جي پرک ڪندي آهي ۽ انهيءَ پرک جي لاءِ ڪن معيارن جو تعين ڪندي آهي، آهي معيار تنقيدي نظريا ۽ قسم ڏين ٿا، جن تي عملي نقادن کي عمل ڪرڻو پوندو آهي. عملي نقاد نه صرف تنقيدي نظرين/ قسمن/اصولن مان فائدو حاصل ڪندا آهن، پر انهن نظرين کان اڳتي نوان تنقيدي زاويا به تخليق ڪندا آهن، ۽ اهي تنقيدي زاويا سندن تخليقي ۽ فڪري سگهه جو مظهر هوندا آهن. سنڌي ادب ۾ نه ڪو نقاد ڪو شاعريءَ جو نظريو ڏئي سگهيو آهي ۽ نه وري ڪو نقاد تنقيد جي ٿيوريءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ڪٺن ڪم آهي، خود نقاد سنڌي ادب جي هن روايتي ماحول ۾ عملي تنقيد کان گهٻرائين ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي ڄاڻن ٿا ته تنقيد جي لاءِ همت سهپ/ برداشت آهي ئي ڪانه! تنقيد هڪ آرٽ آهي، هنر مندي آهي. تنقيد فلسفو ڪانهي. ڪنهن به فلسفي جي مبلغ کي جهڙيءَ طرح باقاعده نقاد نٿو چئي سگهجي، تهڙيءَ طرح فڪري مبلغن جي زباني نقادن کي به باقاعده نقاد نٿو چئي سگهجي. مون پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي آهي ته آئون اولهه جي تنقيدي نظرين تي مڪمل انحصار نه ڪريان، ڇاڪاڻ ته اهي تنقيدي نظريا، توڙي جو عالمي ادب ۾ پنهنجي منفرد افاديت رکن ٿا، پر ڪٿي ڪٿي اسان جي ڪلچر، آرٽ ۽ سماجي معروضي حالتن سان ٽڪراءَ ۾ اچن ٿا، انهيءَ ڪري انهن تنقيدي نظرين کي جيئن جو تيئن لاڳو نٿو ڪري سگهجي.“ (44)

خليق ٻگهيي جي طرز تحرير ۽ پوسٽ ماڊرنزم بابت راءِ جو مثال:

”پوسٽ ماڊرنز بنيادي طرح هڪ صورتحال آهي، جيڪا اجتماعي سطح تي هڪ ذهني لاڙو بڻجي نظريه سازيءَ ڏانهن وڌي رهي آهي. هي صورتحال جديديت کان قبل واري صورتحال جي وڪالت ضرور ڪري ٿي، پر ان جو بنيادي مقصد، جديديت جي تحريڪ تي تنقيد ڪرڻ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته پوسٽ ماڊرن نقاد جديديت جي تحريڪ تي ڪجهه فڪري انتها ڏانهن وڌي ويا آهن، جڏهن هنن جديديت جي هيئت تي به تنقيد شروع ڪري ورتي، پر پوسٽ ماڊرنزم حقيقت نگاريءَ کي نئين روپ ۾ جذب ڪري ان کي جادوئي حقيقت نگاري سڏي ورتو، پر خود پوسٽ ماڊرنزم جو سمورو تنقيدي مواد جديديت جي عمارت جي مخالفت ۾ تعمير ڪيل آهي ته پوءِ ان کي جديديت کان اڳ / مهڙ واري

صورتحال ڪيئن چئجي؟ ان ڪري نواڻ ته سمورن لاڙن جو دين آهي. ان ڪري آئون ائين سمجهان ٿو ته پوسٽ ماڊرنزم به جديديت جي ڪک مان نڪتل آهي، پوسٽ ماڊرنزم کي به ڪي پنهنجا الڳ بونافائيڊس/ فڪري بنياد ڪونهن، جنهن تي ان جي عمارت جي تعمير ٿي سگهي." (45)

خليق ٻگهيي جي تعميري پرک، اوک ڊوک ۽ پروڙ جا جديد پيمانا ۽ طريقا آهن. مختلف ڪتابن تي لکيل سندس فڪر انگيز ۽ رنگا رنگي مهاڳ سندس تجزيي، جائزي، اڀياس ۽ گهڻ علمي ليکڪ هئڻ جا ساکي آهن. ناميارو نقاد منير سولنگي، خليق ٻگهيي جي تنقيد نگاريءَ بابت لکي ٿو ته:

"خليق ٻگهيو نه صرف تنقيد جي مختلف جديد نظرين جي اطلاق وارو فني ۽ فڪري آرٽ ڏئي ٿو، پر هو مغربي تنقيدي نظرين جي اطلاق وقت پنهنجي سنڌي تخليقي ادب جي سماجي، تاريخي، ثقافتي ۽ مقامي مزاج جي پس منظر توڙي پيش منظر کي به پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿو.سندس تنقيدون مختلف رنگن ۽ روپن جي ميلاپ سان يا جدا جدا تنقيدي زاوين، روين، نظرين ۽ تحريڪن جي طفيلي وجود ۾ اچن ٿيون. خليق ڪنهن خاص قسم جي تنقيد جو نقاد نه آهي، پر هو سيني تحريڪن، نظرين، فڪرن ۽ روين کي ادب جو ڪچو مال سمجهي ادبي تنقيد لکي ٿو. جيڪا سندس تخليقي ۽ تنقيدي انفراديت آهي." (46)

خليق ٻگهيو هن وقت تائين 5 ڪتابن جيترو لکي چڪو آهي، جنهن مان ٻن ڪتابن جو مواد سندس شاعريءَ جي مختلف صنفن، ڪهاڻين ۽ ڪتابن تي تنقيدي تجزياتي نوعيت تي مشتمل آهي. ان کان علاوه هن ڪيترائي مهاڳ، تبصرا لکيا آهن، جن ۾ تنقيد ۽ تقابلي تجزيو شامل آهي. سندس لکيل ڪتاب "ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا" 2017ع ۾ سال جو بهترين تنقيدي ڪتاب جو ايوارڊ ماڻي چڪو آهي. خليق ٻگهيي جي تنقيد جي انفراديت هيءَ به آهي ته هن تنقيد ۾ جديد يورپي فلسفن کي شامل ڪيو آهي، ٻيو ته سندس تنقيدن ۾ تجزئي جي هڪ منفرد سائنس نظر اچي ٿي. سندس خيال آهي ته تنقيد به تخليق ٿئي ٿي، جيڪا هڪ دراصل هڪ تخليق جي مثان ٻي تخليق کي جنم ڏيندي آهي. سو تنقيد تخليق جي نقطن جي نشاندهي ڪري انهن تي نئون تخليقي خاڪو يا رول ماڊل ڏيندي آهي انهيءَ ڪري هن تنقيدن کي تخليقي پئي بڻايو آهي.

- <u>**خادم بالادي:**</u>

خادم بالادي جو سنڌيءَ جي جديد تنقيدي نويسيءَ ۾ به ڪردار آهي. خادم بالادي جا ڪجھ رسالن ۽ اخبارن ۾ تنقيدي نوعيت جا مضمون ڇپيا آهن، سندس اڀياس وسيع آهي، جنهن ڪري هن وٽ تنقيد ڪرڻ جي هر لحاظ کان لياقت آهي. هن جديد تنقيد ۽ مابعد جديديت جي مختلف پهلوئن تي تنقيدي

نقطہ نگاھن کان سنڌي ادب جي ڪيترن ئي شعري مجموعن تي تنقيدي مضمون لکيا آھن. تن ۾ ايس نسيم ميمڻ جو ”چنڊ سنڌوءَ ۾“ 2012ع، محبتي ملاح جو ”تنھنجي خوشبو آئي ھوا مان“ 2012ع، نجم سرھيي جو ”اجايل خواب“ 2012ع، امين چانڊيي جو ”عڪس ۾ رقص“ 2014ع، رضا لانگاھ جو ”دعائون ننڊ مان جاڳيون“ 2014ع، خالد ساحل ڪيريي جو ”سمنڊ جو رقص“ 2015ع، فدا ملڪ جو”احساسن جو پنڌ“ 2015ع ڪتابن کان علاوہ منتظر سومرو، امداد سولنگي، مصطفيٰ آڪاش، جميل سومري، بلوچ صحبت ۽ چندر ڪيسواڻي جا شعري مجموعا شامل آھن. ھن ٿيوريءَ جي نقطہ نظر سان سنڌي شاعري جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي آھي. ھن پنھنجي شاعراڻا تجزيي ۾ متن کي اڪيلي تخليق جي نون پيدا ٿيندڙ انڪشافات تي لکيو آھي. مابعد جديديت جي ادب جي حوالي سان سنڌس مضمون ”صورتحال جو ڊسڪورس“ 2020ع ۾ ”پنھنجي“ اخبار ۾ ڇپيو، جنھن ۾ ھن گلوبلائيزيشن، ڊي سينٽرلائيزيشن ۽ مارڪيٽ ايڪانامي تحت دنيا جي نئين تشريح سان ڪنزيومر سوسائٽي جي وجود ۾ ادب تي ڳالھايو آھي. ھي مضمون سنڌس ڳوڙھي اڀياس جو نتيجو آھي.

01 اپريل 2020ع عوامي آواز سنڌي مئگزين ۾ سنڌس ٻيو مضمون ”ڊيٿ آف ڪرٽڪ“ جي نالي سان ڇپيو. ھي مضمون ساختياتي نقاد، رولان بارٿ جي ھڪ مضمون ”ڊيٿ آف آٿر“ جي تسلسل ۾ لکيو آھي. جنھن ۾ ھن جو خيال آھي تہ نقاد ادب ۽ لکڻي اندر معنيٰ جي مرڪزيت کي نڪتو بڻائي تنقيد جا تصور پيدا ڪري ٿو. جڏھن تہ مابعد جديد ادب جي تصور ۾ معنيٰ کي ڪابہ مرڪزيت ناھي، ان ڪري نقاد پاڻ بہ معنيٰ جي مرڪزيت سان جديديت جي دور پوري ٿيڻ سان پنھنجو اختيار وڃائي وينو آھي. ھي وقت ادب جي نئين تفھيم ۽ تصور جو آھي، ان ڪري پڙھندڙ ئي وڏو نقاد آھي. خادم جو ھڪ ٻيو تنقيدي مضمون ”انساني تاريخ ۽ تنقيدي شعور“ 20 فيبروري 2022ع ۾ ڪاوش دنيا ۾ ڇپيو.

خادم بالادي جو تنقيد نگاري ۾ نثري اظھار وڻندڙ ۽ جديد شعور ليئا پائيندي محسوس ٿئي ٿو. جدليات، فلسفي ۽ ترقي پسند ادب ڏانھن ھميشہ سنڌس قدم وڌيل رھيا آھن. خادم جي تنقيد جو الڳ رستو، جديد ۽ منفرد اسلوب، فيلسوفاڻو ۽ ناقداڻو نوع من ۾ پيھي ويندڙ آھي. ھن جي تنقيد داخلي توڙي خارجي لحاظ کان اڻ ڏري، تجزياتي ۽ سنڌس پرک اڀياس ايمانداريءَ جو مثال آھي. خادم بالادي تخليق جي ماحول ۽ نفسياتي تجزيي تي پنھنجي مطالعي جي مدد سان انھيءَ جي سيني خوبين ۽ خامين کي صاف ڪري ھڪ خوبصورت تصوير وانگر اپاري ظاھر ڪري ٿو. تنقيد ڪرڻ وقت ھو تخليق جو جائزو جمالياتي نڪتہ نظر کان وٺڻ سان گڏ تخليق جي جمالياتي خصوصيتن تي بہ بحث ڪري ٿو.

اھڙي طرح موري مان جن ٻين ليکڪن تنقيدون ڪيون آھن، تن ۾ ڊاڪٽر حيدرسنڌي جي تحقيق تنقيدي تجزيي نگاري ۾ شامل ٿئي ٿي. سنڌس تحقيق دوران تنقيدي پھلو بہ موجود آھن. ھن تحقيق ۽ تاريخ جي فني مھارتن ۽ اصولن کي نظر ۾ رکي تنقيد ڪئي آھي. لطيف تي تحقيق ڪندڙ ليکڪائن ۾

ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاھ لطيفيات جي حوالي سان تحقيق ڪئي آهي. سنڌس تحقيق جي ڪم ۾ تنقيد جو عنصر بہ آهي. ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ تاريخ جي ٽيڪنڪ ۽ سوالن کي سامهون رکي ڪيترين ئي جاين تي تاريخي واقعن، عمرانيات ۽ ٻين غلطين جي نشاندهي ڪئي آهي. رسول بخش گچيرائيءَ ڪيترن ئي مضمونن، مقالن ۽ تحقيقي ڪتابن ذريعي تاريخي واقعن، عمرانيات، سوانح نگاري، حوالن ۽ ٻين مختلف پهلوئن ڪان تجزياتي تنقيد ڪري درست نشاندهي ڪئي آهي. هن فني ۽ فڪري بحث ڪري اوٽائين تي روشني وڌي آهي. پروفيسر شمشاد احمد سومري جا تحقيقي مقالن ۾ ڪجھ جاين تي اختلاف ڪيل آهن. سوجهري، مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيل سنڌس مقالن ۾ تنقيدي اشارا ملن ٿا. رکيل مورائي سنڌي ادب ۾ مضمونن، مقالن ۽ مختلف موضوعن تي ڇپيل شعري توڙي نثري ڪتابن تي تاثراتي راين ۽ اپياسن جي صورت ۾ بحث ۽ تنقيدي تجزيا ڪيا آهن. هن پنهنجي وسيع مطالعي سان تخليق تي ان جي خصوصيتن کي تنقيد جي سائنٽيفڪ اصولن تحت ثابت ڪيو آهي. تخليق جي هن خوبين سان گڏ خامين جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

موري مان تنقيد تي لکيل ڪتابن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

| ڪتاب جو نالو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| 1. موجوده سنڌي ادب | عبدالڪريم لغاري | 1965ع |
| 2. ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا | خليق ٻگهيو | 2016ع |
| 3. سنڌي ڪهاڻي جو تنقيدي اپياس | خليق ٻگهيو | 2022ع |

## حوالا:


1. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو مطالعو، گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد، 2001ع، ص 181
2. لغاري اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد 1992ع، ص 187
3. مولاڻي ڪيمن يو، لاٿم ڪس قلوب تان، آمت پرڪاش پوپال، 2022ع، ص 9
4. جتوئي علي نواز پروفيسر، ويرون ۽ وهڪرا، سنڌ سڌار اڪيڊمي، 1993ع، ص 47
5. جتوئي علي نواز پروفيسر، شاهه جو سنيهو نئين نسل لاءِ (مضمون)،
6. پناهه علي شاهه، ابن بطوطه (مضمون)، سنڌي نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1962ع، ص 109
7. چانڊيو استاد حيدري، شاهه جون سورميون، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع، ص 11
8. چانڊيو استاد حيدري، شاهه ۽ سچل جا سنيها، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع، ص 14
9. چانڊيو استاد حيدري، ساڻي نہ پسا سي، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع، ص 13
10. چانڊيو استاد حيدري، ستا اٿي جاڳ، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع، ص 38
11. ڊکڻ علي اڪبر( مرتب )، فضل سليمان قاضي مفڪر، مدبر، محقق، مصنف، پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي، 2021ع، ص 129
12. ساڳيو: ص 155
13. مورائي راشد، اڳتي تاڻ اُمنگ جي، المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ، 2006ع، ص 13
14. ساڳيو: ص 15
15. ميمڻ ايس نسيم، فڪر جي سفر ۾، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع ص 19، 20
16. ساڳيو: ص 39
17. ولڀ ولي رام، ادب ۾ ترجمن جي اهميت (مضمون)، سه ماهي مهراڻ، 1986ع، ص 44
18. راهوجا نذير احمد، يتيم جذبا، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو، 1979ع، ص 41
19. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي ڪهاڻي، ڊاڪٽر شمل جي زباني، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع، ص 13
20. لغاري ظفر، جديد سائنس (حال ۽ مستقبل)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2005ع، ص 8
21. ٻگهيوغلام سرور ڊاڪٽر، روحاني ڪاميابيءَ جا ست اصول،ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2018ع، ص 8
22. ٻرڙو سردار، آڪٽوبر انقلاب ۽ بالشويڪ حڪمت عمليون، موکي پبليڪيشن مورو، 2022ع، ص 12
23. J. F. Rummel,An introduction to Research Procedure in Education Haper brother, New York,1958,page 1 &

24. John. W. Best , Research in education,prentiee Hall Inc, U.S.A,1959,page no 7

25. جتوئي علي نواز پروفيسر، علم لسان ۽ سنڌي زبان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو، 1996ع، ص 2

26. جتوئي علي نواز پروفيسر، ويرون ۽ وهڪرا، سند سڌار اڪيڊمي، 1993ع، ص 12

27. ساڳيو: ص 14

28. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، هندڪو - سنڌوماٿر جي هڪ قديم ٻولي (مضمون) ٽه ماهي مهراڻ 1990ع ص 111

29. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، پاڪستان جي صوبائي ۽ علاقائي زبانن ۾سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لساني حيثيت (پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل مقالو) ص 112

30. گڇيرائي رسول بخش، گڇيرو (شهر، شخصيتون، ثقافت ۽ ادارا)، ايم ايڇ ڏاهري پبليڪيشن هائوسنگ سوسائٽي نوابشاهه، 2021ع، ص 5

31. ساڳيو: ص 53

32. ٻگهيو خليق، مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو، فڪري ۽ تنقيدي اڀياس، (مضمون)، سوجهرو رسالو، 2007ع، ص 21، 22

33. سومرو شمشاد احمد، ڪيئين ريجهايان توکي، ساهتي ادبي اڪيڊمي نوابشاهه، 2013ع، ص 33

34. خاصخيلي جمال الدين مؤمن، ساهتيءَ جا استاد، مؤمن پبليڪيشن نوان جتوئي، 2003ع، ص 16

35. ملاح محبتي، ڏيپارجا (ثقافت ۽ تاريخ)، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، 2019ع ص 57

36. جتوئي ادريس، جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2005ع، ص 13,14

37. ڪمالاڻي منل، مورو ناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو سنڌ، 1988ع، ص 12

38.

39. جتوئي علي نواز پروفيسر، ويرون ۽ وهڪرا، سنڌ سڌار ايڪڊمي ٽنڊو ولي محمد، 1993ع، ص 27

40. لغاري عبدالڪريم، موجوده سنڌي ادب، مشعل راهه پبليڪيشن حيدرآباد، 1965ع، ص 4، 5

41. ساڳيو: ص 20، 21

42. ساڳيو: ص 23

43. ٻگهيو خليق، سنڌي ڪهاڻي جو تنقيدي اڀياس، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، 2022ع، ص 27

44. ٻگهيو خليق، ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2016ع، ص 30

45. ساڳيو: ص 32

46. ساڳيو: ص 22

# باب ڇهون

## نتيجا:

تحقيق جا نتيجا تحقيق جي علمي ۽ تجزياتي ڇنڊڇاڻ مان حاصل ڪيا ويندا آهن. هن تحقيق سان جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن، انهن جو تفصيل ٿيسز ۾ موجود آهي. اختصار سان انهن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا.

- هن تحقيق مان اها ڳالھ واضح ٿئي ٿي تہ موري مان ناول نويسي ترقيءَ جا مرحلا طئي ڪري رهي آهي. هتان جي ليکڪن جي لکيل ناولن، افسانن ۽ ڊرامن جو سماج سان مضبوط ڳانڍاپو آهي. ان دور ۾ جيڪو ڪجھ ٿي رهيو هو ۽ جن ڳالهين جي ضرورت هئي، ليکڪن انهن کي ناولن، افسانن ۽ ڊرامن ۾ پيش ڪيو آهي. ورهاڱي کان اڳ خليق مورائي جي لکيل ناولن ۾ تاريخي شعور، سماجي حالتن ۽ واقعن جو تذڪرو آهي. ورهاڱي کان پوءِ جي جديد ترقي پسند ناول نگاري ۾ ناصر مورائي جو ڪتاب ”راتيون جاڳن جي“ ۾ سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪرائي وئي آهي. هن عام ٻوليءَ ۾ منفرد اسلوب ۾ سنڌي سماج جي تهذيب ۽ ثقافت جي قدرن جي اپٽار ڪئي آهي ۽ اجاين ريتن، رسمن، رواجن، وهمن ۽ وسوسن کي سنڌي سماج مان خارج ڪرڻ جي پرچار ڪئي آهي. هي ناول سنڌي سماج جي عام انسانن جي مختلف مسئلن، پهلوئن، لاڙن، رجحانن، خيالن ۽ قدرن جا ترجمان هئڻ سان گڏ اصلاح، تجديد، ترقيءَ ۽ رهبري جو ذريعو پڻ آهن. هنن ناولن ۾ جڙتو پيرن ۽ اڏ اکري ملن تي پڻ سهڻي انداز ۾ تنقيد ڪيل آهي. هي ناول ٻولي، فڪر، مقصد ۽ مواد جي لحاظ کان ان دور جا بهترين ناول آهن. خليق مورائي 'سندري' ، 'نسيما'، 'چتر پتي' ۽ 'عبرت' جهڙا ناول لکي سنڌي ناول نگاري کي وسعت بخشي آهي. هن ناولن ۾ عورت کي مرڪزي حيثيت ڏني آهي. ڊاڪٽر ارجن سڪايل، هري همٿاڻي، آنند کيماڻي، ناصر مورائي، استاد بهاول لغاري ۽ بيدار مورائي جا ناول عام فهم ۽ سادي اسلوب سبب مختلف مسئلن کي نروار ڪرڻ سان گڏ پڙهندڙن کي متاثر ڪندڙ آهن.
- هن تحقيق مان واضح ٿئي ٿو تہ ناول سان گڏ هتان جي ليکڪن افساني جي فن جي ترقيءَ ۽ اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن شهر مان سنڌي ڪهاڻي پنهنجي پهرين دور ۾ روشن خيالي، انسان دوستي ۽ سماجي حقيقت نگاري جهڙن موضوعن سان ٿمٿار آهي. ٻئي دور ۾ ترقي پسنديءَ جي پرچار ڪندي سياسي، سماجي، قومي، نظرياتي ۽ ترقي پسند فڪر جهڙن موضوعن جي نشاندهي سان گڏ عملي سوچ جي ذريعي حالتن کي بدلائڻ ۽ انهن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ، مدي خارج جاهلانہ رسم رواج ۽ انڌي عقيدي جي ور چڙهيل عوام جي سائنسي ۽ عقلي بنيادن تي رهنمائي ڪندي نظر اچي ٿي. هتان جي افسانہ نويسن ادب جي ترقي پسند ۽ روشن خيالي کي نظر ۾ رکي پنهنجي قوم جي بقا، ٻوليءَ جي بچاءَ،

سماج کي بدلائڻ واري شعوري اوسر، سنڌي عوام ۾ خود اعتمادي ۽ مزاحمت جو روح ڦوڪيو آهي. هنن افسانہ نويسي پنهنجي تحريرن وسيلي سماجي حقيقت نگاري هيٺ شهري توڙي ڳوناڻي زندگيءَ جي معاشي حالتن، واقعن کي پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻائي سماج جي استحصالي قوتن جهڙوڪ: سرمائيدار، وڏيراشاهي ۽ سندن ساٿ ڏيندڙ چاڙتن کي وائکو ڪرڻ سان گڏ هنن سنڌ جي ابوجهہ ماڻهن کي جڙتو عقيدن، منطقن جي چار مان عقلي بنيادن تي شعور بيدار ڪيو آهي. سندن ڪهاڻيون رومانيت سان گڏ ڪيترن ئي واقعن، مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ ڏاڍ، ڏمر، ظلم، مدي خارج ريتن ۽ رسمن ۽ ناانصافين خلاف جدوجهد ۽ بغاوت جو فڪر ۽ شعور ڏين ٿيون.

- هن تحقيق مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ هتان جو ڊرامہ نويس ۽ فنون لطيفہ جون شخصيتون باعمل رهيون آهن. هنن ڊرامہ نويسيءَ، ناٽڪ منڊلين ۽ آرٽ سرڪلن جي ذريعي نون لاڙن ۽ رجحانن کي جنم ڏيڻ سان گڏ سماجي شعور بيدار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هنن قوم ۽ ايندڙ نسل کي نوان گس ۽ گهيڙ ڏيکارڻ سان گڏ پاڻ مشعل ڪڻي اڳتي وڌن ٿا ۽ رهنمائي پڻ ڪن ٿا. سندن فن ۽ فڪر سان سنڌي ناٽڪ مذهبي موضوعن مان نڪري سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪن ٿا. تفريح سان گڏ عام ماڻهن سان درپيش مسئلن کي اجاگر ڪري انهن جا حل ٻڌائڻ ڪان سواءِ قومي مفادن وٽان تبليغ ۽ تلقين بہ ڪن ٿا.

- هن تحقيق مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ هتان جي ليکڪن سفرنامن ۾ پنهنجا تجربا، مشاهدا، قومي توڙي بين الاقوامي ملڪن جي تاريخ، ثقافت، تهذيب، رهڻي ڪهڻي ۽ جاگرافي جا نہ فقط تفصيل ڏنا آهن، پرانهن جاين، واقعن ۽ حالتن کي دلچسپ انداز ۾ بيان ڪري نئين معلومات بہ ڏني آهي. هي سفرنامہ سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم اضافو آهن.

- هن تحقيق مان اها ڳالهہ بہ ثابت ٿئي ٿي تہ آتم ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ هتان جي ليکڪن پنهنجا واقعا، زندگيءَ جا راز، احوال، ڪڙيون منيون ڳالهيون، مشاهدا، تجربا، ڏک سک، حقيقتون جيئن جو تيئن اصل صورت ۾ بيان ڪيون آهن. هنن آتم ڪهاڻين مان پڙهندڙ انهن حقيقتن ۽ سچائين مان پنهنجي زندگي گذارڻ جو ڪو مؤثر رستو ڳولي زندگي ڪارگر بنائي سگهي ٿو. آتم ڪهاڻين جا هي مجموعا سنڌي سوانحي ادب جي ترقيءَ ۾ اهم اضافو آهن.

- هن تحقيق مان اهيا ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ مضمون نويسيءَ جي اوسر، ترقيءَ ۽ ترويج ۾ هتان جي ليکڪن جو اهم ڪردار رهيو آهي. سندن ڇپيل مجموعا ان جا ساکي آهن. سندن ڪيترا مضمون سماج سڌارڪ، اخلاق سڌارڪ، ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ، سير سياحت، سنڌ جي ماڳن، مڪانن، لطيفيات ۽ نفسيات جهڙن اهم موضوعن تي جاڻ پريا لکيل آهن، جيڪي سنڌي رسالن، اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، جن کي اگر سهيڙيو وڃي تہ ٻيا بہ ڪيترائي مضمونن جا ڪتاب ڇپجي سگهجن ٿا.

- هن تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ادب ۾ مختلف موضوعن تي هتان جي محققن جا ڪيترائي مقالا ۽ ڪتاب لکيل آهن. هنن محققن ۽ مؤرخن پنهنجي علمي لياقتن سان ڪيترن ئي تاريخي واقعن جي لڪل حقيقتن تان پردو هٽائي پنهنجي سوچ، پرک واري نظر، فڪر ۽ مطالعاتي سگهه سان اصل رازن ۽ سچائين کي تحقيق جي ذريعي معلوم ڪري لوڪ جي سامهون پيش ڪري عوام ۾ تاريخي شعور بيدار ڪيو آهي. سنڌي لسانيات ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي ”علم السان سنڌي زبان“ ڪتاب ۾ جديد اصولن موجب نئين معلومات ڏني آهي. ڊاڪٽر حيدر سنڌي ”پاڪستان جي صوبائي ۽ علاقائي زبانن ۾ سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لساني حيثيت“ جي موضوع تي ٿيسز لکي. ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاري جو جائزو“ ٿيسز قابل فخر تحقيقي ادب ۾ اضافو آهي. ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جو تاريخ ۽ تحقيق جي مختلف موضوعن تي لکيل ڪتابن ۾ ”سنڌ جي سياسي جدوجهد“، ”تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو“، ”والي سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو“، ”غدار سنڌ“ ۽ ”تاريخ ضلعو نوابشاهه“ ۾ ڪيترن ئي پاسن کان نئين معلومات ۽ تاريخي حقيقتون سامهون آنديون آهن. محمد منل ڪمالاڻي ”مورو ناهي ٿورو“ ڪتاب لکي موري شهر جي تاريخ جي پيڙهه جو پهريون پٿر آهي. رسول بخش ٻگهيي ”گچيرو شهر“، ”تذڪرهه جهانيان خاندان“ ۽ ”قاضي غلام محمد بگائي“ جهڙن ڪتابن کان علاوه نئين ڪوجنا جا 300 کان مٿي لکيل تحقيقي مقالا ۽ مضمون مقامي تاريخ، ثقافت ۽ ادب بابت صحتمند تحقيقي بحثن جا دروازا ڪوليندڙ آهن.
- هن تحقيق مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ترجمو ٿيل ادب ۾ هتان جي ليکڪن ناول، ڪهاڻي، تاريخ، ادب ۽ فلسفي جهڙن موضوعن تي ترجما ڪيا آهن. ڊاڪٽر حيدر سنڌي ”سنڌي ادب جي ارتقا“، نذير راهوجا اگناٽ هرمين جي ناول Child less جو ترجمو ڪتاب ”يتيم جذبا“، ظفر لغاري ترجمي ۾ ”سگمنڊ فرائيڊ“، ”سقراط“، ”يادگار شخصيتون“ ۽ ”سائنس ۽ سماج“، ڊاڪٽر غلام سرور ٻگهيي ترجمي ۾ ”امير پيءُ غريب پيءُ“، ”سوچو ۽ امير ٿيو“ ڪتابن ۾ هنن مترجمن ٻين ٻولين مان صرف لفظن جو ترجمو ئي نه ڪيو آهي، بلڪ ان مواد جو اصل روح به ٻين ٻولين ۾ منتقل ڪيو آهي. ان سان گڏ مفهوم جو خيال رکي  ديانتداري سان ترجمي جو حق ادا ڪيو آهي.
- هن تحقيق مان اهيا ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته هتان جي ليکڪن جتي ٻين نثري صنفن کي اختيار ڪيو آهي، اتي تنقيد جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ وس آهر سيبتو ڪردار ادا ڪيو آهي. جن مان خليق ٻگهيي جا مختلف موضوعن تي تنقيدي مضمون جديد سنڌي تنقيد نگاري ۾ آهن جاءِ والارين ٿا. تنقيد جي موضوع تي لکيل سندس ڪتاب ”ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا“ ۾ هن تنقيد جي موضوع تي ڏار ڏار سنو ۽ معلوماتي مواد پيش ڪيو آهي. هن ٻوليءَ جي منفرد اسلوب، سواد، نئين خيال جي اظهار، فن ۽ فڪر کي بحث ۾ آڻي سائنسي انداز سان تخليق جي ڇنڊڇاڻ ڪري معلومات جو اضافو ڪيو آهي. هن پنهنجي منفرد تجزياتي تنقيد جي ذريعي فلسفي، لاڙن ۽ رجحانن جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيا آهن.

ائين ڪٿي چئجي تہ موري جي نثر نويسن سنڌي نثري ادب جي ترقيءَ ۾ سنڌي سماج جي تصوير ڪي چٽي ڪرڻ سان گڏ، ادب ۽ ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ اهم اضافو ڪيو آهي.

## مددي ڪتاب (Bibliography)


1. الھ بخش نظاماڻي، سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1971ع
2. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي نثر جي تاريخ، سنڌي ساهت گھر حيدرآباد، 1993ع
3. اتم اي جي، سنڌي ڪهاڻي، ناٽڪ ۽ تنقيد، ڪلپنا ڪتاب گھر، الهاس نگر، 1981ع
4. انوار احمد قاضي، تعارف نفسيات (ڇاپو ٻيو)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2019ع
5. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄام شورو
6. بلوچ تاج، جديد ادب جو تجزيو، ذڪي پرنٽرس ڪراچي، 2014ع
7. بدوي احسان، تنقيد ۽ تنقيد نگاري، (جلد ٻيو) آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد، 1971ع
8. بدر اڄڻ، ٽي ايس ايليٽ (فن ۽ فڪر)، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 1989ع
9. باگاڻي مشتاق، اجهاڻل آس، اروڙپبليڪيشن مورو، 1973ع
10. باگاڻي مشتاق، لاڙ جا ڏينهن، لاڙجون راتيون، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، 1983ع
11. باگاڻي مشتاق، لڙهندڙ ونجھ ابهريون لهرون، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، 1981ع
12. باگاڻي مشتاق، هو جي ٻول ٻريا، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو، 1982ع
13. باگاڻي مشتاق، هو جي پهڻ پپ جا، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، 1982ع
14. باگاڻي مشتاق، مورو شهر ۽ ان جي پسگردائيءَ جي سماجي تاريخ، مورو ايجوڪيشنل اينڊ ڪلچر سوسائٽي، 2021ع
15. ٻوهيو الھ داد ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1978ع
16. ٻگهيو غلام سرور ڊاڪٽر (مترجم)، روحاني ڪاميابي جا ست اصول، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع
17. ٻگهيو غلام سرور ڊاڪٽر، Mind Science ، ڪنول پبليڪيشن قمبر،2019ع
18. ٻگهيو غلام سرور ڊاڪٽر (مترجم)، النبي الخاتم، پارس پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد، 2016ع
19. ٻگهيو غلام سرور ڊاڪٽر (مترجم)، امير پيءُ غريب پيءُ، گرامي پبليڪيشن دولتپور، 2009ع
20. ٻگهيو غلام سرور ڊاڪٽر (مترجم)، سوچيو ۽ امير ٿيو، اسلامڪ پبليڪيشن سائين نالي مٺو ٻگهيو، 2014ع
21. ٻگهيوخليق، ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا، ڪنول پبليڪيشن قنبر، 2016ع
22. ٻٽ الھ رکيو، سنڌي رسالن جي تاريخ، سنڌ پبليشرس حيدرآباد، 1981ع

23. ٻرڙو سردار، آڪٽوبر انقلاب ۽ بالشويڪ حڪمت عمليون، موڪي پبليڪيشن مورو، 2022ع
24. پريم هدايت ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق، سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد، 2007ع
25. فهميده حسين ڊاڪٽر، ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2011ع
26. گچيرائي رسول بخش، صاحب سڳورا ۽ سنڌن شرعي ميلا، مخدوم هنگورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي گچيرو پراڻو، 2000ع
27. گچيرائي رسول بخش، مخدوم هنگورو ۽ سنڌن شرعي ميلا، هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي گچيرو پراڻو، 2001ع
28. گچيرائي رسول بخش، سهڻي سنڌ جو سهڻو عالم، ايم ايچ ڏاهري پبليڪيشن هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه، 2017ع
29. گچيرائي رسول بخش، سهڻي هڪ سچي ۽ سهڻي ڪهاڻي يوسف ذليخا، ايم ايچ ڏاهري پبليڪيشن هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه ، 2019ع
30. گچيرائي رسول بخش، گچيرو (شهر، شخصيتون، ثقافت ۽ ادارا) ايم ايچ ڏاهري پبليڪيشن هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه، 2021ع
31. ڪوسو محمد هاشم، ويڙا ڳڻ ڇڏي، جيئي سنڌ محاذ، 2012ع
32. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، پاڪستان جي صوبائي ۽ علاقائي زبانن ۾ سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لساني حيثيت، 1980ع
33. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي ارتقا، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو، 1981ع
34. حيدر سنڌي ڊاڪٽر، آمريڪا جا رنگ، ناري پبليڪيشن حيدرآباد، 1993ع
35. جويو خاڪي، ترقي پسند ادب جا معيار، سنگم پبليڪيشن، 1986ع
36. جتوئي علي نواز پروفيسر، علم السان سنڌي زبان (ڇاپو ٽيون) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1996ع
37. جتوئي علي نواز پروفيسر، ويرون ۽ وهڪرا، سنڌ سڌار اڪيڊمي ٽنڊو ولي محمد، 1993ع
38. جتوئي علي نواز پروفيسر، علامہ آءِ آءِ قاضي هڪ عظيم شخصيت ۽ عظيم مفڪر، علامہ آءِ آءِ قاضي يادگار سوسائٽي، 1968ع
39. جتوئي علي نواز پروفيسر، شهيد گروهڙيءَ جو سنڌي ڪلام، 1955ع

40. جتوئي علي نواز پروفيسر، رحيمي رحمت ۽ نقش بندي نسبت، سنڌ سڏار اڪيڊمي ٽنڊو ولي محمد، 1983ع

41. جتوئي ادريس ، جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2005ع

42. جتوئي اين ڊي، رنڊا روڙيا جن، عمار پرنٽرس ڪراچي، 2016ع

43. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو مطالعو، 2001ع

44. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد پهريون) سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2004ع

45. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو)، سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2005ع

46. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون) سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي حيدرآباد، 2006ع

47. جيسر حافظ محمد اسماعيل، سرويچ ساٿي، مهڪ سوسائٽي گچيرو اولڊ، 2008ع

48. چانڊيو جامي، فڪري ادب ۽ افسانوي ادب، 2007ع

49. چانڊيو استاد حيدري، شاهه جون سورميون، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع

50. چانڊيو استاد حيدري، شاهه ۽ سچل جا سنيها، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع

51. چانڊيو استاد حيدري، ساٿي نہ پسان سي، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع

52. چانڊيو استاد حيدري، ستا اٿي جاڳ، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع

53. چانڊيو استاد حيدري، شاهه سنڌ جو ساهه، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2019ع

54. چانڊيو استاد حيدري، منهنجي من اندر جون ڳالهيون، ايلسا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع

55. خانائي حامد علي ڊاڪٽر،ضلعو نوابشاهه تاريخي شهر ۽ شخصيتون، ڊسٽرڪٽ نواب شاهه ڪلچرل سوسائٽي، 1987ع

56. خانائي حامد علي قريشي ڊاڪٽر، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جون علمي ۽ ادبي خدمتون، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي، 2016ع

57. خواجہ نور افروز، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، شيخ شوڪت علي اينڊ سنز ڪراچي، 2010ع

58. خاصخيلي مؤمن جمال الدين، ساهتي جا استاد، مؤمن پبليڪيشن جتوئي نوان، 2003ع

59. خاصخيلي مؤمن جمال الدين، ساهتي جا سرواڻ، مؤمن پبليڪيشن جتوئي نوان، 1987ع

60. عرساڻي شمس الدين، آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 1982ع

61. عباسي اسلم (مرتب)، مورو ثقافت ۽ تاريخ، سنڌ رويو پبليڪيشنز ڪراچي، 2011ع

62. عباسي رحمت الله، رهاڻ رحمت الله جي، رابيل پرنٽنگ پريس مورو، 2006ع

63. عباسي اسلم، ميان غلام شاھ ڪلهوڙو (سنڌ جو شاهجهان)، انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد، 2002ع

64. عباسي اسلم، ڪلهوڙا دور ـ هڪ مطالعو، عباسي ڪلهوڙا اتحاد حيدرآباد، 2006ع

65. عباسي اسلم، ضلعونوشهروفيروز تاريخ جي آئيني ۾، نوشهرو فيروز ڪاميٽي، 2007ع

66. عباسي اسلم، سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن مورو (مختصرتاريخ)، سگا شاخ مورو،2018ع

67. راهوجا نذير احمد، يتيم جذبا، شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي مورو، 1979ع

68. زرداري عائشہ، ڪراچيءَ کان هنزا تائين، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2004ع

69. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، تاريخ ضلعو نواب شاھ، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2001ع

70. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2012ع

71. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، سنڌي سياسي جدوجهد، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2011ع

72. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، لنڊڪيءَ کان لنڊن تائين، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي، مورو، 1996ع

73. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، مجذوب حافظ علي مراد زرداري، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي، مورو، 1996ع

74. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، واليءَ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 1991ع

75. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، غدار سنڌ، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 1993ع

76. زرداري حاڪم علي، محنتي ۽ مانائتو ماڻهو ڊاڪٽر محمد لائق زرداري (مرتب) سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2013ع

77. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، ڪيم روح رهاڻ، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2007ع

78. زرداري حاڪم علي، غدار سنڌ (مترجم)، سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي مورو، 2018ع

79. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، مورو جا مڃيادار ماڻهو (مرتب)، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هيسٽاريڪل ريسرچ نوابشاھ، 2016ع

80. ميمڻ ايس نسيم، فڪر جي سفر ۾، سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، 2018ع

81. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس، 2006ع

82. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، 1976ع

83. ميمڻ عبدالغفور سنڌي، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ڪانياواڙ اسٽور لاڙڪاڻو، 1976ع

84. ميمڻ عبدالحميد، گهاريل گهڙيون، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2008ع

85. مورائي بيدار، انڌو گهوٽ، الا صلاح پبليڪيشن دادو، 1999ع

86. مورائي بيدار، آئينو، الاصلاح پبليڪيشن دادو، 1990ع

87. مورائي بيدار، تحفتہ الطاهرين، درگاهہ الله آباد ڪنڊيارو، 1991ع

88. مورائي بيدار، دهل وڃي دوسو مڙي، حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1968ع

89. مورائي بيدار، ديدار بازي، حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1984ع

90. مورائي بيدار، ڏوريندين ڏسن، الاصلاح پبليڪيشن دادو، 1999ع

91. مورائي بيدار، رڻ ۾ ريهون، حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1983ع

92. مورائي بيدار، زهر ڀري زندگي، حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1984ع

93. مورائي بيدار، زهريلا ڏنگ، حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1983ع

94. مورائي بيدار، سهڻا سائين، درگاهہ الله آباد ڪنڊيارو، 1985ع

95. مورائي بيدار، ڪاملن جو ڪلام، الاصلاح پبليڪيشن دادو ،1999ع

96. مورائي بيدار، لڪل لعل، درگاهہ الله آباد ڪنڊيارو، 1997ع

97. مورائي بيدار، بيدار جي ڪهاڻي سندس زباني، بيدار مورائي اڪيڊمي، 2014ع

98. مورائي راشد، اڳتي تانڻ امنگ، المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ سنڌ، 2006ع

99. مورائي راشد، خط خوشيءَ مان ڪول، المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ سنڌ، 2011 ع

100. مورائي راشد، پاڻيءَ تي پهرو، فهد پبليڪيشن مورو، 2006ع

101. مورائي راشد، (مرتب) ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، سنڌي ادبي سنگت مورو، 1980ع

102. مورائي رڪيل، ڪوڙين ڪن سلام، (مرتب)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع

103. مورائي رڪيل، سنڌ جو سرمست (مرتب)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2009ع

104. مورائي رڪيل، مان جي مٿس پنڌ ۾، (مرتب)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2010ع

105. مورائي رڪيل، سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو شاهہ ڪريم، (مرتب)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع

106. موراٸي رڪيل، شاهه لطيف هڪ اڀياس، (مرتب)، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع

107. موراٸي رڪيل، لڇمڻ ڪومل جا خط، (مرتب) ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2016ع

108. موراٸي رڪيل، سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس (مرتب)، سنڌي لينگويج اٿارٽي، 2016ع

109. موراٸي رڪيل، بيدل هڪ اڀياس، (مرتب) بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي، 2017ع

110. موراٸي رڪيل، شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص (اينٿالاجي) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2018ع

111. موراٸي قاضي منظورالحق، بئريسٽر مظهر سليمان قاضي لنڊن اڏار ۽ وطن واپسي، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبليشرز ڪراچي، 2015ع

112. موراٸي ناصر، راتيون جاڳن جي، زندگي پبليڪيشن، 1965ع

113. مهر حاڪم، راشد جي رهاڻ، المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ سنڌ، 2009ع

114. مستوئي رزاق، ذات جي ڏيهه ۾، مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ، حيدرآباد، 2001ع

115. مولاڻي ڪيمن يو، اوسيئڙو، لڪشمي پبليڪيشن بئراڳڙهه ڀوپال، 1998ع

116. مولاڻي ڪيمن يو، لاٿم ڪس قلوب تان، آمت پرڪاشن ڀوپال، 2022ع

117. مهجور غلام حيدر، تاريخ راجپوت سولنڪي (سولنگي)، بطول پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 2012ع

118. ملاح محبتي، ڏيپارجا (ثقافت ۽ تاريخ) سنڌ راڻي پبليڪيشن حيدرآباد، 2019ع

119. لڪياري علي محمد شاهه، ڪايا منجهه ڪڙن، سپ پبليڪيشن نوابشاهه، 2009ع

120. لغاري استاد بهاول، اڏوري آس، مهڪ سوسائٽي گچيرو مورو، 2009ع

121. لغاري استاد بهاول، سچل جو ٻالڪو، مهڪ سوسائٽي گچيرو اولڊ ائٿ مورو، 2010ع

122. لغاري اڪبر، سنڌي ادب جو مختصر جائزو، 2010ع

123. لغاري ظفر، ڀونءِ مان نڪتل ماڻهو، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع

124. لغاري ظفر، سقراط، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2004ع

125. لغاري ظفر، سگمنڊ فرائيڊ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2005ع

126. لغاري ظفر، سائنس ۽ سماج، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2005ع

127. لغاري ظفر، جديد سائنس (حال ۽ مستقبل)، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2005ع

128. لغاري ظفر، يادگار شخصيتون، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2006ع

129. لغاري الهه بچايو، دادلو درياهه، بلاول انسٽيٽيوٽ آف هيسٽاريڪل ريسرچ نوابشاهه، 2011ع

130. لغاري منظور حسين، ايران جو سفر، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2002ع

131. لغاري منظور حسين، نه اهي وڻ نه واهيرا، موکي پبليڪيشن مورو، 2020ع

132. لغاري عبدالڪريم، موجوده سنڌي ادب، مشعل ـ راھ پبليڪيشن حيدرآباد، 1965ع

133. لغاري عبدالڪريم، سنڌي ادب جي ارتق، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1976ع

134. لغاري اسلم، عاشقن اثبات ڪيو (مرتب)، ڏيئو پبليڪيشن حيدرآباد، 2019ع

135. سنڌي مهراڻ، ظفر پڃاٽان (مرتب)، موکي پبليڪيشن مورو، 2022ع

136. سنڌي ڄام صنم، ساھ سنديون ڳالهيون، پيڪاڪ پبليشرس ڪراچي، 2021ع

137. سيال رحيمان، مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2006ع

138. سولنگي انور، وٺيون وھ ڳاڏڙيون، سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ ڪراچي، 2005ع

139. سومرو شمشاد احمد، ڪيئن ريجهايان توکي، ساهتي ادبي اڪيڊمي نوابشاھ، 2013ع

140. سومرو اسد ڪريم، موري کان پئرس تائين، ريڪائون پبليڪيشن ڪراچي، 2021ع

141. سيده ام ڪلثوم شاھ ڊاڪٽر، شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارن ۽ تشبيهن جو تحقيقي جائزو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 2002ع

142. شاھ علي بخش، طلوع آفتاب، ابوذر پرنٽنگ ايجنسي دادو چوڪ مورو، 2005ع

143. وي ـ جي مٺائي، جهانيان خاندان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 2003ع

144. قليچ بيگ مرزا، تاريخ سنڌ (جلد ٻيون)، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع

145. قليچ بيگ مرزا، سنڌ جا قديم شهر ۽ ماڻهو، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع

146. قاضي فضل سليمان، سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2014ع

147. قاضي فضل سليمان، سنڌ ۽ سنڌي، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2017ع

148. قاضي فضل سليمان، آمريڪا جا عڪس ۽ اولڙا، پيڪاڪ پبليشرس ڪراچي، 2019ع

149. قاضي محمد سليمان مورائي، موري کان مڪتشور تائين، پيڪاڪ پبليشرس ڪراچي، 2018ع

150. هڪڙو انور فگار، شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 2009ع

151. ڪمالاڻي منل، مورو ناهي ٿورو، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو سنڌ، 1988ع

152. ڪورائي عبدالستار، اوچا پنڌ پهاڙ جا، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، 2012ع

## تحقيقي جرنل ۽ ادبي مخزن

1. ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
2. ماهوار نئين زندگي، انفارميشن ڊپارٽمينٽ آف پاڪستان
3. ماهوار سوجهرو ڪراچي
4. ماهوار سهڻي حيدرآباد
5. ٽماهي تخيل نوابشاهه
6. ڪلاچي تحقيقي جنرل يونيورسٽي ڪراچي
7. سنڌي ادب، تحقيقي جنرل انسٽيٽيوٽ آف ڄام شورو سنڌ الاجي
8. ماهوار روح رهاڻ حيدرآباد
9. ڪينجهر تحقيقي جنرل، سنڌر شعبو، سنڌ يونيورسٽي
10. ڪارونجهر، تحقيقي جنرل سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي
11. ڇهه ماهي بلاول تحقيقي جرنل نوابشاهه

**لائبريريون:**

1. علامہ دائود پوٽو لائبريري حيدرآباد
2. ريسرچ لائبريري سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي ڄام شورو
3. محمدابراهيم جويو لائبريري، سنڌي ادبي بورڊ
4. علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
5. علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري دادو
6. شهيد نور محمد جيسر لائبريري مورو
7. سچل سرمست لائبريري مورو
8. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لائبريري مورو
9. مارئي لائبريري گچيرو پراڻو
10. سيف الملوڪ لائبريري دادو

**رسالا ، مئگزين ۽ اخبارون**

1 ماهوار ڪونج

2 نئون نياپو

3 ڪومل لڇمڻ، وهي ڪاتي جا پنا

4 باک رسالو

5 شعور رسالو

6 ماهوار تمنا

7 ماهوار سونهن

8 ماهوار چڻگ

9 ماهوار جاکوڙ

10 آزادي اخبار

11 رابيل اخبار

12 پروڙ مئگزين

13 مهراڻ مئگزين، مهراڻ ڪاليج مورو

15 ماهوار سنڌ رويو ڪراچي (سنگت گولڊن جوبلي)

16 ٽماهي پرک رسالو ڪراچي

17 ماهوار ساجاه

18 ماهوار رچنا ڪراچي

19 ماهوار هالار ڊائجسٽ حيدرآباد

20 ماهوار سنڌ رنگ ڊائجسٽ حيدرآباد

21 ماهوار هزار داستان حيدرآباد

22 عبرت مئگزين حيدرآباد

23 پيپلز ٽائمز ڪراچي

24 سنڌ رويو ڪراچي

25 سلسليوار ڏيئو حيدرآباد

26 سلسليوار سنڌ ويلي مورو

27 سلسليوار سنڌ سپيتا

28 ماهوار سڦلتا حيدرآباد

29 روح رهاڻ

31 عبرت، آفتاب، ڪاوش، عوامي آواز، هفتيوار ڪاوش دنيا، هفتيوار عوامي سنڌي مئگزين